ديوان احمد

مصنف

مولوي حاجي احمد ملاح مرحوم





صاحب خان "سورهہ" ميراڻي



Cell : 0344 3919786

Soorih Sindhi Adab




جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهہ اوڀار

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر (Whatsapp)

ديوان احمد

مصنف

مولانا حاجي احمد ملاح مرحوم



ترتيب ڏيندڙ ۽ ڇپائيندڙ

مولوي عبدالله جوڻيجو

بدين سنڌ.

دفعو ٻيو } سال ١٩٧٤ع } ڪاپيون ٻه هزار

قيمت ٣٠-٠٠

هيءُ ڪتاب مولوي عبدالله جوڻيجو بدين، حيدري پرنٽنگ پريس، لجپت روڊ، حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي، بدين سنڌ مان شايع ڪيو.



مولانا حاجي احمد ملاح مرحوم

انتساب

آءٌ هي علمي
۽ ادبي ڪاوش
سنڌ جي مايهءِ ناز اديب
محقق، دانشور، جناب ڊاڪٽر
نبي بخش خان بلوچ وائيس چانسيلر
سنڌ يونيورسٽي جي نالي تي منسوب
ڪندي هڪ قسم جي خوشي ۽ سڪون
محسوس ڪريان ٿو، جنهن صاحب جي
هدايت ۽ مشوره مون کي مولانا
حاجي احمد ملاح مرحوم جي
شعرن کي گڏ ڪري
۽ شايع ڪرڻ
لاءِ همٿايو.

— مولوي عبدالله جوڻيجو

فهرست

تقريظ

"مولانا احمد ملاح" هڪ ڪامل الفن شاعر جي حيثيت سان عظيم مقام حاصل ڪري چڪو آهي. سندس فن، سنڌ جي شاعريءَ جي دنيا ۾ انفرادي حيثيت حاصل ڪئي آهي. شعر کي محققن الهام قرار ڏنو آهي ۽ الشعراء تلاميذ الرحمان چيو ويو آهي. مولانا احمد ملاح جو ڪلام سلامت ۽ بلاغت جو هڪ حسين پيڪر آهي. جنهن ۾ وڏ ڦڙي مينهن وانگر، نادر خيالات جي اوت آهي. لاڙ جي سرزمين اهڙي باڪمال شاعر جي فن تي فخر ڪري سگهي ٿي. هي ديوان سنڌي ادب ۾ هڪ زنده جاويد اضافو آهي.

غلام محمد گرامي

ايڊيٽر رسالہ مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد، سنڌ

حيدرآباد
٣٠- جنوري ١٩٧٤ع

ديباچو

سنڌي شاعري جيڪڏهن هڪ رنگين گلدستو آهي ته مولوي احمد ملاح اُن جو هڪ سرهو گل آهي. گل به اهڙو جنهن جي سرهاڻ سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي کي ته خاص طور واسي ڇڏيو آهي. لاڙ ۾ ڪلام ڳائڻ جي روايت ۾ مولوي صاحب جو هڪڙو ئي لالو سيني جو سرموڙ آهي. جنهن ڳائڻي مولوي صاحب جو ڪلام ڳايو، اهو هميشه ائين پيو سمجهندو ته سندس ڳائڻ جو فن ته شاعريءَ جي فن اڳيان ڪجهه به ڪونهي.

آءٌ جڏهن ننڍو هوس ۽ اڃان پرائمري اسڪول ۾ هوس ته شادين مرادين تي ڳائيندڙن کان مولوي صاحب جا ڪلام ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. انهن ڏينهن ۾ هڪ مصرع جيڪا ذهن ۾ ويٺي اها هئي ”ميلو يا مارئو مون کي، مٺا منٺار هڪ ڏڪ سان“ پوءِ ته ڪيترو ڪلام ياد ٿيندو ويو ۽ جڏهن ٿورو گهڻو ادبي ذوق پيدا ٿيو ته ڪلام جي معنوي اسرارن ۽ لفظي جادوگيرين تمام گهڻو متاثر ڪيو. ٻين لفظن ۾ جيڪر چئجي ته سڄو لاڙ مولوي ملاح جي ڪلام جي جادوگريءَ ۾ گرفتار ٿي چڪو آهي.

مولوي صاحب هڪ يگانو شاعر آهي. منهنجي لاءِ اها ڳالهه فخر جو باعث به آهي ته آءٌ مولوي صاحب مرحوم جو پاڙيسري آهيان. مون کيس سندن پوين سالن ۾ به ٿي پيرا ويجهڙائيءَ کان ڏٺو. مون کي منجهن شاعرن وارين ڳالهين مان هڪ اهم ڳالهه نظر آئي، هو ڪنهن خيال ۾ گم هو. ڏسڻ ۾ ايترو سادو جو ڪير اعتبار نه ڪري ته ٻاهر جيڪو احمد ملاح پيو سڏجي، سو ڪو اهو آهي.

مون کي هن ڪان اڳ ۱۹۶۴ع ۾ هي شرف حاصل ٿيو، جو سندس هڪ مجموعي "بياض احمد" تي پنهنجي طرفان پيش لفظ طور چند جملا لکيم. حقيقت ۾ ان وقت ڪان وٺي مولوي صاحب جي ڪلام جو گهڻي شوق سان ابياس ڪرڻ لڳس. سندس مجموعا "گلزار احمد"، "بياض احمد"، "فتح لنواري" ۽ "هڪڙائي حق" منهنجي اڳيان هئا. ان ڪان پوءِ "غزليات احمد" نڪتو ۽ سڀ ڪان وڏيڪ هي ديوان آهي، جنهن ۾ مولوي صاحب جي ڪلام کي هڪ سچي شيدائي يعني محترم مولوي عبدالله جوڻيجي صاحب مرتب ڪيو آهي.

جيستائين مولوي احمد ملاح جي ڪلام جي خوبين جو تعلق آهي ته انهن لاءِ چند صفحا بلڪل اڻپورا آهن. شعر جي خصوصيتن تي ڪنهن حد تائين روشني وجهڻ لاءِ ته هڪ چڱو ڪتاب لکجي، تڏهن وڃي مقصد حاصل ٿيو. پر پنهنجي مطالعي آهر چند ڳالهيون چوڻ ۾ عيب ڪونهي.

مولوي صاحب جي ڪلام ۾ پهرين ڳالهه موزونيت لفظن جو تڪرار ۽ ترنم آهي. پڙهڻ سان شعر ۾ تسلسل ته معلوم ٿئي ٿو، پر ظاهر ڪيل خيال درياهه جي وهڪري وانگر ٿو لڳي، تڪرار جو مثال هن ڪان بهتر پيو ڪهڙو هوندو:

دل سڪي تولاءِ دلبر، يار دم دم، دم بدم،
ور وريا غمگين تي غمخوار غم غم، غم بغم.
گل گهڻيءَ تنهنجي مٿي، پانيان ته ڪر بيٺو رهان،
پر چون خر خام، ماريو خار، رم رم، رم برم.
دل کي منهنجي دام پيو، لاڻ ڪلهن سر لاڙيا،
وار خوشبوءِ دار ۽ خمدار خم خم، خم بخم.

يا

رلايم راج ان رمزن، تپايم تن انهن طنزن،
ڪنو غمناڪ کي غمزن، وڏيم غمخوار غم غم.

لفظن ۾ اندروني موسيقيت سندس ڪلام جي اهم خوبي آهي. اها خوبي جتي رديفن ۽ قافين ۾ ظاهر ٿئي ٿي ته وڏيڪ موزونيت پيدا ٿئي ٿي ۽ شعر ۾ ترنم پيدا ٿئي ٿو.

مثال

جڏهن وهسي وِڪون وارين، ته سورن سرم ۾ مارين،
هزارن جا هنيان هارين، هنئين جا هار هڪ ڏڪ سان.

يا

جيئن ڪٽين خوني اکيون، خنجر هڻين، تيئن ٿو وٺين،
جيئن هڻين تيئن ٿو وٺين، تيئن ٿو وٺين تيئن ٿو وٺين.
هڪ حسن اڳئي گهڻو، جنهن جو نه ڪل جڳ ۾ جواب،
پيو سنواري سينڌ سهڻا! جيئن ٻڌين، تيئن ٿو وٺين.

مولوي صاحب، هڪ عالم هو. هن کي قرآن، حديث ۽ عربي توڙي فارسيءَ جو گهڻو محاورو هو. سندس ڪلام ۾ عربيءَ ۽ فارسيءَ جا لفظ تمام گهڻا ملندا پر اهي ائين نه آندل آهن، جو هڪ عام ماڻهوءَ ۽ ٻهراڙيءَ واري کي سمجهه ۾ نه اچن. فارسي شاعريءَ جي تقليد کان پاسو ڪيو اٿس ۽ سنڌ ۾ غزل جي عام تقليدي انداز تي به نه هليو آهي. لفظن جي استعمال ۾ به ايترو عوامي آهي جيترو موضوعن جي چونڊ ۾ لفظن کي ڪنهن به ٻوليءَ مان آڻي، پر انهن کي عوام جي سوچ ۽ پهچ جي اندر رکي ٿو.

مثال

هميشه گڏ حبيبن سان هجان هر حال خدمت ۾،
سلامي، حاضري، تعظيم، استقبال خدمت ۾.
اچي طالب ٿيو تائب، ٿيڻ گهرجن غصا غائب،
سٺي سهڻو سڄڻ صاحب، خلاصي ڳالهه خدمت ۾.

نرگس بيمار جو ذڪر نه ٿو ڪري، سوسن و سنبل، گلاب ۽ موتئي ۽ ٻين گلن جون تشبيهون روايتي رنگ ۾

ڏٺو آئي. محبوب جي قد کي سرو ۽ شمشاد سان ائين ڏٺو ويندي، جيئن ٻيا غزلگو شاعر ڪن ٿا. ڏاريان گل ٻوٽا، وڻ ٽڻ ۽ ٻيا اهڙا سندس ڪلام ۾ ملن ٿا پر قالب پنهنجو آهي:

تو نموني ٻيو نه نازڪ، ڪنهن نوابي ۾ ڏٺم،
رنگ ٻوءِ بلڪل نه اهڙي گل گلابي ۾ ڏٺم.

گل ۽ بلبل جو اشارو ڏئي ٿو ته آن ۾ پنهنجو مقصد ايترو واضح آهي، جو مناسبت مقصديت جي هوش هيٺ ڍڪي ٿي وڃي:

منجهه حقيقت پئي حقيقي قلب ۾، هر ڪنهن ڪشش،
هي بهاري گل بهانا ڪان بلبل ٿي پيا.

جمالياتي شاعريءَ ۾ مولوي ملاح جو ڪلام گهڻو آهي. هونءَ حسن جي تعريف ۾ بيشڪ عام روايت ٿي رهيو آهي، پر سندس ڪلام جو زور ۽ تشبيهون متاثر ڪندڙ آهن. زلف جي زنجيرن جو ذڪر ته مشرقي شاعريءَ ۾ عام آهي. واسينگن سان ڀيٽ به گهڻي ٿي آهي. آها هرڪنهن شاعر پنهنجي تخيل ۽ شاعرانه قابليت پٽاندر ڪئي آهي. مولوي ملاح به ڪاڪل کي ڪارن نانگن سان ڀيٽيندي چوي ٿو:

مون ڪيا جي نانگ ڪارا سي ته ڪاڪل ٿي پيا،
قيد پائي قلب کي قربان جت ڪل ٿي پيا.

حسن جي غمزن ۽ سينڌ سينگارڻ جو ذڪر به ٿورو ڪونه ٿيو آهي، عوامي انگ جيڪڏهن ڏسڻا هجن ته آن جو مثال هِن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڏيندو:

اڄ به سرمون پائي سهڻا، سينڌ سينگارڻ لڳا،
محب مٽرڪائيءَ منيءَ سان ملڪ ميڙ مارڻ لڳا.

اکين جي تعريف ۾ چوي ٿو:

نه آهنوءَ جون اکيون اهڙيون نه اکروٽ،
نظر ۽ ناز ليڻن جا نيارا.

سراپا نويسي، شاعريءَ جو اهم پهلو آهي. شاعرن سراپا جي بيان ۾ جيڪي طبع جون جولانيون ڏيکاريون آهن، تن ۾ باريڪ بيني ۽ تخيل جي گهرائي ملي ٿي. ٻرين جي پيشانيءَ ۾ جيڪي ٻلائيءَ جا پير آهن، تن کان احمد ملاح گهڻو متاثر آهي. هو محبوب جي هستيءَ جي اندازي لڳائڻ ۾ گم آهي. محبوب جي صورت سان ڪنهن جي صورت ملي ٿي نٿي. هن سلسلي ۾ هُو ڪيترو نه واضح انداز اختيار ڪري ٿو:

ملڪ سارو سور، پر محبوب سورت اور چيز،
صورتون سڀ صورتون، هي سونهن صورت اور چيز.

زندگي ڪيتري رنگين آهي. هرڪو ته ان کي ايترو بي بقا ڪونه ٿو سمجهي، پر سمجهڻ وارا سمجهن ٿا. آهي سمجهن ٿا، جن جي دل سجاڳ آهي. جيڪي دنيءَ جي هيڪڙائي کي حق ڄاڻن ٿا. دنيا جي رنگينيءَ کي پڪو رنگ نٿا ڄاڻن پر ڦٽي ويندڙ رنگ ٿا ڄاڻن. مولوي صاحب انهن سڄاڻ ۽ سچڻ بندن مان هو، جن دنيا جي بي ثباتيءَ تي نهايت صحيح سوچيو ۽ واضح چيو. سندس چوڻ موجب بادشاهيون، بزرگيون، حڪم ۽ حڪومتون سڀ عارضي آهن. سچي بادشاهت ايمان اي آهي. تنهنڪري هتي سموري ڪج ڪلاهي بي سبب آهي:

دم ڪو آهيون يا نه آهيون، خواب آهي، يا خيال،
هي بزرگيون، بادشاهيون، خواب آهي يا خيال.
خاڪ ٿيندا خاڪ ۾ خاقان توڙي خان سڀ،
هي خوشيون، هي خانگاهون، خواب آهي يا خيال.
هيڪلو آئين هتي، ويندين هتي پڻ هيڪلو،
هڪ ٻئي سان هم صلاحيون خواب آهي يا خيال.
هي حڪم هي حڪمتون، هي خرف توڙي حرفتون،
شغل شاديون، شوق شاهيون، خواب آهي يا خيال.

هي نشا، هي نازبو، هي نازڪيون ۽ ناز راز،
هي ڪجل ۽ ڪج ڪلاهيون خواب آهي يا خيال.
هي جواني يار جاني، هي جميعت هي جمال،
هي بدن تي برهه باهيون، خواب آهي يا خيال.
آهي ”احمد“ جئي امن جو آسرو الله وٽ،
بيا پنارا ۽ پناهيون، خواب آهي يا خيال.

آءٌ اڳ ۾ لکي آيو آهيان ته مولوي صاحب جي ڪلام ۾ ترنم ۽ تسلسل اهڙو آهي جو اهو دريا جي وهڪري جو ڏيکاءُ ٿو ڏي. اُن طرح سندس ڪلام ۾ اِها خوبي نهايت نمايان ٿي بيهي ٿي.

سندس شعر ۾ لفظ تسلسل جو هڪ بهانو آهي. هيٺيان چند شعر رڳو نموني طور ڏجن ٿا:

ٻال جا ٻيرا ٻجي ويٺين ٻلا ڪهڙي سبب،
ڪالهه هٽ هٽ ۾ هئي، اڄ هٽ ٽلها ڪهڙي سبب.

—

ڪيئن ٽليا ٿي ڏول منهنجا، ڊيل واري ڊول سان،
راهُ راڻي جي روش، رفتار جي ڏي ڪا خبر.
چئين در تان ڏڪائي ٿو ڳي، ڏيندس داغ دوريءَ جو،
چيم گهوڙا! ڳنگهر ۾ پوء، ڳهڙي جيئرو نه گهاريندس.

—

اڪين جي ڪنهن اشاري ۾، مليو انجام ”احمد“ کي،
مليس رهبر ٻه رهبر ڪهڙو رهبر رهبرن ۾ مشڪ.

—

خاص خدمت لاءِ ڇڏيم، خانه‌اليءَ جا خيال،
بند پوءِ ڇو بندگيءَ بدران، بديءَ ۾ هجان

ٿارا، تفنگ، تير، تبر تيرتيرو ڪڙهون،
ڇوڙين ٿو بي گناهه تي ٻر ٻر نوان نوان.

هنجهه، هرڻ، حورون پريون، هيرا حسن ۾ هيچ هت!
تنهنجي ٻلوي جوت تان، جنسار جوهر گهوريان.

مولوي ملاح جو ڪلام انهيءَ وهڪري سبب گهڻو مقبول ٿيو. موضوع جي لحاظ کان به عام ۽ خاص کي پسند پيو. سندس غزليات، ڪافيون ۽ مولود، شادين مرادين ۽ شغل جي محفلن ۾ هنڌين ماڳين وڃي ويا. آن جو عام ٻڌندڙ کان سواءِ لاڙ جي شاعريءَ جي روايت تي به لازوال اثر موجود آهي. سڄي لاڙ ۾ جتي ڪٿي شاعرن مولوي صاحب جي ڪلام جي تقليد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سندس رنگ ۾ ڪلام چوڻ جي ڪوشش ڪئي ڪي سندس همعصر ان سلسلي ۾ اهم آهن، جهڙوڪ: حاجي مراد چانڊيو ۽ گل سومرو وغيره.

هاڻوڪن شاعرن ۾ به ڪن اهڙا طرز اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ گهڻايو ڪونهي. جيڪڏهن آهو رنگ اڄوڪن شاعرن ۾ ڏسڻو آهي ته سرويچ سجاولي ۽ منشي ابراهيم جو ڪلام آن جو بهترين نمونو آهي.

مٿي مولوي احمد ملاح جي غزليات چند بنيادي ڳالهيون چيون ويون آهن، جيڪي سندس سڄي ڪلام مان مجموعي طور لاڳو ڪري سگهجن ٿيون. ۽ فقط چند اشارا آهن.

مولوي صاحب جو ڪلام هيئت توڙي موضوع جي لحاظ کان ايترو گهرو آهي، جو آن جي تشريح لاءِ هڪ مڪمل ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. جيڪو جو مولوي صاحب جا شعري ڪارناما ايترا آهن، جو الهن جو اثرئي سندس لفظن ۾ بيان ڪرڻ سان پنهنجو قلم روڪيان ٿو:

چو 'احمد' نظم فرمايد، ثريا رشک بنمايد،
چو گل رخ زلف بکشايد، بگيرد رشک سنبل را.

— عبدالجبار جوڻيجو

٨- ڊسمبر ١٩٧٣ع

اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو،
سنڌ يونيورسٽي.

سوانح عمري

مولوي احمد ملاح ڳوٺ ڪنڊڙي (ديھہ لوهڻ، ٽپو چورهدي تعلقو بدين) ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو نانگيو هو. ننڍپڻ پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ گهاريائين. سندس والد تمام غريب ماڻهو هو. ملڪ ۾ علم جي روشني گهٽ هئي، ڪو ڪو ڏيئو ٻري ڪان ٽمڪندو نظر ايندو هو. اُن ڏي بہ آهي پتنگ پهہ ڪندا هئا، جن وٽ پيٽ قوت لاءِ دانا تورڻ علم جو احساس هوندو هو. ننڍڙو احمد ملاح بہ اُن بدقسمت ماحول ڇُڙيو ٻُرهو ۽ پنهنجو وقت مال چارڻ ۾ پئي گذاريائين. اوچتو سندس اندر ۾ علم جي پياس جاڳي. اُن جي ثابتي سندس ڪلام ۾ ئي آهي:

ڍور چاريندي اچي ويو اوچتو مون کي خيال،
علم ري انسان کي ڪجهہ ناهي عزت احترام.

پهريائين پهلسيءَ جي حافظ حاجي عبدالله منڊري جي مڪتب ۾ ويٺو. اُن کان پوءِ روشنيءَ جي تلاش ۾ نڪتو ۽ پڳڙا ميمڻ، بدين، مجاول، گهوڙو نانگو شاهہ جي مڪتبن ۾ عربي، فارسي ۽ سنڌي پڙهيو. گهڙي جي مڪتب ۾ تحصيل ڪيائين ۽ دستاربندي بہ ماڳئي ڳوٺ ۾ ٿي، جيڪا مولوي خير محمد مگسيءَ ڪئي، جنهن کي مولوي احمد ملاح پنهنجي ڪلام ۾ 'خضري' ڪري سڏيو آهي.

آن وقت سائس گڏ ٻين ٽن مولوين جي بہ دستاربندي ٿي، اهي آهن: مولوي عبدالجليل ڪٽي (خان جو ڳوٺ تعلقو ٽنڊو باگو)، مولوي محمد عمر ٿيٻو (ڳوٺ رپ) ۽ مولوي محمد سمون (ڳوٺ ڪرنائي) لڳ ڪور واهہ تعلقہ گوني.

تحصيل علم کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ مونيو ۽ ڳوٺ نور محمد منڊري، لاکي پير ۽ ٻهڊميءَ جي مڪتبن ۾ معلم ٿي رهيو. پوءِ جلد ئي بدين ۾ مدرسہ مظهرالعلوم جو پايو وڌائين. مولوي صاحب خراب رسمن، عقيدن ۽ ٻين بدعتن جي خلاف مجاهدانہ جدوجهد بہ جاري رکي. مدرسہ مظهرالعلوم ڇڏڻ کان پوءِ مولوي صاحب غريب‌آباد (بدين) ۾ نئين مدرسي جو بنياد رکيو. پاڻ ئي آن جو هيڊ معلم ۽ منتظم هو. هاڻي اهو مدرسو مسلم اسڪول غريب‌آباد جي نالي سان سڏجي ٿو جنهن مسجد جو بنياد رکيائين، سا اڄ جامع مسجد غريب‌آباد جي نالي سان مشهور آهي.

پهرين مهاڀاري لڙائي (١٩١٤-١٩١٨ع) جي خاتمي تي جرمني، ترڪي ۽ ان جي حليف طاقتن کي شڪست آئي، ان ڪري انگريزن جون نظرون هاڻي مسلمانن جي پاڪ جاين ڏي هيون. آن ڪري خلافت تحريڪ شروع ٿي. اهڙيءَ طرح قطع تعلقات جي تحريڪ بہ شروع ٿي، انهن ٻنهي تحريڪن ۾ هندوستان جي مسلمانن گهڻو حصو ورتو. مولوي احمد ملاح بہ نهايت سرگرميءَ سان حصو ورتو. پنهنجن تقريرن، تحريرن ۽ شعرن جي وسيلي ملڪ ۾ سجاڳي آندائين. سنڌ ۾ جوش ۽ جذبات جو هڪ طوفان برپا ٿي ويو. جنهنڪري انگريزن کيس گرفتار ڪيو، پر ان ڪري سندس جذبهٔ حريت ۾ پاڻ واڌارو ٿيو. مولوي احمد ملاح کي دين اسلام جي سربلنديءَ ۽ دنيا جي مسلمان پاڙن جي خوشحاليءَ جو گهڻو اونو هو، سندس ڪلام مان آن جي پوري ثابتي ملي ٿي.

بدين تعلقي جي مذهبي، سماجي ۽ سياسي تاريخ ۾ مولوي صاحب جو نالو سونهري لفظن ۾ لکيو ويندو. هن هڪ پاڪ مجاهد وانگر ڀرپور زندگي گذاري ۽ پنهنجي مقصد خاطر تڪليف ۽ مخالفن جي فتوائن کان بلڪل نه ڊنو. خلافت تحريڪ کان وٺي لنواريءَ جي مصنوعي حج بند ڪرائڻ جي ڏهاڙي تائين مولوي صاحب جو عمل ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي.

وڏن اثر وارن، بدعت پکيڙيندڙن ۽ پيرن خلاف مولوي احمد ملاح جو نالو تلوار بنجي پيو. سندس مخالفت وڏي پر دشمن حق ۾ گفتا جاري رکيا. مالڪن کي خدا جي وحدانيت ڏي پنهنجي جوشيلي شعرن وسيلي راغب ڪندو رهيو.

مولوي صاحب ڪچهري جو ڪوڏيو هوندو هو، سادو ۽ سچو هو. جيڪا ڳالهه دل ۾ سا زبان تي. پاڻيءَ جو ويري هو.

سندس ڪلام کي قلمبند ڪرڻ وارن ۾ حافظ نعمت الله، مولوي عبدالله جوڻيجي، عبدالمجيد ابڙي ۽ ماستر الله جڙئي ملاح حصو ورتو. مولوي عبدالله جوڻيجي، مولوي ملاح جي ڪلام جا مجموعا: گلزار احمد، گلشن احمد، فيض احمد، هيڪڙائي حق ۽ فتح لنواري شايع ڪيا. ان کان سواءِ ١٩٧١ع ۾ سندس غزليات جو هڪ مجموعو به شايع ٿيل آهي. قرآن شريف جو سنڌي منظوم ترجمو مولوي احمد ملاح جو هڪ وڏو ڪارنامو آهي، جيڪو نورالقرآن جي نالي سان شايع ٿيل آهي.

سنڌ جي هن يگاني شاعر ١٩ جولائي ١٩٦٩ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو. سندس آخري آرام گاهه بدين جي پرسان معصومن جي مقام ۾ آهي. مرحوم کي ٽي پٽ هئا، جن مان عبدالرحمٰن سنڌن حياتيءَ ۾ ئي گذاري ويو، باقي عبيدالله ۽ عبدالرحيم زنده آهن.

ٻه اکر

سنڌي زبان جي شاعرن ۾ مولانا حاجي احمد ملاح مرحوم جو نالو عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو وڃي ٿو. پاڻ شعر جي سڀني قسمن تي طبع آزمائي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي چمن کي سر سبز ۽ شاداب ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي اٿس. سندس شعر ۾ سادگي، جذبات جي رواني، اثر انگيزي ۽ محل موقعي جي مناسبت نمايان آهن. احساسات جي ادائگي، خيالات جي پاڪيزگي، لفظن جي موزونيت ۽ زورِ بيان سندس شعر کي انتهائي بلندين تي پهچائي ڇڏيو آهي.

اڄ آءٌ سندس شعر مان غزل جي صنف تي ترتيب ڏنل ڪتاب "ديوان احمد" ناظرين جي خدمت ۾ عرض رکي هڪ قسم جي خوشي ۽ فرحت محسوس ڪري رهيو آهيان. مون کي شروع کان ئي سائس نيازمنديءَ جو شرف حاصل رهيو آهي. هن کان اڳ سندن شعر جا مجموعا "گلزار احمد، گلشن احمد، بياض احمد، هيڪڙائي حق وغيره" شايع ڪرائي ٻوليءَ جي گهڻگهرن ۽ ادب جي پارکن جي خدمت ۾ عرض رکي چڪو آهيان. هي ڪتاب به انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

غزل پنهنجي جاذبيت، همه گيري، وسعت داخليت ۽ خارجيت سبب هڪ اعليٰ مقام حاصل ڪري چڪو آهي. سنڌي غزل جي اوسر ۾ جن شاعرن حصو ورتو آهي انهن ۾ مولانا احمد ملاح هڪ نمايان حيثيت جو مالڪ آهي.

غزل ۾ حسن و جمال، هجر ۽ وصال، وفا ۽ جفا، شراب ۽ ڪباب، بوسه ۽ ڪنار، دلفريبي ۽ دلربائي، ناز ۽ ادا، انگڙائي ۽ البيلائي، رسڻ ۽ پرچڻ وغيره جي مضمونن کي ئي

شامل ڪيو ويندو آهي. جذبن، امنگن ۽ احساسات جي وهڪري ۾ ڪيترن شاعرن غزل جي دامن کي تار تار به ڪيو آهي، فحش گوئي ۽ عرياني غزل کي ڪافي بدنام به ڪيو آهي. بزم جي رنگينين ۽ رعنائين، خلوت ۽ جلوت جي ڪيفيتن کي ادا ڪندي ڪيترن غزل گو شاعرن کان زبان ۽ بيان جون بيساخته غلطيون ٿي ويون آهن. پر غزل جنهن جو ڪم آهي سونهن ۽ سوڀيا جي ساراهه ڪرڻ، سو محبوب جي مرڪ ۽ لٽڪ، حسن ۽ جمال جي سڀني امڪاني ڪيفيتن جي عڪاسي ڪري انهن کي لفظن جي تصوير عطا ڪندو آهي. ان جي اڳيان ڪو به جذبو جيڪو ارادتاً نه بلڪ اضطراري بيساختگيءَ جي حالت ۾ ادا ٿي وڃي ته سو عيب نه آهي.

غزل ۾ مجازي محبوب جي حسن ۽ جمال جو تذڪرو هوندو آهي، پر باڪمال شاعر مجازي محبوب جي اوٽ ۾ حقيقي محبوب جو ذڪر ڪندا آهن. تصوف جون باريڪيون ۽ رمزون پڻ غزل ۾ بهتر نموني پيش ڪري سگهجن ٿيون. ان ڪري فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ جي نامور شاعرن غزل جي زمين ۾ جذبن ۽ احساسن کي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي.

مولانا احمد ملاح هڪ صاحبِ شريعت، نيڪ سيرت ۽ عالي ظرف انسان هو، هن غزل جي صنف کي زنده ۽ تابنده بنائڻ لاءِ محبوب حقيقي جي حسن ۽ جمال، ۽ ڪمال جي صفتن کي پيش ڪري غزل جي ڌرتي تي صدين جي پيل لٽ ۽ دز کي دور ڪري ڇڏيو. غزل جي روپ جيڪو خواهشاتِ نفساني ۽ لغويات جي اثرات سبب پنهنجي سونهن وڃائي ويٺو هو ان کي وهنجاري، صاف ڪري نئون لباس پهرائي پيش ڪيو.

مولوي ملاح جي غزل ۾ انهيءَ لاثاني محبوب جو تذڪرو آهي جنهن لاءِ ڪائنات کي خلقيو ويو، جيڪو

بزرگي، جمال ۽ ڪمال جي سڀني صفتن جو حامل آهي، جنهن جي نور ڪون و مڪان جي تاريڪين کي روشنيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جيڪو انسان، جنن ۽ ملائڪن جو هادي ۽ رهبر آهي، ايڻ جو آڌار، عاصين جو شافع، غريبن، مسڪينن ۽ يتيمن جو وارث آهي، جيڪو:

"بعد از خدا بزرگ توئي قصه مختصر"

جي منزل تي فائز آهي. مولوي احمد ملاح اهڙي لاثاني محبوب جي حسن ۽ جمال، رحمت ۽ شفقت جا ويهي ڳڻ ڳايا آهن. اهوئي سبب آهي جو سندس غزل ۾ خرافات، لغويات جو نالي ماتر به دخل ڪونهي. سندس ڪهڙو به غزل ڏسو ان جي شروعات ۾ انهيءَ شاندار محبوب جي جمال ۽ ڪمال جي صفت برهه جي بيقراري، آزي ۽ نيازي، فراق ۽ وصال جا لوازمات نظر چڙهندا ۽ آخر ۾ مدني محبوب جو تصور ڪٿي ظاهر ملندو ۽ ڪٿي رمزيت ۽ اشاريت جي پردي ۾ سندن تصوير موجود نظر ايندي.

منهنجي هيءَ پراڻي تمنا هئي ته آءٌ "ديوان احمد" کي شايع ڪرائي سنڌي زبان جي شيدائين اڳيان هڪ اهڙي صاحب ديوان شخص کي پيش ڪريان جيڪو بدين جي ڳوٺاڻي ماحول ۾ پليو ۽ عشق رسول ۾ گرفتار ٿي نيم بسمل پکيءَ مثل هجر ۽ فراق ۾ ڦٿڪندو رهيو. انهيءَ عشق جي لپيٽ ۽ چپيٽ کيس ديار محبوب جي زيارت کان پڻ فيضياب ڪيو ۽ انهيءَ محبت جي طفيل کيس شاعريءَ جي نعمت عطا ٿي ۽ پاڻ شاعريءَ جي وسيلي مذهب، اخلاق ۽ روحانيت جي تبليغ ڪندو رهيو. انهيءَ بي بها نعمت کانئس اڳتي هلي قرآن شريف جو منظوم سنڌي ترجمو ڪرايو، سندس منظوم سنڌي ترجمي وارو قرآن شريف "نور القرآن" هڪ اهڙي محبت ۽ عشق جي ڪاوش آهي جنهن کيس لافاني بڻائي ڇڏيو آهي.

آءٌ هي ڪتاب انهيءَ اميد تي پيش ڪري رهيو آهيان ته اسان جي پياريءَ ٻوليءَ جي گلشن ۾ هڪ گل جو سڳنڌ ۽ واس گلشن جي ٻين گلن ۽ ڦلن جي خوشبوءِ سان ملي دماغ کي طراوت ۽ تازگي بخشي ۽ ڪيف ۽ سُرور جي واديءَ ۾ ٽڪل ٽڪل ذهن آسائش ۽ روحانيت جو سامان محسوس ڪرڻ لڳن. باوجود ڪوشش جي ڪجهه پروفن جون چوڪون رهجي ويون آهن، زهر ۾ انهي ڏُک کي گهٽائڻ خاطر هڪ ڀلنامون پڻ ڏنو اٿم. پڙهندڙن کي التماس آهي ته پهريائين ڀلنامي موجب لفظ درست ڪري پوءِ ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ فرمائيندا. آءٌ ڪو ايڏو وڏو اديب ڪونه آهيان، مگر محبت ۽ عقيدت مون کي مجبور ڪري هي ڪتاب شايع ڪرايو آهي. مون کي اميد آهي ته پڙهندڙ منهنجي غلطين کي درگذر ڪري منهنجي محبت ۽ پيار جي پورهئي جو قدر ڪندا ته نهايت احسان ڄاڻندس.

آءٌ سنڌي زبان جي مشهور عالم، شاعر ۽ نقاد مولانا غلام محمد گرامي جو انتهائي شڪرگذار آهيان، جنهن صاحب "ديوان احمد" لاءِ عالمانه تقريظ لکي پنهنجي علمي دسترس ۽ استعداد جو بهترين مظاهرو ڪيو آهي. ان کان سواءِ آءٌ مسٽر عبدالجبار "شام" جو به ٿورائتو آهيان جنهن پڻ ڪتاب تي ديباچي لاءِ پنهنجن زرين خيالن جو اظهار ڪيو آهي. اميد ته انهن صاحبن جي عنايت ۽ ڪرم جو ڪڪر آئنده به بارش جي پالوٽ جاري رکيو ايندو. والسلام-

مولوي عبدالله جوڻيجو
غريب آباد، بدين.

بسم الله الرحمن الرحيم

دیوان احمد

ردیف (الف)

غزل (۱)

هوالرحمان آمنا بہ، صدقا و اقرارا،
و اقررنا بوحدتہ، علانیۃ و اسرارا۔
جلی انوار عظمتہ، جری انہار نعمتہ،
نری آثار رحمتہ، فیسقی الارض مدرارا۔
لقد ارسل مطہرہٗ، فمن آمن فاطہرہٗ،
و دین الحق اظہرہٗ، فساع النور اطرارا۔
فمن یشکر لہٗ یسلک، ومن یکفر بہ یہلک،
فغیر اللّٰہ من یملک، لنا نفعا و اضرارا۔
لیوم الجمع یحشرہم، و بعدالموت ینشرہم،
فمنہم من یبشرہم، یصلی النار اشرارا۔
و یفصل بینہم بار، یدانیہم باطوار،
فاشرار الی نار، و فی الجنات ابرارا۔
مغارب فی مشارقکم، لقد خطفوا شوارقکم،
فاین الیوم طارقکم، و این الجیش جرارا۔
من السعداء باعدتم، وبالاعداء واعدتم،
فیا اسفا تقاعدتم، وطعن القوم اجرارا۔
الیس السیف بالسنہ، ومن یقتل ففی الجنہ،
فماذا الجبن والضنہ، فصل کالاسد کرارا۔
الاہی! "احمدک" شوقاً، وارجو رحمتک توقاً،
بذکر اسمک اجد ذوقاً، کضوع المسک تکرارا۔

غزل (٢)

حميدٌ له الحمد حمداً كثيراً، مليک له الملک ملکاً کبيرا،
منجهان ڪين ڪئين رنگ ڪَن سان ڪيائين، فکبرت الله اکبر کبيرا،
مٿنو سو، مڇي جو نہ مالڪ ميٺي ڪي، سيصلي سعيرا و ساعت مصيرا،
پڻلن ساڻ ٿيا پال، پڻليٽن تي پالا، بعث في البرايا بشيراً نذيرا،
مرض، موت، محشر مڙوئي مٿي تي، فکلٌ عسيرٌ و تحسيبٌ يسيرا،
مٿنهان منهن، پيا آهي، مهندار مهندا، فمن دونه، لم تجد لک نصيرا،
ڪندو پاڻ قادر قضا منجهہ قيامت، فيوماً عبوساً کذا قمطريرا،
عجيبن اچڻ ساڻ عالم آجاريا، کما کان في الليل قمراً منيرا،
پلاري نبيؑ جي، پڻلن کان بشارت، لقد جاء عيسيٰ باحمد بشيرا،

غزل (٣)

نه اين حسن دادند حور و پری را، نه اين نور باشد مه و مشتری را،
بدين نازکی گل بگلشن نه باشد، نديده پری، اين پری پيکری را،
دل شير دارد، لبش شير و شکر، بشکر شکسته است شکر تری را،
چه در آب حيوان، چه در جام جنت، چشيدم نه ديدم چنين خوشتري را،
بمن کرد گاهی، نگاهی براهی، عجب راه زد، لشکری لشکری را،
سفالين و گوهر بر سفله يکسان، ولی قدر گوهر، بود گوهری را،
نه هر شاعری شعر گويد چو "احمد"، نه هر دلبری داند اين دلبری را،

غزل (٤)

نگارمن! ز زلف و رخ نموده سنبل و گل را،
به بوءِ آن گل و سنبل ربوده صبر بلبل را،
به ملکِ جان نشستِ او، ز گل دسته بدست او،
چو نرگس چشم مستِ او، نديده ساغر مل را،
پرستارِ بت چينم، گلی از باغ او چينم،
خوش آن روزی کز و بينم، تجلیِ و تجمل را،
چون بسم الله ابرويش منم بسمل بسر کويش،
چو ماهِ چار ده رويش، شب تار تامل را،

منم خونِ جگر خوردہ، دلم بی دوست پژ مردہ،
فراقِ او زمن بردہ صبوری و تحمل را۔
بہ مژگانش دلم دوزد، گھی سازد گھی سوزد،
پری و حور آموزد زنازش صد تعلل را۔
چو "احمد" نظم فرماید، ثریا رشک بنماید،
چو گلرخ زلف بکشاید، بگیرد رشک سنبل را۔

غزل (۵)

بادِ بہار گل کو کہنا سلام میرا، کہنا نیاز میرا، کہنا پیام میرا۔
خاروں بہ خستہ سونا، آنسوں سے داغ دھونا،
گل گل بلا کے رونا، قل قل کلام میرا۔
گل در کنار لینگے، مت بول مار دینگے،
سر مر کے یار لینگے، مرنا ھے کام میرا۔
محبوب ماہ پارہ، قد سرو بر کنارہ،
رخ صبح کا ستارہ، وہ زلف شام میرا۔
جلتا ھے داغ فرقت، گر ھو نہ کچھ مشقت،
کردو براہ شفقت گلزار گام میرا۔
جب راہ سے گذر گیا، پاؤں کو سر پہ دھر دیا،
کیسا بلند کردیا، منزل مقام میرا۔
اے تاج سر پدر کا، کردو کرم نظر کا،
"احمد" غلام در کا تو ھے امام میرا۔

غزل (٦)

منا محبوب! مل مینون، ماڻ ڪن مین تہ ھان مرندا،
پري پيڪر نہ پردے ڪر، نھین پریان دِي پر پردا۔
چلن ڪتيان قطاران ڪر، رُوَن نيڻان نهاران ڪر،
رُوَن بلبلِ بھاران ڪر، جدائي باد صر صر دا۔
نہ ہُڏ دے سڏ نماڻا دے، مریندا نال ماڻا دے،
نھین دل نال ناڻا دے، نہ سانگا سر بسر سیر دا۔

وساوين گهر غريبان دے، چمان قدمان قربان دے،
هيين وچ گهر حبيبان دے، اڏاوان سنگ مرمر دا.
سدا سِڪدِي هے دل تينون، ملاقاتي ڪرين مينون،
نظر شفقت منگي پينون، نہ زردالو، نہ زر، زردا.
ڪيا ڳاوان ڪرم ڪيڏے، هوے گلزار گهر ميڏے،
ڏتم درخواست در تيڏے، نہ چا مان درد، در در دا.
دلاسا دوست مل ڏےسي، مرض منهن ڏيک لٿهه ويسي،
اساڏا دوست دے ويسي، سفر هے پر ظفر فردا.
پڙهيم لاتقنطوا فرمان، گيئے "احمد" آتان ارمان.
ملي دل دے دوا، درمان، ڪلمان پاڪ پرور دا.

غزل (۷)

ٿيوان قربان قدمان تئون، ڪڏانهن جاني قدم ڏيندا،
بنان دلـدار دے ديدار، هـے دلگير دم ڏيندا.
سڄڻ! صد مرحبا تينڪون، ڏتم دل دلربا! تينڪون،
صبح، بـاد صبا تينڪون، سنيها سر سندم ڏيندا.
غلامان دِي غلامي هے، نہ حاصل هم ڪلامي هے،
سنت سيدي، سلامي هے، خزاني ڪيا خدم ڏيندا.
جهان موقعا نہ جاوڻ دا، ڪيا ڪم نينه لاوڻ دا،
نہ ڪو آثـار آوڻ دا، دلاسي دم بـدم ڏيندا.
ملڻ ديسان هين مقالاتين، ڪڏهن ملسن ملاقاتين،
اجل چاتي وتـي ڪاتين، نہ مهلت موت دم ڏيندا.
نہ وس هلدي وزيران دي، نہ ڦيٽي فن فقيران دي.
ارادے پِن اميران دے، اوتـاري وچ عدم ڏيندا.
احد ڏي آب ۽ دانے، نہ "احمد" بي دي سهه طعنے،
ملے اورون ڪنون آنے، تہ پرور لک پدم ڏيندا.

غزل (۸)

ڈٹھي دوست دل، مار تیر نظر دا، نظر نال ملگیا، نظر منتظر دا۔
کریندے کیون روز تیلین قلیلین، نهین حسن محتاج زیور، نہ زر دا۔
نہ اندر کون آرام آوندا اِرم وچ، کڈھن یار! آسین، نهین ڈینهن گذردا۔
اکیان روندیان آب، دل وچ دلیلین، هوئسے یارحامی سفر دا، حضر دا۔
سیه داغ دل وچ، جیهے تِل تُسا ڈے، هویا غم کنون رنگ رخسار زردا۔
هزارین میاران، کروڑین قصورین، نہ دل بند کر، بند در در گذردا۔
صبح نال بادِ صبا دے ذریعے، کیتا پیش "احمد" عریضا عذردا۔

غزل (۹)

حسن تیڈے هیان حیران کیتا،
کرشمن نال کُهہ، قربان کیتا۔
خمارین نال کٹندے، نین خوني،
نظر مستان دے، مَن مستان کیتا۔
اثر دیوانگي دیو و پري دا،
بنا دیوان دے، تئین دیوان کیتا۔
نہ نازک تن مثل، گل نازکي وچ،
دهن کو غنچۂ خندان کیتا۔
تیران هن داغ لالا، تیر تارے،
ڈِسان کون مار کر میدان کیتا۔
گیا دانہ چگڻ کَن، مرغ دل دے،
جکڑ زنجیر وچ، زندان کیتا۔
سجڻ دے آسماهین اج صبح دا،
آپر کر سج، آپر ارمان کیتا۔
هزارین رات وچ، کرندے رهائیان،
مگر مینون نہ آنهن مهمان کیتا۔

نہ آوڻ ڏے اسان ڏے آستانے،
عجيبان اڄ عجب احسان ڪيتا.
ٿيون قربان لک، قدمان ڪون چم چم،
بحر، بر، هر شهر شڪران ڪيتا.
ٻنهان گهورے هزارين گنج، گوهر،
تہ مين صدبار صدقے جان ڪيتا.
ڏِتس غمزے، غمين هٿيار چوڙے،
فراقين فوج ڪو فرمان ڪيتا.
نہ ”احمد“ ڪون اچڻ اوڏي ڏِتائين،
پَرون سٽ، پَرتوي پَروان ڪيتا.

غزل (١٠)

اڪيون توکي سارين اي دلربا، هنجون روز هارين، اي دلربا!
ڪُنيون قرب تنهنجي، مُنيون سامري، گنگهر ڏينهن گهارين، اي دلربا!
وهاڻيءَ ويچاريون پرين! پارتو، نظر ڪيو نهارين، اي دلربا!
وِئن پاڻ وسري، نہ وِسرين تون، نہ ويرم وسارين، اي دلربا!
نماڻين مٿي ننڊ هر دم حرام، نہ سک ڪو سنيارين، اي دلربا!
گهڻا ڏينهن گوندر ڏکوين ڏنا، ايون چنڊ آيارين، اي دلربا!
سوا تو سڄڻ! سي اونداهيءَ ٻراڄ، ورونهن ڪنهن سان وارين، اي دلربا!
اونداهي ٻہ آهي، طلب تنهنجي تن، ڏيو ٻيو نہ ٻارين، اي دلربا!
دلاسو جي دلبر! ڏنا تو ڏکئن، اهي گهڻ ٿا ڳارين، اي دلربا!
نظر، ناز ”احمد“ کي تنهنجا عجيب! موهيو محب! مارين، اي دلربا!

غزل (١١)

ميل منا! کهڙي ٻہ مُلهہ تي، جيئن ملين تيئن ميل منا!
سِر، ڪِر، گهر، گوهر، ڪِ گل تي، جيئن ملين تيئن مل منا!
ڪنهن ٻہ قيمت تي غنيمت، تنهنجي تشريف آوري،
ميلڪ مايا، مُلڪ ڪُل تي؛ جيئن ملين تيئن مل منا!

ساهہ حاضر، ساهہ حاضر، هـــڏ هنيون حاضر حبيب!
ڪل اٿالي جـــي آتـــل تي، جيئن ماڻن تيئن مل منا!
سانگ ساوڻ، سڻير سانجهي، ٻـــيـــا سڳورا ڏينهن سوين،
ڪنهن ٻہ ٽنگل، ڪنهن آچل تي، جيئن ملين تيئن مل منا!
موتيا گـــل، خواهہ سوتي، ملهہ چوڻ مون لاءِ موت،
مُلهہ ڪتان آٿيان آملهہ تـــي، جيئن ملين تيئن مل منا!
سيبر ۾ ساريان نہ ڪو سيءُ، تنهنجي ڪي ڪوسي، ٿڌي،
مون ٽلهو ٽارج نـــہ ٽـــل تي، جيئن ملين تيئن مل منا!
لائي چمائـــي لـــوڪ مان لالن! نـــہ ڪنهن لحظي لهي،
چيهہ چـــڙهـــن مر چنُغل تـــي، جيئن ملين تيئن مـــل منا!
گل! گهٽا ڏينهن تنهنجي گلشن ۾، ڪندا ڪاڏم قريب!
ساڻ بلبل ڪنهن بـــہ ٻـُل تـــي، جيئن ملين تيئن مل منا!
آس اهنجي واس جـــي، "احـــمـــد" ڦري ٿـــو آس پـــاس،
جيئن ڦيرن ٿا ٻونر ڦُل تـــي، جيئن ملين تيئن مل منا!

غزل (١٢)

ڏي دلاسو دلربا!، دانهين اچي در تـــي بيٺا،
ڪي هتان ڪن هاءِ، ڪي ڪن هاءِ، هُن ۾ تي بيٺا.
رت رنو ڏينهن رات، ڏورو، درد مندن ناهي دوست!
لاهـــي بـــادل بسونـــد بساروبار، ٿـــر، بر تي بيٺا.
جي ڪُنهائين قهر سان، هيت ڪير وڌندو، تين قصاص،
ان بـــٿـــن جـــا معاملا، محبوب! محشر تـــي بيٺا!
جي قادم ڏينئُون قبر تي، تان ڪريون مُهندا معاف،
جـــي اسان جـــا خون نـــاحـــق، دوست دلبر تي بيٺا.
هن گهٽين تي ڏينهن گهارڻ، ٿيو اسان جو ڪم قريب!
ڪيو سيهت ڏي سُنهن ٻين، ڪي مرد ممبر تي بيٺا.

کوهہ کُنبرون کاکل کُنڍي جون، ٿو ڦٽائين، سين ڦٽي؟
چنڊ پاين هجنئي پلا! اي وار اِن وَر تــي بينا.
تا چون پڙهيا تہ، پريان ڏئي سَڪر، سو پئي سقر،
هيچ وارن ان هـنـر سان، حـوض ڪوثر تي بينا.
جيئن ڪڪر ڪارو بيهي، ڏيئي ڪنارو چنڊ، قمر،
زلف مُشڪي تيئن مُحب جي، مُنهن منوّر تي بينا.
ڪوس جي ڪئونسل ڪري، پاٽهين پيارل، پاڻ سان،
مـام مارڻ لـئـي انهيءَ جـا، مون مسافر تي بينا.
درد دلبر، دوست جي جو، چا بيهي ڪريان بيان،
سور سوريءَ جي چڙهڻ ڪان، سرس مون سِر تي بينا.
عمر "احمد" جــي پُٺي، اِنـــا اِليہِ راجِعُوْن،
ڪوڏيون ڪانڌي ڪٽي، گهوڙا! وجي گهر تي بينا.

غزل (١٣)

جيءَ ۾ جاگائين ٿـو جاني! جوش جادو، سِحر جا،
مون کي ماريو نين ٿا، هي ڪِڻ اکين جي گِهر جا.
دل نهوڙي ساڻ نيڻن، ٿـو ڪرين ڪانڻ قريب!
قلب کي قابو اچي پيا، ڪانَ ڪئين، سي قهر جا.
بس نہ ٿيندي منهنجي بلڪل، تو هٿان ملندي حبيب!
پـل پــيـارل! پـيـو پيارين، پُر پيالا زهــر جــا.
منهنجو تون محبوب آهين، حال پـائـي هـر طرح،
پيو سڄڻ ڪنهن کي سُلان، هي سور سانجهي، سحر جا.
واه وصل جو آهي وريو، گهُرجي گڏجڻ هِن گهڙي،
هڪ طـرح هوندا نـہ هرگز، دَور دائم دَهر جا.
نت لڄيو ڪٽندس اکيون، خاطي جي خاطر خاڪ هيٺ،
مانِ! ايندا ڪي پسان، پانڌيءَ پرين جي پهر جا.

جو ڪَپر نو ڪُن ڪري، تنهن ڪي ڪَسِي پائڻ قصور،
نـــج ڪپن ڪي نوح جهڙا، ناڪتا اِن نهر جـا.
دل ڏهي دلـگـير ٿـي، آيـــو دليان ۾ درلـــو،
رَس سڳهو منجهه سير ساهڙ! لاهِہ لوڏا لهر جا.
عشق پيا سڀ فِسق، افضل عشق احمد جام جو،
مون ڪي مولا پاڪ! سيڙين، مَـل مديني شهر جا.

غزل (١٤)

نہ ٿئي وس، وصل جي وس ۾، پيا وڻ ڏڻ وسيا تبہ ڇا؟
سڄڻ ڏاران سڄي، ڏائـــي، سڄا سڄ، چنڊ پسيا تبہ ڇـا؟
مَـاهِي مــيـدان ۾ رڪجي، مٿو لاهـــي محب مهندا،
گهٽي، گس، گـــام گوهر جـي، مٿي گوڏا گسيا تبہ ڇا؟
برهہ جي باهہ ڪانئڻ ڪـان، نہ اوريـان بت چِڏي بلڪل،
انهيءَ ڪاڙهي قرب جي ۾، ڪڏهن جي اڳ ڪَسيا تبہ ڇا؟
ڪتارين سان ڪٽڪ چاڙهي، ڪجن سر نفس جي ڪاهون،
وٺي ديميون پـيـــا دشمن، دو نـالين سان دسيا تبہ ڇا؟
ڪبي ڪل وقت ڪلمي جـــو، قبـر ۾ سوجهرو قائم،
پيو مڙهہ خاڪ ۾ خـالـي، ڪٿون، خيمان ڪَسيا تبہ ڇا؟
ڏِسيون ڏوري، ڏٺائون گهر، نہ گڏيا گهر جي صاحب ڪي،
هتان همت مان حاجي پوء، هلي حج ڪـي رستيا تبہ ڇا؟
مـدامـــي شل مَ سُحباٿي، پيڄي ميخان ۾ محفل،
حشر ۾ حـــوض ڪوثر ڪان، اچن تَـن ڪي تسيا تبہ ڇا؟
بِنا يوسف، زليخا جـو، ارادو نـاهہِ ڪــٿ "احمد"!
مصر جي ملڪ ري تنهن ڪـي، پيا سڀ ڏيہ ڏسيا تبہ ڇا؟

غزل (١٥)

جيڻ جاڙ ٿيو مون کي، جانيءَ جدا،
ڪُلي نيڻ خوني، ڪٺج لڳ خدا.
رهيو روح ۾ آهينم راتو ڏينهان،
لهي سيڪ سندئي ڪين، ساجن! سدا.
قلب ۾، تسرب ڪان ماريو قريب،
ڦٽي ڪيس ڦوڙاءِ فاني، فدا.
ڪري شال تو ڏانهن قسمت ڪريم،
گهٽين ۾ گذاريان، ٿي گولو گدا.
وجي هاڻ وڌندي، حسن تي زڪواة،
ڪرين ڪين ڇا ڪان؟ اهو حق ادا.
حياتيءَ ۾ هيڪار، تنهنجو حضور،
ڪري مان حاصل، مون هادي هُدا.
ملڻ لئي، ميٺي محب مٺار ڪي،
عرض چئج "احمد" جو، اوٺي آدا.

غزل (١٦)

دوست دلبر! تنهنجي ديدن، داغ دل ڏاري وڌا،
مرض محبت، مامري، مشتاق مڙ ماري وڌا.
هڪ حسن تنهنجي اڳي، هيئڙي سندم سان ڪيو حشر.
ٻيو سڄڻ سُرمان وري، صورت کي سينگاري وڌا.
ڦرب ۏارن ساڻ ڪيڏو، ڏِس ڪيو هاڃو حبيب،
ڪُن ڪنان ڪاڪل مٽي، ڪنهن ٻول سان ڀاري وڌا.
ڪُنڊ ٻجي ڪارين اکين جي، ڪان ڇوڙيا ڪي قريب،
تن سندم سنڌ سنڌ اندر، سوراخ سئو ساري وڌا.
جان جند، جيرا جگر، مڙ جسم جهوريءَ ۾ پيام،
ڪنهن وڇوڙن جي وراڪي، ويڌ، وڌ واري وڌا.

باهم لائي ورين لڳن ۾، منجهه لـَڪن لاڏون لڳيام،
ڀاڻ ڀاروچل سندئي، ڀارڻ ستم ڀاري وڏا.
اڳ سچو "احمد" نه آهي، پڻ اڏ اڏ ٿي اندر،
قرب جا آئي قلب ۾، ڪات ڪوهياري وڏا.

غزل (١٧)

ڀلا تون ڀلين آئين، ڀر جهل ڀلارا،
سدا جيءُ، سچا شاهه، سيد سونهارا.
سيسي، ساهه، سامان، جگر جيءُ جسم جان،
ڪريان تو تان قربان، قريشي قرارا.
سچڻ! تو ساماڻي، ملڪ عيش ماڻي،
ڪريان حمد هاڻي، هزارين هزارا.
جيس آئون جاني! مجيان مهرباني،
تو سين سونهن ۾ ثاني، نه سج، چنڊ، ستارا.
سچا شاهه سائين! صلواتون سدائين،
هجن حشر تائين، توتي تاج وارا.
سنڌ دين دائم، ڪيو رب قائم،
ڀلين شاهه آيم، اندر ڪر اوتارا.

غزل (١٨)

صبر ڪهڙو؟ سڏي ساهڙ، صبح ۽ شام سانبارا،
سمهڻ ڪهڙو؟ سمهان ساعت، نه ساهڙ چام سانبارا.
ڀلين دهشت رکي درياءُ، دڙڪا ڏوم ڏي دم دم،
هٽيڪو تنهنجو هٽ هٽ ۾، نه هٽندس هام سانبارا.
اَچل اوڙاهه ۾ آدي، ڀرن آڙاهه اندر ۾،
جلي چو ڪين جر ۾ جان، جلوا جام سانبارا.
ڪندا مون ڪُن ڪچاڙو، ڪن ڪُنڍيون
ڪانهن ۾ ڪُڏ ڪارا،
وران چو؟ ورير ڀَر، واري وَڇون، وريام سانبارا.

ڪٿهڙي ۾ گهيڙ ڌاران، هن ڪٿهڙي گيرداب ۾ گهيڙنڊس،
پڪيئڙا! پار پهچائج، پنهي پيغام سانبارا.
ٻگا، ٻيلا ۾ ٻيتاريون، ٻگيڙي ساڻ ٻيگهوءَ ۾،
ٿئي ڪانهيَن ۾ ڪامل سان، ڪميني ڪام سانبارا.
نه دلبر دوست ڌاران دل، سهي ديري، نه دوري دم،
گنگهر گهارڻ گهڙي پاسي، هجي گهر گام سانبارا.
مٿي جا وار مشڪي رنگ، منهن تي مينهن ڦڙا موتي،
پلا چو دل نه ڦاسي دوست! داٿو دام سانبارا.
رهي جيئن ساهه ساهڙ ۾، تهي جيئن سونهن مان سهٽي،
احد "احمد" اندر ايئن، جيئن الف ۾ لام سانبارا.

غزل (۱۹)

سلامي سونهن تنهنجي جا، سڄڻ! سج، چنڊ، سڀ تارا،
ڀتڏن هٿ حسن ۾ حورون ۾ پرن پر پرين پارا.
قطب، ڪتيون قدم تي ڪُل، موتي، لعل، موتيو ملهه،
گهٽيون گلزار، گهر گهر گل، اچن پيغام هر پارا.
اکيون اکين سمهون اڙيون، نگاهون جان ۾ جڙيون،
سنهن تا تير، تروڪڙيون، ڪهن تا تير جيئن تارا.
ڪمر نازڪ قمر جهڙي، ڪنس نازڪ ڪمر ڪهڙي،
اتم لازم امر اهڙي، پئن جا بار دل بارا.
مٺي حرفات حلون ڪان، بلاءِ جان بلون ڪان،
جلي تي جان جلون ڪان، نه ٻاهر ٻاڦ، منجهه ٻارا.
نه ٻيهي دل ٻيهارڻان جيت، هنجون هر روز هاريان هت،
نهوڙيس نينهن نهاريان نت، وهن تا نيڻ جا نارا.
ڪيم هڪدم قدم بوسي، ڪري دلبر نه دل ڪوسي،
نه سڪ ۾ سيڪ يا ڪو سيڪ، نه ساريان ٻٌور ۾ پارا.
مايم همراهه هڏ ڏوڪسي، محبت مٽن مٽهن موڪي،
اندر ۾ پرت مون پوکي، نه پيون، ٻنيون، نه ٻج ٻارا.

سڄڻ سڪ پـــاڻ سيڪاري، ڏنـائين ڏور ڏيکاري،
ڏسيو خر ٿو ڪيجي خاري، ڏنـم نيڏي ڪنان ڏارا.
سڄڻ! تنهنجو سڄاڻا سڏ، اچي "احمد" کي اوڏو آڏ،
گهڙيون ڪي پاڻ گهاريون گڏ، اهي ڏينهن ياد ڪج يارا.

غزل (٢٠)

اچـــا آ‌و سڄ، اچا آ‌و وڄ، اچا آ‌و چنڊ، آ‌وتارا،
عجب آهن عجيبن ري، نـــم اڄ آبـــاد اوتارا.
ججهو جانب کي مون جهليو، تہ هي هي! هووڃي هليو،
نـــم اکين آسرو پليو، اچـــا او نير، آ‌و نـــارا.
نہ پهچي هٿ پياري ۾، نہ جس اهڙي جياري ۾،
نـم ان ري سک سياري ۾، بـنـا آرام اونهارا.
لکيم ڪاغذ قريبن کي، تہ ڳاريو غم غريبن کي،
هلي منهنجي حبيبن کـي، ڏجـــا احوال اوتارا!
نمايس نينهن نموني تي، گلابي رنگ گوني تي،
رسيس اڌ رات اونهي تي، ڏنـم ڪي آر اوپارا.
ٻچاڻ ڪيئن، جي بچڻ ڏينم، پڇاڻ، ٻر جي پڇڻ ڏينم،
نـم اول ســـر اچڻ ڏينم، ٿين احسان اوپارا.
الستي روز جـو عهدو، وسارڻ حق نـم سو وعدو،
اڳيان عـمدو گهرڻ عهدو، تہ "احمد!" لاهہ اوبارا.

غزل (٢١)

مٺي محبوب جـي مورت، وڏا موهي مُلڪ سارا،
سڄايا صاف صورت سين، سڄڻ سج، چنڊ، ڪتيون، تارا.
جهڪا جوهر اڳيان جاني، پسريمَن ۾ پئي پريشاني،
لڳي حورن کي حيراني، پسي رنگ روپ رخسارا.
ٿين موتي، نہ مانڪ مُل، گمايا يـار گلشن، گل،
ٿيو هر جاءِ حسن جو هُل، پيا چو طرف چمڪارا.

ملڪ مخمور مستانا، وتــن درسن ڪــان ديــوانا،
پــيــا منجهه پــور پروانا، سڙيا ساهي ڪــي سانبارا.
سڄڻ صورت ڪي سينگاري، ٿيو دلڙيون ڦُرڻ ڌاري،
ڦهر جــا ڪان ڪوهياري، چڻيا چشمن سان چوڌارا.
ڪــــي نيزا نــگاهــن ۾، سڄڻ آيـــو سپاهن ۾،
پئي پيچش پساهن ۾، ڪڍئين ڪاڪل ڪُنڍا ڪارا.
محب ماڻن سين منهن موڙي، وڌو جانب جنجل جوڙي،
سڄڻ سر تي چڙيا چوڙي، زلــف زوري زهر وارا.
سدا ساريان، نڪو ثانـي، ڪريان ڪونين قرباني،
جيس جلوا وڌا جاني، لٽا عالم تـــان آونــــڌارا.
سمهون سائيه ڪي ايريو سج، وطن تي ڏئي وراڪا وچ،
طرف ”احمد“ جي آيو اڄ، لکيل پرزو پيرين پارا.

غزل (٢٢)

دم ڏين ٿا، تــو ڌارا، دلـــدار! درد وارا،
دلدار! درد وارا، دم ڏيـــن ٿــا، تو ڌارا.
قــربــان قرب وارا، تنهنجي قــدم قــدم تان،
تنهنجي قـــدم قدم تان، قربان قرب وارا.
حيران لک هزارا، هردم حبيب! تو لــئـي؛
هردم حبيب! تــو لــئـي، حيران لک هزارا.
محبوب! مُلڪ سارا، مورت تي تنهن جي موهيا،
مورت تي تنهنجي موهيا، محبوب! مُلڪ سارا.
سج، چنڊ، ڪتيون، ستارا، صورت سندئي سـجايا،
صورت سندئي سـجايا، سج، چنڊ، ڪتيون، ستارا.
تو ڪي سڄڻ! سونهارا، ساريان چمار ساري،
ساريان چمار ساري، تــو ڪــي سڄڻ! سونهارا.
پيغام منهنجي پارا، پهتو پرين! ڪو تو ڪي،
پهتو پرين! ڪو تو ڪي، پيغام منهنجي پارا.

ڏونگر کي ڀٽو ۡن ڏارا، ڏسڪي، جي ڏک سڪلايان،
ڏسڪي، جي ڏک سڪلايان، ڏونگر کي ڀٽو ۡن ڏارا.
پرچئا پرين پيارا، پاتم پلاند پوتيون،
پاتم پلاند پوتيون، پرچئا پرين پيارا.
آءُ، تان ڏيئين اوتارا، ”احمد“ چئي اندر ۾،
”احمد“ چئي اندر ۾، آءُ، تان ڏيئين اوتارا.

غزل (٢٣)

ڀياءِ و، مي ڀيمارو، رُو بيارا،
پيارج پڪ پيالي مان پيارا!
گهمون گلزار، گل دستا هٿن ۾،
سدا گڏ پاڻ ۾ ساوڻ، سيارا!
ڀلو پيڙو رهڻ، نہ تہ پال پيرو،
نہ هڪ ۾ ڪر بخيلي بختيارا.
مِٺي آهيان، مٺي آخر مٺيءَ ۾،
جدا جيئري نہ ڪر، جيءَ جا جيارا!
هلي ڏو هيل تائين حال هھڙو،
نہ آئون ياد، تون نت ياد يارا!
سنهن تو ساڻ طوطن جون تواروُن،
ٻنا گلزار بلبل ٻي ميارا.
نہ دل وس ۾، نہ دلبر دسترس ۾،
جتي تيار دلبر، دل تيارا.
الف قد، عين اکيون، ميم مکري،
پرون پرپور تيرن سان تيارا.
نہ آهوُ جون اکيون اهڙيون نہ اکروٽ،
نظر ۾ ناز نيڻن جا نيارا.
ائيو ”احمد“ اکين مان آب هاري،
گلن ۾ گل گهمن بي اختيارا.

غزل (٣٤)

ڏٺان ڪو يار، سو يارا!، ڏٺي جنهن سال ٿيا سارا،
ڏٺي جنهن سال ٿيا سارا، ڏٺان ڪو يار، سو يارا!
ورن شل وصل جا وارا، وسيلا گم وڇوڙي ۾،
وسيلا گم وڇوڙي ۾، ورن شل وصل جا وارا.
اچا آ، او نيڻ، آ او نارا، ڏسي نيڻن نہ لائي سيڪ،
ڏسي نيڻن نہ لائي سيڪ، اچا آ او نيڻ، آ او نارا.
ڪڏهن توري پوَن پارا، ڪڏهن ٿڌ، سيءَ، ڪڏهن ڪوسي،
ڪڏهن ٿڌ، سيءَ، ڪڏهن ڪوسي، ڪڏهن توري پوَن پارا.
دوا، دارون نہ تو ڏاران، دکي دل درد ۾ دلبر!
دکي دل درد ۾ دلبر! دوا دارون نہ تو ڏارا.
اندر گهٽين ڀڏا گهارا، گهٽن سير گهاڙيان گهوڙها،
گهٽن سير گهاڙيان گهوڙها، اندر گهٽين ڀڏا گهارا.
نہ پل پيغام تو پارا، پڇان، ڪامان پڇارن ۾،
پڇان، ڪامان پڇارن ۾، نہ پل پيغام تو پارا.
وسن ٿا مينهن موچارا، ملڻ جهڙي مهل ٿيءَ، مل،
ملڻ جهڙي مهل ٿيءَ، مل، وسن ٿا مينهن موچارا.
اکين ايڏهين ڀڏا آرا، اگهڻ ”احمد“ اچڻ گهرجي،
اگهڻ احمد اچڻ گهرجي، اکين ايڏهين ڀڏا آرا.

غزل (٣٥)

سدا تو کي سڪان، ساريان، سڄڻ! منهنجا، سدا ڏورا،
سڄائي ڪر چڙهان سوري، سڄي اهڙي جيڻ سورا.
محب موتي ڪٺان! توري، ستم ڏينهن، موت جو چائج،
ٻلاتو منجهہ ٻلا آهيان، ٻنا تو اي ٻلا! ٻورا.
محبت ميڻ ڪيو مون کي، اچا تون محب! ماڻن ۾،
نکي سيڙين، نکي مارين، نہ مڃيئين ڪا منت مورا.

لڳهيو ماڻهن جي مَنَ، اي يار! محرم، ماهه محرم جو،
اچـا افسوس ۾ آهين، عـاشق کـان عـاشُورا.
نہ ماريس جن ڳچيءَ ماڻڪ، مُئيس جن ماڻڪيون ڪاريون،
نہ لايم نينهن، جـن نُورا، نهوڙيس جـي رتان نـُورا.
بنيوران وين بنين وارن! سچي بت ڪـئي لـڳيم باهون،
ڪجان ڏسيو ڪـنـون خالـي، لـڳا ڪانڻ مٿم ڪُورا.
ميروئن جي ماڳ ۾ مون ڪي، مُنجهائي ڪينم مار ڳ ڪان،
پـريـن! ڏس گام پنهنجي جـا پـرا، پنڌ، پيچرا ڀُورا.
اٿـم امـيـد "احمد" چـئـي، آئايو اِجهہ وتـان اوتين،
ڏنـم ڏيرن ۽ ڏاڪهن ڪـي، چڙهي ڏونـگر مٿي ڏُورا.

غزل (٢٦)

مـٿـا ميدان ۾ ڏيندي، ڏنـم سـڪندين ڪـي سئو ڀيرا،
ڪـري قربان قـدمـن تـان، ڏيهاڻي ٿيـن ڏهـم ڀيرا.
مڙيـا سي محبتي مـچ تـي، لـڳي مونـڻ جنين سيـڻو،
ٿيا يڪ يـار سان يڪدم، جـلائـي جـان، جـيءَ، جيرا.
اڳيئي آڳ ڪـان اوري، پچي پـروان ٿـيـا پـختا،
تهانپوءِ تن ڪي تعميلون، ڪرڻ پيا جر، جيون، چيرا.
لڳيَن ميثاق ڪان مستي، ڪڍيائون هـر طـرح هستي،
اڏامـي تـن عـجـيـبـن وٽ، ڪيا ارواح آ ڪـيـرا.
نہ سالڪ سـنـدّرو چـوڙين، سوريءَ سر مـٿـي ايندي.
نـہ مونن موت ڪـان مانجهي، هـلـن مهندار مهنديرا.
وسارڻ لاءِ وَس لايـم، تہ هـُو وِسرن نہ ڪنهن ويلي،
اچـي دلـگير جـي دل ۾، ويـنـو دلـبـر آڏي ديـرا.
مٿا پوءِ منهن جي مڙهہ ڪي، جي لڳن هـتـڙا حبيبن جا،
تـہ لاشڪ ساهـہ لاشي ۾، پـوي پيهر، جيـَن ڀـيـرا.
ڪسڻ جو قرب وارن جـي، نتيجو ناز مان نڪتو،
ٿـيـا گـهـايـل مـٿـي گهائا، وري گـهورن سندا گهيرا.

ڀــري پــالا اڇــي بيٺو، سڄڻ سيني کــسي سانبارا،
لــڳم دل ۾ دو ناليون ڪَئين، ڇنين ڇاتي لنگهيا ڇيرا،
ڄــڙون جيئي ۾ هيون جاني، ڇرڻ ڪان ڇُور ٿيا اڳسرا،
ڪڙي قابو ڪيس ڪاڪل، وڙهي ڪا جا وِئم ويرا،
ڪٿي سگهندو نسم "احمد" آس، آهنجي آستاني تــان،
مُحب! ميڙين، ڪ مارين سون، مڃيم حاڪم! حڪم تيرا،

غزل (٣٧)

جدائي ڪــسان وري جاني! ٻيم جولان ۾ جيرا،
اڳوٽيان پڻ اڳر آڳون، اُٿيون لائــي اندر ڇيرا،
وڇوڙي ۾ وڏئي والي! پٽا بيمار، بــي حالــي،
ڪجان، ڪامان ڏسيو خالي، اڳيان دلبر! سنڌئي ديرا،
جدا ٿئين يار جاني! جڏت، ٻچي بت باهم ڪان ڪنهن پت،
رُوان راتو ڏينهان نيت رت، ٻرن، ٻڙڪن اندر ٻيرا،
هٽي هيٺي حشر هڪ ۾، لنگهي لڪ لوڪ ڪان ليڪ ۾،
سڄڻ! تنهنجي سيڪي سيڪ ۾، ڏنم سڪرات سئو ڦيرا،
لغارون ڪي لڳيم لون لون، پڇان، ڪامان پريم پريون،
متان مارگ ۾ ڏينلدين سون، محب اڄ پڻ مَتني ميرا،
اچي سڪرات پيئي سوڙهي، مرون آيا متم ٻوڙي،
وتان واٽن تي واڍوڙي، ويهان وِجهلان وِڇين ويرا،
نهاريان رات ڏينهن راهون، وجهان وٽڪار ۾ واهون،
ڪيم ڳوهن متي ڪاهون، ڪتان من هت پون ڦيرا،
جلائينم جيئي، جتن جوتن، هيم ڳر، ٻر، نہ ٻوءِ ٻوتن،
هَلاچا، هَل سنڌا هوتن، اچا ڪنهن مارڳ مهنديرا،
آيو "احمد" ڪري آزي، پرين! پٿرتو آتان پازي،
تيهين غمناڪ تان غازي! پلائي سان م پچ پيرا،

غزل (۲۸)

مِٺن مارئن تي ولڙا مينهن، تر تي ڏينهن ڪي ٿڌڙا،
وطن ۾ وس، ولين ۾ واس، ٻيوس تي ورهه وڏڙا.
ڪٿوريءَ واس ڪيرين ۾، ڪٿيريون ڪير سان ڪائن،
ڪر پيرين مان چاري ٻور، ٻاٻاٿن وري پَٽڏڙا.
عمر! آسر وَندي آهيان، تہ اوڏهين اوڏيهر ويندس،
چَپيندس ڏيه جا ڏونرا، چڏيندس ڏُوڙ تي دَڏڙا.
سگينٿن ساڻ سگ منهنجو، سِگر سِڪيل سِڪان، سارِيان.
رُوان آئون رت رتولن ۾، هتي پِس رات پڻ رڏڙا.
ڪٿي گاگهر چڏينم، تہ گڏيس ڪوهہ گنگهر ۾،
نہ ٿيئي ساٿيهہ ۾ سَٿ سَٿ، تہ چو ڪي سڏڙيا سَڏڙا.
وَهن رڳ رڳ منجهان ريشا، نہ ريجهي روح ريشم سان.
نماٺي نام ءَ ناموس، لوئي لال ۾ لڏڙا.
مبارڪ آهي مارئي ڪي، نہ ماڙين تي مَٿئين مارو،
پَٽڏا "احمد" احد سان تو، مڪج انجام، سي آڏڙا.

غزل (۲۹)

ميهر جا موهڙ مٺي محبوب! ونڙا مينهڙا،
درگذر ڪر، نظر، تون ساڻ نيٺن نينهڙا.
مينهن ولڙا، ڏينهن ٿڌڙا، شينهن پڌڙا نينهن ۾،
ڪا مهل محبوب جو، مُنهڙو پسان وَس مينهڙا.
مفت مارڻ ۾ نہ موران، ترس ڪن تير جيترو،
روز شاغل منجهہ شڪارن، نينهن شڪرا، شينهڙا.
هاءِ! هينڙي جو تہ هينئر ساڻ، ههڙو حال ٿيو،
مس لڳا، تو ڏُور هوندا، ڏينهڙا، آوٺيهڙا.
گل ڦلاريا، ڦل ڦلاريا، ڪل ڦلاريا وڻ ولهار،
ڏور ٿيا اڄ ڏيهہ تان، ڏولاءِ وارا ڏينهڙا.

دوست هڪ بس، دوستيءَ جو، ديس ۾ دستور آهي،
هيت هتي، هر ڪنهن تي، هيرڪي ٿيو هرڙو هينئڙا،
واهه! "احمد" کي احد، آسيون اکين ڏيکاريون،
وٽ هيڪو هٽ تهين، هاديءَ ڏنو سيڪي هئڙا،

غزل (٣٠)

ڪري ياد ڳالهيون، ڳڙيم ڳل تي ڳوڙها،
وري لاهه والسي! ورهين جا وڇوڙا،
دريچي مان دلبر، ڪيو منهن منٿون،
گڏيس گوندرن ۾، انهيءَ گهور گهوڙا،
اکين جي اشاري، وڌو مون کي ماري،
اچي پيا عمر جا، سندم ڏينهن سوڙها،
جتي يار جاني، پسائين پيشاني،
تراڙين تجلو، تيتي آهي توڙا،
ڪيا ناز نيڻن، سنجهي فوج ساڻن،
فقط فير هڪ سان، ڪسي ويا ڪيڙوڙا،
ڏني دل دلبرن، متا ويا مٺيرن،
سوارن سوا، پيا گهرين پنڌ گهوڙا،
پرون پونر پالا، وتن خود خيالا،
ٻئي هون هر جاءِ، منجهه جنگ جوڙا،
زلف زهر وارا، نه ڪن کهل ڪارا،
چڙهيا چنڊ تي چوڏس، وجهي ور ونگوڙا،
اکيون آن جون "احمد!" بکيا باز بي حد،
انئي پهر ان جو، هجن قوت ڪوڙا،

غزل (٣١)

اپسمر اُڪنڊي عمر! آهيان، اکين سان آب اوهيڙا،
وسائينم مينهن ماتم جا، ٿئم مُنهنڙي تي موهيڙا.
لڳن تي لعل لڙڪن سان، لوئي لال ويئي لُڙجي،
سدا منجهه سوڳ سانگين، ڇڏينم سينگار سوهيڙا.
اباڻن عاج، اطلس عيب، اَنهن جو آبرو اُن ۾،
نه ڀڃجي هانڊڻن سان دل، ڍوڻو ڏوهه ڏوهيڙا.
ٿئي ساڻيهه ساوڻ منڊ، ساوا گاهه ساماڻان،
رُوان ڏينهن، رات رت ريلا، رهن منجهه روح روهيڙا.
وڇين ويلي ولر وارين، وُلوڙو ولهارن ۾،
پَکيون سي پائم! ٻاتيون، تون پلين پانئين نه ٻوهيڙا.
نه وڻ وانگي، نه جهڻ جهانگي، نه سڏ اوڏا سڄڻ سانگي،
هنجون هت هير تي هاريان، هيئين لئي هار آوهيڙا.
عمر! انشاءالله تون، نه ڪيندين انب اميدن جا،
پڇائي جاچ، پوکين تون، ڪلر ۾ ڪوهه؟ ڪوهيڙا.
اُپوئين هيت آهيان ”احمد!“ اباڻن پاس آباديون،
پُڄم هين ٻن ڪنن سان، ڏوٿين جا ڏور ڏوهيڙا.

غزل (٣٢)

ٿَڌو سُک سومرا! منهنجو، سُتي ساريسا م سانگيڙا،
ڪڏهن ايندم، وٺي ويندم، منجهان هن ڪوٽ ڪانگيڙا.
حويليون، هار، هيرا، هس، حوالي حاڪمائين جي،
جواهر، لعل، جهوسڪ، جهوڙ جهولائن نه جهانگيڙا.
وڇين ويلي، ورڻ جهو ساڻ، ويڙهيچن وچن وچ ۾،
عمر وينسي ڏسان واڏون، ورن ڪي شال وانگيڙا.

ڀَرم ڀاروڙين ۾ ڀائـــم! ڀـــونگا ڀٽ مٿي ڀيڙا،
ڀــلا مون لاءِ ڀـــاڳيڙا، ڀُلّيا ڀـــانئين ڀانگيڙا.
سندم هن سونهن، صورت جو، سُڻايو سومري کي جن،
ٻوي تـــن پير ڪاري تـــان، ڏسن ڏنگيل نہ ڏانگيڙا.
اباڻا اڄ نہ اڳئين هنڌ، ”احمد!“ ويـــا آئي آکري،
ڪٿي مارنگ وتـــي مارڳ، ويا ٻـــي ماڳ مانگيڙا.

غزل (٣٣)

سچڻ! تو ڪان سواءِ سنڌ سنڌ، سَٽ سَٽ سور جا سٽڪا،
ڦٽي ڦوڙا ۽ ڦوڙي دل، آڦٽ ڦٽ، ڦٽ مٿي ڦٽڪا،
ٻچاءِ ٻت ٻچايان ڪيئن، ٻچين شل! ٻـــاز ٻحري ڪان،
جُهري جيئڻ جي ڄ، جهٽي جهٽ پٽ، اڪيون جهٽ جهٽ، هٽڻ جهٽڪا.
ڏڙا ڏڙ ڏار سر ڏڙ ڪان، دو ناليون دور ڏڪ ڏڪ ۾،
سسيون پنجو ڪرن پٽ تي، نپٽ پٽ جا ٻہ، پٽ پٽڪا.
سِنا! منهن مهر مان ڏيکار، وڻڻا مينهن موهر تي،
چرن چالون چلڙ چيها، چلا چل بوند ڏي چِٽڪا.
ڏڪارين دوست! چو دم دم، قدم تي، دم سندم پچندم،
لٽن ۾ لاش هي لاشڪ، وٽڻي لٽ لوڙهم، يا لٽڪا.
سدا منهنجون صدائون ڪنهن، صدر، سلطان جي در تي،
ٻلين ٻٽڪي ٻٽن ۾ ٻَٽ، ٻلا لاهين ٻَٽن ٻٽڪا.
سچڻ هئو سچ لٿي اڇڻو، لٿو سچ، ٻيو ٻہ سچ اڀريو،
اچا ”احمد!“ نہ اوڏي ۾، الله، ڪهڙي ٻين اٽڪا.

غزل (٣٤)

عمر! مون ڪـــي اباڻن جـــا، لـــڳا انـــدر ۾ آڙيڪا،
تڏهن هن تنگ تاڙيءَ ۾، ڏيان چاڙهي تي چاڙيڪا.
هتي ڪاڙهـــا ڪڙهن ڪارا، وطـــن ۾ واس، وسڪارا،
وٽيم تاڙا، ڳٽيم تارا، لڳي تاڙيءَ، نـــہ تاڙي ڪا.

ٺئي وَس، ويس وانڍين ۾، ڳتيو من، منهنجو ڳانڍين ۾،
لوياريون لال لانڍين ۾، ڀڳڙي مارؤن نه ماڙي ڪا.
عمر! ارڏو عرض چونـدي، هُتي هينئڙو، هتي هوندي،
ٻلي ٿـي جان جـر روندي، سندم سنڌ، سور ساڙي ڪا.
ولهارن ۾ ولر وڙڪن، هينين تي لڙڪ سون لڙڪن،
بـدن ۾ باهيون ڀڙڪن، انـــدر آهـــم آمـــاڙي ڪا.
هنجون هاريان، نه حب هارن، نه ويڙهيان ويڙهه ري وارن،
اڪين تارا، اندر تارن، پڻيندي ٿـئـي پهاڙي ڪا.
ڪيڙيون خيرن جون هُت ڪيريون، ٽيڙيون ٻورن سنجهان ٻيريون،
ڦيرن ڦوڳن اندر ڦيريون، ويم وسري نه واڙي ڪا.
چوي "احمد" مَ ڪر آڪڙ، ڦري پئي ساڪ ۾ ماڪڙ،
رهن لانڍيون، نه ڪالاڪُڙ، نه ماڙي چت، نه چاڙهي ڪا.

غزل (٣٥)

نه ڪرهو ڪاڪ تـي آيـو، آڏر ڪاغذ ڪٿي ڪانگا،
سلامي ٿي، سنيهو ڏج، پڇڏ يـان کهڙي سبب سانگا.
رهـــاڻيـون روح ۾ رهينم، رُسڻ سان رڻ ڪئي راڻا!
لـــڳان اڄ لـــوڪ ۾ ليزم، ٿيا لازم مٿم لانـگها.
مڙيم سورن ڪنان صورت، سوا تو سيج ٿيئي سوري،
ونهيل! ويهي وِهاينم رات، آئيا ٻانـــگ تي ٻانگا.
نه واهي چـــو؟ نماٽـــي نـــار، نـــارا نـِير نيڻن مان،
جڏهن نـــاموس وارا نڙ نهوڙي نينهن ڪيا نانگا.
پڻوريون پٽ مٿي آچليان، پـٽـِـس، پٽرائين بدران،
نــه بـــاغن ۾ بهاريون اڄ، ٿيا ڦوڙائي ۾ ڦانگا.
ميارن مارڙي آهيان، مـعـافـي مينڌرا! گـهـرجـي،
رُوان رت، ٿـي روانون هيت، رَوا راڻا! نه رو سانگا.
نه جاڻي مينڌري منهن موڙيو، مونمل جي ماڙيءَ ڪان،
احد گهرجي تم "احمد" رک، اندر ۾ بسم آلانـگا.

غزل (٣٦)

اڄ ٻه سرمون پائي سهڻا، سينڌ سينگارڻ لڳا،
محب سُرڪائيءَ مُٺيءَ سان، مُلڪ ميڙ مارڻ لڳا.
شمس شرمائيو ڏسي، تنهن شاهزاديءَ جو شعاع،
حجتون حورن، پرين جون، حُسن ۾ هارڻ لڳا.
خوب صورت، خوب سيرت، خوب خلوت خواب ۾،
ڳالهه ڪهڙي ڳائيان، ڪي ڳڻ ڳجها ڳارڻ لڳا.
خون خلقت تي نه گهوري، هون ڪِلمڪ شل خليل،
شاهه، سنڌيون، دل سندم، سالون جنين سارڻ لڳا.
جوش جاڳايم جگر ۾، تنهنجي جلوي ۽ جمال،
ٻاق ٻاهر ڇا ڪيان؟ ٻارڻ منجهين ٻارڻ لڳا.
گوندرن گريون جهليون، ڳهارڻ ڏکيو، گهوڙا ٿيوم!
ڏيل منهنجي ڪي ڏماڙي، ڏک وڏي ڏارڻ لڳا.
آسيون "احمد" جون آهن، تين اوڏا سن عجيب،
ڪَڙڻ تنين ڪي يا خدا! جي ڪَر وچان ڪارڻ لڳا.

غزل (٣٧)

ڀڪين لاتون وري لايون، ٻُڌم لالن، بلا لالا،
گهميو گلزار ۾ گل ڦل، ڪٿن ٿا لال، لا لالا.
جڏهن ڪاڪُل ڪلهن لاهين، ته ڪوڙين قيد ۾ ڪاهين،
اکيون آهن مثل آهن، ڀرون ڀڃيون ڀلا ڀالا.
محبت شل مٺي مائي، وٺي ويڻن دل ڏني وائي،
ڪشادا وار، قد ڪاني، برابر ٿئي بلا بالا.
وجهن وڍ ساڻ ويڻن مون، نه ڪوڏي ڪهل ڪيٽن مون،
نهارج پلڪ نيڻن مون. اچا ڇا ڪون الا آلا.
ککر ڪارون ڪري آيا، ٻنا بادل، ڀري آيا،
پلر پاڻي پري آيا، ڏٻا ڏب اڄ ڏلا ڏالا.

ڄڻون چانچر، چڪر چوليون، ڀڻون ڪل ڀاڀهل ڀوليون،
ليارن ۾ لڳن لوليون، وڻن ۾ وَلو َلا والا.
جنين محبت ري منهن مکيا، ڇُها ڪاتِن جڏهن ڇکيا،
انهن ڀُڃندي ڀڃي رکيا، ٽڪر، لوپر ٽلا ٽالا.
رهاٽين َڪان ٽڪم روکي، ڏنو دل دوست کي ڌوکي،
ٽياڪر ڇو اڄا ٽوکي، جهليندا ڪي ڌ َلا دالا.
سکي "احمد" عجيبن ڪي، تڙي ڪڏيم طبيبن کي،
نه هوئي حب حبيبن کي، نه ڇم ڇم هي ڇلا ڇالا.

غزل (٣٨)

خدا لڳ ڪٿي نيٺ ڪيل، خوش خيالا،
سدا شال سرهو رکئي رب تعاليٰ.
سڄي عمر ساريان، نه ويرم وساريان،
وڃي ڪيئن وينين، تون وساري وِصالا.
سنديم يار جايون، پروڙ م َ پرايون،
اگهڻ پنهنجي ايندي، ڪجي شرم ڇا لا؟
صدا تان سياڻا! متي رنج راڻان!
رهن سائي، وٽ ڪين، سائل سوالا.
دهن تنهنجو دلبر! حقي حوض ڪوثر،
ڪري پر پيارج، پيارل! پيالا.
ڪيا تير تارن، سَمهان سوز وارن،
پري سينگ ڀِنا، ڀرون ڀونر ڀالا.
جهڪوسج سڄڻ وٽ، نه ماٽڪ سندس مٽ،
نکو گل گلابي، لڳن ٻر نه لالا.
مٺا محب، مصري، وڃن ڪين وسري،
ڪڇهري سندن لئي قبوليم ڪشالا.
اٿئي شعر "احمد" ڀريل ذوق بيحد،
رسن بيت هڪ ڪي، نه رس ۾ رسالا.

غزل (٣٩)

احد، الله اڪبر، عزوجل، عالم ڌڻي اعليٰ،
اڃن، ٻـوني، بحر، پٽ، برجو، باري بادشاهه بالا.
ٻٽي ٻاتيون ڪندي بلبل، اٿس گفتار؛ گهوڙا! گل،
سٽايو ڪٽ سمن، سنبل، ڪٽي گلزار، گل لالا.
جدايون جوش جسُ جاڳيم، نه موران من محب! ماڳيم،
تتو آڙنگ، تيو آڳم، اڱڻ اڪين ڪيا آلا.
محب جي منهن موچاري تي، سونهن ڪاڪل ڪيناري تي،
پيا تنهن پيچ واري تي، نير، سَپ، نانگ، سپ نالا.
اکين جيءَ سان وڌم جهيڙا، ڪئي ڪارين ڪنڪ ميڙا،
ٻلائون، بند ٻنين پيڙا، ٻري ٻينا ٻرون ٻالا.
سدا ساريان سڄڻ سائين! ورو آهن مٽي آئين،
هلي آءُ گڏ حشر تائين، رهون خوش، خوب خوش حالا.
اٿم چارئي پهر چل چل، هينئين ۾ هول جي هَل هَل،
پيادا پنڌ ڪندي پلپل، چيڻيون ترئون، پيم ڇالا.
ٻڌيو ٻانهن مثل ٻانهون، عمر ”احمد“ ڪيم آهون،
مليس دلبر سٽي دانهون، چِنا چانيان، نه پوءِ چالا.

غزل (٤٠)

ڪانَ قهري ڪو لڳم، جنهن قلب سين ڪئي ڪربلا،
بت چنبن ۾ باز جي پيو، گهور ٻانيان ڪر، بلا.
چنڊ واڙو، وار منهن جي، وصف شامل صبح شام،
يا گلابيءَ گل جي پر ۾، ڪر ڪٽي ٿيي ڪر، بلا.
حوصلو جيڪر هينين ۾، ناز نازڪ، جي چڏيم،
بت وجهي تان ٻاهه ۾، باسي بيهان ڪيئن ڪر، بلا.
حرف ”هتئو“ ۾ حاضرن ڪان، جي حيا ٻائين حبيب!
تان ٻلائي سين ٻلا! ٻوليءَ ٻليءَ ۾ ڪر، بلا.

عاشقن جو آهي "احمد"! ائين وڇوڙي ۾ وجود،
هو ڪُڙها جي ڪيهر جا، جيئن ٿي ڪُٺا منجهه ڪربلا.

غزل (٤١)

گل بهشتي باغ جا، مون لئي، بِنان تو بر ٻلا،
دل سندم ڪي ڏي دلاسو، دلربا، دلبر! ٻلا.
ڇا سڄڻ! تو ڪان سوا، سک ڪي ڪريان، ڇا ساهه ڪي،
تو بِنان مون ڪي مرض، ماتم، مرڻ، محشر ٻلا.
منهن پسائين جي مون ڪي، تان محب! مر ڪوئي ملوڪ،
پر ڏِڪا ڏُوماڻ ۾ دائم، دوست! تنهنجي در ٻلا.
پيا ڪٺي جي خان چونم، تہ بہ نہ ٿئي خوش دل خليل!
تنهنجي پڻ پڻ ماڻ لڳن، بيڪس بندا، بدتر ٻلا.
ڇا ڪندين منهنجي ڪهڻ لئي، پيو ڪٽڪ ميڙي قريب!
گرز، غمزا، تير، تارا، لاڏ، جا لشڪر ٻلا.
محب! موچارو ڪٽيي، موتي چوڻ، گل، ميهر، ماهه،
پڻ سڏڻ تو ڪي سڄڻ! سائين، سڏر، سرور ٻلا.
عمر "احمد" جي سڄي، آئي اوهان جي منجهه آداس،
تنهن ڪي پيشاني پسائين، پاڪ پيغمبر! ٻلا.

غزل (٤٢)

مٺا محبوب! مون، تنهنجا، هٿا ميثاق ڪان ميلا،
وريو ڪهڙو وري واءُ، جيئن ويا ورهن جا پٺيي ويلا.
ڏسي جانب! اڳيون جايون، انڌوهيون منجهه اندر آيون،
وڌم وڏڪار ۾ وايون، وڇوڙي وينم، واويلا!
مٿي منهنجي متو ماتم، گهٽان ٿي پئم گوندر غم،
اکيون آهين منجهه آڱم، روئان رت، رات ڏينهن ريلا.
جهليو دل ۾ پٽا دانهون، پرين! وجهه پير ڪو پاهون،
ٿيون اظهار جي آهون، تہ پرندا ٻاڦ سان پيلا.

نہ آهيم سنڌ ڪا، سائي، مون سان ڪي سُور ڀَر، سائي،
جيئن ڪاتيءَ ڪي ڪاسائي، ڏيئي چيرو ڪُهن ڇيلا.
ويا وٺڪار ڪي واسي، بيٺس ٻر ۾ ٻکون ٻاسي،
ڪندين ڪنهن ڏينهن ڪُٺل ڀاسي، اهڙ جي يار! البيلا.
عرض "احمد" اچ آري، وجي ڪج ڪا ورڻ واري،
قيامت ٿيي لنگهيي ڪاري، ڇنان ڀوءِ تنهنجي ڇانئيلا.

غزل (٤٣)

حِسانَ الوجهِ قيداً قد هَوينا، فمثلَڪَ في الصباحة مارئَينا،
پريشان حال پريون پَرتَوِن ڪان، حسد ۾ حسن تي خود حورعَينا.
امل آندا امل ماڻڪ عمل ۾، نہ جهڙس چنڊ ٽوٽي چونڊ چَينا.
چيم جا نار، سا خود نور نوري، چيم تارو، تہ تجلّيي طور سَينا.
ڪيس بي تاب، بلبل باتين سان، سُني ٻولي ٿو ٻولي مرغ مَينا.
سڄڻ! ٽوري، سڄو ڏينهن سج نہ ڏسجي، بنان تو دوست!
ٻانيان باغ بَينا.
هئين تون ڪٿ، نہ هيت، هونئين هٽي دم، نہ مين ڪر
ٻول مينا!، مثل مينا.
چمن ۾ نيڻم، چمني ڏينم هٽ ۾، چوان ري نون چمني
ڏي تہ، چئي نا.
وسي ان جي اکين ۾ خون "احمد"! سلام الله و رحمته علينا.

غزل (٤٩)

دل وڃي ٿي دست ڪان، دلدار، دلبر! تو سوا،
سا نہ ساعت ڪا سُکهي، سهڻا! ٿي صابر، تو سوا.
ڪي دوا دارون ڪري، ٻانيم تہ واريان دوست! دل،
ٿيو نہ حيلي ڪنهن هيون، هيٺي ڪان حاضر تو سوا.
ٿا ڪَهن قاضي تہ ٿيندي، ڪُل سندي اڳتي قيام،
مون ڏٺو محبوب! منهنجا، ڏينهن محشر، تو سوا.

ڇڏ نہ آهم تان سڄڻ! ملنديم هيڪر منجهہ حيات،
يا اڏامي آهہ سان، ارواح آخر، تو سواء

تو مٿان گهر گهوريان ها، پر نہ آئين تون عجيب!
پوء وجي سج ۾ سڄڻ! صدقو ڪينم سِر، تو سؤاء

مون گدا جهڙا گهڻائي، تنهنجي گاديءَ جا غلام،
مون سندو، سارين نہ پيو، سرتاج، ۽ سر، تو سواء

آيرندا آيا گهڻا، عالم تي "احمد" آفتاب،
پر نہ سڀ تي سوجهرو ڪيو، ڪنهن بہ سرور! تو سواء

غزل (۴۵)

مـلـن لالـن! مٺي لب لب اهاها،
وجان ڏـي غـرق منجهہ غبغب اهاها!

وهن ڏي ڪيئن حـَب ري، حـُب حبيبن،
پچان حـُب مان، ڪٿي حـَب حـَب اهاها!

ڪٿي ڦـُوڦـُو، ڪٿي قل قل ڪـَنن ۾،
ڪٿي ڪبڪن سندي ڪب ڪب اهاها!

اَگـهـان شبنم اکين جـي ساڻ شبنم،
روان يـا رب هب هب هب اهاها!

ملڻ جـو روز، جيئن نـوروز فيروز،
ڏسڻ سان شب قـدر شب شب اهاها!

جيئائي، جن چون ٿـا، جـان ۾ مون،
طبيبن چيو تہ هـي تپ تپ اهاها!

چيو دلبر، ٻـُڌم ٻـي سان، ٻڌائي دل،
چيم چغلن، ٻـَڌي چپ چپ اهاها!

مگر محبوب کـي معلوم منهنجي،
تہ گهرجي لب مـٺي لب لب اهاها!

سچڻ مهندا سلامي سئو سهاهي،
عجب جا دبدبا دب دب اهاها!
عرض، احوال "احمد" جا احد سان،
سدائين روح ۾ رب رب اهاها!

غزل (٤٦)

سڄڻ! هي سوجهرو سچ جو، ڪِ تنهنجو ضو ضحئهاها،
اڪيون آهو مثل آهن، آهـا تنهنجو اهاهاها!
نہ چاٺان، هئو وراڪا وِچ، ڪِ هوندي رات راسيو سچ،
سڄڻ سامهون سٺايم اڄ، اهي منهنجا آهاهاها!
ڪلين تان ڪير ڪائيندس، چئين چابڪ چڪائيندس،
چيم راٺان! رڪائيندس، ڪي پاسن تي پهاهاها!
ڳڻن ڳالهين ڇڏيس ڳاهي، ڪير ڪوڪون تہ رس راهي،
پرين آينم، تہ ڪو آهي؟ هيڪي ۾ ساهہ هاهاها!
اڪيون ڳاڙهيون ڪٽيو ڳارين، هٿين واريون هٽيو مارين،
متان سهٽان! تون ٿو سارين، ڪي ساهن ڪي سهاهاها!
جدائي ڪان جلي جيرو، نہ پيو ڦوڙاءِ ۾ ڦيرو،
ڪندين ڀاجي نہ تون ڀيرو، ڀلين ڪر بيبها! هاها!
دلاسا دل لـڳڻ خاطر، نہ دارُو دم ٽـڳڻ خاطر،
ٿلهي منهنجي ٽڳڻ خاطر، عجب آهي اها هاها!
نہ اکيون آسرو لاهن، رُوَن ڏينهن رات، رت واهن،
چون ٿا سب، چڳا آهن، ڏکيَن ڏينهن ڏَها هاها!
نهارين گرم ٿو ناظر! حڪم جي دير، سر حاضر،
آجهي "احمد"! چيون آخر، اکر منجهہ انتها هاها!

غزل (٤٧)

دردوندن ساڻ دلبر! چو ڦريئي دُوري اِها؟
سچ، ڪِ ڪئي ڪنهن خرخرابي، ڏي خبر پوري اِها،

نيڻهن وارا نـاحقيي، نـازڪ مٿان نقصان ٿين،
ناهيه ميهتر تنهن ڪري، محبوب! مغروري اِها.
تنهن جي غمزن غم رسائيم، ڪيس گهايل تنهنجي گهور،
تنهنجي غبغب ڪان رسيم، گوندر ۾ غرقوري اِها.
پيرت وارن لئي پرين! پنبڻيون سنديئي پيڪان ٿيون،
سور ڪيندن لئي سدا، سينگار پڻ سُوري اِها.
هن صبر ڪَس جو سبب، ساريان نه پيو ساري چمار،
نظر مان نڪتم مگر، نازڪ! شڪل نوري اِها.
دم ڏيکارين منهن دريءَ مان، دم ڏئين آڏي دري،
ٿي ڪري مون ڪي مدامي، مست مستوري اِها.
در جهليو دائم ڪريان، ديدار لئي درخواستون،
من ملي مسڪين ڪي، ڪنهن مهل منظوري اِها.
ڪر چڱو "احمد"! عمل ڪو، عاليمي آهر نه لڳ،
ڪم نه ايندءِ ڪم سوا، محشر ۾ مشهوري اِها.

غزل (٤٨)

نه اٺ اوڏا، نه اوٺيڙا، پٺا منجهه آهُڙن آها،
ڪيم لڙهه لال لڙڪن سان، لڙي ليڙا ٿيا لاها.
هڪل، هونگار هاڙي ڏانهن، هٿيڪو هيٺ ٻڌم هاٿي،
هزارين هٿ ڪينم، هي هي! وڃن پيا، هُو نه ڪن ها ها.
پنهل سان پيچ ري، پيو ڪير؟ پوندو پيچري پنيان،
ميرون موجود مارڳ ۾، نه مهندا مال، ڪي ماها.
نه ڪريان ڪوهه آيم؟ ڪوه ڪاهيم؟ ڪوه ڪوهن تي؟
نه ڏسجي راهه رائي ۾، هٿا هُو، روهه جا راها.
گيسيون گس تي اچا آهن، ڪٿي گُس ۾ گسائي ويا،
ڏٺان ڪي ڏير ڏونگر ۾، ڏکيءَ ڪي ڏَس ڏيو ڏاها!
اونڌاهي رات، اوجهڙ ۾، اَجهان آئون، سُنجهان آئون،
سڄڻ گڏجي نه سڄ ڏاران، سڄو پٽ سوجهرو، ساها.

نہ اونڌاهيي، نہ انديشو، نہ ڪا آڌري رهي ”احمد“!
ٿيو سهڻو سونهون، جنهن جيي، صفت ياسين ۽ طاها.

غزل (٤٩)

سڄڻ منهنجو سدا سهڻو، مٺيءَ جو ڦُل آهاها!
مٺو محبوب من مهڻون، مٺيون بي ماهہ، آهاها!

لڳو ان حسن جو هُل هُل، ڪٿي ڦوڦو، ڪٿي قل قل،
پُرن بلبل، چون گل گل، سخن صُل صُل، آهاها!

بهاريون باغ ۾ برجا، آئين آئڪار عنبر جا،
هيتي هٽ حسن تي هرجا، هلي ٿو هُل اهاهاها!

ڪٿي واهواهہ جي وائي، ڪٿي بل بل پلا پائي،
ڪتان صد آفرين آئي، ڪٿي ڪن ڪُل اهاهاها!

ڪُو ڪَل ڪَٽ، چيلهہ خود چابڪ، نيلوفرنڪ، نظر نازڪ،
پرون پالا، بدن نازڪ، ڪمر، ڪاڪُل اهاهاها!

لبن ڪان، لال لب لب ۾، غضب جو ذوق غبغب ۾،
شمع منهن، زلف، شب شب ۾، نہ تير جو تُل اهاهاها!

ڪنجي، قد ڏند ڏاڙهون ڪڻ، چڪينہ ميوا، چڪاسينہ وڻ،
ڪنٺي ورسير ڦٽيءَ سان ڦڻ، بلا ڪان بُل اهاهاها!

ٿيہ ڏينهن، چانت ڪي چمندي، سڪان، ساريان، نہ سڪسمهندي،
لڳي گهر گام، گس گهمندي، گلي سان گل اهاهاها!

نہ جي، جيئري مليم جاني، ٿيس منجهہ قرب قرباني،
ڪجل جي شل وجهي ڪاني، ڪڏهن ڏي قل اهاهاها!

گهٽان گرداب ۾ گوندر، ڪپر ڪُوررين هٽي ڪونڌر،
انهيءَ دريا مٿي تون ڌر، پريم! ڪا پُل اهاهاها!
احد ڪان ڪُل، نہ ”احمد“ رل، گهڙي پيا گل، نہ بلبل پُل.
ڪرم سان ڪُل، بچان بيلڪل، بچان بيلڪل اهاهاها!

غزل (٥٠)

گهڙيس منجهہ بحر، بسم‌الله، مَجراها و مُرساها.
تران تِک تار تاريءَ تنهن، سندا جنهن بحر، برساها.
اکيون ساگي آپهريون سي، هينين ۾ لوڙهہ، لهريون سي،
قريبن جون ڪچهريون سي، هجن ايام، عرصاها.
خدا تَن ۾، خدا مَن ۾، ٻئا پيري هٿن پن ۾،
اچا قالوا، بليٰ ڪَن ۾، اندر ساها، ٻهرساها.
خدا جي خلق تي چائين، نہ طاقت ٻي ڪي تيرتائين،
خدا ثالث هجي سائين، تہ تڙجن ڪين ترساها.
خدا باقي، بندو خاڪي، ٻہ ڏينهن انسان اوطاقي،
بندو خاڪي هجي باقي، تہ ونڊجن ڪين ورثاها.
وصل وس آهي ۽ واسي، عمل سان عيد جي آسي،
ٺلهي هاها نہ خود خاصي، هنيين ۾ هوت! ڪر ساها.
وٺا مينهن، موٽ ميلن تي، ٺئي خوش روح ريلن تي،
ڪِوڻ جا کيل کيلن تي، اچان "احمد!" آتر ساها.

غزل (٥١)

ڏينهن، رات تات تنهنجي، تن، من طلب آهاها،
حُب ۾ حبيب گوليان، حُب ۽ حَلب اهاها.
ڪي ڏينهن ٿيام ڏتڙي، ساريان سَري نہ سَتڙي،
قالب هِتي نہ هُتڙي، قابو قلب اهاها.
ٻي سان نہ روح رلندم، خوشحال دوست کلندم،
محبوب شال ملندم، لَب ساڻ لب اهاها.
گوهر تتو گُٽايان، چو دل ڪي تير چُٽايان،
صورت، صفت سٽايان، آهين عجب اهاها.
تون گل گلاب آهين، تون لاجواب آهين،
عالي جناب آهين، عالي لقب اهاها.

مھڻو سدا سيرين، دل نثار، دوست ديرين،
شيرين ڪلام شيرين، شيرين لب اھاھا.
اک نون جو نظارو، قد سرو کان سنھارو،
آٿي الف اشارو، ڪاتب ڪتب اھاھا.
ٻئا حسن سڀ ھوائي، تارا ڪتيون توائي،
سڀ ڪنھن جي وات وائي، صورت سبب اھاھا.
ڪھڙو ڪمام سان ڪم، حاضر ھمام لئي ھم،
غمزا غلام لئي غم، غبغب غضب اھاھا.
ڪنڌا ڪنڌن پچڻ ۾، سڌو ڪانسئون سچڻ ۾،
"احمد" اچڻ وڃڻ ۾، ڪر ڪو ادب اھاھا.

غزل (٥٢)

نہ چاتم، مون وٽسان ويندين، تہ لالن لئون نہ لايان ھا،
مينن جي موڪلائڻ کان، تہ مھندئين موڪلايان ھا.
ھلي وس جي سندم ھڪ وار، وارڻ يا وھارڻ ۾،
تہ ڪوھن تان ڪوانتن کي، جبل جھاڳي جھلايان ھا.
مينا محبوب! تو کان پوء، مرڻ جيي، جي ھجي موڪل،
تہ راتڻ لاء راتين جيئن، جسم جيئري جلايان ھا.
وچون وانگر وڇوڙي کو، وھاريم صول سيني ۾،
ولڻ سان سو وري نيڪري، تہ وَر وَر ڏيئي ولايان ھا.
سڄڻ تنھنجون سڪون مون کي، لھن جي لوڪ کي ڏسندي،
تہ اکين آسرو البت، پسي پريون پلايان ھا.
ڪبوتر، ڪانگ يا قمري، ڪہ پيو قاصد وڃي ڪوئي،
تہ ھيري جيئن ھنجون ھاري، حقيقت ھت ھلايان ھا.
نپيريو نعمت الله سان، نفيسن نيھن جو ناتو،
اچي ھا ڪو اتان "احمد"، تہ البت ڪجھ آلايان ھا.

غزل (٥٣)

الله کارڻ عجيبن وٽ، عرض اوني! گذاريس ها،
ڪڍي ڪاغذ ڦرين ڪي، ڏکويل جو ڏيکارين ها.
طرف محتاج مون جهڙي، اچڻ محبوب جو مشڪل،
پلئو پانڌي! وجهي تہ تون، پريان کي ڪجهہ پچارين ها.
مسافر مات ٿيو، جنهن جي، ميلڻ ڪان ٿي مٿين ڀانئيي،
سيسي بدلي سلامن نيئي، سُپيريان هٽ سپارين ها.
ڏنا تو ڪر پرين! پاٽان، پکي پوندا سندم مڙهہ تي،
کٽي جي نيڻ نجهري ڏي، سندم نازڪ! نهارين ها.
سڄڻ، سهڻو ستي آيو، چڏيائين صوف سهجاڻي،
جڏهن ايندا ڏنيئي "احمد!" اسان کي پڻ اٿارين ها.

غزل (٥٤)

کهي آيس کوهن تان، ڪجهہ ڪهان ها،
رهڻ ڏينم تہ کي راتيون رهان ها.
ڏرکي دربان در تان دور ڪيو ڇو؟
نہ سهنم تہ، سهم پئو ات سهان ها.
لينگن تان لُڪ لهي، جي ليک لهن هيت،
پئا لک لاگ لحظي ۾ لهان ها.
هلي جنهن پهر تي، هر پهر پهرو،
اتي کهڙا پسڻ جا، پُهہ پهان ها.
سڄڻ! اچ سوگ لاٿم، تنهنجو سوگند،
ٺلين ٺکرين بہ، ٺاهيو ڇا ٺهان ها.
صحي سمجهيم تہ سامهون يار سهڻو،
پليس، جي هوند ٺانڊي پر ٺهان ها.
ڇئي دل جي، ڏنو دلبر دلاسو،
تہ پاٽي تي نہ پنبڙين تان وهان ها.
اچڻ جو آسرو "احمد!" هجي ها،
اتم ڍوهي تہ، ڍيئي تي ڍهان ها.

غزل (٥٥)

نيڻ آيـــا نـــاز ۾، ٿهري سندن قانون ٿيا،
گل بدن جـي گهور جا، غمزا ته گهونا گون ٿيا.
هڪ سڄڻ سهڻو سدا، ٻئو سيند تان سوڌي پٽي،
ٽئو ڪلي جان نيڻ ڪئين، تان خلق ۾ ڪئين خون ٿيا.
جن سدا سج چنڊ جو، ثاني نه سمجهو سونهن ۾،
منهن پسي محبوب جـو، مجني مثل مجنون ٿيا.
قوت، قوّت قلب ڪارڻ، جن گهريو ٿي گهور ڪان،
منهن چڙهي مژگان جي، سي ماڳين معجون ٿيا.
صاف سڪ ۾ ساهه ڏنائون، سانگو نه ڪيائون ساهه جو،
ويئي نـه محبت مور، توٽي محبتي مدفون ٿيا.
شعر "احمد" شعر آهـي، شعر جهـڙا شاعرن،
ڪنهن جي محبت سان مگر، ماڪيان مٺا مضمون ٿيا.

غزل (٥٦)

گـهـور تنهنجي جا گيلولا، هر گـهـڙي گهائين پيا،
نيڻ ڪٺندي دم، خـلـق ڪـي، ڪـيـن ۽ ڪائين پيا.
ناهي جاني! ٻـن جهانن جـوڙ، تنهنجو سنجهه جمال،
چنڊ، سج چمڪار ۾، چاڪر سندئي چائين پيا.
جيئن قمر پاسي ڪڪر، تيئن منهن پران ڪنڪُل قريب!
پاپڙين، ڪَن، ڪنڌ پاسي، پيچ ڪئين پائين پيا.
سئون سنواري سينڌ ڪي، سِر وار سهڻي چوڙيا،
نيش مارڻ لاءِ نيلا، نانگ ڪنڌ نـائـيـن پيا.
ملڪ ساري ۾ نـه هـئـا، محبوب ماڻ جـا مدام،
ڪنهن محبت سان مگر، من ۾ سندم مائين پيا.
شعر "احمد" جو اسان ڪي، آهي وينو منجهه وجود،
نت ڳلـي هر ڳوٺ ۾، ڳالهيون گهٽا ڳائين پيا.

غزل (٥٧)

تنهنجي صورت جي صفت، سڀ آپ، زمينون ڪن پيا،
صدق مـان صدقو سسي، سر، ساهه، سينو ڪن پيا.
قـرب مـان قربان توتان، ڪين هڪ آهيان قريب!
لـک خريدا خـــرچ، منجهه خدمت خزينو ڪن پيا.
آبرو جهڙو، اڇي ڪـو، لفظ لالـن ڪان نه سوم،
دم ڪتو، دم ڪانگ، دم ڪمتر، ڪمينو ڪن پيا.
ناهه پورو، پـُورتي آهـي، عجيبن جـــو انجام،
ڪنهن مهل ڏينهن، ڪنهن مهل، مقرر مهينو ڪن پيا.
لب سنڌئي شيرين، شائق، شـَڪر سان شـَڪر چون،
شين شڪر جـي مٺيو، سيني ۾ سينون ڪن پيا.
لک، پدم تي، پد مٺان! تي پرت پڌري پئي ڪنام،
يار يـاريءَ جون توسان، يڪسر يقينون ڪن پيا.
بي عقل جـي بـات ڇـڏ، باقي نظم ۾ بـي گمان،
جابجا "احمد" تـــي عـاقـل، آفرينون ڪن پيا.

غزل (٥٨)

مون ڪيا، جي نانگ ڪارا، سي ته ڪاڪـُل تي پيا،
قيد پائي قلب ڪـــي، قـربـان جت ڪـُل تي پيا.
وار واري، واس ڏيئي، ڪي لال لاڙيا لاڏ سان،
گـــڏ گلابي گـــل جـي، سايه دار سنبل تي پيا.
خاص، پانيم مون ڪي ڪيندا، هن خلق سڀ خون ڪئي،
نيٺ بحري بـــاز بکيا، بـــي توڪل تـــي پيا.
منجهه حقيقت، پئي حقيقي قلب ۾، هرڪنهن ڪشش،
هـــي بهاري گـــل، بهانا ڪاڻ بلبل تـــي پيا.
مـــاڻ ۾ محبوب سان، پانيم ميلي ماڻيان مـــراد،
ڪيو حسن هيڪار ڪو، جيئن هر طرف هـُل تي پيا.

ڪيا مقابل محب پنهنجا، عاشقن آئي الست،
تان سڄڻ منهنجا، سڄي عالم ۾، اڻ ملهه ٿي پيا.
رڪ سدا "احمد!" اندر ۾، عشق عربيءَ جام جو،
سڀ جُڙي جنهن لاءِ جڳ، گلزار، گل ڦل ٿي پيا.

غزل (٥٩)

سِر ڪلهن ڪاڪل ڪندون، لالن پڇي لاڙي چڙيا،
حسن وارا منجهه حسد، ساجن سيئي ساڙي چڙيا.
صبح سانجهي ۾ پيشاني، زلف زوراور زنجير،
وار و سير، وِهم پريل، تنهن چنڊ تي چاڙهي چڙيا.
زلف جو زنجير آهي، منهنجي، مصحف تي غلاف،
دين جا در دائما، تحقيق تنهن تاڙي چڙيا.
آهي "احمد" کي ازل کان، عشق، الفت اختيار،
سبق سورن جا سڄڻ، پينگهي اندر پاڙهي چڙيا.

غزل (٦٠)

آءُ تهِ گڏجي ڏينهن گذاريون، پئا گذاريا گهوري،
گهوريس اِن گهور تان، گهر گهر گهمن کي گهورڙيا.
دوست ڳوليون ديسيون، پيا دستخط، دستور ڪئين،
ڏور ڏوراپا نہ ڏي تون، مون تہ ڏونگر ڏورڙيا.
ماس منهنجي مان، مهيني ماس تي، ماسا نہ سير،
قرب جي ڪاتي ڪٽي، قاتل ڪلهن تان ڪورڙيا.
اڄ ڪيئم اڌ ڏينهن ويلي، آسامهون امتحان،
ٿيو سڄڻ سچ ڪان سوايو، هئي طرف مون تورڙيا.
هر نظر توڏانهن، منظور نظر! من منتظر،
ساهه ساري سير تو لئي، مون سويرا سورڙيا.
يار شل ڪن يادگيري، ياد مون کي يار، يار،
اڪ پڇي ٿي، جيءَ جهجي ٿو، هڏ بہ جهوري جهورڙيا.

انب، آمان آسامهان، پر انبورين جيئن اکيون،
سي چمُا چپ ٿا چُپينم، پر نہ چپ، تن چورڙيا.
مفت معذرتون نہ وينديون، غم عذر سان دم گذر،
رب احد سان بادب، احوال "احمد" اورڙيا.

غزل (٦١)

حادثا تنهنجي حسن جا، هاڻ هن حد کي رسيا،
جيئن رُپي ڍڪ، رُوپ وارا، رُو پٽي رد کي رسيا.
هئي صنوبر، سرو ۾، دعوا سِڌائي جي سدا،
ڪين ڪنهن پر، منجهہ بيهڪ، ڪامل سندي قد کي رسيا.
عشق ڊاران آدمي، آدم، نہ آدم جو ويا،
ان نصيحت جا نتيجا، نيڪ ۽ بد کي رسيا.
دوست آيو در ڪنان، ڪياسون ڏڪائي دور ٿيا،
سي وڃن خبرون ڪندا، خوني خوشامد کي رسيا.
شاهہ پاتو تاج شاهي، شام تائين پيو شعاع،
منهن ڏسي محبوب جو، مشتاق مقصد کي رسيا.
خواهہ يوسف، خواهہ زليخا، خواهہ حُسن وند ٿيا هزار،
ميڙ، نہ ماڻي هيڪ ۾، مرسل محمد کي رسيا.
دل دلاسن سان قوي ٿي، درد دُوريءَ جو لٿو،
اڄ عرب جي پار ڪان، آهياڻ "احمد" کي رسيا.

غزل (٦٢)

منهن پسڻ خاطر پرين، پينار پاڙي ۾ رهيا،
ڪين رهائين روح جي لئي، روح راڙهي ۾ رهيا.
منهن ڏسڻ جي لاءِ جا سين، محب! موڪل ٿي ملي،
چاڪ چينيندڙ بہ اوڏهين، چار چاڙي ۾ رهيا.
ڦٽ وڃن دل کي ڦٽيندا، فرق ڪهڙا منجهہ فراق،
ساهہ سنڌيون، جسم سوڏا، سوز ساڙي ۾ رهيا.

سينڌ سرمي سان ٻتّي ڪير، سير جو ساجن خيال،
زلف ڏاڍا لاڏ سان، لوٽن تـــي لاڙي ٿي رهيا.
ناز سان نازڪ نيڻئو، نيـزا نظاري ٿي رکي،
مـڙ مٺا ماٺهوءَ جيڪي، مهندا مهاڙي ٿي رهيا.
ٿو لـڳين مون مٺو، توٽي مٺو محبوب! چئينم،
ڳڙ، مٺايون تنهنجي ڳالهڻ، وقت ڳاڙي ٿي رهيا.
تون ته "احمد" کي ڏنين پيو، عدل جا عرصا عجيب!
دوست! تـاسين ديـد، ڏارو ڏار ڏاڙي ٿي رهيا.

رديف (ب)

غزل (٦٣)

مـه جبين محبوب سان، منهنجي محبت بر صواب،
کنهن ٻہ، صاحب حسن، صاحب ساڻ صحبت بر صواب.
حسن ڏاران حب رکـڻ، حبدار جي حب لاءِ داغ،
حسن جي آهـي، تہ آهـي، عشق البت بر صواب.
حسن گهرجي هر هميشہ، حسن کهڙو هڪ ٻہ ڏينهن،
هڪ ٻـہ ڏينهن لاءِ ناهـي، نينهن، نوبت بر صواب.
ڏس بهاري بـعـد بيدل! بـاغ، بلبل، باغبان،
گل سـُکا، گلشن چـُکا، هي غم، نہ غربت بر صواب.
موڪ مـاٽـن ساڻ ماٽڪ، مـن مـتـايـن ماٽيا،
روز شب شيرين لـب ۾، شهد، شربت برصواب.
ڏاريان، سي ڏاريان، دل ۾ نہ ڏاريان دوست ڏار،
قـرب، قرباني، قرابت، کـوڏ، قـربـت برصواب.
هين ٿـ هجان، يا هونئن هجان، پرجيئن هجان، تيئن هت هجان،
تخت، يـــا تختي متي، يـــا تنگ تربت برصواب.
اڄ ٻہ "احمد"، آسماهون، آرهہ ڏيئي ٻينو عجيب،
تـيـر، تـــارا پـــار تـَن مان، تيغ ضربت برصواب.

غزل (٦٤)

ٻال جـا ٻيرا ٻچيي، وينين ٻـلا، کهڙي سبب؟
ڪالهہ هٿ هٿ ۾ هيتي، اڄ هٿ ٺلا، کهڙي سبب؟
ٻهچ ٻيرن ۾ نہ پنڌ جي، هٿ نـہ ورنہ حـاج تـي،
کنهن ٻہ کم جي ناهي، ڪايا ۾ ڪـلا، کهڙي سبب؟

پرت ڪسي پڪ پڪئي جيئن، پرھ سئون پھتس پربن!
اڄ جبل جابر نہ ڪيا، جانـي! جھلا، ڪھڙي سبب؟
پاڻ ڪوليي پاس ڪولي، هين ڪنئيءَ ڪي ڪيئن ڪنيءَ،
خط هلايئـہ آھلي، پـوءِ هُل هَلا، ڪھڙي سبب؟
اڄ سچائيي ڪين سھڻان! سچ، سيئيي، صدقـي وڃان،
اڻ سچاڻو وٽ سچاڻو، هـي چَلا، ڪھڙي سبب؟
وَہ! ڪجل ڪاني اکين ۾، قيد ڪاڪل، ڪان قد،
وار، بـالا سر وَ سان، پيڙ ي بـلا، ڪھڙي سبب؟
تون آبر، تـون آبرو، تـون آب، تـون آبِ حيات،
سو، سيڪن، سڪ جا سُڪن ساوا سَلا، ڪھڙي سبب؟
چور چوري، هٿ نہ ڪائيي، تنھنجي پيچ، پيرو نہ پيچ،
چئو ٽلين ٽڪرين پلا، ڪيندو ڪلا، ڪھڙي سبب؟
دوست! هر ڪو دوست چائي، دوست پنھنجي دوست جو،
تنھنجو ”احمد“ تون نہ احمد جو آلا، ڪھڙي سبب؟

غزل (٦٥)

دوست دل ۾ خوش گھڙون، پر دم، ڏڙي تـو بي سبب،
پـاڻ ماڻھوءَ موڪلين، مون تـي مڙھي تـو بي سبب،
منھن مبارڪ ڪعبة الله، حوض زم زم جـو ذقـن،
ڪفر ڪاڪُل سر ڪلھن، ڪلمون پڙھي تو بي سبب،
سَچ آجھا من مينھن تي، پر مينھن ۾ مُنھن لئي سيڪان،
دوست دلبر! چـڏ دِلا، سينون سڙي تـو بي سبب،
هر محلّو هين مهل خوش، مينھن وسندي، مُنھن ڏيڪار،
قلب ۾ وسندي ڪڪر، ڪاڙھو ڪڙھي تو بي سبب،
هنج گِچي وارا! هنجون هاريو، پـُوان تـو لاءِ هـار،
ائين جيين جانـي! مَ چئو، جوھر جڙي تـو بي سبب،
لڪ لـھي لعلِ بدخشان، ليڪ نہ مَن، لڪ ڏي لڙي،
لب چڏيو لعلن منجھان، لب ڏي لڙي تـو بي سبب،

دب اندر آواز ڪـــي، آديءَ، اڳُن "احمد"! عجيب،
چور ڪونهي ڇانٽ تـي، ڇاڪر چڙهي ٿـو بي سبب.

غزل (٦٦)

ڇـــو ٿئين جـانـي! جـــدا؟ جٺري جلائين بي سبب،
ويهه تہ، تـــو مهندان مران، ڇو موڪلائين بي سبب؟
شوق شوڪارا هٽائيم، ذوق لـــئـــي دل زيـــر بـــار،
زيـــر بـــاري ساڻ زاري، زور لائـــيـــن بـــي سبب.
ڪوس ڪرين قيس ري، پڻ ڪيس ڇاڙهين تون قريب،
تـــون هلائون هِتِ ڪرين، تـــون هُتِ هلائين بي سبب.
هـــر هميشه گـڏ هجون، تبہ حسن ڏي رهندو حساب،
سَوَ پـلـو پاتم، نہ سِـڪ پـــل ۾ پلائين بي سبب.
ڪاٽ، ڪيٺا آئون نــہ ڇاٽان، ڪَٽ چڏڻ ڪونا خيال،
جـاچ ري، مون ڪـــي جيين جاني! جهلائين بي سبب.
جاچ ڪر جٺري، مـئـي جـي، ڪير هيي جلوا جهلي،
روح ڇـاڪـر جـــو چليو، ڇاڙون چلائين بي سبب.
بعض هٿ هٿ ۾ هـوا تـي، بعض حـجـري ۾ حجاب،
بـعـض ٿـر بـر ۾ بـيـهـاري، برغلائين بـي سبب.
آستاني، ري اوهـان جي، ڪٿ وڃي "احمد" عجيب،
ڪـوهـہ البيلن طـرح، الـبـت الائـيـن بـي سبب.

غزل (٦٧)

يـار جـانـي! شال جيوين، هـن جدائي جـو سبب،
دوست ڪهڙو در مـتـي، دربان، دائيي جـو سبب.
رب احـد ايجاد عـالـم سان، عـدم آبـاد ڪيو،
خاص حڪمت هڪ خدا جي، ڪل خدائي جو سبب.
ڪل خدائي ۾، خدا جـو قَسم، تنهنجو قِسم ناهِہ،
حسن تنهنجو هـن فـدا لـئـي، سِر فدائي جو سبب.

هن هزاري حسن تان، صدقي حياتيون صد هزار،
هڪ حياتي هت نہ ڏيندي، حق ادائي جو سبب.
باريابي جي بهاني، منجهہ بغل بڪري وڌم،
گهوريس، اِي گهور ڏيئي، گهر گهر گدائي جو سبب.
آئون تہ سڀ جو خير خواهہ، پر خار خر ڪي خوامخواهہ،
مِهر مون سان، مدعي لئي، مَن مدائي جو سبب.
اڄ طبيعت ڪي تپاسي، ڇيو طبيبن تپ نہ آهي،
بِرهہ هن جي بي سڪائي بي سُدائي جو سبب.
ڪير گهرندو گهر ڇڏڻ، پر هر گهڙي تون گهٽ مٺي،
آهہ "احمد" اهنج اِي، بس الوداعي جو سبب.

غزل (٦٨)

شمس جون شاخون نہ راسيون، سوجهرو ڪهڙي سبب،
منهن مگر محبوب جي، لايو اهو اعلي عجب.
سج بہ ايري صاف ٿيو، پر منهن لڪائي منجهہ ملهار،
شرم ۾ شايد پيو، صورت سپيريان جي سبب.
ملڪ سارا موهجي ويا، منهن ڏسي مهندار جو،
قرب مان قربان ٿيا، سج، چنڊ، ڪتيون، تارا، قطب.
حسن جا حورون هٽي دم، رات ٿيئيون روبرو،
شرم کان، ڏسندي شعاعن، شرط وريون هيٺ شب.
شڪر، ماماڻو سڄڻ، سينگار ڪيو ساري زمين،
هڏ، نہ حاجت ڪنهن ڏيئي جي، هاڻ منجهہ هند، سنڌ، حلب.
حاج بتين جي نہ هرگز، تان حشر هوندي حبيب،
آهي ڪافر، جو ڪري، بي شمع جي تنهن گڏ طلب.
چنڊ، سج ڪي سوجهرو، جنهن جو سجهائي سو سُجهيم،
اِي آسل نور الاهي، رب اپاريو منجهہ عرب.
علم "احمد" جو رسي ڇا؟ وصف ان جي ۾ عجيب،
ملڪ ۾ مَٽ تنهن جو موران، ڪيو نہ پيدا پاڪ رب.

غزل (٦٩)

توُن عجب، صورت عجب، سيرت عجب، صحبت عجب!
منهن عجب، مورت عجب، محفل عجب، محبت عجب!
سير ڪندي سرو بالا، باغ ۾ ڏيٺو ٿيم،
قد عجب، قدرت عجب، قسمت عجب، قربت عجب!
رات تنهنجي روبرو روشن، ٻه روشن روز جيئن،
زهر ظاهر تو هٿان، شير و شڪر، شربت عجب!
ناز، نخرا نازڪن جا، نوش دارون، نيش نانگ،
ان آليرن تي الڙڪي، تو لڳي البت عجب!
تير، تارا توبه توبه! گهور گولو توب جو،
حسن ڪان ڪم حوصلو، هي بت ڏڪي، هيبت عجب!
سُنهن صاحب جو نه جهلجي، ساهه تنهنجي سُونهن ڪان،
ناهي راٺا! رنگ هن سان، روح جي رغبت عجب!
راهه ساري رت رنگيي، ڏينهن رات ريهون روهه ۾،
تو طرف ايندي ڏنم، تربت پنيان تربت عجب!
آهي اول ڪان پڙهيو، "احمد" الف استاد ڪان،
نون پڙهندي، نيڻ سامهان، نون سان نسبت عجب!

غزل (٧٠)

ناز سان تنهنجو نهارڻ، آهي اِي ڏاڍو عجيب!
گهورڏيڻي، گهونگهٽ ۾ گهارڻ،آهي اِي ڏاڍو عجيب!
منزلن مهتاب جي جيئن، منهن ڏسڻ جا ماڳ ڏار،
برج جيئن برقعو بيهارن، آهي اِي ڏاڍو عجيب!
رات، ڏينهن جا پهر پورا، پر پيارل پل اندر،
سج ابارڻ، سج آلهارڻ، آهي اِي ڏاڍو عجيب!
سج ڪڪر چيري چڙهيو، يا چنڊ چوڏهين راسيو،
پوش منهن تان ڊول ڊارڻ، آهي اِي ڏاڍو عجيب!

واه جو سينگار صورت! سينڌ تان سوڌي پٽي،
گل ستان سنبل سوارڻ، آهي اِي ڏاڍو عجيب!
حوض دريا حسن جي وچ، حوض سامهون موج هيٺ،
نقش نيلوفر اتارڻ، آهي اِي ڏاڍو عجيب!
بي غرض بر ۾ بيهارئيي، هئو عرض پر ۾ بيهار،
داد جو دستور ڏارڻ، آهي اِي ڏاڍو عجيب!
دشمني، يا دوستي پٽي، ديس وارن سان درست،
پر مسافر مفت مارڻ، آهي اِي ڏاڍو عجيب!
کوهه زم زم جو زنخدان، لعل لب، آبِ حيات،
پر نه پانڌين کي پيارڻ، آهي اِي ڏاڍو عجيب!
منهن سجڻ سج صاف "احمد"! آسامهون انڌلٺ،
تہ بہ اکين مان آب هارڻ، آهي اِي ڏاڍو عجيب!

غزل (٧١)

ڪشي ڪان قهري هنيئي ڪو حبيب!
وري جنهن وجهي ويـــڌ گهايا غريب!
اکين تنهنجي اوري، هنيون ڪيو هلاڪ،
نـــهـــاري نهوڙه، نيئيي دل نجيب!
ڪري ڪان ڪڙڪو وريو ڏونهن وجود،
اڇي اوچتو پئو انـــدر ڪـــان عجيب!
وڍي جـــان، جيرا ڪيائـين ڪباب،
لنگهي ويم لئون لئون مان لوري لبيب!
سيڌا سور سيني ڪان، چـُٽڪي چڙهيام،
وڌس مرض محبت جي ماري مجيب!
مـُڙين ٿو نه مارڻ ڪان، منهنجا پرين!
بهادر تـــي بينين ڪهڻ تي قريب!
ڏينهان، رات ڏيندي مـــرض سان مٺا،
اچـــي پيم اوڏو اجـــل عنقريب.

حياتي جو حيلو هلي ڪونہ هاڻ،
مگر موت ڏيندو نيماڻي نصيب.
نہ اڄ ڪالهہ، گل نال ريڊوم، روح،
تواريو ٿي توڙاڻ آتس عندليب.
پڙهين جي، تہ پڙهہ ڪو سندو برهہ باب،
خطا آهي خطبو پڙهڻ پيو خطيب.
ڪٿي اڪ ڪيليو ساڻ "احمد" عجيب،
پسي رخ رضا جو رهيو رنج رقيب.

رديف (ب)

غزل (٧٢)

قرب ائئيي قلب ۾، قربان ٿي وڃ، ڪين ڪَب،
نوڪ نيزي ناز جو، نيشان ٿي وڃ، ڪين ڪب.
مرد مولا پيش ٻن، مَر پيا ملان مُرتد چون،
سونهن صورت تي، صفا، صنعان ٿي وڃ، ڪين ڪب.
بر، بيابان باغ ڀانئين، وڃ مينو ماڪيءَ مثل،
موج سان مجني مثل، مستان ٿي وڃ، ڪين ڪب.
ڪين ڪنڊن پر ڪَباءِ، جي گهرين ٿو گل گلاب،
بلڪ بلڪل بلبلِ بستان ٿي وڃ، ڪين ڪب.
سِر لهن، سوَ سِر ٿهن، سهسين سَرن سامان جِت،
سچ ته اوڏهين بي سرو، سامان ٿي وڃ، ڪين ڪب.
هڏ صدين جا، جيءَ پون، جي هوند هت لائن حبيب،
ان طرف تون هر طرح، تعبان ٿي وڃ، ڪين ڪب.
ڪوهه ديسان ديس ڊوڙين، دوستي جا دم هڻين،
دوستن جي در مٿي، دربان ٿي وڃ، ڪين ڪب.
دور پنڌان دهشتون، پر در لنگهڻ سان ديد عيد،
ڪنهن مهل محلات ۾، مهمان ٿي وڃ، ڪين ڪب.
جيترو وڃ ۾ جدايون، تيترو جور و جفا،
ڇڏ جدائي، يڪ جسم، يڪ جان ٿي وڃ، ڪين ڪب.
نائبي هيت ناهي ڪنهن نوري، نه ناريءَ ڪي نصيب،
خاڪ ٿي، پوءِ خاڪ تي، خاقان ٿي وڃ، ڪين ڪب.
عشق ۾ "احمد" بڻيي، اوڙاهه گل، اوڙاهه پُل،
مچ تي اچ، رچ پچ، پتنگ، پروان ٿي وڃ، ڪين ڪب.

رديف (پ)

غزل (٧٣)

آءُ، جيئين! الحمد لله، اڄ لٿم ارمان سڀ،
جٽ گهرين، ويهه يار جاني! جاءِ تو لئي جان سڀ.
تو مٿان سر گهوريان، گهر گهوريان، گل گهوريان،
تو مٿان گهورڻ مٿي ۾، آهي مون لئي مان سڀ.
ناهي مون وٽ تنهنجو مٿ ڪو، ملڪ ساري ۾ مدام،
سج، قمر، تارا، ڪتيون، تو تان ڪريان قربان سڀ.
تون نظر ۾ نازنين، تون نازڪن ۾ بي نظير،
حسن تنهنجي کان هجن، حورون، پريون حيران سڀ.
گل، هرڻ، هيرا نه تو جهڙا، ڪٿي هوندا حبيب!
بر گهمان، تونئي بحر، پيا باغ ۽ بستان سڀ.
ملڪ جو مهندار تون، تو وٽ ملڪ ڪن منزلون،
ٿا رکن خدمت جي خواهش، خان ۽ خاقان سڀ.
شعر "احمد" جو اڃي، آخر پُنون ان ڳالهه تي،
مست اهنجي عشق ۾، عالم، پريون، انسان سڀ.

غزل (٧٤)

سال گذريا، شال گڏجن! ڪنهن گهڙي، تبه پنهنجي سوپ،
ڏين مَن مُنهنڻا! ۾ ميٺهڻا، مُنهن چڙهي، تبه منهنجي سوپ.
قلب ڪاڪُل جي ڪڙي ۾، ڪيئن نه قدمن ۾ ڪيران،
هٿ ڪڙي ۾، يا هٿن هٿ ۾، ڪڙي، تبه پنهنجي سوپ.
ديد تنهنجو عيد اهڙي، عيد در تي دم، شهيد،
ڏي ڪتل يا ڏيئي قتل لئي، ڪا ڪڙي، تبه پنهنجي سوپ.

وِهه نه ماري مون ميان! جيئن جيئن پيان، تيئن تيئن جيان،
تو هٿان کھڙي ڪڙي، ڳڙ جي ڳڙي، تبه پنھنجي سوپ.
آج مـــران، اھنجاڻ لـئـي ھـئـي ھٿ، اوھان ڏي اچليان،
ھٿ گھڙيءَ ۾، پوءِ ڪر ھٿ ۾، ھٿ ڪڙي، تبه پنھنجي سوپ.
حـــل ٿيا مشڪل مـلـڻ سـان، نـاھـيـه مشھوري ملوڪ،
حق چـــون، توٽـي حقيقت، ھٿ گھڙي، تبه پنھنجي سوپ.
دوســت! اج دربـان سان، سر ڏڙ جي بازي ڏو بـــدو،
پوءِ ڏنـي جي ھـي مڙھي، يا ھُو مڙھي، تبه پنھنجي سوپ.
ھـن ڪيو ھيٺي سان ھاٿـــو، ساھـه ھاٿـي منجھه ھيڪي،
اج به "احمد"! جي اچن، لالـن لـــڙي، تبه پنھنجي سوپ.

غزل (٧٥)

ســـور صحبت سان لـهـن، صحبـت پنيان سُوري به سوپ،
منھنجي مـارڻ جـي، ملڻ ڪـان پـــوءِ، منظوري به سوپ.
گل، ڪنڊو گـڏ پاڻ ۾ جيئن، آئون، تون آھيون حبيب!
دُر پنيان دريـاءَ ۾، غـــوطـا ڪر غـــرقـوري به سوپ.
ڪٿ حڪومت سان حياتـي، مـــوت مـــوتيءَ جا ڪٿان!
مُنھن ۾ مت مھندار! تـو مھندان ته مزدوري به سوپ.
ھـــر ھميشـه حسن ري، ھـــونـدي ھندورن ھـنـــڏ بند،
پـــر پري پارن جـي، پاڙي ۾ ته پـــل پوري به سوپ.
دوست! تو ڏاران نـــه دارُو، ڏاريَن جيئن ڪر نــه ڏار،
روبـــرو، ڏينھـن رات راحـت، خـــواه رنجوري به سوپ.
سُوھن صاحب جو! نه وسري، سُونھن، صورت ساھه ڪـي،
نُورَ نُورٌ علـيٰ نُور، نـظـــر نـــوري به سوپ.
ڏي مـــزو مشتاق ڪـــي، جيڪي ملـي معشوق ڪـــان،
آبـــرو، بـي آبـــرو، يـــا انـب، انـــبـــوري به سوپ.
عـمـــر آخـــر ڪـي رسـي، "احـمـد" اميـدن ۾ اچان،
دوست آخـــر دم مـلـي، تان ديـــر ۽ دوري به سوپ.

رديف (ت)

غزل (٧٦)

پياري پرين ماڻ پريات بات،
تہ سڪ کان لڳيم سخت سڪرات رات.
قرارن ڪڍهن پار، بت بي قرار،
وَهي من اندر، ري ملاقات ڪات.
هينيون منجهہ حويلي حوالات ۾،
حوالات ۾ پيش حالات لات.
ٻنهيرڪي ۾ چڙيم، ٻنهو هي ٻنهور،
هليا هو وڃن هوت، هيهات هات!
لڳي ريت، بي ريت، پرسان پريت،
ڀلين، ڏي نہ مون تي بيانات نات.
ڏسان وار مشڪي تہ مشڪل چڙهن،
پسان منهن تہ، ميڙني مُهمّات مات.
هٽي گهنڊ، گهوڙا! تہ وِهہ کير ڪنڊ،
تون مرڪين تہ مون لاءِ ميوات وات.
ڏسيو آهڙا آهہ نڪريو وڃيم،
اچن اڳيرو جي تہ آفات فات.
ڀلو تون ڀلا! ڪر، ڀُلي سان ڀلي،
نہ ڏِس ڪم، ڪميني جي ڪم ذات ذات.
سڄڻ سچ، تہ ”احمد“ اڳيان انڊلٺ،
نہ اک مان ٻيهن ٻوند، برسات سات.

غزل (۷۷)

جـَت نہ رت پاڻي، نہ پت پاڻي، پـِرن کھڙي ٻہ پت،
تـِن جتن جيڏيون جڏي ڪئي جان، ويندس جيت ٻہ جـَت.
قـافلـي قـافـن ۾ ڪاهيو، ڪـوچ منهنجو ڪيچ ڏي،
هـن مـُجهاري ۾، رنجاڙي ۾، رُوان ڏينهن رات رت.
پير پهڻن ۾ نـــہ پڌرو، پـاڻ پهڻن تـــي هـــٹـــان،
هـِن، ڪي هـَن گس تان ويا، گونرن جي گهوڙا! گت نہ پت.
واٽ وَرَ وَرَ، وَرَ ڪنان، وَرْ وَرْ وريتيون وَرْ چون.
وَرَ لنگهي وَرْ ڳول، وَرْ وَرَ وَرَ نہ ڏيندي واٽ وت.
ڪنهن ڪي ڏوراپا ڏيان، ڪيٽ ڏوريان، ويا ڏير ڏُور،
ماڳ، مارڳ مـوت جهڙا، منزلن ڪـئـي مات مـَت.
رت روان ڏينهن رات، من ڪنهن ريت، رهجي پت پريت،
ڪـيـا پـُسائي پـــارچـــا اڄ، پنبڻين پـِرياٽ پـــت.
يار تـون، غمخوار تـون، دلـدار تون، دل نـار تون،
تن تهين تون، من تهين تون، تون تهين تون تات تـَت.
آڌ تيرچن آهـُڙن ڪـــي، آهہ سان ”احـمـد“ آڌار،
بـَرڪندا چا ٻـِرهہ ڪي، پـِچڙون نـــہ منجهہ برسات ست.

غزل (۷۸)

هي هنيون حيران هـي هي! آئـون هيٺي ۽ هوت هـَت،
يـــاد آري پـيـو، اکين مان، آب اوتـُون اوت آت
آهي هن ٽڪرِي تـي ٽانڊو، يـــا پنهل جـــو پرتوو،
ٻيهہ تہ جانچيان جوت ڪي، ڪريان نہ جـَت سان جوت جـُت.
عشق آهـــي ارڙ جيئن، اڙ ٻـنـگ مان رڙ، ٻـنـگ سان،
ان ڏنگيل ڏينهون چون، ڪارِيـَل ڪي، ڪوئي ڪو تہ ڪـُت.
ڏينهن ساڙي، نيهن ساڙي، پـــنـــڌ ساڙي سامهون،
رات ۾، ڪنهن ريت مـَن، ٽڏڙي ٽئي، رَت رو تہ رُت.

هوت هوندي، تون نه هوندين، هوت تو هوندي هئي،
هيت هُتي دل هوت هڪ سان، ڏيئي ڏاڍي ڳوت ڳُت.
جان سيسي ۾ ساهه، سَسئي! سَر بَسر سونڪا سوين،
جي لهي پاڻيين ته مون تان، موتُ، قَبۡلَ الۡمَوۡتِ مُت.
ڪانڌ، ڪانڌي سَن ٿئي، ”احمد“! اِها آهـــم اميد،
تنهن طـرف، تربت بـجـا، تانـگهاء، منجهه تـابوت ٻـُت.

غزل (٧٩)

پـنـي پتوڙيان پـاڻ ڪـي، پرنديم پنوهارن ساڻ پـَت،
سُوگ وڏ سينگار ڪان، سهڻو سنگارِينِ ڪاڻ سـَت.
مير! مارؤن ساڻ ميڙيين، مـــــاڙيـــون مارين مون،
موتيا گـــــل، خواهه موتي، موت جهڙي آهـي مـَت.
مينهن نـَيو ۾ نـئـي وهي، ٿئن سج نياپا نيت نوان،
وَر وطن ۾ وس، وَلين ڪيا ويس، ونندِي واس وَت.
خوش، ڪنونبا ۾ ڪـَنا ڪئين، ڪٽ ڇڙهي خشڪا ڪيان،
پيت پران پيئي رُوان، ڪنهن پـَت نه پوئي پانت پت.
پاپ هـــي پاپڙ، پلاهون، پاپڙين پايان نــه ڪجهه،
گوشت گوشي رک، اسان جو گاهه تي گذران گت.
رات رخصت، سان رضا، پر زخ ڦريل ڏينهن جو ڏسان،
سر ڳلن ڳوڙها ڳڙن، ڪانهي ڳنهير جي ڳالهه ڳت.
چاڪ مان ناچاڪ ٻت، چاقون ٻنان دل چاڪ چاڪ.
لال لـڙڪـن ساڻ لوئي، بوند بيهي ڪنهن نـه پت.
ڏَس ته ڏينهن ۾ هو اچو، ڪهڙو عمر جو ڪوٽ ڪالهه،
رات ۾ روندي رتـولـن ڪـي، لـڳو ڪنهن ريت رت.
اُر آنـدي آهيان، ”احمد!“ عـمـر جـي ڪوٽ ۾،
تَن ابـاڻـن، مـَن ابـاڻـن، تـــن ابـاڻـن ساڻ آت.

غزل (٨٠)

جهڪا جملي جواهر، لعل، جلوا يار جيت جيت،
مَلڪ، حورون پريون هي هي! همه حيران هيت هيت.
ڪُهو تبه ان طرف ڪاهيان، سُڪونت سان سيڪون لاهيان،
نهوڙي نينهن نيو آهيان، نهارا نيڻ نيت نيت نيت.
سوَن سالن جي آهه سيڪ، نه هڪ پيري پڇي هي هيڪ،
ڇُڪيل ڪئي ڇانٽ روئي ڇيڪ، ڇڪن ڦٽ، ڇاڪ ڇيت ڇيت ڇيت.
اندر ساڙو، بهر ساڙهو، هلي هٿنداس حب، هاڙهو،
ڪندم ڇا؟ قرب ۾ ڪاڙهو، ڇپر مون لاءِ ڇيت ڇيت ڇيت.
لهي انڪاءِ ڪهين انڪل، سنڌيون سپ سور، سينو سَل،
هجي سيني تي، سينون شل! هجي پت ساڻ پيت پيت پيت.
جتي مهراڻ ۽ موهر، جتي گلزار، گل، گوهر،
جتي جهاڪار ڪن جوهر، تُنهين تون تات تيت تيت تيت.
لئم سنهٽي سڄڻ وٽ سڄ، تڏو واءِ، وڏ ڦڙو ۽ وڄ،
نه "احمد" لئي آجهو پيو اڄ، ڪنديس آرام، اِت اِت اِت.

غزل (٨١)

اڄ به ڀونگن تي بهاريون، گل پٽن ۾ پات پات،
سُرٽ، ماندائا، مڏيئڙا، مَڪ سيٽن ۾ پات پات.
هُو ڪرو هَن ڪيٽ جو، ڪيڙيون به ڪيريون ڀيريون،
ڪن سنهان سُر پاڻ ۾، سرتيون سيٽن ۾ پات پات.
خط ڪٽي آيو ڪنياتل، خاص ڪاهڙ مان ڪرو،
موڪليا سرتين سنيهڙا سيٽ سيٽن ۾ پات پات.
ماڙين ۾ مَن مُنجهي، من ڪو وري ماروئن منجهان،
ڪوٽ ۾ ڪُوڪٽ ڪروڙين، ڇٽ ڇٽن ۾ پات پات.
هيت ادا! ڪهڙي عدالت، آدمي آزار ۾،
هُت پکي پانوَر ۾ خوش، آنا آڻن ۾ پات پات.

ماڙين ۾ مارئي، مارين مهٽا ماروَن،
اڄ به اوڀالا مليم، اکرن ڇڏن ۾ ٻات ٻات.
ڏيس ڪان ڪئي دور مون کي، دل دعا کهڙي ڪري،
پرهه ٻاراتا ڪڏان، ڀيٽيو پٽن ۾ ٻات ٻات.
آسرا لائم عمر مان، آس "احمد" منجهه احد،
يا خدا! ڪج خير تون، ڪيتا ڪيئن ۾ ٻات ٻات.

غزل (٨٢)

گهوٽ! مان گهرآءَ ته گوهر گنج، گهوريان ڏينهن رات،
گنج گهوريان، گل به گهوريان، ڦل به ڦوريان ڏينهن رات.
قرب ۾ قابو ڪئي، قربان قدمن تان وڃان،
ساهه ڏوري ۾ ٻڌي وڃن، ڏور ڏوريان ڏينهن رات.
فضل جو ڦيرو ڦٽي ڪو، نتہ ڦو ڦاٽان منجهه فراق،
سور ڪان سيرون سنڌين ۾، سير سوريان ڏينهن رات.
ساريان، گس سوريان، سرمي سليماني بجاءِ،
خاڪ قدمن جي ڪٽي، پانيان ته پوريان ڏينهن رات.
آئون هٽيڪو هاڻ پيرن هيٺ، هائيءَ تي حبيب،
جي ڇپينم تہ يکي ڇپ، ڇپ نہ ڇوريان ڏينهن رات.
آهوَن وانگر اکيون، پر عاد تين آهن عقاب،
ڌوت ڪارڻ تين، ڪلهن تان ماس ڪوريان ڏينهن رات.
"جي ڪهڻ جو قصد، مون کي ڪين هوئي" چيو قريب،
چو ترازيون، تير تارا، توتي توريان ڏينهن رات.
دوست! توکان دُور، دل ۾ داستانا درد جا،
آءُ ته "احمد" چئي، عرض، احوال اوريان ڏينهن رات.

غزل (٨٣)

آئون آيو آهيان ادب ۾، ڪر عرض تي التفات،
هڪ به غمزي سان غريبن جي، غرض تي التفات.

دوست! پيا سڀ درد لاهيين، آئون ٻ در تي دردمند،
ڪر مٺا محبوب! ڪو، منهنجي مرض تــــي التفات.
لـڪ لڳي ٿو لاڳ تنهنجي، حسن تي، موجب حساب،
لڪ ته لڪ، پر ڪڪ نه رکجي، ڪر قرض تي التفات.
ڪنهن سبب سج ڏي جهڪائن، سج سڄڻ کي خود جهڪي،
ڪر نـــه اهڙي مـدعـــي، ۽ معترض تــــي التفات.
ساهه ۾ هڪ ساهه جو، سينگار ٻــئـــا سـو ورسـڪن،
جــــان ۾ جوهر جهان، ڪهڙو عـرض تـــي التفات.
حسن جـــو حاڪم چڙهيو، حاضر هزارين هرطرف،
هر طرف ڪـان سر فروشي، جـــي فرض تــــي التفات.
عمر سڀ آزيون ڪريان، آزار تــــي اڳيـان تيـار،
پوءِ ڪجي "احمد!" نه اهڙي الغرض تــــي التفات.

غزل (٨٤)

جتي ڏونگـر سڄن ڏاڍا، ڪـتيان ڏينهڙا ڏهاڙيي آت،
ڪندو رب، روز توسان هين رهيل جيي شل رهاڙيي آت.
ڪڏهن هاڙي هنجون‌هاريان، ڪڏهن ڪافن ۾ ڪوڪاريان،
وهڻ وڪار ۾ وهه ٿيو، ونيون وهندي وهاڙي ات.
اهـــو ويچار ويچاري، تـــه آراميو جتـي آري،
سگهو سائين! رسائين مون، سبب سان اچ سياڙي ات.
مرون ماٺهن جي مارڻ لاءِ، ڪڙا نت خون ڪارڻ لاءِ،
ڪيس چولي، چـمر راهيي سڄڻ جـاڙيي سجاڙي ات.
سڄي سارو سجو ساڙهو، منجهس ڪارو تپي ڪاڙهو،
رڙيون ڪريو روان رڃ ۾، نه پسجي سڙڪ پاڙي ات.
قدر سين ڪم سندم ڪهڙو، اٿم "احمد" عزم اهڙو،
ڪـتا مـن ڪيچ جا ڪينـم، پسه ڏيندس، پڄاڙيي ات.

غزل (٨٥)

هيون ناريم ٿي، هٿن پار ڄيي، هاڻي هوا البت،
اڇي وارن جو، وا ۾ واس، ورتم واسوا البت.
سپني سنهڻا سوا لک جا، سوا لک، تو سوا ڪک جا،
نہ لائق لک سوا ڪک جا، مري سپني سوا البت.
سڄڻ هڪ، ياد سحري ۾، نہ حاجت حسن شهري ۾،
قبوليان جي ڪچهري ۾، تہ لِک ۾ لک سوا البت.
لٽا نيڙو، ويا ڏاڻا، اڄا ماڻن مٽي ماڻا،
ڪندا ڇا ڪار، ڪوهم ڄاڻا، هلي پئي چوچوا البت.
نہ راحت روح کي راتيون، ڪهن ٿيون قرب جون ڪاتيون،
جڏهن پيڙا ڪريون باتيون، تڏهن راحت روا البت.
جتي جڳمڳ ڏسان جڳ ۾، وٺي لک ڪوهہ پا لڳ ۾،
تہ آئون ڪر اچان اڳ ۾، پدم لک پيشوا البت.
اکيون "احمد" آتر ترسن، بهاريون بوند سان برسن،
دڙي تان دوست جو درسن، اٿم دل جي دوا البت.

غزل (٨٦)

وهہ واهہ! نيڻ نرمل، بت نرم نرم البت،
سج، چنڊ منهن مقابل، ڪن شرم شرم البت.
لب لعل، لعل لالي، اک خون ڪان نہ خالي،
دلبر! نہ سٽ دو نالي، سک ڌرم ڌرم البت.
جاني جيئي بچي شل! ميلو وري مچي شل!
رهندو، رهي اچي شل! پِٽ پرم پرم البت.
نڪريو ڪريان نگاهون، رويو پسان ٿو راهون،
ڪجهہ سرد سرد آهون، ڪجهہ گرم گرم البت.

خذمت، فرض خدم تان، گهوريان پدم پدم تان،
صدقي قدم قدم تان، کر ڪرم ڪرم البت.
"احمد" اميد چوندو، پريان جي پيش پوندو،
ٻئو در حرام هوندو، هت حرم حرم البت.

غزل (٨٧)

نهارج، نينهن نانگو آهي البت،
سنڀارج، جان کو سانگو آهي البت.
هلن هيرن تي، هيرا حسن جا هُو،
ويهن آڙ تي، اڙانگو آهي البت.
ڏيکاريو منهن سگهن، هر مهل محبوب،
مگر مُوڙو مهانگو آهي البت.
ملي دلدار جو، ديدار کو دم،
سري سر سان سهانگو آهي البت.
کڏهن سالون، نه صحبت ۾ سنيهو،
کڏهن سير کوٽ ڪانگو آهي البت.
ٻَڏو گرداب، گيرداگرد گيردو،
توکل ساڻ تانگهو آهي البت.
نديءَ ۾ يا خدا! ٿي، ناخدا تون،
ڏکيو لهرين جو لانگهو آهي البت.
ڏجهڻ کي ڏي تہ، تونري ڏينهن ڏس ڏي،
بکيو، بدخواه، پانگو آهي البت.
اَنس اڌ رات "احمد" کي احد سان،
ٻليو ٻانئي تہ ٻانگو آهي البت.

غزل (٨٨)

ڦٽي ڦارون ڪئي اڳ دل، ڪانهي هٿيار جي حاجت،
ويڙس تاثير تارن جي، ڪيهي تلوار جي حاجت.
ڳجها خيمان سڄڻ ڪوڙي، چڙهي چاڙهيءَ مٿان چمڪيو،
ڪئي پردن منجهان پوري، پرينءَ پينار جي حاجت.
صبح ويلي صبا جي واءَ، ڪڙي خوشبوءِ ڪئي گل جي،
پئي بلبل بيراڳڻ ڪي، گهمڻ گلزار جي حاجت.
ڪئم حيلا حياتيءَ لئي، سوا تنهنجي سٽا جيڪي،
پئي ناهي پرين! ڪنهن ڪان، گهڙي غمخوار جي حاجت.
جهڳڙن جهوري ۾ ڏيا منهنجا، سنها سرمي ڪنان اڳرا،
سڏيس سورن، نه سوري سين، نه سر سنگسار جي حاجت.
ڪلهن تان ماس ڪاتيءَ سان، ڏيان ڪوري قريبن کي،
پئي جي ماهه منهنجي ۾، مٺي مننار جي حاجت.
هينين ۾ يار ٿيو هڪ حل، ويس وسري وظيفا پٺا،
نڪا تسبيح جي طاقت، نه ڏم دستار جي حاجت.
بنا ديدار دلبر جي، نه ڪنهن سان ڪم ڪمينيءَ جو،
جڏي کي منجهه جدائي آهي، جانب يار جي حاجت.
اکين ۾ آدمي جنهن پر، وجهن سينگار لئي سرمون،
پئي آهيم تيئن پل پل، پٺي پيزار جي حاجت.
چوي "احمد" عهد ڪان مون، نه گهريو گنج، خزاني کي،
سدا آهيم هر ساعت، سچي سردار جي حاجت.

غزل (٨٩)

محب مهندار! منهن موچار، مل مختار ڪا ساعت،
سڄڻ! سينگار ڪر سهوار، سونهن ڏيکار ڪا ساعت.
سڪان سارييان، گنگهر گهارييان، ڪيهون ڪارييان، هنجون هارييان،
سٽي غمخوار جي گفتار، گڏجي گهار ڪا ساعت.

جڙيو عالم، بنيو آدم، ٿيو جنهن دم، امر آدم،
تهان اڳوار، جيءَ ۾ يار، ڪيو جنسار ڪا ساعت.
هنيون حيران، دل ويران، من مستان منجهه ميخان،
جسن هيڪار، هر ڪنهن پار، ڪر هيڪار ڪا ساعت.
اکين آگم ڪيو منجهه غم، متو ماتم، تو ڏاران دم،
اکين جا ٺار! آهڪي وار، ڏي آڌار ڪا ساعت.
لڳم لوري، جهيڻ جهوري، ذرو زوري نه ٿي ٿوري،
اهو آزار هلڪو ڪار، هينڙي هار! ڪا ساعت.
ڳڻن ڳاريم، ڏکن ڏاريم، محب ماريم، قتل ڪاريم،
تڳان دلدار جي ديدار، لئي دم وار ڪا ساعت.
ڪريان قربان، جيءَ جند، جان، ٿئي مهمان منهنجو مان،
رکي پيزار تي پينار، نيڻن نار ڪا ساعت.
سچا سيد، مٺا محمد! اچي "احمد" جا ڪر مقصد،
سندم سردار! سڻ سڏ، سار لهه سالار! ڪا ساعت.

غزل (٩٠)

هزاري حسن تنهنجي کان، هزارن ۾ حسد، حيرت،
پريون حورون پريشان حال، سين سنهڻن ۾ صد حيرت.
وريا ورلهه تي، ڪلهن تان وار، عجب سبحانه سينگار،
قتل ڪارين اکين جي ڪار، ڪاڪل قيد قد حيرت.
وڻن ٿا وڻ ويڻن ۾، سدا خوش سڻ سيڻن ۾،
اڙايم نيڻ نيڻن ۾، نه سر ناٿي نقد حيرت.
اکين مان آب آرتو ٽڪ، سڙان سڪ ۾ صفا هيت سڪ،
اندر جيڪي چوڻ سو چڪ، رُوڻ در تي به رد، حيرت.
پيس هٿ باز باشي کي، ڏسين تون ان تماشي کي،
لنگهيندي منهنجي لاشي کي، لڳائي لت، لکد حيرت.
مران آئون، تون ڪرين ماٺان، ڪڏهن ملنديم ڪو هم جاٺان،
سنڌيون بت سُور ڪان ساٺان، هيئين جو حال بد حيرت.

جيين جاني! وڃم جهاتي، تہ پٺي ڪونهي، هنس پاتي،
ڪرم بدران ڪڍين ڪاتي، ٻڏين ڪيڏو تون ڪڍ، حيرت.
ڏٺم ضو دؤر درين تي، جلي جي جلوه گيرين تي،
پوي ٿو حال پرين تي، اندر حورن وجد حيرت.
وهڻ ٿيو وهم، وجهان واهون، چنڊيو پرپر چڙين پانهون،
نہ ”احمد“ جون سٽي آهون، اجايو زور، ضد حيرت.

غزل (٩١)

الله توهار، ٻيڙا پار، بسم الله جي، برڪت،
ڪريان دلدار جو ديدار، بسم الله جي برڪت.
ٻڌم منجهہ بانگ قد قامت، قيامت سانگ قد قامت،
اکيون اسرار، ورسيئر وار، بسم الله جي برڪت.
مَلڪ موهيا انهيءَ مورت، چون سبحانہ صورت،
چون چمڪار تسي چوڏار، بسم الله جي برڪت.
گهمين جنت جيين جاني، هٽين حورن ۾ حيراني،
نہ جهلجن يار جا جهلڪار، بسم الله جي برڪت.
رکين ڪوهہ قاف ۾ قدمن، تہ پيرن ۾ پريون پدمن،
وڃائن وار، هٿ ۾ هار، بسم الله جي برڪت.
ڏسان تنهنجو تجمل ڇا، آهين موتي! مگر ملهہ ڇا؟
پري بازار، ڪل بي ڪار، بسم الله جي برڪت.
سنوارين گل مٿان سنبل، تہ بس ڪن باغ ڪان بلبل،
چتون چينگار، هنج هونگار، بسم الله جي برڪت.
ڏيان لالن سندم لوليون، جواهر گهوريان جهوليون،
چمني چٽڪار، گهر گلزار، بسم الله جي برڪت.
وٺي جي ولهہ ولهارن ۾، مزو ميلو مسلهارن ۾،
ڪڪر جي ڪار، وڄ وسڪار، بسم الله جي برڪت.

پکين ۾ پرهه جون لاتيون، پلين آئين، سنديون باتيون،
کُهَرَ، گلزار ڪن گفتار، بسم الله جي برڪت.
ڪڏهن صحبت ڏيو سنهڻان، پسان منهن پاڪ مَن منهڻان،
چمان ديـــوار، در در ڏار، بسم الله جي برڪت.
اندر آئي اَڪيرن ڪاڻ، ڪيجا ڦيرو فقيرن ڪـــان،
چمن پيراز ڪـــي پينار، بسم الله جـــي برڪت.
اندر "احمد" احـد الله، حڪم بـــر چشم بسم الله،
گهر گفتار، ڪلمي ڪار، بسم الله جـــي برڪت.

غزل (٩٣)

ڏس خلاصي، خاص خلوت، خـارخـر! ڪائيندو وت،
لنئون لـڳڻ ڪي ويئي لـڳي، جيڪا لڳئي لائيندو وت.
پيچ پينگهي ڪاڻ برئين سان، لنئون لڳي لولي اندر،
عشق جي تيج آهي هـي، دائي چيم ڏائيندو وت.
سيج تي سج، يا سجڻ تون، ڏيه سجي تي ڏينهن اچ،
رات چَهري ساڻ چمڪي، چنڊ تون چائيندو وت.
گهائيو گهوڙا! وجين تون، گهوريس، گهوڙي سوار،
گهور پنيان گهور ڏيئي، هر گهڙي گهائيندو وت.
سنئون نهارين سـَو نهوڙين، سئو نهوڙي سئون نهار،
نـوڪ نيڻن نـــاز سان، نوڪر مٿي نائيندو وت.
منهنجو سينون طورسينا، تون تجلي نـــور جـــي،
بلڪ بـجـلـي، تـَن تجلي، تاب سان تـائيندو وت.
دم م َ چئو، تان دوست دلبر، دور مون ڪان دير ڪان،
ڳڻ مٿي ڳڻ، ڳل مٿي ڳل ڳالهيون ڳائيندو وت.
هٿ ٻڌي سامهون هنيين تي، پوء عرض "احمد"! ڪجي،
پاڻ پرچن، يا نہ پرچن، پـانـڌ تـون پائيندو وت.

غزل (٩٣)

گل بدن! منهنجي بدن ۾، باھ ڀڙڪائيندو وت،
ڪَر ڀجي، ڪانيءَ ڪجل سان، ڪان ڪڙڪائيندو وت.
ڪول سهڻا! سونهن ڪي، رڪ سينڌ سان سُوڏي پٽيي،
دائما دل دام ۾، لعل! لڙڪائيندو وت.
ڪنهن گُڏهہ، گابي هٽان، گل باغ ڀلائي بہ ڪير،
هي هرڻ اڪيون هنيين ۾، وير! وڙڪائيندو وت.
ڀال کھڙو ڪن ڀلا، جن جا ڀرون ڀالن مثال،
داد ڪونهي دانهن جو، ٻڙهہ ٻڙهہ تي ٻڙڪائيندو وت.
ڪانگ تير جو قوت کھڙو؟ قلب، قالب سان نہ ڪم،
مفت مَهري مهر جي سان، چو نہ چڙڪائيندو وت.
دل بہ هڪ، دلبر بہ هڪ، دلبر گھٽان دل ڏهہ ڪٽان،
تون اکيون ڦاڙي، نہ ڦاڙهي ريت، ڦڙڪائيندو وت.
هي اٺيون اکين، تہ "احمد"! ڏک اندر مان آر پار،
ٻاڻ ڪي، ٿوري ٽيڻ سان، ڪين ٽڙڪائيندو وت.

غزل (٩٤)

واھ سنهٽان! سونهن تنهنجي، ساھ ڪي سيريندو وت،
ڪئين ڪبوتر تيرڪٽي تي، ڪان سان ڪيريندو وت.
آپ، زمين آڏا، نہ اڪ ۾، اڪ ملائڻ ڪي اچن،
گام، گس، گھر تڙ گھٽي ۾، گھور سان گھيريندو وت.
ڪن لڳائي ڪالهہ وينو، پير جي ڪُڙڪي تي ڪَر،
سو چيتو چمڪار تي، چرجي تہ چا؟ چيريندو وت.
هيج مان ڀانئين هجن، هيي هنجهہ منهنجي هنج ۾،
هنج ۾ هاري هنجون، هيرن مٿي هيريندو وت.
دوست دريا حسن جو، ويٺي دل بہ اِن درياءَ ۾،
هٿ اچي هي هي! نہ هاٿي، ٻن ٻلين ٻيريندو وت.

ڇھنب ۾ نئي ڇانٽ تي ڇڏ، يا اُچل ايوان ۾،
يا قيلعي تي ڪاڳڙا! دل جو نڪر ڏيڙيندو وت.
هر هنڌان منھنجي هنيين تي، حسن جا حملا هزار،
هي املھہ، هو پڻ املھہ، ”احمد“! اکيون ڦيريندو وت.

غزل (٩٥)

مست، مستو مست، مستو مست، من مستان مست،
مست مستو ملڪ سڀ، مسجد مڙهي، ميخوان مست.
تار تازي سان ترايون، هر طرف تاڙن تنوار،
مست گل گل، مست بلبل، باغ ۽ بستان مست.
مست ڪيرٽن لاءِ ڪوٽيي، مست ڏس چنڊ تي چڪور،
مست شعلن ۾ شمع، پيڙ ۾ پچي پروان مست.
مست مجنون، مست ليلا، مست قاضي قهر ۾،
مست ساهڙ، مست سهڻي، مست مند، مهراڻ مست.
دل لڳي، تهدل تڳي، منزل پڳي، محفل لڳي،
مست ساقي، مست ساغر، ساز ۽ سامان مست.
هر حسن، هيرا هزارين، هنجھہ، هرڻ، حورون، پريون،
ناهه جيءَ ۾ جاءِ ڪنهن، تولاءِ جاني! جان مست.
گھم سچو سنسار سنهٽا! پر سُڄي مون سج نہ چنڊ،
حسن تنهنجي ڪيو هٽي، هي هي! هنيون حيران مست.
عمر ساري، انتظاري، آهي ”احمد“ ڪي عجيب!
آءُ تہ قدمن تان ڪيري، قربا تيان، قربان مست.

غزل (٩٦)

مور! مورت ۾ ڏسو مارين، ماريو ماريندو وت،
ڏيل جيئن وڪ ڏيول! ڏارين، ڏاريو ڏاريندو وت.
مور! مرڪڻ مان نہ ٿيو، مرهم مرض منهنجي جو مُور،
بلڪ ٻرڪيو لوڻ ٻارين، ٻاريو ٻاريندو وت.

تنهنجو هٿ ٺاري هينئين کي، هٿ هٽائين ڇو؟ حبيب!
هڻ تہ، ٺپ دلٺار! ٺارين، ٺاريو ٺاريندو وت.
چنڊ چوڏهين سج ڏسڻ سين، سج لٿي تائين بہ سج،
دوست! تون دم ڏار ڏارين، ڏاريو ڏاريندو وت.
تو مٿان تُنڪا ملن، تن منهنجي تَن ۾ تُن ڪيا،
تون بہ چئين گهايل ٿو گهارين، گهاريو گهاريندو وت.
ڇيلهہ ڇابڪ، نرم نازڪ، لوڏ لڪ جي لاڏلا،
وار جيئن هر وار وارين، واريو واريندو وت.
دوست ڇيو ديدار ملندء، دير، دوري بعد، دم،
شرط سارڻ جو ٿو سارين، ساريو ساريندو وت.
پنج، يا پنجاهہ ڪوهن، پرت کي پورا بہ پير،
پرهہ سنئون پيغام پارين، پاريو پاريندو وت.
آب "احمد" جي اکين ۾، اڄ ڏسي آکيو عجيب،
هير تي هيرا ٿو هارين، هاريو هاريندو وت.

غزل (٩٧)

نيت نوان جنسار جاني! جابجا جوڙيندو وت،
سر ڪلهن ڇوڙي ڇتيون، ڇيرا ٻلين ڇوڙيندو وت.
گل بدن جو گشت گلشن ۾، گلن تان هير جيئن،
وڪ وٺي ڪيل اک ڪٺي، خنجر هٿي ڪوڙيندو وت.
منهن ميڙئي پئا ميهن ڦڙا، تون حسن جو دريا حبيب!
لهر سان ٻيڙا ٿو ٻوڙين، ٻوڙيو ٻوڙيندو وت.
سک ڦٽو، سڪ کان ٿو ڦاڏان، ڏي نہ سنهڻا! سُک جواب،
جي نہ ميڙيين، مان مارين، پر نہ منهن موڙيندو وت.
هڪ ڪٿوري، خون ٻئو، لڪٿا نہ آهن لوڪ ۾،
لوڙهہ لالن! مر لٽين، يا لهر ۾ لوڙهيندو وت.
منهنجي حاجت ري، نہ حُجت، جي هلن حجت هُتي،
مغز تين، ڦوڙاء جي، ڦوڙاٽ سان ڦوڙيندو وت.

تون برابر باغ آهين، پر نہ "احمد" جي اميد،
چئو ڪڏهن ڪوئي تہ، گل ڏاريءَ منجهان ڏوڙيندو وت.

غزل (٩٨)

پهہ سامهون، سونهن ۾ سنهڙا! سين سازيندو وت.
سر ڪلهن ڪاڪل ڇڏي، شمس و قمر ڪاڙهيندو وت.
هن مهل موهر تي مينهڙا، ميهر سان منهڙو ڏيکار،
وار واڙي جيئن وئي سنبل، چنڊ تان چاڙهيندو وت.
تو کي بابن جيئن پلا! پانيان تہ، پيرا ڏيئي پڙهان،
تون الف تان لام لالن! سچ لڙي لاڙيندو وت.
ياد حافظ، يار! تنهنجي، يادگيريءَ سان تيس،
نيڻ صورت نون جي، پاڙي پنڌن پاڙهيندو وت.
هنج ۾ هاريان هنجهون، متن هنجهہ! هيرن تي هيرين،
پاڻ ڳالهائين تہ، ڳوڙها سر ڳلن ڳاڙيندو وت.
حسن حيرتناڪ هي هي! هي هرڻ اکيون حبيب،
ڪيل ڪٽي، خنجر هٽي، قاڙهي مثل قاڙيندو وت.
آستانو ڇڏ نہ "احمد"! آس ۾ رهہ، آس پاس،
دوست در پوري تہ، تون تاڙي منجهان تاڙيندو وت.

غزل (٩٩)

وصف ور ور يار هڪ جي، ورق پيا ويڙهيندو وت،
وار سپ جيئن، وات سيپ، موتي مٽيان ميڙيندو وت.
ڪوهہ گوگهيتا ٿو گهورين، ڪوڏيون ڪنڌين مٿي،
من ڪٽان موتي ملن، ڪارو سچو ڪيريندو وت.
ناز سان نازڪ نهاريو، مون نمي ڪيڙو نياز،
گهوريس ان گهور تان، گهاءُ گهٽ اندر گهيڙيندو وت.
خار خر، ڪيندو نہ رهہ، لاهيان نہ خلوت جو خيال،
پير تان پاٺهين ٿڙن، تن تيڙ ڏيئي تيڙيندو وت.

رات ڏينهن رت ريت ۾ رو، ڪيل جلدهن کو خير ٿئي،
مفت مکري جيئن نہ مُڪ، ڏہ ڏہ کندو ٽيڙيندو وت.
هن اکين ساميهون اکيون، آخر جهلڻ جو آسرو،
قلب کي ڦهري جهلڻ سان، ڪيترو ڪيڙيندو وت.
عذر انگل جـو اجايو، آهي "احمد"! اعتراض،
رڻ ڪرڻ راڻن جو ڪم، جانسين رڙهي ريڙهيندو وت.

غزل (١٠٠)

گهور گهورون، جي بہ گهورين، گهوريو گهوريندو وت،
ڦور ڦـل، جيڪي بـہ ڦـورين، ڦوريو ڦوريندو وت.
مـرحـبـا! محبوب آيـو، هـر محلي محفلون،
اور، جـو احـوال اورين، اوريـو اوريندو وت،
ڪوهہ ديسيون دور ڳولين ،دوست دلبر دل اندر،
ڏور سمجهو ڏيـہ ڏورين، ڏوريـو ڏوريندو وت.
ڪنهن بہ ميهڻي تي، نہ من مُهڻون، مٽي منهنڙو مدام،
پل پتر بـدخـواهہ ٻـورين، ٻوريو ٻوريندو وت.
برهہ خود بـروو بنايس، بت بچائـي چـا ڪريان،
مر ڪلهن تان ماس ڪورين، ڪوريو ڪوريندو وت.
همتِ حياتيءَ تان ڪنيو مون، حسن ڏسندي هوش گم،
تـون تراريـرن، تير تورين، توريو توريندو وت.
تنهنجو، توسان آهيـہ، تنهن هوندي، بہ تون، تو کان پري،
جيءَ جهجڻ، جهوري ۾ جهورين، جهوريو جهوريندو وت.
جاڻ، وَهراڙو وِهاڻيان اڳـ، وڪوڙي واٽ تي،
چست چانگهي چـور، چورين، چوريو چوريندو وت
دير جيئن جيئن، خير تيئن، "احمد"! اوس ايندا عجيب،
وَر سوپـرا سير سورين، سوريـو سوريندو وت.

غزل (١٠١)

ساهہ نولئي ٿــو سکي، سڪ جي ٿبوتي بيت بيت،
ڪن صفت تنهنجي سدا، تــاڙا ڪر طوطي بيت بيت.
ڏر ڪيڏي درياهہ مان، مون دوست! دهري ست سري،
اي پيارا! تنهنجي پائـــڻ ڪاڻ پــوتـــي بيت بيت.
هت نہ ڪا سسئي، نہ سنهٽي، سُنهن! تنهنجي سُونهن جو،
پـر پڙهن ڪنهن بـي ارادي، سان آڏوتي بيت بيت.
چـــو چوالئي چئو پئا، قاصـــد ڪٿان آٿيان قريب!
درد اورڻ لاءِ تـــو، در دوست ڏوتـــي بيت بيت.
هي غزل ڳائـڻ غلط، غم ڪاڻ غـُمزن ساڻ پاڻ،
دوست! داغن درد جي ڪان، دل نہ ڏوتي بيت بيت.
تنهنجون ڳالهيون ڳائڻن ۾، ڳيت ڳائن ڳوٺ ڳوٺ،
رنـگ لائـــن ٿيون رهـاٽيون، راجپوتـــي بيت بيت.
بلبلن ۾ بــات تنهنجي، تات "احمد" کـــي عجيب،
لاش کـــي لاشڪ بنائـــي، لايموتـــي بيت بيت.

غزل (١٠٢)

رُوان رت ڦــڙا، رات رهہ، ڪنهن بـــہ ريت،
اسر سين آجـــاريـــون، پـــراٽـــي پـريـت.
بـَـڌم هٺ ادب جـــا، هنيين تـــي حبيب!
نـــہ ڪـُر کي لجايـــان، ڪري ڪا ڪـُريت.
محبت جـــو مـــيـــدان محبـوب هـــٺ،
وٺـئـي فـــاتـــح ڏي، وٺـــي فـتـح، جيت.
مران دوست در، مـر دفن ڪن، نـــہ ڪن،
ڪٿا، ڪانگ کـيـنـم، ڪر جيـتـام، جيت.
پلين مار، يـــا ميڙ، پـــر منهن نـــہ موڙ،
نـــہ نـاتـــو ڦـٽـائـــڻ، سندي نـــات نيت.

رکي خمار، خر خيرخواهي ٻجاءِ،
وجهي وات اڌ رات، آڀتو اتيسَت.
نه مون ڪان پلءُ، تون پلءِ ۾ پلينس،
نه پلجي پليتن مين، ڪنهن پل پليت.
ٻلي عيد آيو، اڳڻ تي عجيب،
ٻُڌم ڳوٺ ۾ ڳالهيون، ڳاج، گيت.
عجب فيض، ”احمد“ عطا ڪيو عجيب،
ڏيٺي گهور گهوڙا! ڪئين گهر مسيت.

رديف (ٿ)

غزل (١٠٣)

ڏو ڏسان دم دم دوناليون، دوست! دلبر تنهنجي هٿ،
منهنجي هالاڻي جو حيلو، آهي حاضر تنهنجي هٿ.
ڪيئن سنڀالي ساهه ڪي، سنهٽان سگهان سورن ڪنان،
جان خنجر آهي مخفي، خون خاطر تنهنجي هٿ.
ناهي مون ڪي اختياري، آهيان بي اختيار،
مون ڪي ميڙڻ، خواهه مارڻ، سڀڙ ميسر تنهنجي هٿ.
قرب وارن سر ڪپي، قربان قدمن تان ڪيا،
رنگ تن جي رت جو راٽا! آهي اندر تنهنجي هٿ.
ناهي جانب! جان مان، تو ري غرض ڪو هن غريب،
لاهي سانگو ساهه جو، ساجن! ڏنم سر تنهنجي هٿ.
ڪيئن دفع ٿئي درد دل جو، ڪيئن وهي واچا مٿم،
ويڙهجن واسينگ ونگر، زلف ظاهر تنهنجي هٿ.
مُلڪ سارو ميلڪ تنهنجيي، خواهه ماڻهو، خواه مَلڪ،
عرش، پون، آب، فرش عالم، جمله انور! تنهنجي هٿ.
حڪم تنهنجي هيٺ آهن، حڪم وارا لک هزار،
سؤ سليمان زير فرمان، سؤ سڪندر تنهنجي هٿ.
پير پائن جت پرين، سا خاڪ، چٽ خاقان ڪاڻ،
ڪيترا ڪسرا ۽ قيصر، نيچ نوڪر تنهنجي هٿ.
شمس ۽ شمشاد جو، نيو تنهنجي قد ۽ منهن قدر،
سروَ وانگر سر ڏنون، نائي صنوبر تنهنجي هٿ.
وڻين سڀ عالم کان سڄڻان! سونهن ۾ سرسي ڪٺي،
ٿا لڳن جانب! جهڪا، حلوي ۾ جوهر تنهنجي هٿ.

موکليم محبوب! تو ڏي، ڪيترا ساري سلام،
ڪو ڪميني جو ڏنو، ڪاغذ ڪبوتر تنهنجي هٿ.
ٻن جهانن جا وسيلا، ور وَلهين پاسي وري،
هو رُليون جي روهه ۾، تن راهه رهبر! تنهنجي هٿ.
مرض، ماتم، موت، محشر، ميڙ محبت سان رهن،
جيئن ابوبڪر و عمر، عثمان، حيدر تنهنجي هٿ.
علم عالم ۾ گهٽون، عالِم گهٽا عالم اندر،
پر سچائي جو سبق، سردار، سرور! تنهنجي هٿ.
مون مٺ ۾ مور سستي، ڪئي نہ "احمد" چئي اصل،
پر ٿيئي قسمت سندم، قيوم، قادر تنهنجي هٿ.

رديف (ٽ)

غزل (١٠٤)

گهمڻ گلزار ۾ آيس، تہ من جهوري لهي جهٽ پٽ،
تہ ساڳي بيقراري باغ ۾، جهڙي اندر جهٽ پٽ.
سدا سِڪ ساھہ کي ساڙي، گُلن سير لڙڪ سج لاڙي،
پکو اڏيم پِريَن پاڙي، چون پاڙان پکو جهٽ پٽ.
چڙيان صحبت سپيريان ڪيئن، هنيون هيرن سان هيريان ڪيئن،
نہ نبري نينهن نبيريان ڪيئن، لڳم ڪو لوھہ جو جهٽ پٽ.
جهُان جهاڄا جهمڪ جهوڙل، توسان ڳالهيون ڪهٽيون ڳوڙهل،
محبت آهي پٽ موڙهل، سڄڻ! سمجهي بہ ڪيئن جهٽ پٽ.
مَ ويهہ محبوب! منهن موڙي، وري جس ڪٽ جشن جوڙي،
اندر ۾ ويهہ اڪيون ڪوڙي، جتان جاني! وٺي جهٽ پٽ.
وچن تن من طبل تيرا، جبل ڏسيو جلن جيرا،
پرين! تنهنجا پسي پيرا، سڃاتم پوءِ صحي جهٽ پٽ.
ڪيا سڄڻ سنجهي سعيا، پرهم سان پير گهر پايا،
اڱڻ موڙي، اڱڻ آيا، آئي "احمد"! اڪيون جهٽ پٽ.

غزل (١٠٥)

جهليا جهاڄن تتا جهلڪار، جانب! جيءُ نہ جهٽ پٽ جهٽ،
گهمان هن گس، ڪي هن گس تي، تہ گهونگهٽ، گهُور
گهٽ گهٽ گهٽ.
سِڪن هن حسن کي حُورون، گهٽون گهائن ٽيون گهُورون،
چڙهيون هو تير تي طورون، پنهين پاسن پيسٽ سٽ سٽ.
حقيقي حسن جي، هوئي، تہ پيڙ پاٺهين پتنگ پوئي،
پيو مر مفت منهن ڏوئي، نہ هلندو هاڻ پَٽ سُٽ هَٽ.

هٽي ٻالا ٻرون رمتي، پراڻا ٿٽ ڀرون هستي،
نه ماري چڏ، ميرون هستي، لٽن سان لوڙهه لٽ لٽ.
نڪت پائن نقابن ڪيئن، ڇڪي هيٺون حقابن ڪيئن،
اکيون آهن عقابن جيئن، هٽي اندر آڦت ڦٽ ڦٽ.
ٻره بازار ۾ بازي، ڪنا غمزن گهٽان غازي،
خبر هيءَ خير جي تازي، ته هٽ هٽ تي، مٿهٽ هٽ هٽ.
پکي ڦاهي اندر ڦاٿم، سچڻ منهٺون سدا ساٿم،
لنگن لالن جي هٽ لاٿم، ته پنڙا ڪر، نيپٽ پٽ پٽ.
ابر، آب و هوا جانچيم، سندئي صحبت سوا جانچيم،
تو ڏاران هر دوا جانچيم، ته جيڪي منجهه جڳٽ ڳٽ ڳٽ.
گهميس بر، باغ، بازاريون، اکيون تبه آوءِ آزاريون،
زيارت لئي ڪريان زاريون، نه ونيان ٻئو، تو وٽ وٽ سٽ.
تون هڪ، لڪ، لوڪ سارو ليڪ، تون خوشبوءِ، خلق ساري ڪيڪ،
مٿي ڪر ڏک سندم ڪي ڏک، ته مرڪان ڍول وٽ ڏٽ پٽ.
نيبهندئي ڪين هي ناٺا، مٿا ڪر مال تي ماٺا،
وهاٽي رات، ڏس راٺا! ته چيٽ چوڏار چٽ، چٽ پٽ.
آٽئي "احمد"! اندر آرا، تنه ويروتار، وه وارا!
آبن آيرن آڪٽ تارا، آڪٽ مان ڪو نيڪٽ ڪٽ ڪٽ.

غزل (١٠٦)

نه تون ڪو مير! مارئي وٽ ميٺن مٽ،
ٻٽين ٻڻ ٻڻ ڪندو، جيئن منجهه ٻٽن ٻٽ.
پکن مان ڪنهن پکيءَ پيغام آندو،
ته مارئي ڪين ماڙين تي ميٺن مٽ.
ڪياڙي ڪير ڏي، ڪاغذ سندن ڪي،
نظر منجهه هن نوشتي جي سيٺن سٽ.
ڪرو، منجهه ڪيٽ، ڳالهيون ڳاهه جون ڪن،
سڄم سرتين جو سڏ، ويهي، سيٺن سٽ.

نـہ سھنديس سيج تي، سر سج نـہ آيري،
اٿم ڪنڊڪو تہ ڪيئي ڇا لئي، ڪٽن ڪَٽ.
مـٽـي مصري، وطن ويـنـدم نـہ وسري،
ڳٽيان ٽـي، ڳاٽ لئي ڳڙ جي ڳٽن ڳَٽ.
عـمـر جـو ڪوٽ، آهـنـن سان آڏايـان،
ڇُهاڪن سان ڪريان، ڇاڙين ڇٽن ڇَٽ.
پـڙهـان پيغام پـاڙيچين جـيـئـن تـون،
ڇيٽي ڇاٽـي، ڇٽـي حـرفـن ڇيٽن ڇٽ
عمر جـو ڪوٽ، "احمد" اڄ نـہ آبـاد،
ڪيو مـاڙيـن ڪي، مارئي جي پيٽن پَٽ.

غزل (۱۰۷)

ڪا گهڙي گل سان ڪئي، سون گفتگو گلزار وٽ،
بـاغ جــون بـاتيون اچـــان، سي بلبل بيمار وٽ.
بحر ۾، بـــر ۾ ٻلي، يـــا بـاغ، يـــا بـازار ۾،
دوست! ڳوليم ديسيون، پـر دل لڌم دلدار وٽ.
ڳوٺ ڪان ڳالهيون ڳرائين جي، ڏيڻ جون ٿو ڳٽيان،
هٽ همارو هـــي هجي هـا، هيٽ حمائل هار وٽ.
ڪوڙ سان ڪوشش ڪريان ٿو، قلب ۾ ڪيڏي ڪشش،
هورڙيان هٽ هـار وٽ، پـر هاريان رت هار وٽ.
ڦڻ ڪنئي ورـير ڪـ، وارن ۾ ڦٽي ڦرنـدي ڏنم،
ڇيلهہ ڇابڪ ڪان سنهي، ڪر هٽ وڏي پيو وار وٽ.
من مُٺهن، محبوب مليئم، مينهن وسندي هـــن مهل،
زلف ڪاري وٽ قمر، بجلي ڪڪر جي ڪار وٽ.
قطب، ڪتيون ڪوهـہ چمڪن، خواهہ قنديلن قطار،
روبـــرو رونـق ڇـــڏي، روشن قــمــر رخسار وٽ.
زلف زنگي فوج جيئن، ڪنهن زر، خزاني تي ضرور،
چار تير چار ئـي طــرف، لاچـــار چاري چار وٽ.

رات کھوڙي ريت گذري رس، ڪِ روسامي اندر،
آھہ! نڪتي اڄ ٻہ اونھين، آھريم إنڪار وٽ.
تون سڄڻ! سرچين نہ سرچين، تہ سدا سر چانٺ تي،
در ڇڏي دلبر نہ ويندس، صلح لئي سرڪار وٽ.
عيد ذوالحج، عيد رمضان، پيون ٻہ عيدون عام جام،
عيد ”احمد“ لئي اھو ڏينھن، يار جنھن ڏينھن يار وٽ.

غزل (١٠٨)

مِٺا مير مرسل مدينې جا گھوٽ،
مٿم ويل مشڪل جي، محبوب! موٽ.
نہ آرام آھيم، اصل تو ٻنان،
اجھو، آجڪو ناھي، آڌر، نہ اوٽ.
ھنيون تيم ھيٺو، حجازي حبيب!
ڪري ڪانہ ڪائي ڇڳيءَ ڏانھن ڇوٽ.
تيس ھار جي، ھندّ ڪسَٽڻ جي، ڪٽنل،
سڄي ويم، سوڌي جيي، ٽيٽي تي ڏوٽ.
نظر سان ڪرين پنھنجي، نرمل! نرم،
ڪنٺ قلب ڪارو سندم سخت سوٽ.
ڪندين ڪنھن ڪميني تي جيڪو ڪرم،
تہ پوندي پريم ڇا، خزاني ۾ ڪوٽ.
جڏھن گھوٽ! گھوڙي صباح تين سو،
مٿم ڪج تنھين مھل محبوب! موٽ.
اچي وقت اھڪيي جيي ”احمد“ مٿي،
تون ڪج پاڪ ڪلمي جو قائم ڪو ڪوٽ.

غزل (١٠٩)

مرڻ بعد مون لاءِ مشڪل، نہ موٽ،
جيان جي ملي، جاءِ جانب جيي جوٽ.

جهلي در، نه ديوار ديدار ڪان،
ٻيي قلب رکيا، ڪڙا، قفل، ڪوٽ.

لڳي پيڙ پيڙان، ٻجان کهڙي ٻت،
چڙڻ ڪان ڪيس چور چشمن جي چوٽ.

اکيون سنوڙهه ڪن ٽيون سيچاٽي مثال،
ڪٽن ماهه منهنجي منجهان ٻوٽ ٻوٽ.

وٽن وار، تير، چٽڪ داٽي تسي دام،
ڪٽي قيد ڪاريس، ڪٽن ڪنڌ مروٽ.

گهرين ڏينهن گهارڻ ته ٻئا گهر گهٽان،
گهميو گهم، نه گهمهن گهٽي ڏانهن گهوٽ!

برهه آهي بس، جنهن ۾ چيٽا، چراخ،
ڦيري آت سکهن کين ڦاڙها، ڦروٽ.

پَريو، پَت پري کو، پري پنڌ پريت،
اجهو ڏيسن ارواح، اڌ ۾ آڏوٽ.

مَيو ڏار مهري، مهارن سنٿون،
متان توکي جهورين، جَڙ تي جڙوٽ.

سفر آهي، صورت سفر جي صحيح،
اٿيي سوٽ ۾ سوٽ، ساٿي، نه سَوٽ.

ٻُڌن ور، نه ٻئا قل هو الله احد،
احد ري نه "احمد" جو آڌار، اوٽ.

رديف (ٺ)

غزل (١١٠)

ڏوهه کهڙي ڏيه ڇڏائي، جيت ڏينهن ڪان ڏيٺ ڏيٺ.
هيت حويلين ۾ هينيون، هر روز هي هي! هيٺ هيٺ.

بنگلا پـــر ۾ نـــه گهرجن، آهي پــونگن ۾ پــرم،
قلب ڪونن جي رهڻ تــي، پيو ڪري نت ڦيٺ ڦيٺ.

ڪــڻ مُربــي ڪي مَــرِي رهه! مــون مريڙو يــاد پيو،
ڇا ڪريــان ميون ميان! مون لاءِ مَــڪ ۾ ميٺ ميٺ.

کوڙ کاهڙ ڏانهن کيرون، ڳوڙهه ڳاڳيون، ڳهر، ڳنديرِ،
مُرٽ ماٺهوءَ جــي مٿي تــي، پُرٽ ڪيڏا؟ بيٺ بيٺ.

اڄ اڪــيــن آڏا ڦـــرن، آڏائـــي جـــا آرڻ ادا!
ڇيٺ ۾ نيڪرن ڇــيــڙ، ۽ ميٺهن مــوسم ڇيٺ ڇيٺ.

ساهه ۾ سڪ ساڏُهين جــي، ما ڏهيــنءَ جــي رات اڄ،
اڄ اهــا هــا! هَــو اوهيڙو، آهي نٽ تــي نيٺ نيٺ.

سونهن منهنجي جنهن سٽائيي، سُومري ڪي سَو مَري،
تان حياتي بي حيا جي، منهن تي ٻئي هٿ، هيٺ هيٺ.

مير! مـــرضـي آهي ڇا؟ ماريــم مــاروُن جـــو مرض،
ڇَڪ وڇهي، ڇُهٽي ڇپائين، چاڪ پٽيي هٿ، ڇيٺ ڇيٺ.

عـــمـــر گـــذري آسرن ۾، اي عُمَرَ! آخـــر پـــڏاءِ،
هن نماڻيءَ کي نيبَر ڪيڻندين، نه ڪيڻندين نيٺ نيٺ؟

آب رو "احمد" تـــه، ماڻيين در احـــد جـــي آبرُو،
پڙهه اکر الفقر فخري، ٻَن مَ مَــٽ تي، سيٺ سيٺ.

غزل (۱۱۱)

ھئينم ڏينھن گھٽان، ڏيھ ساري سين ڏيٺ،
نہ آيم مِٺا! ڪنھن منجھان تنھنجو ميٺ.
سڄاريان نہ سڄري، سوا تو سريس،
وڃي ھي ھينيون پوندو، ھر روز ھيٺ.
سدا مون ڪسي سعيو، ملڻ جو مدام،
ڪٿي جيئڻ ڪھڻ لاءِ، بيٺين تون بيٺ.
برھ ڪان ٻيني، ٻر ۾ مجني مثال،
مٿان ماھ مونٽي ڏنم، چام! چيٺ.
چتڏيم لال! لاھي، اميدون علاج،
ڪڏھن مانَ چوئين تہ پيو چاڪ چيٺ.
ھڙان منھنجي ھاري، خوشي ۽ خريد،
ڏيين سُور تون ڪو، سڻي ساڻ سيٺ!
حياريس نہ ڪنھن؟ ساڻ جيءَ جيءَ جواب،
اٿاريس اچي تو، فقط ساڻ ڦيٺ.
عبادت ٻني "احمد"، ڪري چا قريب!
نظر ناز تنھنجو، نفل آھي نيٺ.

رديف (ث)

غزل (١١٢)

آهـــي آفـــت اک اشارو، يـــا الاهـــي! الغياث،
واهه! رمزون، واهه! غمزا، واهه! غمخواريون غياث.
تون سلامت! آئون سلامي، موکليان سَوَ سَوَ سلام،
بـات منهنجي، رات رهه، حاضـر بتيون، بيت الاثاث.
کيل، جزاکَ اللهُ خيراً، خير کر، خيرات رات،
خير خواهي ٿي، پلين پٿو، خـار ماري خـر خباث.
رات گهاريون ريت موجب، رس رهاٽيون روح تي،
نيک صحبت تان صبح، وچ ۾ نکو ثاليث ثلاث.
سال، ساوڻ ۽ سيارا، صبح، سانجهي، ڏينهن، رات،
کنهن به ويلي تون نه وسرين، وسريم وارث، وُراث.
ملک مـوتين تـي نُميا، محمود سان شامـل ايـاز،
تُرک تو لئي تَرک کيا، سون هر طرح تَرکا، تُراث.
آفتن وچ ۾ اکيلو، آهـــي "احــمـد" الامـــان!
المدد الله، يـا رب! يـا غني! رس، يـا غـيـاث!

غزل (١١٣)

کنهن به صورت ساڻ، صحبت تو سوا، آهي عبث،
نـــور مهندان نـار پوچـــڻ، نـاروا، آهي عبث.
سُک نه کنهن سان تو سوا، سامهان سوا لک جا سوار،
تون سوا لـک کان سوايو، لـک سوا آهي عبث.
نوش دارُو کجهه نه کيو، پر نبض نالي سان ڇُري،
دوست جي ديدار ري، دل جـي دوا آهي عبث.
دوست ڏاران نـاروا، دل جـي دوا، آبُ هـوا،
گلبدن گهُرجيم گـل جـو، واس وا آهي عبث.

پاڻ پردي، پوش وارا، نر پکيءَ کي پوش پوش،
واءُ سوا ان جــو وڻــائــڻ، وا سوا آهي عبث.
سِڪ سچيءَ رک ساهه ۾، ڪر سُڪ نواحيءَ سڪوت،
چيڙ لڳي چوٽيءَ چــوڻ تان، چوچوا آهي عبث.
آب اکين ساڻ "احمد"! آبــرو، پــر آن سوا،
آبـــرو، آبـاديـــون، آب و هـــوا آهـي عبث.

غزل (۱۱۴)

مـلـيـا معشوق ۽ عاشق، عبث آهـــي ادا! ثالث،
لهي وچ چنڊ چوڏهين جا، نـہ گهرجي سچ سدا ثالث.
سچڻ آيو، نہ سچ گهرجي، ٿيئي وسنديءَ، نہ وچ گهرجي،
نہ هئو اڳـــ، سو نہ اڄ گهرجي، فنا فاني فدا ثالث.
ملڻ جو شوق شاڪر کي، زيارت بخش ذاڪر کي،
تہ ڪريون، ٿي ٽياڪر کي، مدد ۾ من مدعا ثالث.
اسين گڏ چاڻ گل، بلبل، سبق قالوا بليٰ قُل قُل،
هلي هُو هُو سندو هُل هُل، ٿئي جـلـدي جدا ثالث.
اسين جاني ٻئي جوڙو، ڳلن تان بند ٿيو ڳوڙهو،
ٻُڌي چو ڪين ٿـو ٻوڙو، سندي نڪرڻ نـدا ثالث.
چون ٿا ذڪر ۾ زاهـد، حجر توڻي شجر شاهد،
تـہ خلقي ٿو خدا واحد، نـہ ثاني يـا سدا ثالث.
پلو موسيٰ، پلو عيسيٰ، چڱي جـا ڳالهہ چئبي سا،
ٿلا ڪل خاق جا ڪيسا، تہ ڪيئن هادي هـُدا ثالث.
ڇڏيم ثالث ثلاثت کي، خبيثن جـي خباثت کي،
ڪنيو واحد، وراثت کي، لڌيو گهر ماڻ گدا ثالث.
احد ري، ڪڻ نہ "احمد"! دم، غني شامل تہ ڪهڙو غم،
ڪري الله اوّل ڪم، خطا ڪونڻ خـدا ثالث.

رديف (پ)

غزل (١١٥)

خبر ناهي، ڪاڏس ڪنهين سخت سپ،
ڪري ورتو قلب زلف ڪاري جو ڪپ.
ڇڏيا وار ڇوڙي، ڪلهن سر قريب،
وڙهڻ لاءِ واسينگ ڇورين ڇپ.
ڦري ٿيم ساوا سڄڻ! اڱ سچا،
اچي اوچتي ڪا وريم جهڙپ جهپ.
ڏسي ڏنگ ڏاڍو، وڏن وس ڪيا،
هليو هڏ نه ڪنهن جو مرض ساڻ مپ.
انهيءَ ورهه ويهاريس وهاڻي وڃي،
ٿپاسين ته اِي نه تڪليف ٿپ.
سُڻي محب ماڻن سين مرڪي مگر،
وڏو لوڻ لالن، ڦري ڪين ٿپ.
پري ڪانڌ ڪو پاڇو پرين جو پيو،
تون خلوت جو خطرو رکي، خرم ڪپ.
لٿا پوءِ نه ليڪين "احمد!" اوير،
ڦري دوست ويو دل، ڦريان پوءِ نه ڏپ.

رديف (ق)

غزل (١١٦)

ساهہ، سنڌيون سوز ساڙيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ،
قرب تنهنجي قلب ڪاڙهيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ.
جل جدائي جا جگر ۾، جنڊڙو جهوري جهليو،
چاهہ تنهنجي چيهہ چاڙهيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ.
ڪالهہ تو تي تير جيئن، تن ۾ رهيم تارا ويهي،
اڄ بہ گهايل گهاٽ گهاڙيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ.
تنهنجي صحبت لاءِ سنهڻان! سؤ صبح ڪنڙم ويهي،
اڄ بہ لوڏي لال لاڙيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ.
ڪوهہ چاڻان، خود ڪهڻ لئي، يا ڪچهري لئي قريب،
تو ورائي طاق تاڙيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ.
پيچ پينگهي ۾ پيم، پر ۾ پچايان پيچرا،
ٻر، جبل، جر، جهنگ جهاڙيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ.
ٻر وڏو ۽ بار برسر، ري ڍني ڍتين جو ڪاڄ،
بخت ڏس، بختي نہ ڀاڙيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ.
آب اکين ۾ اڃي پيو، نبض نالي سان ڇڙي،
تن ڦڙن ڪي ڦاٽ ڦاڙيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ.
ٻاٻيهل! ٻانگي متي، ڪر ڪا چڙهي چينگار اڄ،
ڪَن ٻڌڻ لئي ٻانگ ڀاڙيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ.
وات تي ورهہ جي وني، مجنون پيئو ڇني موج مان،
اڄ تہ ڪي ڳڙ يار ڳاڙيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ.
دوست ڪي درخواست ڏيندس، داد ڏئي ڪو دانهن جو،
هين ڏجهڻ بي ڏوهہ ڏاڙهيا، منجهہ ٻري، ٻاهر نہ ٻاڦ.

آهه! رهندم ياد "احمد!" روبرو عهدو الست،
جيئن پرين پيغام پاڙهيا، منجهه پري، ٻاهر نه ٻاق.

غزل (١١٧)

ڇا؟ وجي تنهنجو اسان ۾، عدوَ! ابتر تون مَ رق،
آهه سندن، محبوب منهنجو، مفت منڪر تون مَ رق.
مون نظر منجهه نازنين، سون ۾ نظر نازڪ پرين،
خوبرو خوش ان ڪِلڻ ۾، خارجي خر! تون مَ رق.
مال، سر مڙئي وڃائڻ سان، ملي محبوب مس،
ڳول گڏجڻ جي گهٽي ڪا، گهوريو سر تون مَ رق.
قرب وارن تي ڪُتا بيگاهه، ڪئين سي ڀڪندا،
ڀڪندا رهندا ٻلاشڪ، ڀڪندن پر تون مَ رق.
جي اٿئي قربان ڪرڻو، سر مٿان قدمن قريب،
پوء گهيڙ پيڙ ۾ پتنگ! پروان وانگر، تون مَ رق.
اڄ اڏي جي پاس آيو، همت ڪري ڪاتي قريب،
هي ڪهڻ جا ڪُوپ مون تي، راهه مسافر! تون مَ رق.
آسرو "احمد!" نه لاهج، عفوَ مان الله جي،
رحم ڪندو رب سڀاجهو، روز محشر، تون مَ رق.

رديف (ج)

غزل (١١٨)

جت سڄڻ! تون آن صبر جو، آهي گهڙو احتياج،
تير ٿيا تارا، تبر جو، آهي گهڙو احتياج.
ڪرڻ ۾ قابو اچي جيڪو، ڪسڻ ڪان ڪو ڪري،
بيرهم ۾ ان بيخبر جو، آهي گهڙو اجتياج.
ڏ ڙ سندم ڇڏ دوست در، تان ڪن ڪتا ۽ ڪانگ قوت،
قرب وارن ڪي قبر جو، آهي گهڙو احتياج.
سيج، وسنديءَ مان سريکو، ڏو سڄڻ جو ساٿ اچيم،
باغ، يا بستان، بر جو، آهي گهڙو احتياج.
سؤ سخن ساڄن سٽايم، هئو نه جنهن ۾ هڪ حرف،
پيش، زيرين، ضمر، زبر جو، آهي گهڙو احتياج.
ٿيون سندم رڻ ۾ رهاڻيون، ساڻ حيوانن هميشه،
مار ڪي هي معتبر جو، آهي گهڙو احتياج.
ڪيئن ليکان تو پار پرزو، پاڻ ٿيا سون هڪ پرين،
پاڻ ڏي خط پٽ خبر جو، آهي گهڙو احتياج.
عرض "احمد" جو ته ميل، اگهي اوهان جو اختيار،
تو سمهون جاني! جبر جو، آهي گهڙو احتياج.

غزل (١١٩)

سج، سڄڻ! تومان قمر جو، آهي گهڙو احتياج،
ڪڻ خماريل اک، خمر جو، آهي گهڙو احتياج.
منهن منا! منٺار تنهنجو، ٿيو مڙئي مصحف مجيد،
سور زخرف ۽ زمر جو، آهي گهڙو احتياج.

محب مارائي نہ مون کي، مون ۾ آهين تون مجيب!
ڏريل پنهنجي تـي ڏمـر جـو، آهي کھڙو احتياج.
ٿا مرن مشتاق مهندئين، ٿيين تان هڪ سين حبيب،
اُن کـي ان بابت آمـر جـو، آهي کھڙو احتياج.
عشق آيو جـن انـدر ۾، آچ، ٻکون تـن آڇکو،
ميڪ سوا پـڻ ٻـي سمر جو، آهي کھڙو احتياج.
چيو مٺي محبوب مـون کـي، مـر تـه ميلو ماٺيين،
هـاڻ "احمد" کي عمر جـو، آهي کھڙو احتياج.

غزل (١٢٠)

پڌم ڳوڙ جيي، طـرف گجرات ڪاج،
ابـاڻـن لـقـو آب جـو احتياج.
ٻڳھ پوک پڳ پڳ، ٿئي پُر پراڻ،
مُنگها، مُرڻ، مُونون اسان جو اناج.
کيان کنڊ خشڪا، تہ خشڪي کٽي،
اسان ڏوٿـيـن لاءِ ڏڻ آهہ ڏاج.
سڳيون منهنجون سڳڙا پڌن ٻانهن ۾،
ادا عـاجـزن کـي لـڳي عيب عاج.
هـنيون هـيـر هيراڪ، حيران هيت،
نہ پوري، نـہ پيني، نہ ريشم رواج.
هلن هـي، نـہ هيٺن تـي هاٿا همير،
ڪڏهـن ساڻ تختي بـدل تخت تاج.
مـلان مـاروُن مـاريس مـاڙيـن،
عمر مون اگهي جو اهو ني علاج.
ڏسان شال ڏيهي، ڏُهـي ڏڌ پيان،
مـهـي ري نـہ منهنجي مزي ۾ مزاج.

اکين آب اوتيو، اندر ۾ آکير،
عرب ڏانهن "احمد" هليو اڄ حجاج.

غزل (١٢١)

چڙهه محب مسند مٿي، ميڙ ملڪ جو مهندار هج،
سر تي سونو چٽ رکي، سڀني سندو سردار هج.

ناهه ساجن! تو سواء، جنهن کي سڌيون صاحب ڪري،
آءُ ميان! سوڙي سيو، مڙني مٿي مُختار هج.

تون اسان جي شهر جو ٿي، شاهه سنهڻان! شهريار،
سڀ اسين تنهنجا سپاهي، تون سپه سالار هج.

مون هنيين ۾ هنڌ تو لئي، تخت پائي ڪيو تيار،
تو ڇڳائي ٻي نه جاء، منجهه جان، جانب يار! هج.

ساريم تان سال سارا، منجهه رُسڻ راتا! لنگهيا،
اڄ پرين! پرچا ڪري، ڪو پهر وٽ، پينار هج.

نيڻ نرگس جي نموني، وار سنبل گل مثال،
گل گهڻان تو وٽ لڳا، هاڻي گوهر گلزار هج.

آهي عالم تو ٻنان انور! اونداهي رات هيٺ،
رات ان ۾ چاڳلا! تون، چنڊ چيٽي چمڪار هج.

دل ڦرڻ جي لاء دلبر! آهي داٽو تير دوام،
زلف کي فرما، مٿس في الحال ڦاهيدار هج.

آهي خوبيءَ جو خزانو، منهن سندئي محبوب! ڪُل،
چوسري کي چئو نه تون چوکيي مٿس چوڌار هج.

فوج اکين جو اشارو، تير ڪر تارن منجهان،
زرهه پائي زلف جي، جنگي جوان، جونجهار هج.

وات پاٹي ٹيو ڏسي، اڄ وار وريل منهن مٺان،
وار جيئن ويجهو ٿئين، تان وار جيئن، هر وار هج.
رهه ٻلاٺي ساڻ پيڙو، نه تبه پيرو ڪيم پيچ،
دل وٺي دلبر تون پوه، ڏارين جيئن ڏار هج.
هيت ختم خوبي تـه، هيڏي خاتم الشعراء خاص،
هاڻ ”احمد!“ آخرت سين، سنڌ مٿي سالار هج.

رديفِ (ج)

غزل (١٢٣)

گلبدن گوشي ۾ مون سين، گڏ گذاري رات اڄ،
وڙهه ورهن جا لٿا، تـي وصل واري رات اڄ.
هيڪ ويجهو هڪ نه، ماڻهو، پيو مليو هڪڙو حبيب،
ڪاڻ مـون بيدل، بڻي، بيحد ڀلاري رات اڄ.
سج لٿي ڪان پوءِ سڄڻ ڪيا، جڳ سڄي تي سوجهرا،
اوچتو روشن، آها سين، ٿي انـڌاري رات اڄ.
روح راحت کي رسيو، ٿيا رس رهاڻيون ريل ۾،
عيد ڪان افضل مون کي، الله ڏياري رات اڄ.
دوست دلـبـر ساڻ ڪوليم، داستانـا درد جـا،
ٿيو سٽائيندي صبح، مـون سور ساري رات اڄ.
منهن ڏٺم محبوب جـو، يـا هي منور ماهه آهه،
ڪار هئي ڪاڪُل سندي، يا پيئي ڪاري رات اڄ.
گلبدن جي گهور مون تي، گهاءُ ڪرزن ڪان وڌيڪ،
قلب ۾ ڪُنبڊين سٽيم، ڦابـو ڪٽاري رات اڄ.
نازڪن ڪان ناز سونهي، نينهن وارن ڪان نياز،
پـاڻ ۾ مون ۽ پرين، اِي پـرت پاري رات اڄ.
موڪلائي ٿـو مِٺو محبوب، مون مسڪين ڪان،
خواب، خور ويا ٿي، خدا جو قسم، ڪاري رات اڄ.
مون ونـان آهي وڃڻ وارو، وهائي ويل دوست،
ڪر وڌي اي بادشاهه! بـي مثل، باري رات اڄ.
حال ڏيکاريم هينيين جي هار کي، هاري هنجون،
عشق بازي سان ڪئي، مون اشڪ باري رات اڄ.
شال سج آيرڻ ڪنان، اڳ ڳالهه ۾ ايندو عجيب،
آهي ”احمد“ جيي اڳيان تنهن، آهه، زاري رات اڄ.

غزل (١٢٣)

آهي ڪو سالڪ سچو، نڪري ٿئي نروار اڄ،
سڏ ٿيو سوري تي، ڏي ڪو سر اچي سالار اڄ.

شاهزادي شهر جي وچ، ڪئي سٽا سوري سندي،
هٿ کڄن پيا آءُ هيڏي، مچ حڪم هيڪار اڄ.

سر ڏيڻ تي سڏ ٿيو، آهي صليبيءَ تي صلاح،
ترت ٿيو تنهن طرف، تڪڙو چڙهي تڪرار اڄ.

محل اِي موٽي نه ايندي، واهه جهڙو آهي وقت،
پاٿهين ميڙ ملڪ مرندو، مٿر هٿان منثار اڄ.

آهي اِي انصاف تنهنجو، گهائجين هٿ ڪان حبيب،
باب ناهين برهه جي جو، ٿي پڇي بيزار اڄ.

ناهي دعوا دم هڻڻ جي، دوستي دلدار سان،
سر تي شمشيرون شهادت، ڇهڪنديون چوڌار اڄ.

قرب ڪافي آهه پيو ڪم، ڪنڌ مٿي ڪاتيون سڄڻ،
برهه بازي ناهه، ڪپيا باز وڃ بازار اڄ.

عاشقن تي عشق بابت، آهي بيٺو امتحان،
دوست گڏجن دور ٿيو، ٿا ٿين سر، ڌڙ ڌار اڄ.

هڏ ڪٽئي ڪاتيءَ تي، ڪاتي، محب وجهندا ماهه ۾،
مڙهه ڪي آٽي سر آڏي، اڏ اڏ ڪندا آڌار اڄ.

ماهه ويو، پر بت سچو، چيٽڪي ڪندا ذرڙا ضرور،
پوءِ ڪتن، ڪانگن کي ڏيندا، يا ڪندا بي ڪار اڄ.

توڙ، ٿئي تڪبير ري ٻڪري، نه رڍ پڻ هڏ، حلال،
آءُ طرف الله اڪبر، سر مٿي مردار اڄ.

آهي "احمد" عشق ۾، ڪوڙڻ ڪٺلهن تان ماهه ڪم،
وقت ٻروي جو لنگهيو، بيٺو اسان سر بار اڄ.

غزل (١٢٤)

منهن موڙي مون کنان، کيو محب واري هيٺ اڄ،
آهٔ نظر ڏانهس ڪريان، نازڪ نهاري هيٺ اڄ.
بخت وريو پون سندو، جنهن تي قدم پاتو قريب،
ڏڱ دفن منهنجو ٻه هوئي ها، ڏوڙ ڏاري هيٺ اڄ.
هيتريون سالون سلامت، هو اسان جو ڏيه اڳ،
تنهنجي ماڻن ڪان مگر، پيو ملڪ ماري هيٺ اڄ.
منجهه گلي، ٻيا گلن تي ويس اهڙي ساڻ وار،
نانگ ڪارا ڪر رهيا، چنڊ جي ڪناري هيٺ اڄ.
سک ڦٽايم سُور ٿين، ناهي پراڻي جي پچار،
نوبنو نيزا چڙهي، نازڪ نظاري هيٺ اڄ.
مهند تو ڪان محب! هٿا، هن مُلڪ ڪان وڏ ملڪ پيا،
ٿيي سچڻ سامائي تنهنجي، سنڌ سڌاري هيٺ اڄ.
سج لٿو سانجهي ٿيئي، تارا ڪٿان تاري طرف،
هوت هينئڙي تار هوندم، هُن ستاري هيٺ اڄ.
ڪوڙ جو لاچار ڪهڙو، سڻ وڏان مون صاف سچ،
دين جو ديدار مائيم، ڪفر ڪاري هيٺ اڄ.
محب منهنجي ساڻ پيو ڪو، ناهه شاهي ۾ شريڪ،
آهه سارو جڳ سڄو، ساجن سونهاري هيٺ اڄ.
غم رسيو غمزن منجهان، گهنڊ، گهور گهائي وڏم،
مون انبوري جي چڙهيو، ”احمد“ اشاري هيٺ اڄ.

رديف (جهہ)

غزل (١٢٥)

جدا جوت، جلون ۾ جاني سمجھہ،
سدا پيو سندس ڪونہ ثاني سمجھہ.
اِجھا ڏي آھا، رات آڏي اندر،
اھي پار پريان پيشاني سمجھہ.
چڱائي جو چمڪي نڪت منجھہ نراڙ،
حسن تنھنجو حڪمت حقاني سمجھہ.
ڪتيون، قطب تارا، قمر شمس ڪل،
جھڪا ساڻ جنھن جي جواني سمجھہ.
بيٺو منھن ماڻن سڀ موڙي محب،
متي دوست اِن، دل ديواني سمجھہ.
نھوڙي نسورو نھاري نہ دم،
سندس ناز جي اي نشاني سمجھہ.
وڏي اڄ وري جا اکين ۾ عجيب،
اھو ڪان آھي، نہ ڪاني سمجھہ.
ڪڙي ۾ ڪڙيا پوء، ڪڙا ٿيم ڪاڄ،
زھر زلف ڪان زندگاني سمجھہ.
جاڙ منھنجو جيڻ منجھہ جھان،
ڦٽيل اي ڦوڙائي ۾ فاني سمجھہ.
ريھون ڪئم روحان روئي رات رت،
ذرو سي نہ زاريون زباني سمجھہ.
تسم سان ڪسان جي ھٿان تو حبيب،
ھٿان ٿي مٿم مھرباني سمجھہ.
عجب وڃڻ "احمد"، چي تنھنجا عجيب!
رڳا راز رحمت رباني سمجھہ.

غزل (١٣٦)

دمبدم ڏي دل! درين مان ڏک، دونالين لاءِ وَجهه،
گهور لئي وجهه، گهاءُ لئي وجهه، گوشماليءَ لاءِ وَجهه.
گهوريو گوشي ۾ گڏجي، گهوريون سر گوشيون،
دوست دلبر ڏئي نه دم، ديدار خاليءَ لاءِ وجهه.
ڏينهن ڏئي ڏاڍا ٿيا مون، مينهن وٺي مونيا نه مُور،
ناهي نيڻن کي نوازش، نئين، نراليءَ لاءِ وجهه.
دمبدم در کي ڦيران، دربان دانهين دُور دُور،
دور گهوليان در کان، دربار عاليءَ لاءِ وجهه.
شام، شايد شڪل وارن، صبح، صورت جو شعاع،
هر صبح ۽ شام، صحبت جي سواليءَ لاءِ وجهه.
ويو سڪي، جنهن لئي سڪندر وات، آو آبِ حيات،
اي پيارا ڏي پيڻ جو، هڪ پياليءَ لاءِ وجهه.
قد الف، الله اڪبر! حرف بسم الله پرون،
منهن منور مثل مصحف، نيڪ فاليءَ لاءِ وجهه.
هير هي تنهنجي، هينيون ٺاري، هينيين جي هار جيئن،
مينهن تنهنجا ڏينهن ٿڏڙا، واهه وصاليءَ لاءِ وجهه.
هيل تائين حال مسڪين، خال مشڪين جي مثال،
هٿ نه کو هرگز ٿيڻ، حاليءَ حواليءَ لاءِ وجهه.
ساهه سانولڙن سواءِ، سانوڻ، نه ساوڪ ۾ سُکي،
ري قريبن ڪٽ بہ ڳهارڻ، قحط ساليءَ لاءِ وجهه.
مون سٺايس سُور، سهٽي گهُور سُوري ڏي سچي،
لطف، لذت لازمي جو، لا اُباليءَ لاءِ وجهه.
ڪانگ ڪانگورا ڪرڻ ۾، ڪانئرن ڪرڳل ٻنڌا،
بلبلن لئي بند اڄ، بانگِ بلاليءَ لاءِ وجهه.

صبح سج جــو سوجهرو، خــوشبوءِ ڪٿوري خــاصيت،
نــازڪن جـــي نــازڪي، نــازڪ خياليءَ لاءِ وجهہ.
واهہ! "احمد!" آفـــريـــن! شاباس! تنهنجي شعر کي،
گل قريبن جـــون ڪچهريون، ڪُل قواليءَ لاءِ وجهہ.

غزل (١٣٧)

ساهہ سالن ڪان سڪي تـو، ور سڄاڻا ۽ سڄوجهہ،
يــاد ڪريـــو يــار، واهڻ آب، اکين مان اڳوجهہ.
گل ڏسان، گوهر ڏسان، گهر گهر گهمان، گوندر نہ گهٽ،
روح رانجهن ري نہ ريجهي، جيئن نہ ريجهن روجهہ ڀوجهہ.
دور دلبر، دير ڪان، درين منجهان ديــــدار ڪو،
سوجهري سانجهي، صبح، منجهہ ساهہ لائي سوجهہ سوجهہ.
آهُ آجها، اوجهر اکين جـــا، لاهيہ آوجهر، آوجهرا،
ڏس اجهو تو ري آجهن پيا، منجهہ آجهورن اوجهہ اوجهہ.
موڪلي سيڪائــي صبر ۾، بسي صبر بڪ جـــي بيلي،
جُنجهڙي کهڙي جاجهہ ۾، خالي ججهن کي جوجهہ جو؟ جهہ.
بخش "احمد" کي احـــد! انـــدر سندم آباد ڪر،
ڀاجهہ ري ڀاجهر نہ ٿئي، ڍل ۾ ڀڏائن ڀوجهہ ڀوجهہ.

رديف (ج)

غزل (١٢٨)

موڪلائي مون پرين، مون کي محب! ماري ۾ وڃ،
مڇ مڃاڙن جا ستم، ٻـر ٻـر ٻيهر ٻاري ۾ وڃ.
مون کي صحبت تنهنجي سنهڻان! آهي صحت ساهہ لئي،
گڏ گهڙيون گهاري، گهنگهر جا، ڏينهن ڏيکاري ۾ وڃ.
تنهنجي مـارڻ لـئـي، مگر آهيين، صباح سنبريـو سفر،
پرڏيهي سان پـر اِها، پـرمـل، پـرين! پاري ۾ وڃ.
مڇ منت مسڪين جي، محبوب! مـاٺـا ڪيم ڪر،
نـاز نيڻن ڪـي ڏيـاري، ڳهر سان ڳـاري ۾ وڃ.
مَن نـہ ڳنڍيين جـي مِٺا! مـون محبتي محتاج سان،
تہ حڪومت تـي هـلـي، هيڏو حشر ڪاري ۾ وڃ.
رهہ اسان جـــي راڄ ۾، راڻـا! ٻہ ٽي ڪي راتيون،
سڪنديون سڪرات ۾، ڍوليا! ڇـڏي ڍاري ۾ وڃ.
ويهہ پرين! تـان ٽين پـورا، منهنجا پويان هي پساهہ،
واڳ ويراڳيءَ تان اڳ، وو وو! سڄڻ! واري ۾ وڃ.
دوست پڄندم دم، انهي دم، دفن ڪيو دلبر! وڃيم،
منجهہ جنجل جيـَري وجهي، جانب! جدا ڪاري ۾ وڃ.
سـڙهہ ميٺي پيڙو ڪري، پوءِ محب! موڪل آهنئي،
دل گهريا! دلبر ڇڏي هيي، ڏڙ ٻين ڏاري ۾ وڃ.
عـاقـبـت "احمد" ڏنـــو، ارواح اهنجي در عجيب!
رک ڪٺائـي خـاڪ ۾، ڏاڻـــو اِهـــز ڏاري ۾ وڃ.

غزل (١٢٩)

دوست همدم! ٻيھر دم دم، دم ڏيان، تون پوءِ وڃ،
کر ڪرم، قربان قدمن تان ٿيان، تون پوءِ وڃ.

ڳُجھر اندر جو اوريان، گل گھوريان، ڦل ڦوريان،
تو اڳيان تحفا رکان، هڏ، چم، هينيان، تون پوءِ وڃ.

ڪئي جيارڻ جي نہ جاني! گڏ جنازي کان جواب،
پاک پيرن ۾ پيالو، پُر پيان، تون پوءِ وڃ.

ڪاريھل ڪارا ڪلهن، سر ڏڪ هڻن، دل کي وڻن،
نوش تن جي نيش مان، نئين لئي نيان، تون پوءِ وڃ.

ڪجھر نہ اي مغرور! منهنجي مغز کي مغزيات،
خاک قدمن جي ڪٿوري، ڪيھ ڪيان، تون پوءِ وڃ.

روح راڻي کي رهائين بعد، روئي روءِ ڇيو،
ٻيھر تہ بت پويان پکين کي پرنيان، تون پوءِ وڃ.

ڪيترو ترسان، مرَ پڇ، پاٺان پروڙين تو پرين!
ٿي مرَ تون جاني! جدا، جاسين جيان، تون پوءِ وڃ.

آهہ "احمد" جو عرض، ڪر منهنجو غمزي سان غرض،
منهن نہ جيئري موڙ، ماري مون ميان! تون پوءِ وڃ.

رديف (چ)

غزل (١٣٠)

انجام انجمن جـو اچي ويو، عجيب! آچ،
قـربان جان، قـدم قـدم تان قريب! اچ.

ڪين ڪي انتظار اهڙ جو، اچي نـه ننڊ،
حيران حـال، حيف حياتـي، حبيب! اچ.

پانيان تـه باهه برهه جي، بيمار ڪيو بدن،
تپ نـاهه، پيـو تپاس طبيعت طبيب! اچ.

بوندون بهار باغ تـي، بلبل جي وات بات،
خوش رهه، ته ٿيو خزان ختم، خوش نصيب اچ.

خط خال مون خيال ۾، خالي پڙهين تون خط،
تون خود خطا، نه پئي جي خطا تي خطيب اچ.

محبوب مهر سان مـلاقـات اچ ڏنـي،
سڙ روح جـي رهاڻ ڏسي، رق رقيب اچ.

ڪوڙين ڪنڍيءَ ڪريم! ڪيرايم بنان ڪرين،
مون ڪي به چئو، غراب چئي ٿو غريب! اچ.

لائق هيتي نه لاڏ، چڏي ڏي لکن جي لوڏ،
”احمد“ احد جي پيش، ادب سان اديب! اچ.

غزل (١٣١)

جي پتنگ چائين ته پڙ ۾، هو پچن ٿا تون به پچ،
موج سان مچ تي اچن، مچ تي مچن ٿا، تون به مچ.

محفل ميخان ۾ مـوڪون مـزا، موڪل مدام،
نـاز نخري ساڻ ناچـو، نت نچن ٿـا، تون به نچ.

خاق خوشبوء خاڪ در سان، منهن ڏسڻ سان ساڪ لال،
گل رچن، سنبل رچن، بلبل رچــن تا، تون به رچ.
نـــوڪ نيڻن نـــاز سان، نـازڪ هڻن نيزي مثال،
پچ م پالي ڪان، پلا جي پيا بچن تا، تون به بچ.
عشق آهـــي بـــي ادب، پـــر بـــي ادب جا هنڌ پيا،
بي ادب "احمد!" ادب سان، هت اچن تا، تون به اچ.

غزل (١٣٢)

سچو سالڪ سڏائين جي ته، سچ پچ، مچ تي اچ، رچ پچ،
مچائي مچ محبت جو ڪو مچ مچ، مچ تي اچ، رچ پچ.
قدم پردي اندر پائين، تـه ڳالهيون ڳوٺ سان ڳائين،
پتنگ جي پاڙ ڪي چائين ته، پچ پچ، مچ تي اچ، رچ پچ.
قمر جهڙن ڪمر نـوڙي، ڦٽي ڦـــوڙاء دل ڦـوڙي،
نڙي ۾ نينهن جي نوڙي، ته نچ نچ، مچ تي اچ، رچ پچ.
هـنيون حيران هي هي هت، آهـا ڪهڙا آها ها! آت،
بچين شل! چو بچائين بت! نه پچ پچ، مچ تي اچ، رچ پچ.
مِٺو محبوب مليو سـون، سچي پون ۾ مٿم پون پون،
سچو آهين سخن ۾ تون، ته سچ پچ، مچ تي اچ، رچ پچ.
ڪيم هـِن حسن هھڙا حال، لب لالن جا لعلو لعل،
ڳري آهي ڳلن جي ڳاهه، ڳـچ ڳـچ، مچ تي اچ، رچ پچ.
عجب سينگار سبحانـــي، لـبن ڪـــي رنـگ ريحانـــي،
وڻين جي رنگ روحاني، ته رچ رچ، مچ تي اچ، رچ پچ.
سچڻ يا سچ سنديون راسيون، وليون وارن سندن واسيون،
ائٿي "احمد" اندر آسيون، ته اچ اچ، مچ تي اچ، رچ پچ.

—

رديف (ڇ)

غزل (١٣٣)

سڄڻ يار جي سونهن، صورت ۾ ڇ،
نه جهڙس ليي سور، مورت ۾ ڇ.
سندس سونهن، صورت جي ساراهه ۾،
سوين سورتون، هيڪ سُورت ۾ ڇ.
ملاقات محبوب جي جون سدام،
سوين صورتون، هيڪ صورت ۾ ڇ.
سدا شهر روشن، شمعدان ري،
اهو شهر، پيو شهر سورت ۾ ڇ.
اتم ساهه هڪ، پر سڄڻ جي گهُرڻ،
نه پنجاهه پوري جي پورت ۾ ڇ.
حقيقت سندي حال، گهرجي حبيب،
نه راڻا! پسي روبرو رت ۾ ڇ،
ڪڏهن ڪونه ڪرهل مَٽيو ڪاڪ تان،
قضا سان پٽي ڪا ڪدورت ۾ ڇ.
آڻ ئي پهر "احمد" اچي آس پاس،
زيارت ڪري پيو، ضرورت ۾ ڇ.

غزل (١٣٤)

ڇنون، ڇيچ اچو آڇ، ٻه ڏينهن موج، ميڇ،
وٺي مار ماڻهو، وٺي مار وَڇ.
اٿئي ڏينهن ڪو ڏيڊ ڏاڍائيون،
پلين مار ماري، پلين رنڊ رڇ.
ڦرڻ ڏي، نه ڪنهن گرد گرداب جي،
آڻوريو وتين، پر نه اٿ ڏينهن آڇ.

ٿلهو ٿي ٿو ٿُونـان، تون هيٺن هٿين،
کندا ڪار تـوسان پڇاڙي ۾ پيچ .
پـرهہ ساڻ پاٽـي، نـہ سر ۾ سٽَي،
سويـــرو صـبـح تـــو مٿي پيڙ بيچ .
نہ ڪي گوڙ گرداب، ڪر ڳل ڪُنن،
نـہ چانچر چنن ۾، نہ چولي نہ چيچ .
شڪارين جـو شوقـو لڳو تـو پنيان،
هـنـيـا راچـيـن ريچ، پکيڙيـون پڙيچ .

غزل (۱۳۵)

جي ڪُهن تيہ ناء ڪنڌ تون، آئي ڪاتيي ڪيم ڪَچِ،
ٿين حاصل هٿ سندن، پيو ڪوء حياتـي، ڪيم ڪچ.
ماهيت مُوتـُوا سندي، ءُون، تون ڪنان موني رکيام،
ٿئي وعـــدي جـي وفائيي، منجهہ وفاتـي ڪيم ڪچ.
مـــن مِنِي محبوب نيو، موراً نـہ سگهندو سو مليي،
ڏيئي هينيون هٿ حاڪمن جي، ٿي حُجاتي ڪيم ڪچ.
ڪوهہ ڏونگر ڏوريين، ڪوهہ ڏک پٽيين، ڪوهہ ڏاڪڙا،
جـّت انهيءَ جوء ۾ اٿئي، تون پاء جهاني ڪيم ڪچ.
مونهہ مارڳ ڏي ڪري، مرندس، نہ ورندس، ور بنان،
ويـم ڪوهيارل ڪري، پيوس، جـــلاتي ڪيم ڪچ.
خان آهي خـــون ۾ اڳـــ، پـــڻ پيم ٿي خود خيال،
ڏي خبر اچ خاطـري، تـان چيم خاطـي ڪيم ڪچ.
پي پيالو پـُر ڪري "احمد!" اجـل جي هٿ ڪنان،
زهـــر ان ۾ آهـي ظاهـــر، ذوق ذاتـي ڪيم ڪچ.

رديف (ح)

غزل (١٣٦)

ميڙ مون يا مار، تو کي منهنجو مارڻ ئي مباح،
دين، دنيا ۾ تو جهڙو، دوست ڏارڻ ئي مباح.
هنج منهنجي ۾ نه هي هي! هنجهه جهڙي ڳچ هجي،
هيج مان پوء هي هنجون، هر روز هارڻ ئي مباج.
باغ، گل گل، مُلڪ موتي، ڪٽ، نکت آپ ۾ اڪٽ،
پيا وساري سڀ ورون، تو ساڻ وارڻ ئي مباح.
تو سوا ساوڻ جي ساوڪ ۾، نه سانولڙا! سواد،
تو بنان بغداد، توڻي باغ، ٻارڻ ئي مباح.
جيءَ جفا جي وقت ناجائز بہ، جائز ڪجهه جزو،
لب تي لب، سيني تي سينون، ٿپ کي ٿارڻ ئي مباح.
منهن ڏسڻ جي مهل ٿئي، مهمان! معافي مهر سان،
ٽيون ٽياڪر، ري ٽڪر، ڏاٽي تي ڏارڻ ئي مباح.
آف ڪيڍي "احمد" نہ ٻي وٺ، آگ اندر ۾ جلي،
پر سدا سنهٽان! تو سامهون، سور سارڻ ئي مباح.

غزل (١٣٧)

هي مڙئي هڏ، ماهه، چم، محبوب منهنجي کي مباح،
جي قبوليو تان ڪريان، آڻي سيئي حاضر صباح.
قرب وارن ساڻ ڪيڏا، قيس ٿي ويا بي قياس!
سرڪشي مان ڇا سري، وٺ صلح جي سنهٽان! صلاح.
محب! مشهوري رڳو، هن مُلڪ ۾ ٿيئي نہ مور،
مون ڏٺا محبوب! تنهنجا، مَلڪ عرشن تي مداح.
غم لهن غمناڪ جا، گڏجي گذاري گلبدن،
فضل سان اهڙو کو ڏينهن، فردا ڪرين فائق، فتاح!

موج محبت جي نيئي، مـــون کي وڏو مهراڻ ۾،
ناهي سپ موڙن جو جنهن ۾، ناهي سُکري ۽ سلاح.
سور دل کي سامهان، تنهن جي نه توکي سُڌ سماع،
ڏنب ڏياري پانهن کي ڏس، جاڙ جيڏي ڪئي جراح.
گل ڪڍهن، گوهر ڪڍهن، "احمد" املهه ڪوئي ڪڍهن،
سنئون سيڌو نـالـو وٺـڻ، اي عيب وارو اصطلاح.

غزل (١٣٨)

دلربـا، دلـدار، دلبر، آهـي اچڻو اڄ صباح،
گل گلابي، گلبدن گهر، آهي اچڻو اڄ صباح.
گهـُور تنهنجي ساڻ گڏ، ڪئمست فوجون کيوڙن،
لال لاکُن ساڻ لشڪر، آهـي اچڻو اڄ صباح.
سج سڄي جڳ تي ڪري، جيڪا سُهائي صبح ويل،
جوت اهڙي ساڻ جوهـر، آهي اچڻو اڄ صباح.
جلد پيرو ڪر پلا! جيئن، اڳ متان ماريم موت،
اجل جـــو اهڃاڻ آخـر، آهي اچڻو اڄ صباح.
محب مون نجهري اچي، اِي ڳالهه مشڪل تي مگر،
ٿو چوان، خوش رهڻ خاطر، آهي اچڻو اڄ صباح.
ڪر سمر جو يار! سعيو، ٿي م سستيءَ ڪم ۾ سُست،
اوچتو مڙنـي تـي محشر، آهي اچڻو اڄ صباح.
ڏيهه مڙوئي ڏينهن ۾ آهي، ڏوهه ڀڄهڻ ڏهه، ڏون منجهان،
هيڪ بـر، بيو بـار برسر، آهي اچڻو اڄ صباح.
آهي عربي جام! آنڍي، قصد "احمد" کي عجيب!
ملڪ اهنجي ۾ مسافـر، آهـي اچڻو اڄ صباح.

غزل (١٣٩)

حال ڪان بـي حال آهيان، حال محرم! هر طرح،
حال محرم! تو سوا، مون تي مُحرّم هر طرح.

آءُ پيا تقدير جـن جـي، تير ڪـي آڏي ڦيري،
ڪِنَ تنهنجو خـود قضا، قاطع مُبرم هر طرح.
ڪم ڪمينن ساڻ ڪهڙو، ڪام ڪنهن ڪامل ڪشي،
محترم، مقبـول مـولي جـو، مڪرم هر طرح.
مگ سجاتئي، پير پاتئي، چست چاتئي دوست! دل،
تو ڪرم ڪيڏو ڪيو، پـر آهـِ اڪرم هر طرح.
منهن ڏيکاري مهر سان، ماري وڌئـي مشتاق ڪي،
تـو ڏرم ۾ دان ڪيو، پـر آهـِ آڏرم هر طرح.
گل املهہ آهين، ڪِ آهين، چين جـو آهُو عجيب،
ڪر رهـائيون ريلڙيـن ۾، روح ۾ رم هر طرح.
دوست ان درگاهـ جـو، آهيان دعـاگوءِ دائما،
شاد رهہ، آبـاد رهہ، خـوشحال خُرّم هر طرح.
تير "احمد" مان آڪارين، تہ نہ اک مان، اک ڪڍي،
مُنهن مٿي ڪاڏي وڃي، مجبور، مجرم هر طرح.

غزل (١٤٠)

تـون وسارين، مر وسارين، آئون وساريان ڪنهن طرح،
تون نہ ساريين، ور نہ ساريين، آئون نہ ساريان ڪنهن طرح.
اک ڪٽي هين حُسن ڏي، جنهن جو هينيون هٽ ۾ هجي،
دل نهارڻ سان نهوڙيـونـي، نهاريـان ڪنهن طرح.
هيج آهيہ هنجهہ ڳچيءَ جـي، هنج ۾ هـر دم هجان،
گلبدن گس تـان تڙينـَمِ، گذ گذاريـان ڪنهن طرح.
منهن اونڌاري، منهن ڏيکاري، دوست ڏونرو ڏينهن ڪيو،
شهر واسيو، شمس راسيو، شمع ٻـاريـان ڪنهن طرح.
دل ڦُري وئين دوست، دلبر! درد دل جو دل اندر،
تو پري پارن تـي پـاڙي ۾، پوڪاريان ڪنهن طرح
فيصلو ڪر، فـاصلـو، پنجاهہ ڪوهـن پـاڻ ۾،
اڄ آسُر سان آت اچي، انجام پـاريـان ڪنهن طرح.

تو سنواريا وار، دل ويئي، ورن وچ ۾ اچي،
دل ويل وارڻ گهران، پر وار واريان ڪنهن طرح.
هو امله ڏسيو آها ها، عقل ”احمد“ ڪي چڏي،
پاڻ سنهڻين صورتن سامهون سداريان ڪنهن طرح.

غزل (١٤١)

دوست! تنهنجي دوستي جو، داستانون ئي طرح،
ڪئين ديوانا ديس ۾، تنهنجو ديوانون ئي طرح.
جيئن تڙين، تيئن تانگهه توڏي، ڏک هڻين، تيئن دل بهار،
تير جيئن طعنا ٻين جا، تنهنجو طعنون ئي طرح.
ڪالهه پنهنجو قرب چا، قربان قدمن تان ٿيان،
آو زمانون آو هئو، پر اڄ زمانون ئي طرح.
ننڊ پڻ جي نينهن نهوڙيس، ننڊ نيڻن تي حرام،
آب اکين مان وهي ٿو، آب دانون ئي طرح.
ڪالهه ڪنڊن جون ڪوارون، باهه پيڙا باغ، گل،
اڄ ڏيئي برسات، بلبل جو پانون ئي طرح.
دوست ڪنهن دم، ڏن گهري، دم من گهري، دم تن گهري،
هڪ بهاني کي پچان، تان ٿڪ بهانون ئي طرح.
بند تاڙي، بند ماڙي، بند مارگ، بند ماگ،
در سوا دلبر گهرايو، خاص پانهون ئي طرح.
آور سان احوال اورڻ، آهه ”احمد“ لاءِ عيب،
هڪ احد ۾ آسرو، پيو آستانون ئي طرح.

غزل (١٤٢)

نيين دوست! ٿو دل اوڏاري طرح،
ڪر ظاهر غضب زور واري طرح.
ڪاهن سر ڪنڊا وار، ڪارا ڪڪر،
صفا منهن صبح جي ستاري طرح.

سڄڻ! سئو ڪوهن تي سنڌ ئي سوجهرا،
ڏسان ٿو چٽا چنڊ تاري طرح.

نه مَتِ مور ڪو، تنهنجي مورت جو مُور،
نه ڪنهن ڪان لڳي تير تاري طرح.

ڪڙي قيد ڪاڪل ۾ قابو ڪريوم،
ھٽي سال سيڪت، سڌاري طرح.

سڄا انگ ساوا، سڄڻ! ڪنهن سبب،
هنيم نيش نينهن، ناڳ ڪاري طرح.

نه ان نيش جو نوش، دارون نصيب،
وڏا ويڌ ڪيا، گهمّور گهاري طرح.

اکين کي اکيون آسماهيون هجن،
نظر ۾ نظر نت نظاري طرح.

نه هر وقت حاضر حبيبان حضور،
وري وصل جو واءُ واري طرح.

وڃن روز، وچ ۾، نه خر ڪي خبر،
هلي عشق جو ڪم اشاري طرح.

پلين باغ تي هون بوندون بهار،
پون ٿو سوا سيءَ سياري طرح.

سياري ۾ سنهڻان! هجين ساڻ مون،
ته سرسبز سانوڻ سُنهاري طرح.

وڃي واٽ جي مان! واري ويهي،
اکين مان ڦڙا نت ڦهاري طرح.

نه آهن اکين پيش "احمد" عجيب،
ته عالم سڄو ئي انڌاري طرح.

رديف (خ)

غزل (١٤٣)

منهن مڙهي ڏي ڪين سندو، ڪين ميهت منبر ڏانهن رخ،
برهم ڪين ڪي باغ سان، ڪين بحر، ڪين بر ڏانهن رخ.
ڪي ڪيجن خورشيد، چنڊ لئي، ڪين خزاني تي خيال،
ذوق ڪين ڪي زر سندو، ڪين زيب، زيور ڏانهن رخ.
ڪين جي مَن ويٺيون منايون، ڪين مِٺو ڪيو ميلڪ مال،
ڪين هوس پاڻي حياتي، حــوض ڪوثـر ڏانهن رخ.
مُلڪ ائين مشغول ڪل، مقصود پنهنجي سان مـدام،
دل سندم ـ جو آهم دائـــم، دوست، دلبر ڏانهن رخ.
منهن ڏسي محبوب جـــو، دل موڪلايو مون ڪنان،
منهنجي من آهـي، مگر ڪيو، موت، محشر ڏانهن رخ.
ڪالهم قاضـي چيو آئـــو، قبلي طـرف ڪريون نماز،
ٿـــي ويـو دلگير جـــو، دلـدار، دلبر ڏانهن رخ.
عمر ”احمد“ چئي سيڪان ٿو، منهن اوهان جي ڪي عجيب!
ڪر محب! اڄ ميهر سان، مُرڪيي مسافر ڏانهن رخ.

رديف (د)

غزل (١٩٤)

دل دلين ۾ سندم، پر دلربا دلشاد باد!
شاد دل، آزاد دل، آباد دل، آباد باد!
اوچتو نڪرن اندر مان، آهه، فرياد و فغان،
ديد تنهنجي سان دلبر! دانهن جو، دم ياد باد!
دوست جي دم سان، قدم سان، ديد سان، ديدار سان،
دل سندم، آزاريل، آزار کان آزاد باد!
آفتن وچ ۾ اڪيلو، آهيان، دل انتظار،
سر بچڻ جو، گهر اچڻ جو، امر ۽ ارشاد باد!
نينهن نهوڙيو آهيان، نيت نيت ڪريان نڪريو نهار،
يار! جائي ياد آهين، آئون نه توکي ياد باد!
آهه سڄڻ! تنهنجا عجب، ابرو هلال عيد جيئن،
عيد ڪن اڪثريون ڏسي، اهڙو امن امداد باد!
آب روئي عرض ڪريان آئون پلين ٻي آبرو،
آبروءَ سان يار ”احمد“، تا ابد آباد باد!

غزل (١٩٥)

اي سدا سنهڙان سڄڻ! سالن جي صحبت ياد باد!
اچ ملڻ مشڪل، مگر مهنڊين محبت ياد باد!
مند ساوڻ، سج وڃڻ، ساوڪ جي وچ ۾ صحبتون،
سو نظارو، سو نظر، سو نينهن نوبت ياد باد!
نندڻ جا ناز نخرا، نيت نظر مهندان ڦيرن،
ريلڙين ۾ رس رهاڻيون، راڳ رغبت ياد باد!

آئون ڪُوڙو ڦول ۾ ڪيڏا ڪيم ڪَوڙين قصور،
پـر اوهان ڪـي عفو جـو، انجام البت ياد باد!
آهي "احمد" جـي ادب سان، هيءَ احد کي التجا،
هر طرف تنهنجو توجهه، هـي بـ تربت ياد باد!

غزل (١٤٦)

تو مهندان، مـِٺائي جـو مذڪور بَد،
مـٽرئـي مـور ۽ مـُورتون مـُور بَد.
قمر چِٽ ڪمر ڪان، شرم شمس کي،
نـِڪـت کي ڪري، تو سندو نور بد.
نظر سان ڀڳئي نـاز پـَـريـَـن سندا،
لـڳي حُسن تنهنجي اڳيان حـور بد.
دوا درد جي دوست! هوءَ نـ هوءَ،
نـ چئبو سدا، تـو سندو سور بد.
انهي حُسن تـي کن هزارين حسد،
هجي شال هـردم نـظـر دُور بد.
نصرپـور ۾، تنهنجي نصرت کهي،
نظر ڪر، نظر ري، نظر پور بد.
اڳهاڙي مـٿـي حاضـري در حبيب،
اڳـيان دوست، دُسـتـار دستور بد.
اچي ڀوڙ "احمد"، الا ڪيئن مـڏيوس،
نـ ڪڏهن لڳي ڪُور ۽ ڪور بد.

غزل (١٤٧)

الله کيو آهـي، عـجب شانِ محمدّ،
قربـان ڪريـان جان، وڏو مانُ محمدّ.
بي‌حال بندن نـال، ٿـيا ڀـال ڀلي جـا،
الله جـو، الله جـو احسان محمدّ.

هر قوم سندا ڏار نبي هون هزارين،
سڀ ملڪ جو سردار ۽ سلطان محمّد.
هئو نور نڪتہ پر، نہ اڳي نور نبيءَ ڪان،
ڪن شمس، قمر، قطب تہ قربان محمّد!
توحيد جي تحميد، ٿئي عيد اچڻ جي،
هر شهر شغل، شاديون، شڪران محمّد.
والشمس صفت صورت، والليل سندن وار،
دندان دهن دُر ۽ مرجان محمّد.
جانو بہ جڏهن گهوٽ، ڪريا ڪوٽ ڪفر جا،
بر، بحر ڪيا باغ ۽ بستان محمّد.
لتّ لات جهلي رات، ويئي عزّ عُزا،
برباد ڪيا بُت ۽ بُتخانہ محمّد.
افلاڪ ڪنان خاڪ، نبي پاڪ جو نعرو،
الله احد آهي، جو اعلان محمّد.
پريون بہ پريشان مٿي شان محمّد،
حورون بہ ڪيون حُسن تي حيران محمّد.
موسيٰ جو قدم طور تي، عيسيٰ بہ رسيو آپ،
معراج مٿي عرش ڪنان، مانُ محمّد.
مومن کي مبارڪ، تہ محمّد جي اچڻ جي،
ڪافر کي ٿيو قلب اندر، ڪانُ محمّد.
عاقل تہ عجب ڪين، پڙهيو آيت، آيت،
قابل بہ قبولين ٿا قرآن محمّد.
جنهن ڏينهن ڪندا، ڪل نبي نفسي نفسي،
اُمت جو اتي "احمد!" ارمان محمّد.

غزل (١٤٨)

جئو صلِّ عليٰ، سيّد، سردار محمّد،
اڄ آهہ ڪئي دين جي دربار محمّد.

اصحاب ستارا تــــہ قمر، شمس قــريشي،
هــر پاڪ نبي گل، گلہ گلزار محمد.
مسڪين وٽن دين جي تلقين نبيءَ کان،
ٻولي تــو عجب سر ۽ اسرار محمد.
درگاهہ وڏي جاهہ سين، الله احــد جي،
دعوت تــو ڏئي دين جي دلدار محمد.
ڏينهن رات، ٻتن ٻات هجي وات ٻين جي،
الله ۽ الله جـــو آذڪار محمد.
قرآن دُر مرجان، مثل جــان جسم لئي،
گلزار گــــل و گــوهــر گفتار محمد.
ڇڏ جاٽ ٻين، واٽ ٻين، ناٽ ٻين جــا،
مجروح رڪـــج روح ۾ رفتار محمد.
آرام صبح، شام، احد نــام سين "احمد"،
صلواة پڙهان سؤ سؤ، صـــد بار محمد.

غزل (١٣٩)

سانجهي، صبح سدائين صلواة بر محمد،
صــد بار، بارڪ الله برڪات بر محمد.
هر پار هڳل هڳلن ۾، صــد بار بلبلن ۾،
گلزار گـــل ڦلن ۾، صلواة بر محمد.
گهوريان هزار گوهر، دل جان نثار جوهر،
جيئن مينهن ملهار موهر، صلواة بر محمد.
ڪل محفلون مقرر، ڪل مجلسون منور،
دربـــار دوست دلبر، صلواة بر محمد.
حاضر حضور ۾، دل، پرپور نور ۾ دل،
ساري سحور ۾ دل، صلواة بر محمد.
توحيد جون تڳائون، لت لات کي لڳائون،
بت بت ڪري ڀڳائون، صلواة بر محمد.

بت بت تــلا بهانا، عيسيٰ، عُزير، بانها،
قــادر جــا كارخانــا، صلواة بر محمّد.
سجدا ڏجن نہ سج کي، وڻ ٻهڻ، باهہ نہ وج کي،
اي لوڪ! ڇڏ نہ لنج کي، صلواة بر محمّد.
قرآن ڪلام صاحب، آيت علام صاحب،
آيــا سلام صــاحــب، صلواة بر محمّد.
"احمد" چوي اِلاهي، صاحب لهي سياهي،
ساريــو پڙهــي سپاهي، صلواة بر محمّد.

غزل (١٥٠)

ميٺــو نالــو، محمّد ڄــام احمد،
اکــيــن، ارواح جـــو آرام احمد.
محمّد نام ظاهر رُو زمين تـــي،
مٿي آپ، عــرش چونس عام احمد.
احــد مان، ميم آڻــڻ سان بني ٿو،
بـنــي الحمد مـــان، ري لام احمد.
سوين سالون، سندن تشريف کان اڳ،
چيو عيسيٰ، نبيءَ جـو نام احمد.
سندن تعريف، منجهہ توريت، انجيل،
مـليـو الله کــان اِکرام احمد.
محمّد رحمةً لّلِعٰالـميـن آهـيـ،
سڀي عــالـــم مـٿــي انعام احمد.
بيهي هٿ حوض ڪوثر پاس حضرت،
پــياري جـام، جنت جـام احمد.
نہ مورت، مقبرا مقبول تنهن وٽ،
اٿــو الله احــد، اسلام، احمد.
الــف الله اکبر جـــو اشــارو،
محمّد مـيـم سمجهي مـــام احمد.

مــديــنــي ۾ محمدﷺ مصطفيٰ ڏي،
پکيئڙا! وڃ کڻي پيغام "احمد".

غزل (۱۵۱)

اڄ بـــ ڪهڙي؟ اوچتو، آڏي انــدر ۾ آند ماند،
روح ساريـون رَس رهاڻيون، ريلڙين ۾ روز راند.
دوست منهنجو دل اندر، پيا دوست لئي ديسيون پچن،
سؤڪوهن تي ڪوچ ڪنهن جو، ڪا پڇائي ڪيچ ڪاند.
پــر نہ مون پرهيز ڏوڙڻ، پاڻ جهڙن جي پُٺيي،
پر لڳي ويو ڪنهن پري جو، پاند منهنجي ساڻ پاند.
تير ڳلن تـــي داڻــو داڻــو، وار داڻي پاس دام،
واهہ! بندوبست، بندي جو، بدن منجهہ بند باند.
گهائيو گهوڙا! وڃي تون، گهوريس ان گهور تــان،
چشم بت چيري ۽ چڙي، چيچڙي ۾ ڪر ڪماند.
دوست! منهنجي دل انــدر ۾، داستانا درد جـا،
پون سڄيءَ جو بار مون تي، ڪوهہ؟ ڏيکارين ڏاند.
ڳل ڪي پاڻي ڳلا، گلابي، هٿ رکيم منهنجا حبيب!
خان! معافي ڏي خطا ڪان، خوء خاصيي آهہ ڪاند.
حُسن حاڪم هر هميشہ، عشق "احمد!" زيردست،
پاڻ پرچن، يا نہ پرچن، تون مَ جهل پلپل پلاند.

غزل (۱۵۲)

رات ڏينهان رت ڦـڙا، رويـو نهاريـان رَند رَند،
جن هينيين ۾ هند ڪيو، تن لاءِ ڳوليان هند هند.
حال پايــو! حال هين، بيحال جـــو في الحال هيي،
دوست ڏاران ڏوڙ ۾ ڏڙ، دل ڪئي، دل بند بند.
سر ڪلهن ڪاڪل ڪشادا، ڪوئيون ڪوئيي طرف،
آهـــي بـنـدي لاءِ، بندوبست بـــدران بند بند.

موتيو گل، موت انگل، منهن تي موتي، ميهن ڦڙا،
تير ڪٽي جو قسم! ڪڻ ڏاڙهون ڏسڻ ۾ ڏند ڏند.
متي بڻان ڪيو مست مجنون، لعل ليلان جي لحاظ،
قيس قاتل زهر کي، ڪايو ڪري ٿو قند قند.
مست اک اڪڙوڻ جي، اڄ هٽ ۾ گل لالا گلاس،
مدتون گذريون ملڻ کي، مُند ڪري ٿي مند مند.
وڃ فنا في الله ٿي، پيا فن وساري ڇڏ فقير!
ري فنائي جي فقيري، آهي ڪوڙو فند فند.
رات ڏينهن تنهنجو رڳو ئي راڳ رڳ رڳ روح ۾،
تنهنجون تن من ۾ تنوارون، 'تون' ڪري ٿي تند تند.
قل هو الله احدُ، "احمد!" احد ري راڄ رد،
ميٺ چوي، يا مٺ چوي، سو مفت متي ٿو گند گند.

غزل (١٥٣)

گل گهڻان، گوهر گهڻان، مون کي گلابي گل پسند،
منهن منور پاس مينڌا، گل مٿان سنبل پسند.
قد الف قيمت هزارين، تيرڪٽون ٿرهن ڪروڙ،
مال ڪيو منظور مون، هو جي، مگر ڪن ملهه پسند.
مور، موتي، موتيو گل، ڪل وٺن مون کي نه مُور،
پر قريبن جو ڪتو، يا ڪانگ، قمري ڪل پسند.
دور پندان دانهن آندم، پر تڪيو در تان چئون،
هيت هلائون ڇڏ، هليو وڃ، هو نتا ڪن هل پسند.
دوستن جي دوستي ٿئي، دوست! دريا تان لنگهڻ،
پير رک پاڻي مٿي، پوءِ ڪر تون پهرين پل پسند.
دشمنن سان دوستي، پر دوست دشمن اڄ لڳي،
باوفا سان بي وفائي، بي وفا بلڪل پسند.
سير، سنهٽي لاءِ سنهٽي، مُلڪ، مارئي لئي ملير،
ٻوڙ "احمد" جي احد ڏي، باغ ڪيو بلبل پسند.

غزل (١٥٤)

يا محمّد! مصطفيٰ ﷺ، پنهنجو آهي مير خود،
ويل آهڪيءَ جي ورين، واڪن تي منهنجي وير! خود.
حُب هنيين آنڊي هميشه، هيت ليکي راهيس حبيب!
قيد قسمت جو قوي، جڙيس جُسي زنجير خود.
سِنڌ سڪنديون چا لڳي، ساجن سفر ڏاري رهن،
تن جي طالع اڻين هُئي، تحقيق ڪا تقدير خود.
سُور سنڌيون ڏيئي سِڏا، سيني وڻان سامهون چڙهيام،
تانگهه تنهنجي ڪان لڳم، تن ۾ ترارين، تير خود.
من مرادون اِي هينئم، تان مانَ! مهراڻان لنگهيان،
دوست! دريا ۾ پئي، دلڙي ٿيم دلگير خود.
وير! ويرون سير تي ورينم، وات واڳن ٿو وڃان،
تار ۾ ڪانهي ترڻ جي، تو بنان تدبير خود.
جي ڪري پانيم ڪسيون، سي ٿينم ڪارونيار ڪُن،
ساهه ۾ سيرون پيئنم، ثابت لنگهائي سير خود.
رات سوٽي ۾ سُتي، سنهڻان! ڏٺم ماڻ ئي وصال،
مانَ سپرين! ٿئي سچو، تنهن خواب جو تعبير خود.
قيد قسمت جو لٿو، قادر ڪيا پنهنجا ڪرم،
هينئر هيٺي جي طرف، آٿي حجازاً هير خود.
عرب ۾ آخر آهي، ارواح "احمد" چئي پنم،
سڙهه مديني ۾ ڏٺيم، مليو محمّد مير خود.

رديف (ڙ)

غزل (١٥٥)

روح ڇني ٿو رهہ تہ ڪريون، رس رهاٽيون رات اڙ،
قلب لايون قلب سان، ڪريون ڪهاٽيون رات اڙ.
خاص خلوت ۾ خلاصا، خبر ٻلي ڪامن ڏسي،
مجلسون مرضيءَ جي موجب، موج ماٽيون رات اڙ.
دوست درسن جو دلاسو، آهہ ڏينهن ٻن ۾ ڏنون،
سور ويندا سڀ ستنڌين مان، سار ساٽيون رات اڙ.
باغ ۾ ڏينهن جو بيهڻ، بلڪل نہ ڏي ٿو باغبان،
منجهہ اونڌاري مهل ميوا، چو نہ چاٽيون رات اڙ.
بيرهہ دل بريان ڪئي، بيمار بت بستر سٿي،
انتظاريءَ ۾ اچان اکڙيون نماٽيون رات اڙ.
ليک ۾ تو وٽ لک لهي، لک سال، ٻي لک وٽ نہ ليک،
پنج ڪوريون، پاٽليون، يا پنج پاٽيون رات اڙ.
التجا آهي ادب سان، ترس "احمد" وٽ عجيب!
سڀ اجائي عمر ويئي، منجهہ عيش آٽيون رات اڙ.

غزل (١٥٦)

سڄڻ سان سڃيي سونهن، سچ نال اڙ،
نہ اڙ، ٻلڪ اڙ جو ٻہ، اڄ ڪالهہ اڙ.
سنجهي مان صبح جي، ٻجهان ٻانگ اڄ،
سوين سال توسان، سڄڻ سال اڙ.
ليکي لوڪ مان لعل، مرجان ويا،
لڏم تنهنجي لب لال ۾ لعل اڙ.
سنڌ ۾ لڙڪ ليکين لعلون ڪري،
تہ ٿوري ۾ تورو ٿين تال اڙ.

اهي ڪان ٿهري ڪوهن تي ڪُهن،
چُٽا جي ته، پوءِ ڇا ڪندو ڇال اڙ.
ڪٿي تيئن وٺين، پر هينيين تان هٽين،
ته ڪٿين ڀال ڀانيان، نه ڪو ڀال اڙ.
سڀي دل سڄڻ وٽ امانت رکيم،
مگر پوءِ مشڪل مليم مال اڙ.
حقيقت ڪَمَا حقّهُ ڪيئن ڪُلي،
سوَن ڳالهين مان، ٻُڏي ڳالهه اڙ.
حقيقت پڇين ٿو ته حُجري ۾ هلي،
اهو آهه "احمد" جو احوال اڙ.

غزل (١٥٧)

آئون ٿيس مَتهدي تو مهندان، ماهه تون رڏ، يا نه رڏ،
تون سڄوئي سونهن، پيا سڀ سونهن جو اڏ، يا نه اڏ.
قفل ڪوڙا ڪوٽ جا، ڪوڙين ڪٽڪ ڪانا قريب!
دل ديواني ڏُو اندر ۾، دوست! در ڀَڏ، يا نه ڀڏ.
مورچل جن ڪي لڳي، مٽ مور مورت ۾ نه مُور،
صحبتون تن صاحبن جون، سَڏ ٿلي سڏ، يا نه سڏ.
حوصلو هرگز نه هاريان، جي ٿئي حاصل حبيب،
سير ۾ سامهون وِهايان، سُڏ نه پئي ٿڏ، يا نه ٿڏ.
هٿ هرڻ ايندءِ هَرين، هر هر نه هرڙا! ٿي هلاڪ،
وام واري هو وڃن، ور لاءِ تون وڏ، يا نه وڏ.
هڪ ڪٿوري، خون پيو، ليڪٽان نه لالن! لوڪ ۾،
قيد ڪاڪل ۾ ڪرڻ دل، اي ٻه هڪ ڀَڏ، يا نه ڀَڏ.
زهر مجني لئي ميئائي، لعل ليلي جي هٿان،
تو ڪڍي ڪائي ڪُني مان، تون وٺي وڏ، يا نه وڏ.
سونهن پريا سڀ، سُونهن رب" سائين جو، سيبائين ساهه،
ڪيئن چوي "احمد" انهن لئي، هي ڪي، هو وڏ، يا نه وڏ.

غزل (١٥٨)

ڀڄيو هٿ ڀاڪاريان، ڪري ڀاڄه ڀُڄ،
مُلان سور توسان، ڀين سُڄ، نه ڀُڄ.
محبت ڀڄي ڪين محبوب ڪير؟
هجي هي، ڪرِ هُو، يا هندو، جين، ٻڌ.
همه آدمي، هيڪ آدم منجهان،
ميا ڪنهن کي سمجهڻ، صحيح سا نه سڌ.
ٻجي آدمي ڪان، نه او آدمي،
ڪڍي قلب مان ڪِبر ڪينون نه ڪڌ.
ڪڏهن خان لئي، ڪڏ به ڪونين پيا،
ڪڏهن جوڌ ڀُر لاه، جوڌنِ جي جڌ.
ڪڏهن گهوٽ گهوڙي، مٿان گهور گل،
ڪڏهن دوست ڌڙ تي، وسي ڌوڙ ڌڌ.
انهيءَ ڏينهن، اٿيهار سڏبو نه گهوٽ،
سڄڻ سيج لهڻي، سڄي لوڪ سڌ.
قرن دؤر دنيا ۾ ”احمد!“ عجيب،
ڪڏهن ڪير، ڪنڊيون، ڪڏهن ڏس نه ڏڌ.

غزل (١٥٩)

ڏٻي دل دلي ۾، سدائين نه سنڌ،
دوا ديد ڏي دل، سڏيان ڌار، سنڌ.
محبت جو مهران مٿي ۾ مدام،
نه سؤ سال ڏسجي، سوا سير سنڌ.
رڪان هيڪڙي هنڌ ڪيئن هٿ حبيب!
سڄڻ! بت سڄو سور، سالم نه سنڌ.
توکان ڌار، سر ڌار، ڌڙ ڌار دوست!
جدا منجهه جدائي، سندم سنڌ ٻنڌ.

نـہ ماجوج جـي ماجرا منجهہ مجاز،
جهلي کين سگ کي، سڪندر جي بنڌ.
پـريـن لاءِ پـرڏيهہ پـورڻ پيو،
سدا سـنـد، سائيي هجي شال سينڌ!
پرين پـار، پوريـم پـرهہ پـور ۾،
ڪندم ڪوهہ ۾، ڪوهہ؟ سؤ ڪوهہ پنڌ.
ڪٽو تير ڪي ڪَريو، ڪيرن ڪيترا،
ڪلهن سر ڪُنڍا وار ڪن بنڌ ڪنڌ.
سندم هٿ هينيين ۾، تہ پيو هٿ حبيب،
هلي دم بـدم، دل ڦـرڻ لاءِ ڏنڌ.
مَ آچ، تبہ اسر ساڻ "احمد" اچين،
آثاريان نـہ آٿيين، آٿي ڪهڙو انڌ.

غزل (١٦٠)

ڪڍان ڪنهن قضاني، ڪنڌيءَ پاسي ڪنڌ،
تـہ دربان در تـي، ٻـَڌن دوست! ڏنڌ.
نـہ تـڙ تـي ڇڏينم، نـہ تـاڙي طـرف،
انهن آفـتـن کـــي، ٻـڌيـن پـاڻ ٻنڌ.
پـريشان ڪيو مـــن، پـــري شاڻ جـن،
ڪمر وار، ڪاريون اکيون، ڪونج ڪنڌ.
نہ، حـاڪم! هٿيڪو بيو هٿ حڪيم،
هٿي وڻين، سو هاٿي هينيون تنهن نـہ هنڌ.
نـہ پهتس پرين وٽ، تـہ پـرواهہ ناهيہ،
پسهہ ورچ پـُـنـم، تبہ پيو صـــاب پنڌ.
پلئہ سان پـلـؤ واٽ ويـنـدي لـڳوم،
"اکيون ڪول"، آکيون، اٿي ڪهڙو انڌ!
عـرض جـــو غـرض، آهيہ "احمد" عليل،
سڄڻ! ڏي سُٿي ڪا، سڄي ناهيہ سنڌ.

غزل (١٦١)

دوست! در تي جيئن اچان، تيئن، وير، ويراوير وڌ،
بند ڦيرا فضل جا، ٻيا ڦير، ويراوير وڌ.
سئين نهارڻ ساڻ سهڻان! سير ڇوڙين ٿو صحيح،
سير سان گڏ سيڙهہ رت، جيي سير، ويراوير وڌ.
گلبدن! تنهنجي بدن جي، باغ سان مَن بو اچي،
تنهن سبب سبزين ۾، ڪريان سَير، ويراوير وڌ.
جانور، جو ڪا جهل ۾، جان تي جاني! ڪنيم،
شور، شَر، ڪن شينهن، شيڪرا، شير، ويراوير وڌ.
ڪوهہ ڇاٽان، ڪوهہ ڪَرڙا، ڪوهہ هوندا ڪيترا،
ٻر، بلائون، ٻون ٻنواري، پير، ويراوير وڌ.
حسب، حلب، هاڙو همه، هي هي، هنيم، حُسب ۾ حبيب،
پر وڃن پيا پرپريڙا، پير، ويراوير وڌ.
منهن پسڻ لئي هر مهل، ماريان مخالف ڪيترا،
خاص خلوت لئي ڪتان پيو، خَير ويراوير وڌ.
دوستَ! تنهنجي دوستي تان، دوست دشمن ٿي پيام،
حُسن تنهنجي سان هنيين جي، هير ويراوير وڌ.
آهي ”احمد“ جي اِهائي، آهہ! آخر دم عجيب!
دم ڏيان ٿو دوست! ميل، پر دير ويراوير وڌ.

غزل (١٦٢)

گلبدن جيي گهُور وڌ، يا چابڪن سان چُور وڌ؟
انب وڌ، انگور وڌ، يا منجهہ مِٺي مذڪور وڌ؟
قلب قابو ڪيو قرين، زور ڪوڙين ڪانُ ڪڙي،
مينهن ڪنڌيءَ جو پور وڌ، يا مُنهن پسڻ جو پور وڌ؟
دوست ڏسجي دير سان، اي ڏيس ۾ دستور آهہ،
ديس جو دستور وڌ، يا نيت بغل پرپور وڌ؟

دل ڦٽيل در تي ڦيٽو، دلبر دوائون ڏئي ٿين،
نينهن جو ناسور وڌ، يا ٻُت، سنڌن جو سور وڌ؟
موتيو، موتي ڪٽو، جي ڏني تہ، مون تان موت معاف،
حوض ڪوثر، حور وڌ، يا مہ جبين منظور وڌ؟
سج سچوئي ڏينهن سجدا، ڏئي سڄڻ جي سيج کي،
منهن اڳيان مزدور وڌ، يا تخت سر تيمور وڌ؟
شينهن لتاڙينم، شوق مان، پر سگ نہ اڳتي پڳ چڙهيم،
سؤ مرون مخمور وڌ، يا هڪ ڪتو ڪنئور وڌ؟
مون گهريو گڏجڻ گهٽيءَ ۾، گهور ڏيئي گهرڏي چيئون،
ديد درسن دُور وڌ، يا دوستي در پور وڌ؟
جاگهون، جاگير جنت، مُلهہ مڙوئي جان، مال،
ملڪيت مذڪور وڌ، يا ملڪيت ڪان مُور وڌ؟
عشق "احمد" جو احد سين، ڪوهہ ڪاهي ڪوهہ پاس؟
نور اندر نور وڌ، يا تير تجلي طُور وڌ؟

غزل (١٦٣)

سج، سڄڻ اچ آسمانهان، گلبدن، گل ڪير وڌ؟
چيلهہ، چابڪ، نڪ، نيلوفر، سينڌ، سنبل ڪير وڌ؟
منهن تي مصحف پاڪ جيئن، اول ۾ بسم الله پرون،
هٿ جهليو پڇنم هزارين، هٿ، هتي هل ڪير وڌ؟
هار پايو هير ڪائن، حُسن جا هيرا هزار،
يار گل، رخسار گل، گلزار گڏ ڪُل ڪير وڌ؟
هار هيرن سان هزارين، هير تي ڪائن هوا،
هر طرف طرحين تجليون، هي تجمل ڪير وڌ؟
تيرڪٽو، تَر ۾ گهٽو، ٻَر ۾ گهٽو، ناٿو گهٽو،
ملڪ سڀ مُلهہ ۾ ڏنا مون، مال يا ملهہ ڪير وڌ؟
گل فقط گلزار ۾ ڪل، اِي غلط بلڪل غلط،
چاچ جاني! جابجا ڦل جاءِ ۾، ڦل ڪير وڌ؟
حُسن ڪنهن ڪنهن هيڪڙي ۾، حُسن ڪي ڳائن هزار،
حُسن بابت بيت "احمد"، بات بلبل ڪير وڌ؟

رديف (ڏ)

غزل (١٦٤)

ڪر سڄڻ! صحبت ويهي دم، سرڪشي سنيهار! ڇڏ،
هڻ هينئين تي تـو ٻـڌان، حجت نه ٻيي، توسان هڏ.
گهوريان اِن گهـور تان، گهر تـڙ، خزانـا گنج مال،
پـڻ ڏيـان صدقو سيسي، سر، ساهه، سينو، ماهه هڏ.
جي پساهه منهنجا پسين، پـائـي م سي پنبڻيون پريان،
بلڪ سـڪندن لـئـي سدا، اي آهـه سوري پـار سڏ.
سير ڪلهن ڪاڪل ڪي ڇوڙيو، ڏنئين وجهين ٿو قيد ۾،
ٿـا لهن گردن گهٽن جـا، گهـور تنهنجي سان گڏ.
ور سـِگهو سنهڻان پـريـن! ناهيان سـگهو تـو ڪان سوا،
ڏک پريـو، ڏبـرو، ڏوهاري، پيل ڏيهه ڪان ڏور ڏڏ.
جو گهـري، مون حق دعا، داور ڏئي! هن ميڙ دوست،
عـــالـمن الله تـــون! آن جـــو اهـــل اولاد آڏ.
آهي "احمد" چئي اجان مون، ڪـن ڪيناري جو قياس،
پر ڪٽيو ڪوهه ۾ هٽي هوءِ، خوب جا ڪاڏي ۾ ڪڏ.

غزل (١٦٥)

دل سندم بـــي ديس ۾، پـــر دمبدم دلـــدار گڏ،
ساهه ٻيي ڪنهن صـاحبيءَ ۾، ساهه جـــو سينگار گڏ.
سج لـــڙي منهنجي سڄڻ ڪيا، سير لئي سينگار هار،
گـــل هٿن ۾، گـــل وچـاٽـون، گـــل مٿان، گلزار گڏ.
واهه! ساوڻ ڏينهن، ساوڪ، مينهن، سانول سان نينهن،
يـار پيڙو، بـاغ بلبل، بـــونـــد بـار و بـار گڏ.
ارغـــوانـــي رنـگ اڪيون، ڪر آلانبا ڏئـــي عقاب،
خـــوبـــرو ڪيليو ڪٽي ٿـــو، خـــواب ۽ خمار گڏ.

صبح دم بادِ صبا، صحبت سندي، ڪن صاحبن،
منجهه هينئين هرڪو سڙي، ڏسيو هينئين جو هار ڳنڍ.

زلف زنگي فوج جيئن، زوري ٻڌي زنجير سان،
توبچي تارا اکين جا، تير ۽ تلوار ڳنڍ.

منهن ڏٺم محبوب جو، مڙئي مبارڪ ڇئو مون کي،
هڪ نظارن ۾ نظر، پيو نرم نيرمل يار ڳنڍ.

رس زهائيون ريلڙين ۾، ريس ڪن پيا رهه گذر،
غم لٿا غمناڪ تان، غمزا هٿي غمخوار ڳنڍ.

جيئن الف سان لام، "احمد" عمر ڀر شل ائين هجي،
يار ڳنڍ، غمخوار ڳنڍ، دلدار ڳنڍ، ديدار ڳنڍ.

رديف (ٻ)

غزل (١٦٦)

ملڪ ڪان محبوب سنهڻون، منهن سندس ڪر ماهہ چنبِ،
شمس شرمائيو شڪل ۾، شمع جهڙو شاهہ چنبِ.
مشعلي جيئن منهن ٻري، محبوب ماٺهو يا ملڪ،
سڀ دليان ڪي پڇي، دل سين چوان دل خواهہ چنبِ.
جي اچي آدي ڪرم سان، هوند عالم ۾ عجيب،
وات ڦاٽي جڳ وڃن، وڻ نِڻ لڳي وهواهہ! چنبِ.
مُنهن ميٺي منار ڪوليو، واهہ! مورت جو مثال،
ڪنهن ڪناري سان ڪڪر جي، ڪر ڪڍي رُوءِ آهي چنبِ.
گل گلابي ڪيس ڇڏو، يا ڇڏو پرين جهڙو پيرين،
حور ڇڏو تنهن ڳالهہ حق، سچ ڇڏو سڄڻ ڪي، خواهہ چنبِ.
ڇا اسان جي چنڊ اڳيان، آسماني چنبِ آهي،
سچ، سڄڻ سچ ڪي سجهائي، سچ، ڪڍي ٿو ماهہ چنبِ.
جوڙ جڳ، سڀ هيٺ شب هئي، اڳ ڪنان جاني جناب،
عاقبت، لاٿي اچي، عالم مٿان اونداهہ چنبِ.
قبر وٽ قنديل جو، ”احمد“ ڪي ڪهڙو احتياج،
هيڪلائي ۾ هتي، حق جو حسن همراهہ چنبِ.

غزل (١٦٧)

واهہ! بنيا وار، چوٽا چار، چهرو چار چنبِ،
گل مٿان سنبل سنواري، تو پسڳيي بازار چنبِ.
وِجهہ مَ وارن ۾ ڦٽي، وِستير پيهي ٿو ڦڻ ڪٽي،
ڦڻ ڪٽي، ٽڪ هڻ ڪٽي، ٽڪ ساڻ سير ٽڙ ڏار چنبِ.
صبح، صورت لئي سيڪي ٿو، گل سيڪن هٿ ڪي حبيب،
دوست جي ديدار لئي، جهليون دريون، ديوار چنبِ.

مشرق و مغرب جي وچ، تنهنجون مقرر منزلون،
جي لنگهين ان پار کان، ڏج يادگيري يار، چنڊ.
آوجهري، آوجهڙ ۾ آهيان، آءُ سندم آوَجر اکين!
سار لالن! لَهم، لهڻ ۾ وار ويچو، وار چنڊ.
چنڊ چوڏهين جو به گهرجي، تو اچڻ تائين عجيب!
پوءِ ته پردو پَرتوَن کي، پل نه ڏسندس پار چنڊ.
ڇو ته کهڙي چال کٿندس، چاگ چوڏهين چنڊ جا،
وات، منهن، نڪ، نيڻ نرمل، سي ڪٿي سينگار چنڊ.
چنڊ چريا! ڪوهه پوڇين؟ ڇو ته جوڙيو چنڊ ڪنهن؟
ڪم احد الله سان، "احمد" ڪيو انڪار چنڊ.

غزل (١٦٨)

عمر! جام آهم اندر ۾ آڪنڊ،
مزا ماروَن پاس، مارُيَن ۾ منڊ.
ميڻي، جي ستني، تبه مڙئي ماڻ هيت،
هتي نوبتون، نت ڳُڙن روز گهنڊ.
مُٿين تان، هتي سومرا! ولهه وري،
پنوهاريون پرهه ساڻ جوڻين جنڊ.
آڏائي جا آرڻ، اندر ۾ آڏاس،
ڇيڙ ڇيٽ، جامن ڇڪان بعد چنڊ.
ڪيوڻ کيل کاهڙ تي، کيڙيون کريون،
اچي ٿي آتر تي چڻي پاس چنڊ.
ڪيون سينهن مالاريون، مليرا ميلي،
نماڻي ڪي نئين جي نيير ۾ نينڊ.
مندي منهنجي من ۾، منڌيڙا ملير،
وڏيو کير، کيري تي، کيرن ۾ کنڊ.
کليو ڏي کتر، کير کيٽراگ ري،
ٻتڏي رنپ رائي، ڇڏي رُنڊ رَنڊ.

سٽين ڪي ستائڻ نہ شيوو سندئـي،
اهو ڪم عمر ڄام! ڪڻ ڪي آهنڊ.
عـمـر ساڻ "احمد" حشر ۾ حساب،
ڪندا ڪل ڪمن جي جتي جوڙ ونڊ.

غزل (١٦٩)

ڪري گهاءُ، گهونگهٽ منجهان گهور، گهنڊ،
ڪري قيد ڪاڪل، ڪشي ڪانُ ڪُنڊ
سڄڻ! تـون سوايـو، سوا لـک ڪنان،
ڪيئم ڪالهہ، وچ چنڊ جهڙن جـي چـنڊ.
لِڪايو لِڪي، نـور ڪيئن منجهہ نقاب،
نـہ جهلڪار جهلجن، جهـلـيا ساڻ جهـنڊ.
تـوڪـان ڏار، ڏاريـن ڏنـي ڏينهن رات،
بـلا سرو بـالا، گـل و بـاغ ٻـنـڊ.
اسـيـن پـاڻ ۾ روح ريـجهـائـيـون،
ٻـڌن چـو ٻيا، ٻين فـدايـن تـي ڦنڊ.
لڳـو نينهن هيت نـنـڊڙي هـونـدڙي،
ويـا ورهيہ گذري، ڇڏي ڪـر نہ ڪُنڊ.
نـہ ٻيـلـي! ملن ٻيـر، ٻـپـرن منجهان،
ٻـري سا ٻـري پـر رتـي ڏي نـہ رُنڊ.
هجي حُسن جـو گـنـج، هـرگـز حبيب،
بـلا وار بـرسـر لـڙن مـثـل لُنـڊ.
پـريـن پـوريـو در، ڀـون پـور سـون،
گهڙان هر گهڙي منجهہ گهڙڻ لاءِ گهنڊ.
نہ "احمد" جو ڪم حُسن سان هٽ چراند،
ڏيـئـي اک اشارو ڪـٿـن ڀـاڻ ڪُـنـڊ.

رديف (ڍ)

غزل (١٧٠)

ڪيرِس دوست! در تي، ڏڪاري نہ ڪڍ،
وڏيون ڪاوڙيون قصد ڪاري نہ ڪڍ.
نہ گهرَ ساڻ گهر، آڻ گهرّايو گڏينم،
ويهاريئي بہ پاڻهين، ويهاري نہ ڪڍ.
جيئين يار! جيئري نہ ٿيندس جدا،
مسافر ڪئي محبوب! ماري نہ ڪڍ.
نہ صحبت سري، تہ صبح سان سلام،
چڱيو گهر، گهنگهر ڏينهن گهاري نہ ڪڍ.
ڪرين سيَر سنهڙان! ڪڍيو سينڌ سنئين،
نماشام ۾ نانگ ڪاري نہ ڪڍ.
پلڪين تير تارن هنيين ۾ هڄن،
آڪاري اندر، سي آڪاري نہ ڪڍ.
تڏي آئي ڪنهن ساڻ پنجي نہ تنگ،
نہ عزّت ڏيين، تہ آڻاري نہ ڪڍ.
نَفر ساڻ نفرت، نہ رک ايتري،
سوَن نوڪرن مان نهاري نہ ڪڍ.
وري وک نہ، تہ وک ۾ پٺ تي وريس،
وڃڻ مان وريس، وير! واري نہ ڪڍ.
تڙڻ ڪان تڏي تي، ڪُهي چڏ قريب!
ڏڪي دوست! پرديس ڏاري نہ ڪڍ.
ميسي، ڏار ڏڙ، تہ چڱو چانئٺ تي،
نہ سنهڙان! سونهان، هئي سهاري نہ ڪڍ.
ذرو زور، زر ناهہ زاريءَ بنان،
ادب ساڻ ”احمد“ پڪاري، نہ ڪڍ.

غزل (١٧١)

جهلي گهـُور تنهنجي نہ گيرنار گيءِ،
ڪـُهڻ لاءِ قاتل! نہ ڀيا ڪات ڪيءِ.

ڪتل جـي گهرڻ تـان، قتل جي ڪرين،
تـہ ناڪار ناهـي، ويهـي پاڻ ويءِ.

چپن مـــان چکايـــوم، ڪا چاشني،
ڇپائين ڇـريا ڇـُپ، نـــہ چيراءِ ڇڏيءِ.

وَهيان! ويهہ، وچڙي وڏاڻا، وينهان،
پٽن ۾ پٽيان ٿـو، ڏنگهر هيٺ ڏيءِ.

ويهاريان ڪٿي، هيڪ دل ۾ ٻہ دوست،
نہ ڳدري ڀہ ڦارون وچان هيڪ ويءِ.

احـد ساڻ "احمدؔ" ڪڍي ميم ميل،
ڏسان ڏيهہ ۾ ٻـيـو نـــہ ڏاتار ڏيءِ.

غزل (١٧٢)

درد ونـدن جون دليون، دمدم نہ دلبر! يار وَڍِ،
حرف هيٺي تي رکي، هي هي! مَ وِجهہ هر وار ويءِ.

مٿون سنواري سينڌ کي، سرمون وجهي، سرڪش پرين!
پينم اِن پيڪان ڪان، ڀـورو هينيين جـي پار ويءِ.

جان هينيين سان حاج تو، تان ڪينم جهل هٿ کي حبيب!
منجهہ جسم جاني! ويهي، جيرو، جگر جونجهار! ويءِ.

اک ٻنين وارن ڀڃي، ڀـانيم ڦٽي دل هڪ هنڌان،
چاندڪيءَ تـي چنڊ جي، چيني ڏنـم تان چار ويءِ.

قتل ڪن ڪاريون اکيون سون، قلب کي ڪاڪـُل ڪٽين،
تڪ لڳن ديـدن منجهان، دل ۾ وجهي ديـدار ويءِ.

پاڻ گذاريا پاڻ ۾ ساڄن! سگهيا ڏينهن سپ چار،
سوکلائي مون کنان، مون کي نه اچ منٺار وڏ.
مرض هن محتاج جو، مخفي نه توکان مهربان!
درد ڏکيس جان تي، پيو دل ۾ پونس ڌار وڍ.
آهي "احمد" منجهه ڦٽيل، جي کين اٿئي اعتبار،
ويهه سڄڻ! سيني منجهان ٿي، پوءِ سٽڌين جا سار وڍ.

رديف (ذ)

غزل (١٧٣)

حُسن وارن جي زبانان، حرف ڪارو ئي لذيذ،
ڪيترو ڪاوڙ نہ ڪن، تہ بہ اک اشارو ئي لذيذ.
چاڳلي ڪا جا چکايم، اڄ چپن مان چاشني،
ٿيو مزي ڪان جنهن جي، منهنجو جسم سارو ئي لذيذ.
چو چوان منهنجا مينا! مون ڪي متّو چا لاء چئين،
گلبدن! تنهنجو تہ گفتو، گار وارو ئي لذيذ.
ڪيرڪاري رات ۾ خوش، ڪنهن ڪي ڪنڊن سان وٺي،
ٿا لڳن انجام تي، اوجهڙ، آونڌارو ئي لذيذ.
ري حبيبن هاء! گذري، تنهن حياتي ڪان هوئين،
پر ملڻ محبوب جي تان، موت، مارو ئي لذيذ.
رات گڏ راڻا! نہ راهين، تہ رهڻ ڏي راڄ ۾،
نيٺ تنهنجو نوڪ نيڻن سان، نظارو ئي لذيذ.
جي نہ، گوڏي گڏ ويهارين، تہ بہ گهٽيون گهوڙا! نہ بند،
در اوهان جي دوست! پانهي لئي بهارو ئي لذيذ.
ڪوء! ڪاڏا ري خليلن، ڪوء! خوشيون، ڪوء! خواب،
منجهہ گهٽين هن گام جي، گنگهر گذارو ئي لذيذ.
وچ چمي "احمد!" آئي، اوڏو اچڻ توڻي نہ ڏين،
هن پري جهڙن جو، پاسن ڪان پسارو ئي لذيذ.

غزل (١٧٤)

ڪچاڙو، ڪچاڙو، ڪچاڙو؟ لذيذ،
پياري پرين ساڻ پاڙو لذيذ.
ڏڪن ڏار، ڏونگر ڏکيا ٿي لڳن،
هجي حُب، تہ هبّ، خواهم هاڙو لذيذ.

هينيين کي نہ هيرون وڻن، ري وصال،
قربن جي ڪاڏي ۾، ڪاڙهو لذيذ.
بنان درد دانهون، نہ وَاڄا وڻن،
لڳي ساز ۾ سوز، سازو لذيذ.
هدايت وندن کي، هدايت وڻي،
مگر سوڙهلن لئي، سونجهارو لذيذ.
ڪوڪنهن ڏينهن ۾ خوش، ڪوڪنهن ڏينهن ۾،
اسان لئي ڏسڻ جو، ڏيهاڙو لذيذ.
نہ نيڪار جي، نوڪري ڪار ۾،
پلڻ ساڻ پيڙو تہ پاڙو لذيذ.
سوا تين، سوين سال سک ۾ پون!
سڄڻ ساڻ صحبت، ستاڙو لذيذ.
مٺي ملڪ لايون، ملاريون مينهن،
تنواري ٿو هين طرف، تاڙو لذيذ.
ستڪر ۽ شڪر وچ، مليم اختيار،
لڳم لعل لب ڏانهن لاڙو لذيذ.
ڏسان، نان ڏسان، تہ جهين ڏرس رهن،
سڙئي لاءِ سون، سو سهاڙو لذيذ.
پرين پيش پردو، اکين تي عذاب،
اهو طرف "احمد!" اگهاڙو لذيذ.

رديف (ر)

غزل (١٧٥)

سير ڪلهن ڇوڙي ڇڏيا، نازڪ پرين نيروار وار،
حُسن اهڙي سان هينيون، هڻ ڪيو هٿي هوشيار يار.
ڪين ٿئي ثاني سڄڻ سان، سج سچو ئي، چنڊ سميت،
ناهه ڪنهن انسان ڪي، اِن ڪار ۾، انڪار ڪار.
ڪر خدا ترسي، خدا لڳ، خون ناهي خان! خوب،
ٻال ڪر، ٻالو ڪٿي ٻيڏوهه، م ڪنهن بيمار مار.
سال سالم، وچ نه پيو، ڪيئن صلح جي وسريئي صلاح،
مَس لنگهيا آهن انهيءَ، آچار ڪي آچار چار.
دلربا، دلبر! تو ڏاران، ٿينم سر، ڏڙ ڏار ڏار،
گهاءِ غمزي سان مُ رڪ، غم ۾ وري غمخوار يار!
هيج سان، هي جي هنجون، تو هار هاريان ٿو هميش،
مُنهن پينم مهراڻ، تنهن مان ميهر سان مختار! تار.
غرض گهڻين ڳالهين سان، ڇا سندم ڪامل! قريب،
عرض آهيم، ٿي م "احمد" ڪان، سدا آڏار! ڏار.

غزل (١٧٦)

محب! ماڻن ساڻ مرڪيو، مون کي مارين ٿو، نه مار،
ڪيترا ڪارين اکين سان، ڪيس ڪارين ٿو، نه ڪار.
دل ڦٽيي ڦوڙائي منهنجي، ڪر ڦٽڪيي ڪا فضل سان،
گهُور سان گهائي وري، گوشي تي گهارين ٿو، نه گهار.
ڪيئن اندر پيهي اچان، آڏا عدوَ بيٺا عجيب!
ساڻ ڏوراپن ڏينهاڻي، ڏيل ڏارين ٿو، نه ڏار.
سرڪشي ڇڏ يار سنهڻان! سرچ منهنجا مڏ سٺي،
در مٿي دلبر ميٺا! دربان ڌارين ٿو، نه ڌار.

هوڏ چــڏ هيڏي اچــڻ ۾، هڪ ڪري پائينم هوت!
مــون ڪي پيو جاڻي ڀاري، بــاهم ٻارين ٿــو، نه ٻار.
جن، مَلڪ، ماڻهو چويــن سڀ، چنڊ، سج چاڪر اٿم،
هڪ سڄڻ! مون پنهنجي ساٿان، ڀر سارين ٿو، نه سار.
دوست! مون درسن پسي، دل جا اڳيان ميٺيا نه درد،
تون وريو، توڻي وڇيل تان، واڳ وارين ٿو، نه وار.
ٿو سڏين، ”احمد!“ ته اڄ، ڪو عيش ماڻيان تان ملوڪ،
منجهه انهيءَ ڪوڙن خيالن، ڏينهن ڪارين ٿو، نه ڪار.

غزل (١٧٧)

جي سڄڻ! صورت پسائين، مون ڪي ساعت، لــڳ سنار،
تان سندئي ساعت مٿان، صدقــو ڪريــان ساري ڄمار.
مون ڏٺــا مورهين نــه ڀــي وٽ، محب اهڙا معجزا،
جيئن قــمــر تــي زلف ڪارو، ۽ ڪمر تــي ذوالفقار.
حاد ٿن ان حُسن جــي، حوورن، پريون حيران ڪيون،
نيڻ ڪٺيو جيئن ڪلين، تيئن خلق ڪــاسي منجهه خمار.
ڪنڌ قمر نايــو اچـــي، ڪيا سج سويــن سجدا سلام،
چــؤطـــرف چيلها ڀَڏي، بيٺيون ڪري ڪَتيون قطار.
منهن مقابــل محب! تنهنجي، ماڪن جـــو مانُ ويو،
چنڊ، تـــارا، قطب، ڪَتيــون، شمس سوڏا شرمسار.
سج صفا سورج! سٺايئين، مـــر تـــه پيو پائين مَٺي،
تون هونهين ٿو هڙ جون هارين، ناهيه توڪي نڪ، نرار.
چنڊ! چڙهيو چمڪار ڪر، جــانسين نظر نازڪ اچيم،
پوءِ لهي لحظي ۾ وڃ، رسئي متان ڪو غــم، غبار.
روبرو اِي آبــرو رهندئي، نـــه چــوڏهين چنڊ، ماهه!
مَٽ نـــه ٿئين محبوب سين، توڻي ڪرين حيلا هزار.
چنڊ چوڏهين! چانڊڪي جي، ڪر مَ دعوا دوست وٽ،
سج سويـــن ان سڏ ۾، اڳـــ بي آبرو ٿيا بي شمار.

اڄ صبحا "احـمـد" وڃـي، ٽيندو ميڻيءَ پيڙو مگر،
هـي ہـہ ٽـي الفاظ رهندا، ڪاڻ يـارن يادگار.

غزل (۱۷۸)

ڪنهن ڳنگهر، ڳوندر ڇڪايم، گهاءُ گهوڙا! سؤ هزار،
ساهه ڪي صاحب پريـن! پيا، سـُور سوڙها سؤ هزار.
سـُور نيئي سـُڏ سار ساري، پينم سيرون منجهه، سرين،
سـير ڳلن ڳاڙيان، ڪندي ڳڻ ياد، ڳـُوڙها سؤ هزار.
هڪ نه پيرو مون بندي، گهـُرينم بديـّن لئي بخش، ٻال،
تـوهه تنهنجا مـون مٿي، تحقيق تـوڙا سؤ هزار.
رَڙ رُڃـن ۾ رات ٿيي، سٽندي مـرون پيا ماري،
ٿـا ٻـرن ٻر ٻر! انهيءَ ڪان، ٻـُگهه ٻـُوڙا سؤ هزار.
خـوف وارا، خاڪ ۾ پيا، ڪـيل گهٽي ٿيي خلق ۾،
پـر قيامت ۾ ڪـُٽيندا، قسم! ڪـُوڙا سؤ هزار.
عمر ٿيي، اڌ ڏينهن جي، "احمد!" اٿئي پوريون اڪيون،
ڏس ته ٿيا ٻون ۾ ٻڪا، اڳ گهوٽ، گهوڙا! سؤ هزار.

غزل (۱۷۹)

ور سگهو سنهڙان! پرين، تو ڪي ٿو ساريان سپ چمار،
ڳوندريو ڪنهن گهور ڪان، غم ۾ گذاريان سپ چمار.
دوست! درسن ڏانهن تنهنجي، دل چڪي دائم مدام،
نيت ٽيمايـو نيڻ ناڪن تـي، نهاربـان سپ چمار.
روح مـان راهن مٿي، پونـم رهاٽين لئي ريهون،
هيچ مان، هـي جـي هنجون، تـو هار هاريان سپ چمار.
روڄ سنهنجي راڄ جـي، راجا! پـڳـيي نند رات جـو،
آدمي آهـون ڪريـو، آدي آتاريان سپ چمار.
هيت ڪٿي جي خان چونم، تبه خوشي ڪانهي خليل!
ڳـڏ ته تنهنجي ڳام ۾، ڳوڙو ٿي گهاريان سپ چمار.

عرض "احمد" جو سٽي، جي هوند اوتاري اچينم،
ساهه جو ٿورو سڄڻ! تان ڪر سنڀاريان سڀ چمار.

غزل (١٨٠)

ڏي دلاسو دوست! دلبر! درد ڪئي دل در بدر،
نـاهه زوري يلڪ زاري، زيـر بـاري ذر بذر.
جي وساريان تبه نـه وسرين، خـود وسارڻ وسرينم،
تنهنجي صحبت لاءِ سنهڻان! سؤ سڪائـون، سؤ نذر.
لڙون لڪايم لوڪ کان، لالن! نه لڪيا لڙڪ لال،
پرهه جـو پاڻي اکين جـي، ڪئي پـريشاني پڌر.
بس نـه، بيوس ڪان ٿين، باتيون بهادر يار جون،
بـي بـهادر، گـل بهاري، بـاهه، بجلي، يـا بدر.
حُسن هيرا، لعل، مـوتي، عشق هڪ اونهون عميق،
سڀ اري ۾، سپ تري ۾، ري توڪل تون نه ڍر.
تو سوا ڪارا ڪيـڻ ۾، ڪير، ڪنديـون ڪارڪون،
خـواب ڪهڙا خـوبصورت! ري پسڻ پُسيل پڌر.
آئون هٿولن جي حوالـي، تـون حويليءَ ۾ حبيب!
نيت ڪٿي تنهنجو نـه ماڻو، مَن نيماڻو، تن نذر.
آرسي "احمد!" نـه ٿيءِ، پـر آرسي ۾ ڏس عمل،
ڪجهه پڌر پوندا جتي، پڇندا نه آت پُٽ کان پدر.

غزل (١٨١)

اي ادا! پانڌي پرين جي، پار جي ڏي ڪا خبر،
خوبصورت، خود نما، خون خوار جي ڏي ڪا خبر.
جو سُنهان محبوب سٿيي، مذڪور، سو مخفي نه رک،
سُنهن اٿئي ساٿي! سڄڻ سينهار جي ڏي ڪا خبر.
رک سندم ڪوڙي سٽي، قـاصـد قريباڻا! قدم،
دوست دلبر، دلـربا، دلـدار جـي ڏي ڪا خبر.

هيت ڪڏهن منزل ڪندا، يا قصد اِي لاٿو قريب،
محب سوچاري، مِٺي، منٺار جي ڏي ڪا خبر.

برهه ۾ بي حال ٿيو، بلبل سڪي ٿي باغ لئي،
گفتگو ٻي بند ڪري، گلزار جي ڏي ڪا خبر.

ڪي ڏٺئي اونئين ادا! اوڏا، ٻري ايندا عجيب،
ماهه جهڙي منهن، محب مهندار جي ڏي ڪا خبر.

هرڻ اکين، هنجهه ڳچي، ۽ حور جنت حسن ۾،
سج ٻي صورت، سروَ قد، سالار جي ڏي ڪا خبر.

پنڌ ٿيندا ڪيترو، هين هنڌ کان حجرا حبيب،
در سندي درگاهه، دربار جي ڏي ڪا خبر.

تنهن مِٺي محبوب جو، هو ماڪ ۾ کهڙو مذاق،
شاهزادي جي شهر، بازار جي ڏي ڪا خبر.

ڪِٿِن هئي ڳادي گوهر جي، ڪِٿِن هٿا گلزار، گل،
ان وطن، وسندي وندر، وڻڪار جي ڏي ڪا خبر.

ڪِٿِن ڏٺئي مهندار منهنجو، مُرڪندو مسند مٿي،
ڪِٿِن هلائين ٿي حڪم، هوشيار جي ڏي ڪا خبر.

ڪِٿِن ٿليا ٿي، ڍول منهنجا، ڍيل واري ٻَول سان،
راهه، راٺي جي روش، رفتار جي ڏي ڪا خبر.

ڪِٿِن ڪُشا ديرا ڪري، ڪاڪل ڪي ڍاريون سير ڪلهن،
سئين سنواريل سينڌ جي، سينگار جي ڏي ڪا خبر.

ڪيترا ڪارين اکين جي، ٿيا ڪرشمي سان ڪُٺل،
ناز واري نيڻ، نيزيدار جي ڏي ڪا خبر.

آهه "احمد" جي ٻُڌي، پوءِ ڇا ٿيو اگيان عجيب،
آن طرف انڪار، يا اقرار جي ڏي ڪا خبر.

غزل (١٨٢)

خواب نيو ڪنهن خوبصورت، خوب سيرت، خوب تر،
گل، گلابي ڳل اگيان، بلڪل لڳي بدتر بتر.

قيد ڪاڪل جي ڪڙي ۾، قلب منهنجو ڪيو قريب،
تير جيئن تارا اکين جا، تير مٿي ٿئي دل تيتر.

سئون سنواري، سينڌ سانول! سٿير لئي اڄ ٿئين سوار،
قرب وارن جون قطارون، نينهن وارن جي نتر.

دوست جي ديدار لئي، ديوار، در تي سڀ هجوم،
هو، پري ڪان پرتوا، وچ ۾ نڪو پردو پتر.

جيءَ جهڄي تو لاءِ جاني! جندڙو جهوريءَ جهليوم،
اک ٻجي، ۽ ٻت ٻجي، جيئن ٻت ٻجي ٻڄندي ٻتر.

سُورَ سانگيڙا ڪيا، سانگي ورن من سانگ تان،
موڪليم پُرزون، پُرزو، سڀ پتو ڏيئي پتر.

واهه! سانوڻ، واهه! ساوڪ، سار سانولڙا لنهن،
ٻلسرا، ٻيٽ تي ٻٺاريون، گاهه ٻتيين ۽ ٻتر.

هيبتن حيران ڪيو، هيهات! هي هي! هي هينيون،
ڪيئن تران هن تار مان، پاتار مان ترهو نه تر.

آهي "احمد" آسري ۾، من اجابت ۾ اچن،
نينهن نياپا نوبنو، تازا بتازا، تر بتر.

غزل (١٨٣)

پنڌ پيريءَ جو پراهون، پُر پکيڙا! ڪول پر،
پرپريڙو پنڌ، پر پيغام، پهچي ڪنهن به پر.

بي نشاني جو نه ثاني، ڏج نيشاني نينهن جي،
اِن پتي تي پهچ پانڌي، پرَ ڪري، پٽ ڪيئن به پر.

تن پياسي، من پياسي، پڪ پياسيءَ ڪي پيار،
پُر هجي پير ساڻ دل، پر پرپرو شل هوئي پرَ.

رُڏ ڪڏائيي رُس م راڻا! رس نه ڪريون رس رهاڻ،
پرچ، پرچي ساڻ پرَ ۾، موڪليم پيغام پرَ.

نور نيڻن جا! وهن نيڻن منجان، نيت نار نير،
ناهه تو ڪي هين طرف، تير جيترو ڪو ترس پر.

نيڻ واهي نهر جيئن، جنهن ڏي ٿئي نينهن مان نيهار،
روج هوندس راڄ ۾، راجا هجي، يا راڄ پر.
آس ”احمد“ جي تہ شل! آسڻ اچن، يا آسپاس،
ڏي اچڻ جو آسرو، تو ۾ اٿم آسيون آپر.

غزل (١٨٤)

جلد ورجئين، يار جانـــي! پس اکين مان جال جر،
دوست! دوري دل وڍي، وڃجي بہ جيئن گدرو، گجر.
آهہ وَالصُّبْحِ اِذَا اَسْفَرَ، صفت صــورت صحيح،
وصف وارن ۾ پــڙهــان تـــو، والفجر ويلي فجر.
نـاز تنهنجا، راز تـــوسان، پـاڻ ۾ نـاز و نياز،
آئون نہ چاڙهيان چانڊ پئي تي، تو سوا سوني تجر.
صبح، صورت جـو سلامي، گـرز غمزن جـا غلام،
مُنهن منـور، وار وسيئر، شب قـــدر، ۽ والفجر.
دوست! دُوريون ڪيتريون، تہ تون نہ دل کان دُور دم،
تنهنجي صورت ساهہ ۾، جيئن چيٽ هجي برسر هجر.
گهر گنگهر، منجهہ گام گوندر، گل بہ روئيي ٿيا گلاب،
لُڙڪ لالـــن تـــي لـيـارن، لال شبنم سان شجر.
حُسن جي هيرن وٽان، هر هر لنگهين ٿي هيرا! تون،
چئج ”احمد“ جـا عرض، الله ڏئيورئـي شل! اجر.

غزل (١٨٥)

بخت ٻانيان ٿو تہ آهہ، بـــد بـرابـر ڪي قـــدر،
جيئن سڄڻ سرتل ٿئي پيو، سخت مون سير ڪي قدر.
جيئن ڪرين محبوب! ماٺا، تيئن لڳين ماڪيان مٺو،
آهہ اِنَ شوخـي ۾ شايـد، شهد، شڪر ڪي قدر.
ايئن ڪهان ٿوڪين، تان ڪڻ، ڪات منهنجي ڪنڌ مٿان،
بلڪ آهيان خـون ۾ خوش، ڪـوڙ خنجر ڪي قدر.

ڪان هئي، ڪي ڏينهن لنگهيا، ڪڙڪڙڪندو ڦارون جيئن،
پڇو وڃي اڄ سئين اڃان، ارواح اندر ڪي قدر.
نـاهيان نيٽن رڳـو، تنهنجي نهوڙيـو نـازنين!
منهنجي اکين ڏي بـس البت، آهي آخـر ڪي قدر.
ديگ چاڙهينم دوگ ٿيي، ري لوڻ کونرن منجهہ ڪري،
ڪيڻ جهڙي ٿئي ڪيلين جي، هوند هيڪر ڪي قدر.
پاڻ سمجهان ٿو تہ سنهٽان! سونهن ڪري آهين سموند،
پر پيـانيي، جي پرين! تـان آهيين ڪـَر ڪي قدر.
پانءِ بيت الله پرون، تـو ڏانهن نيـّتـان ڪر نماز،
پر ٻجهان قرآن جي، قرأت نـہ ڪنهن پر ڪي قدر.
ما تـيَـسـَّر مِـنـْہُ جيي، پـڻ ميڙ ڪـُلي معنيٰ مٿم،
جي ڪرين محبوب! مان ڏي منهن منور ڪي قدر.
عاجزيون "احمد" جون آهن، عمر ساري تو اڳيان،
تون بہ مـَرڪي ميهر سان، مون ڏانهن منهن ڪر ڪي قدر.

غزل (۱۸٦)

منهن ڏيکاريـو مهر سان، ڪنهن مهل منظور نظر!
هين نظر جـي منتظر تـي، ڪر نظر نـور نظر!
لک لهان، يا ڪک لهان، قيمت نہ وٺندس تا قيام،
شال ڪن! منظور مـون، بي مـّزد مـزدور نظر.
تير تارن جـا، اگهين پوين، جـي پاسن مان ٻهار،
دوستن لـئـي، دوست ڏاري، ڏار دستور نظر.
هيڏي ساري حياتـي، هـر نشو هونـدو حرام،
پر، نـيـس مـيخان ۾ اڄ، ڪنهن بـہ مخمور نظر.
عـمـر ساري آهـي زاري، عـمـر ساري انتظار،
مس ٿـيـو مسڪين اڄ، مسرور، مشڪور نظر.
مينتون، ميڙيون ملڻ لئي، مـُلڪ سي مـُلهہ ۾ تہ ميل،
مغز مـارينم ڪيترو، مـهـندان بـہ مغرور نظر.

اک اشاري سان پڇيو، احوال "احمد" کان عجيب،
چا ڪجي منهن مان ميٺا! مسڪين، مجبور، نظر.

غزل (١٨٧)

مينهن وسڻ جي مند آئي، مينهن مارئن پار ڪر،
کيل هن ڪڻ تي کيوڻ جا، اي تہ پاسو پار ڪر.
ڇم ڇم ڦيمي جهڙڦڙ جهيمي، آگم گهيمي ڪئي مينهن جي،
هو وسي وچ ۾ ولهارن، پڻ جهليي هين ڪار ڪر.
اڳ تراين تانگهہ ناهي، ڪئي وري تاڙي تنوار،
ڪر ر ڪيو ڪرتي ڪڪر، ڏئي ڪين ڪارونيار ڪر.
ڇڏ تہ مارئن سان ملان، مارين ماڙيون مير! مون،
ڪيئن قيامت ڏينهن ڪٽندين، اي ڪندي ڪم ڪارڪر.
جهوليون جيڏين سين چونديس، ڪالهہ پيرون پانڌ ۾،
اڄ لهي هي هي، نہ هت ڪو، هيڪڙو هيڪار ڪر.
هيت ڪٿون پاءُ! هُت ڪٿونبا، کير کيريون، پيريون،
چام چاريون چم اٿم، چاپس نہ تنهنجي چار ڪر.
آئون عاجز آهيان، "احمد!" ڪريان آهون اسر،
آسرو الله ۾، تون مر عمر! انڪار ڪر.

غزل (١٨٨)

مٽس گهوريس، گنه سڀ معاف، گهائو گهور، تون پڻ ڪر،
نہ ڏاريون ڏوست ڏاريندس، نہ در تان دور، تون پڻ ڪر.
متان پانئين تہ مارڳ ۾، مرون مارين، نہ ماريو مون،
ڪيس چورن وڏي اڳ چور، چڪناچور، تون پڻ ڪر.
پيالو پُر، پيارِي هٿ، پيم پنهنجي پنهل کان پڪ،
چيم سامهون سڄڻ، هي هڪ ۾ سُرڪي سور، تون پڻ ڪر.
مٺا محبوب! تو ٻوليو، مرين تون تان ميلان آئون،
مرڻ منظور ٿيو مون کي، ملڻ منظور، تون پڻ ڪر.

ويهاري تو چيم وهسي، تہ مون وٽ، وٽ وڻيون وڃم جون،
پيڻ منهنجو پيارا! ڪم، ڀلا ڀرپور، تون پڻ ڪر.
نہ عاشق ٻئي مٿي "احمد"، اکيون عالم وڃان تو ۾،
مٺا! ماڻهن ڪيس مشهور، ڪجھہ مشهور، تون پڻ ڪر.

غزل (١٨٩)

سر ڪلهن ڪاڪل ڪشادا، ٿو ڪرين، ائين ڪيم ڪر،
ظلم زوراور! زيادہ، تو ڪرين، ائين ڪيم ڪر.
لاهي برقعو گلبدن! ڀانئين گهمان بازار ۾،
شهر سڀ سچ شاهزادا! تو ڪرين، ائين ڪيم ڪر.
اڳ ڪئنو ڪارين اکين جڳ، پيو ڪجل ڪانيون وجهين،
خون خلقت خانوادا! تو ڪرين، ائين ڪيم ڪر.
عمر آزين ۾ لنگهينم، تہ ڪونہ آٿين اختيار،
برهہ وارا بي مرادا، تو ڪرين، ائين ڪيم ڪر.
ڪوهہ هزارين جي هجن، ويندس هلي تہ در حبيب،
لوڪ ڪوهہ چئي، پنڌ پيادا، ٿو ڪرين، ائين ڪيم ڪر.
دوست چيو، ديدار ڏسندين، ويهہ جهلي هي در دوام،
ٻي طرف "احمد!" ايرادا، ٿو ڪرين، ائين ڪيم ڪر.

غزل (١٩٠)

دلبر! دوا نہ ڪيو ڪجھہ دانهون اچا بدستور،
پيئندي پڙيون پسڻ ۾، پانهون اچا بدستور.
هڪ سال ٿيو سچو ئي، قاصد وريو نہ ڪوئي،
راڻا! رڳيان تو روئي، راهون اچا بدستور.
هي حال هاءِ گهوڙا! وچ مان نہ ويا وڳوڙا!
ڳاڙيان ڳلن تي ڳوڙها، ڳاهون اچا بدستور.
ڪر ڀال ڀيچ مٿي ڀيرا، سڏڙا ڪريان سويرا،
نت واهري جي ويرا، واهون اچا بدستور.

ماريئم مجاز متيون، ڪا ريس پريت پتيون،
آيون ڪپار ڪتيون، ڪاهون اچا بدستور.
سالڪ سڏيو، سڏي ٿو، ورڪ ورڪ وڏيو، وڏي ٿو،
پانهون پڏيو، پڏي ٿو، پانهون اچا بدستور.
ديدار دور درمان، پر ڪيئن نہ ڪيئن قدر مان،
"احمد" سندي اندر مان، آهون اچا بدستور.

غزل (١٩١)

نہ در منجهہ، ڇڏين دوست! تہ در نہ پور،
ڪريان پل پري ڪان، پسي مانَ پور.
نہ جلوي سوا جوت، جاني! ڪٿي؟
نہ خيلوت سوا خير، منجهہ خير پور.
ڪڙي تنهنجي ڪاڪُل، ڪيو قلب قيد،
ڪڙي ۾ ڪڙو جيئن، ڪنديءَ مينهن پُور.
سُتيءَ ڪي ڏيئي ويا، سُتي سيڪ سندي،
برهہ باهہ باري، پرهہ ساڻ پور.
پنهل وٽ پڪي، يا وڃان واءُ ٿي،
نئون نينهن جو ني، پوي روز پور.
ڪندا ڪاهہ ڪي ڪوهہ؟ سئو ڪوهہ ڪوهہُ،
رڪي پرت پوري، پرين پار پور.
بُجهي پنهنجو پاتهون، پهون پاجهہ ڪر،
نہ تون ڪنهن جو پي، پڻ نہ پيءُ پٽ، نہ پور.
آيو آپ ڪي ڏانهن، "احمد" اچي،
ڏيارينس پاجهون، ڪو پيڙي جو پور.

رديف (ڙ)

غزل (١٩٢)

دلربا، دلدار جي درگاهه، در جو آگ نه ووڙ،
ڏينهن گهٽان ڏورينم، گوهر جي گام، گهر جو آگ نه ووڙ.
محب جون ماڙيون کٽي، ڪنهن ماڳ پٽونس مشعلا،
ڪنهن طرف ڏي تخت آهي، تاجوَر جو آگ نه ووڙ.
آهي ڪٿ پاڙو پريان جو، پار ڪنهن پارس رهن،
سگ سياڪو آهي ڪٿ، ساجن، سڌر جو آگ نه ووڙ.
سڏ سڄاڻان ٿو سڄڻ جو، سڀ هنڌان سو ٿي سُڄي،
پيو اٿم ان شاهه سهڻي جي، شهر جو آگ نه ووڙ.
ٿو ڏسان پيرا لڳل محبوب جا، هر ڪنهن هڪان،
پوءِ وري ڪاڏي ويا، تنهن واٽ ور جو آگ نه ووڙ.
ڏيهه سڄو ئـي سج سوا، سونهن ساڻ سينگاريو پرين،
شب نه ٿئي، ڪا شام آت، سانجهي، سحر جو آگ نه ووڙ.
منهن ڏنو محبوب جو جن، موت ٿيو تن تان معاف،
غم، نه غمخواري ونس، گوندر گنگهر جو آگ نه ووڙ.
عشق آئـي اچ وڌيس، اوڙاهه ڪنهن اونهي اندر،
قعر ڪارونڀار جي، ڪنڌين، ڪپر جو آگ نه ووڙ.
ڪو نظر نازڪ ڪري، ايئن ناز سين نابود ڪيو،
جيئن اڃا سين آهيه ڪو، "احمد"، آذر جو آگ نه ووڙ.

رديف (ز)

غزل (١٩٣)

مون سپاچها نيڻ سمجهيا، هو تہ بحري باز باز،
گاهہ گاهي ڏک نگاهي، مثل نيزن ناز ناز.
قلب ۾ آهيم، ڪبوتر جيئن، ڦلابن ۾ ڪٽان،
جي برابر باز جهڙا، تي پون مون باز باز.
باز اچ، بازار ۾ چونيم، ڇڙڻ ڪان باز بند،
برهہ بازي ناهہ ڪا، جنهن ڪان اچن جانباز باز.
بند بازو، بند بت، بيزار تہ بازار ۾،
چشم مون ديدار بازي لئي، پلا جيئن باز باز.
هو گهڻون هان‌هان، ۽ هون‌هون تي،هينيون‌هريل‌حبيب!
سوز ڪان اچ سر سنبل جا، تا لڳن ناساز ساز.
خواب تو ري خوب ناهي، ڪٽ ڪٽي پٽ تي هٽان،
سربسر سازي ڇڏيان، سامان، سر تن ساز ساز.
تون املهہ مون وٽ نہ سلهہ، موڙي،نہ مُوڙي لاءِ مال،
آهي خالص آسرو، ۽ آرزو، ۽ آز آز.
ناهي "احمد" جو احد ري، ڪنهن اجهي ۾ اعتقاد،
روز روزي روز لئي، هڪ ساڻ رازق راز راز.

غزل (١٩٤)

تنهنجي قدمن تان ڪريان، سر قرب مان قربان روز،
صدق مان صدقو ڪريان، سامهون بيهي سامان روز.
آئون پوريان پار آهنجي، تون پرين! در پورين،
تون مون ڪان مستور، آئون تو مٿي مستان روز.
آئون سٽن ماڻهن سٽت، آن وٽ اچان، ايندي ڏرڪيوم،
مانَ، ماڻي گهٽ، اچي جو، بي مهل مهمان روز.

ماهه صاحب ڏي وينم، تنهن کي ستر کن سال ٿيا،
فوت بابت ٿـو ڪريـن، فائق! اچا فرمان روز.
مُلڪ ملڪوتـان مٿي، مليو هئم، مـولـي مُلا،
امـر آئـي ڪٿ ڇڏينم، آهيم اهـو ارمان روز.
واهه وڇوڙي جي ڪنان، وو ووهه! وائـي وات ۾،
هٿ هٽيو هي هي! ڪريان، آهيم هينيون حيران روز.
روح ڪـان راحت ڇڏايـو، رت روان راتـو ڏينهان،
قلب ۾ ڪڙڪڙ ڪريو، ٿهري لڳي پيو ڪان روز.
درد دُوري ڪان اٿم، دانهون اندر، دونهان پهار،
پيا جدائـي ڪـان جلن، جيرا، جگر ۽ جـان روز.
ٿيو سگهي، سيڪو سجاڻـو، ساڻ آئلي، پـر عجيب،
اڻ ڏٺـو مـون ساڻ، ايندي در مٿي دربـان روز.
سير سندم نيو ڪالهه ڪانگل، چئس ڪاوڙجي قريب،
ڊوڙنـدو ناڪس اچين، چـو نئون ڪٽيو نيشان روز.
سنڌ وطن مون، اسم "احمد"، منجهه ڪنڊي وينل قديم،
هاڻ ڪريان هـن گهٽيءَ ۾، گلبدن! گذران روز.

غزل (۱۹۵)

سڄڻ! هـر روز توسان، روز نو روز،
مثل نـو روز جـي، هر روز فيروز.
نـه آهي چنڊ ڪان اڳـ عيد رمضان،
لهي روز نـه، هونـدي روز هر روز.
ڪڏهن رازق ملائـي راز ۾ مـون،
ٿين روزي لـبـن، لب لـعـل فيروز.
نياڳـي رات نيڻن نـنـڊ آڪـڙي،
نه دل مون وٽ، نه اڄ دلبر دل افروز.
ٻـڌم اڌ رات ٻوليون پاپيهن جـون،
ٿيم تازو وري تنهن ساز تـي سوز.

مگيا آنـدا مينـا! تـو اڄ نہ ماڻان،
نہ آهيان نينهن ۾، آئون بہ نو آموز.
زيـاده ذوق زمـزم کان ذقـن ۾،
ٿيس انـداز مـوجب فيـض اندوز.
دهن يڪسر ڪسر ڪوثر کي ڪس آهہ،
جـزاڪ الله جـوزا نيڻ، يـا جوز.
اگـڻ "احمد" وسايـو، اڄ عجيبن،
ڪينم ذوقـاً زيـارت ذالڪ الفوز.

غزل (١٩٦)

دوست دنيا ۾ گهڻان، پر دوست، دلبر اور چيز،
نـرم، نازڪ، ناز وارو، گهـور نيزي مثل نيز.
بت صفا، صـورت صفا، سيرت صفا، سينون صفا،
حُسن ۾ حورون، پريون، شمس و قمر ڪمتر ڪنيز.
ماڻ ري، مڻ ماڻڪن جا، ماڻڪين تان گهوريان،
عشق تنهنجي ۾ عـزيـزو! وسرينم عـزّت عزيز.
نازڪي ۾ نـازبـوء گل، نـاز واري کي نمن،
حُسن جا هر گنج هيت، پر ناهہ هڪ هردل عزيز.
حُسن حـاڪم هـر هميشه، ڦير آبـتـا عشق جا،
ڏس تہ زاريـن ۾ زليخا، مصر ۾ يـوسف عزيز.
سوچ سيني تي چڙهي مون، تون ڪرين سڪ سيج تي،
تـو سوا ڪهڙي طبيبن کـي، طبيعت جـي تميز.
ڪنهن غرض سان غرب ڏي، ڪاهي غـرابن کي غريب،
عرب "احمد" ميڙ، يـا الله، يـا ربّ، يا عزيز.

غزل (١٩٧)

ڪن گهڻان محبوب ماڻان، تون اڃا ئي اور چيز،
راڄ ۾ ڪئين راڄ راڻـا، تـون اڃا ئي اور چيز.

ڪئين پرستان ۾ پريون، فردوس ۾ حورون هزار،
هيت، هُتي ڪن حسن هاڻا، تون اچا ئي اور چيز.
اي غلط آهي تـــہ آهيان، غير واقف غير ڪان،
سچ تہ سڀ سنهڻان سچاڻان، تون اچا ئي اور چيز.
تنهنجي جلوي ساڻ جاني! ٿـا لڳن جوهر جهڪا،
مير گهہ، موتي، مور چاڻان، تون اچا ئي اور چيز.
تنهنجي شرميلي نـگاهہ سان، شرمندا شمس و قمر،
ڪُل نڪتہ تو وٽ نماڻان، تون اچا ئي اور چيز.
تير ڳلن تي، وار ڪارا، سرڪلهن ڪر ڪوڙڪيون،
دوست! ڪئين سي دام داڻان، تون اچا ئي اور چيز.
ملهہ، نہ جن جو ملڪ سارا، مور ڪان مورت ماوڪ،
دوست! تو د ر سڀ وڪاڻان، تون اچا ئي اور چيز.
باغ ۾ گل خوب بلڪل، خوب "احمد" ڪل املهہ،
سڀ پوَن تـو پيش پاڻان، تون اچا ئي اور چيز.

غزل (١٩٨)

ملڪ سارو ســور، پـــر محبوب ســـورت اور چيز،
صورتون سڀ صورتون، هي سونهن، صورت اور چيز.
هي همه ئـي هيڪ جهڙا، حُسن هڪ هڪ ڌار ڌار،
نيڻ نــرمل، نـــون نرگس، نـــون صورت اور چيز.
اڳ بہ ساڳي شهر، ساڳي شغل، ساڳي صبح، شام،
اڄ ڪيو تنهنجي شعاعـــن، شهر سورت اور چيز.
گل وٽن، گوهــر وٽن، گهائينَ پڻ گهورون گهٽن،
تنهنجي صورت، صورتن ڪان، ڪنهن بہ صورت اور چيز.
پيا ڪروڙين ڪاوڙيون ڪن، ڪک ڪيان ڪنهن جي نہ ڪاڻ،
قلب تنهنجي تي ڪٿر، يا ڪس، ڪدُورت اور چيز.

عمر ۾ حج هيڪڙو، نيت نيت نمازون پنج، گنج،
هر زمان تنهنجي زيارت، جيئي ضرورت اور چيز.

جي هميشه هنج ۾ تب، هيج هي جو هي هجي،
پل پسڻ تنهنجو پيارا! پوءِ تہ پورت اور چيز.

اک اشاري ساڻ ”احمد“، اڌ مثل، اڌ واٽ ۾،
خون جي هوندئي خبر، پر روبرو رت اور چيز.

رديف (س)

غزل (١٩٩)

ساهه ساڪن ٿيو سنڌ ۾، ساجن سڏ ر جي آسپاس،
بت وڃي باقي رهيو، برباد ٻر جي آسپاس.
ڏينهن گهٽان مون تان هنيون، هت ڪان وڃايو هو حبيب!
اچ لڌ ۾ ڪجهه، شاهه! پرزا، هن شهر جي آسپاس.
مڙهه، هڏيون منهنجا سڪن، محبوب! تولئي منجهه مقام،
ڪرم سان پائج قدم، ڪنهن دم قبر جي آسپاس.
سچ، ڪر آهن گلبدن! گڏ، گرز تنهنجي گهور سان؟
يا ڦرن نازڪ! سنڌ ۾، نيزا نظر جي آسپاس.
منهن ڀران محبوب! تنهنجي، وار وهه! جوڙا لڳن،
ڪر هلي ٿو ڪو ڪڪر، ڪارو قمر جي آسپاس.
سئون نهاري سانولا! سينگون ڇڏيئي سيني مٿان،
زخم جاني! تن ڪيم، جيري، جگر جي آسپاس.
عمر سڀ اوڏو نه ڇڏئيي، مان! مئي "احمد" عجيب!
ڏڙ دفن تنهن جو ڪرائين، دوست! در جي آسپاس.

غزل (٢٠٠)

آءُ تہ گهاريون گڏ گهڙي، گلزار، گل ڦل آسپاس،
پاڻ ڀيڙا، ٻوند برسن، باغ، بلبل آسپاس.
آئون ڪنڊو خود، يا ڪنڊي ۾، يار منهنجو گل گلاب،
گل، ڪنڊو گلزار ۾، گفتار گل گل آسپاس.
گوهرن ۾ گهورياسون، گل بہ گل گهورڻ لڳا،
حسن تنهنجي جو هلي، هر هنڌ هلا، هل آسپاس.
سج چڙهي ۽ سج مٽڙي، سير تي سهان سنهڻن سيئون،
روز راهون ڪوهه روڪين، رول! رل رل آسپاس.

گهيڙ تي گهوڙا! گهڙيءَ ۾، گهـُور اهڙو گهائيو،
ساهه سٽڪو آپ ستين تي، بت بہ بُل بُل آسپاس.
عشق اوڏن سان اجـايـو، عشق اوڏي سان عجيب،
يار پيڙو، يـا بغل ۾، نـہ تـہ بـــہ بلڪل آسپاس.
عيلم ”احمد!“ سبب اجايو، جي املهه آيا نـــہ هٿ،
ٿـــي فقيريءَ ۾ فنا، فـــي الحال، ڦـل ڦـل آسپاس.

غزل (۲۰۱)

قتل منهنجي لئي ڪرشمون، ڪان قهري آهـہ بس،
منجهه بـــدن منهنجي بـلا، اِي باز بحري آهـہ بس.
قيد، ڪاڪل جي ڪُنل ڪي، ڪر م َ اي رهزن رقيب!
ظالما! زنجير مـــون لئي، زلف زهـــري آهـہ بس.
ڪونہ جنهن ساڄن ڏٺا، پوءِ ڪو، سڃين اگرين سُڃي،
دل تنهين دلـــدار سان، گستاخ، گهري آهـہ بس.
هٿ حياتي جي هڏهن ڪا ڳالهه ڳيرو ٿي م َ ڪر،
مست اک محبوب جي، ڳاڙهي ٿي ڳهري آهـہ بس.
محب ڪي مهينان نہ رهندو، آهـہ ٿورو وقت وصل،
چنڊ چـــوڏهين رات، جنهن ۾ چـار پهري آهـہ بس.
رات راحت روح ڪي هئي، ڏينهن ڪيس ڏيهہ ۾ ڏنو،
ڏ ُر اسان جـي لاءِ دشمن، دَور دَهـــري آهـہ بس.
هـئـي مـُحبن ساڻ مجلس، عاشقن جـــي ڏينهن الست،
ڪين هي اڄ ڪالهه ڪان، قائم ڪچهري آهـہ بس.
سـُور سيخون ٿي سـَنجهي، آپريام ”احمد!“ منجهه اندر،
و َل و ِرهه جـي ڦـُل جهلي، پاسن ڪان پـَهري آهہ بس.

غزل (۲۰۲)

چشم گوشي رهي توسان، گهڙي دم گڏ گذاريندس،
چئين جهل وات وچ هليو، ڏيئي نيت ويڻ واريندس.

چئم جانب! ڏيئي جلوو، جيارين جيءَ نہ منهنجي ڪي،
چئين ڪر ماٺ، ڏر منهن تان، مٿان ان ڳالهہ ماريندس.
چئم محتاج ٿيي نايو مٿو، مون محب! تو مهندان،
چئين اِي سِر مٿي تنهنجو، مٿي سُوري سنواريندس.
چئم آيس اڱڻ تنهنجي، الله لڳ ڪڻ اکيون اوري،
چئين ناقص نيڪر در تان، نہ دم تو ڏي نهاريندس.
چئم موٽي وڃڻ مهٽو، لڳي منٺار! ٿو مون کي،
چئين عادت اٿئي کهڙي، آئي وڃ، نہ تہ آٿاريندس.
چئم دلدار! دل منهنجي، سِڪي ديدار لئي دم دم،
چئين مورک! نہ ائين چائج، تہ موٽي منهن ڏيکاريندس.
چئم محبوب! موچارا، مران ٿو نا تہ ڪر ميلو،
چئين موئين تہ گهورئين، آئون گولن گڏ نہ گهاريندس.
چئم سڪرات ۾ سِڪندي، ڏنم جي ساهہ هيت سنهٽان!
چئين تان ماهہ ڪُل تنهنجو، ڪتن جو قوت ڪاريندس.
چئم ڪج ياد اِي آخر، مئو "احمد" اوهان کي در،
چئين وهلور اهڙي جون، مڙئي وايون وساريندس.

غزل (٢٠٣)

چئين، اڄ رات رت تنهنجو، هٿن سان پنهنجي هاريندس،
چئم سنهٽان! سندئي اِي ٻاجهہ، ساري عمر ساريندس.
چئين، در تان ڌڪائي توکي، ڏيندس داغ دوريءَ جو،
چئم گهوڙا! ڪنگهر ۾ پوءِ، گهڙي جيئرو نہ گهاريندس.
چئين، اڄ، ٻا صبحا سٺنديڻ تہ، ساڄن سانگ وڃو پنهنجي،
چئم مهندئي محب! تنهن ڪان مٿان ٿي پاڻ ماريندس.
چئين، ڪنهن حاج لئي هر هر، اچين حُجري اندر هليو،
چئم دلبر! ويهي ڪو دم، ورونهن توساڻ واريندس.
چئين، منهنجي مثل ٻيو ڪو، وڃي معشوق ڪر موهين!
چئم ڏسبو نہ مٽ تنهنجو، توٽي نو ڪنڌ نهاريندس.

چئين، صورت ۾ سنهڙو سج، سڄي ٿو منجهه سڄي عالم،
چئم سج پيا ٻـــه سؤ اهڙا، نـــه شامل ٿو شماريندس.
چئين، ڪومائجي ڪنهن دم، قمر ڪارو به ٿي سگهندو،
چئم بيشڪ ٻـــلا، تنهنجي، جڏهن ٻـــر ۾ ٻيهاريندس.
چئين، ڏي ڪـّل ته اي ڪاتي، ڪهاڙي ڪان ڪيئي ڪنڌ تي،
چئم قـــدمـــن مٿان تنهنجي، ڪپي قربـــان ڪاريندس.
چئين جيڪر سري صحبت، ته ڪين جا سوز پوءِ سُلندين،
چئم، جن پنهنجي وچ ڪلفت، ڪٽي تن کي ڪواريندس.
چئين، خوشبوءِ ڪٿوريءَ جي، لڳي سڀ خاق کي خاصي،
چئم پريم! پٺي مان تنهنجي، پيرن جي نـــه پاريندس.
چئين احـــوال ڏي ”احمد!“ ڪٽي ڏينهن عمر آڻيندين،
چيم گوهـــر گهڻين ۾ تنهنجي، گولو ٿـــي گذاريندس.

غزل (٢٠٤)

سـِـسي ۾ مٿاهه جـــان آهيم، تـــه سانبيڙا سنڀاريندس،
اجـــل جـــي آت ٿيم، ارواح تيم، اوڏانهن آڏاريندس.
جڙيس زنجير سين ظالـــم، رهيم وائي، نـــه واڪا وس،
حشر لائـــي حـــويلين ۾، اسر تـــائـــين اوساريندس.
ڪرايـــم قيد ۾ قابـــو، ارادي آب داڻـــي اجـــي،
لِـڪـي جـــا ڏينهن لاچـــاري، گهڻان، ٿـــورا گذاريندس.
سڄي بت ۾ سندم سورن، ٻـــڌا سانگين جـــي سانگيڙا،
وساريـــان، ڪينڪي وسرن، وسارڻ کـــي وساريندس.
هميشه حـــال پايـــن ساڻ، پسانيم هونـــديس پيڙي،
نه ڄاتم ڄام! تان وڃڙي، گنگهر جا ڏينهن گهاريندس.
وراڪي آن جي وارن سان، ڪريان ها ساهه کي سوگهو،
ٻجهان ها جي، ته پئي ٻڌ ۾، هنجون پرڏيهه هاريندس.
لقب آهيم لـــوياري جـــو، پيهر ٿيندس نـــه پانهياري،
چوايان پـــڻ نـــه چوڙيلي، نـــه ڌوئي سير سنواريندس.

اسان جو مرڪ مسڪيني، نہ آهيون مال جا مالڪ،
نيڪو، ريجهي تڪن تي ڪين، ڏوٿين ڪي ڏياريندس.
نہ سيرا شان ۾ شامل، ڪريان پيس ۽ نہ پسين سان،
نہ ميوا، مٽڪ مقابل تنهنجي، باغن جا بيهاريندس.
پسند پانور جا پيرون سون، ڪيجان ڪاهڙ جي ڪيرن لاءِ،
سگر سيڪيل سگيٿن جا، عمر ساري، تي ساريندس.
وطن ڏي ڳوڙ ڪيو ڪجڳاهہ، ٿيا گلزار، گولون، گل،
خدا ساڪيي، تہ پيي پاڪيي، پنوهارن ساڻ پاريندس.
آٿاين ۾ آٿاڻو ٿئي، نہ مون ڪان، مال مارُن جو،
وڃي ولڙيون ولهارن جون، چنين چيان ڪي چاريندس.
عمر! پنهنجي اسين ڏيهہ ۾، هلون سج، چنڊ جي ساهي تي،
ڏيو، ڏاتار جو سُنهن! ڪونہ اڳ هارينم، نہ هاريندس.
ڪڏهن اوٺي اباڻن ڪان، ادا! ايندو، نہ ايندو ڪو،
مگر منهن ملڪ ڏي ڪريو، نيڪت نئين سئين نهاريندس.
عمر آهيم، تہ ٿي آجي، عمر جي قيد ڪان "احمد!"
وڇئين ڏاري، ولر واري، وَلو ڏيئي ڳوٺ واريندس.

غزل (٢٠٥)

ماهہ منوّر جي ڏسين، تان سُنهن محب مهندار ڏس،
جي ڏسين سج، تان سجڻ جي، سونهن ۽ سينگار ڏس.
سروَ وڻ سرڪو ڏسين، تان ڏس سڏو ئي قد سندس،
گل ڏسين، تان گل ڪنان، وڌ روپ ۾ رُخسار ڏس.
چنڊ ڪناري ڪَس ڏسين، تان منهن ڪنڌي ڪاڪل نهار،
دام ۾ داڻو ڏسين، تان تير متان، هُو تار ڏس.
شڪل سوري جي ڏسين، تان پاس پنيڻ جي پسيج،
بسم الله يانئين ڏسان، تان پرونئن هر بار ڏس.
تير چُننڊا جي ڏسين، تان ڪر نظر تارن طرف،
قير فوجن جا ڏسين، تان چشم جو چمڪار ڏس.

جـي اجـل ڏسڻون اٿئي، تـان پس اکين پاسي عجيب،
ڪوس قيصر جا ڏسين، تـان ڪاريڻ جي ڪار ڏس.
جي اٿئي مارڻ تـي مرضي، مون اگهي، تان چاڻ مٿو،
جي نه وسهين دوست! تان هي ڏڙ سسيءَ ڪان ڏار ڏس.
شهد، شڪر جـي ڪپيئي، تـان لعل لب لالـن طلب،
جي املهه اورين تـه "احمد!" هـي عجب اشعار ڏس.

غزل (٢٠٦)

نينهن لڳو، ناموس ويئي، نام، خـدا، تـون نام ڏس،
تڪ ڪنڊل وارا! نهوڙيو، دل نيئين تـو، نام ڏس.
حُسن ۾ تــون حُـور جهڙو، نـاز ۾ نـازڪ پري،
منجهه اکـيـن آرام تــو، يـا منجهه ارم آرام ڏس.
چنڊ آپ جـو-تون، ڪر آهـو چين جـو آهين عجيب!
دُر عــدن، لعل بـدخشان، يـا بـدڪ بر بام ڏس.
اک نه جهلجي جوت تي، ويئي جان جلوڻ سان جلي،
تــون بـلا، يـا بخت بـالا، بـاغ، يـا بـادام ڏس.
تـون تجلّي طُور جي، يـا دسـت مـوسيٰ دوست جو،
راڄ تنهنجو روم ۾، يـا تـخـت شاهــي شام ڏس.

غزل (٢٠٧)

سؤ لکين سنهڻان ڏٺم، پـر سونهن تنهنجي سرس سرس.
در منجهان ڏسڻ پسڻ مان، در بدر هر درس درس.
بـنـد حجري ۾ هجي چـــو؟ حُسن هيڙو اي حبيب!
گـــل بهاريـون باغ ۾، مـون ساڻ پيڙو برس برس.
گـل ڪمر وٽ بي‌ڪمان، منهن وٽ قمر ڪومائجي،
تـيـر جيئن تـارا وڏيـنـم، تير سڏيـنـم ترس ترس.
دوست جـي ڏيـدار ڏاران، ڪو دوا، دارون نـه دل،
ويـڄ هـو وڃندا وڃـن، نـاراس نـورس نرس نرس.

ديد درسن دُور پندان، دائما دل کي درست،
پيچ پلين پر پَچ نہ مون کان، بي وفا دل! ترس ترس.
آهي "احمد" اڄ اڪيلو، آستاني تي عجيب!
واهہ جهڙو! وجهہ مليو، ويجهو ويهي ڪجهہ ورس ورس.

غزل (٢٠٨)

دل دليلن ۾ وڌس، ڏک، درد، ڪنهن هڪدم ڏنس،
گهور تنهنجي کان غمايس، سچ ڪِر غمزن غم ڏنس.
آهي داڻن تي دوامي، بيع، وڪري وچ، بهشت،
مون ڪٺي تير تي، ڪٽڪ تي، اگ مُنهان آدم ڏنس.
خون ڪيل سين خان ڪيا، ڏسندي چينون سنڌ ڙين سنگت،
مون انهي انصاف ۾، انعام پنهي عالَم ڏنس.
مٺو مسافر در محب جي، من ڪفن ڏيئي ڪَن دفن،
هُن ڪتن، ڪانگن ڪي آچلي، مڙهہ، هينيون، هڏ چم ڏنس.
"عشق کان آزاد ٿي"، ائين چئو مَ "احمد" کي عجيب!
خوش ڪسڻ ۾ ڪير آهي، پر قضا اي ڪم ڏنس.

غزل (٢٠٩)

سيڪ مَ چڏ، سر وڃي تہ وڃڻ ڏينس،
ڏڙ، پيريان در وڃي، تہ، وڃڻ ڏينس.
مَت مَ محبوب ڪي سرڻ سببان،
عمر آخر وڃي تہ، وڃڻ ڏينس.
دل، دنيا، دين، دوست تان گهوريان،
گنج، گوهر وڃي تہ، وڃڻ ڏينس.
نائين حج جي، ڏس حبيب هلي،
حج اڪبر وڃي تہ، وڃڻ ڏينس.
چاءِ گولو تہ مانِ! ڪڏجين ساٿ،
تخت افسر وڃي تہ، وڃڻ ڏينس.

ناهه خوبي خوديءَ ۾، قسم خدا،
پاڻ، ڪنهن ۾ وجي تہ، وڃڻ ڏينس.
ڪاڻ خوشبوءِ ڪنيام، خاڪ قدم،
عطر، عنبر وجي تہ، وڃڻ ڏينس.
هڪ دو ٽيندو، هتي رهڻ ۾ راڳ،
گلبدن گهر وجي تہ، وڃڻ ڏينس.
مر، ميڙيو چون ملڪ جا ماڻهو،
رهہ مسافر وجي تہ، وڃڻ ڏينس.
آئون نہ موٽان، محب چڏي موران،
مڙهہ، مٺو مر وجي تہ، وڃڻ ڏينس.
رات ۾ روشني سڄڻ گهر جي،
ماهہ منور وجي تہ، وڃڻ ڏينس.
سچ محبت مجاز جو منجهہ پار،
ٻاڦ ٻاهر وجي تہ، وڃڻ ڏينس.
وٺ مٺائي محب جي محفل ڪان،
شهد، شڪر وجي تہ، وڃڻ ڏينس.
لب رکي لب تي ماڻ ميڙ مطلب،
حوض ڪوثر وجي تہ، وڃڻ ڏينس.
پار احڪام عشق جا "احمد"،
ميهت، منبر وجي تہ، وڃڻ ڏينس.

غزل (٢١٠)

دل ڪري ٿي دَور، دلبرا! دوست دلداري ڪجوس،
غم ڪئي غمناڪ، غمزن سان غمخواري ڪجوس.
پيو اچي آواز اندر، المدد! ۽ الغياث!
منهن ڏيکاري ميهر سان، مَهرُو! مددگاري ڪجوس.
ان قريبن جي قرارن تي، نہ ڪالهون ڪر قرار،
ويئي وفاداري مري، تہ ڪجهہ وفاداري ڪجوس.

نيڻَ ٽِي دل، نار نيڻن مان، متان نڪري وڃي،
چوڪ چشمن نوڪ سان، چوبند چوڌاري ڪجوس.
بي قراري، زير باري، بار دل تي بار بار،
يادگيري يار جي جي، يار! ڪا ياري ڪجوس.
جيئن وٺي، تيئن وچ ڪٽي، وارن جي ڪنهن ور ۾ هٽي،
هٽ نہ هيڪلڙي ڇڏي، حيران هيڪاري ڪجوس.
هونءَ لهي قيمت ڪروڙن، پر ڪٽي تير تي قريب!
خرچ ٿوري خال تي، خالي خريداري ڪجوس.
تُرڪ! ڏي ڪا سُرڪ، سامهون سُرڪ لون لون لوڻ ڀُرڪ،
تير بازي ماٺ تازي، تيز بمباري ڪجوس.
آهه "احمد" جي تہ، آهيان آخري دم تي عجيب!
پوءِ تہ چا، پوين پساهن ۾، تہ پوئيواري ڪجوس.

غزل (٢١١)

نہ ڏي دل ديس مان، ڪنهن دوست ڏي دوس،
نہ ان ري منجهہ ارم آرام ايندوس.
نهاري ٿو جڏهن، نٿي ٿو نهوڙي،
ڪُڇي ڀو ڪين، ڪهڙو ٿو ڪرين ڪوس.
طراوت، تازگيءَ ۾، نازڪيءَ ۾،
ڦڪا بت ڪان لڳن، فردوس، فانوس.
بدن جي بوءِ، مگر بادِ بهاري،
بهاريءَ سان بنيا بر، باغ فردوس.
ٿريس! گهوريس! گهمي گهر يار آيمِ،
ٿئي قربان قدمن تان، قدم بوس.
ڀلين آيو! ڀلي ڀانيان تہ آيو،
هُئمِ سچ پچ، نہ ايڏو آرو، سوس.
سڄڻ آيو اڱڻ، الحمد لله!
لٿو "احمد" مٿان ارمان، افسوس.

غزل (٢١٢)

وڃي دل ڦريو، دوست! ڪريو ڌڻ ڌوس،
اهي رڻ نہ راڻا! روا روم، منجهہ روس.
محبت لڳڻ ساڻ محبوب! منهنجا،
وڃائي ڇڏيَم، نينهن ۾ نام، ناموس.
هجر ڪان فجر ساڻ ڦيرا سويرا،
ڏسيو رنگ، دل تنگ ڪن جنگ جاسوس.
ڪَنبي ڪرڻ، ڪاتي ڪنان ڪنڌ ڪپائي،
نہ سالم، نہ سالڪ، اهو بلڪ سالوس.
ڳٽيا ڳن، ڳٽڻ ساڻ ڳٽيا نہ ڳٽجن،
ڪيس لاس ڪنهن لهر، لاهيو لنگن لوس.
ڇون ٿا تہ چوسيو، سڄڻ! سور لاهين،
تہ ڇَپ ۾ سندم ڇپ، ڇپن ساں اڇي چوس.
نہ محروم ڪر، ٻاڪ مرحوم ڪر مون،
مرڻ ڏي مسافر ڪي، منجهہ ملڪ محروس.
اوهان ڪي نہ "احمد" مٿي رحم ايندو،
تہ آيري وري، ني نياڪر ڪي ڪيئن ڏوس.

غزل (٢١٣)

مينهن! ٿڌڙا ڏينهن تنهنجا، مينهن! وس وس، مينهن! وس،
ڏينهن ٿڌڙا، واهہ ٿڌڙا، مينهن! وس، اڄ ڏينهن وس.
سُور سانگيڙا سَنديـن ۾، سانگ سانگيئڙا ويام،
يار نازڪ، ناز واري جي، نهوڙيس نينهن، وس.
تات تاري تنهنجي تارن، تنهنجي طوطن ۾ تنوار،
مينهن! تنهنجي منهن پسڻ لئي، ٿا سڪن اڄ سينهن، وس.
هار جيئن هاريان هنجون، ڪنهن هنجهہ ڳڇيءَ لئي هنج ۾،
دوست، دلبر ڪي ڏني اڄ، ڏينهن ٿيا اوٺيهہ، وس.

مينهن جهڙم جهڙم، مينهن جهم جهم، جهم ته مَن جهانگي ورن!
پَٿهه اندر ڪنهن پَهر جا، پيئي لنگن ۾ پيهه، وس.
ڪار تنهنجي زلف ڪارا، ڪيل ڪوٽين ڪيا خليل،
مينهن! موتين سان رڪن، تنهنجا ڏڙا تشبيه، وس.
آهي، "احمد" چئي، ابر! توتي احد جو اختيار،
دوبه توبه! آئون ڇا، توکي ڪريان تنبيه، وس.

غزل (٢١٤)

عشق جو آهياڻ آهي، آهه بس، باقي هوس،
بي دلن جي بت تي پڙڪي، باهه بس، باقي هوس.
هيٺ ڪاتي ڪنڌ رکي، قربئون ڪُسي قربان ٿين،
ڏين صدقو صدق سان، سر ساهه بس، باقي هوس.
ڏينهن گذارڻ گوندرن ۾، رت روئن راتيون سڄيون،
هُونِ هولن ۾ هنيل، هر گاهه بس، باقي هوس.
ڪن ڪشالو ڪيچ ڏي، ڪن ڪعبة الله ڏانهن قصد،
قرب وارن جي قلب ڏي، ڪاهه بس، باقي هوس.
عزم اي آهم تـه جي، اوڏا ڪڏهن ٿينم عجيب،
هوند گهوريان هڏ، هينيون، چم، ماهه بس، باقي هوس.
در سَٽي محبوب جو، موران نـه ٿي محتاج ٿين،
دردوندن لئي سنديس، درگاهه بس، باقي هوس.
پاڻ خالي ڪر خوديءَ کان، تان ته ملنئي خود خدا،
سمجهه راسخ، اي ربـاني، راهه بس، باقي هوس.
ڇـو هـونئين هلڪا ٿيو، حاڪم سڏائن هي پيا،
ملڪ جو مالڪ خدا هڪ آهه بس، باقي هوس.
عشق مان "احمد" ڪيو اڄ، شعر وحدت جو شروع،
قول آخـر، اي هُوس، "الله بس"، باقي هوس.

غزل (٢١٥)

پسڻ لئي تنهنجي پرديسان، پرين! پينار ٿي آيس،
ٻيلو ڪر ڪو ڀلا جاني! بدن بيمار ٿي آيس.
نہ ساٿم ساهہ، ناهي سر، ڇڏي اڳرا پيا اڪثر،
تنهنجي درگاهہ ۾ دلبر! ڪنان ڏڙ ڏار ٿي آيس.
نہ لهندو حسن جي حد ڪو، نہ ثاني هيو سيڏي قد ڪو،
سندي وائن مٺان صدقو، سڄڻ صد بار ٿي آيس.
ڪڏهن صورت کي سينگارين، ڪڏهن ماٿا ڪريو ماٿين،
ڪجل پايو قتل ڪارين، وڍيل هين وار ٿي آيس.
اوهان جي باغ ۾ بلبل، ڪندا هٿا گفتگو گل گل،
ٻڌي هي حسن جو هُل هُل، پکي آچار ٿي آيس.
خبر پهتم نہ خاطو تو، اهي ڪم گوشت گوهر! ٿو،
سُتت سنهٽا! ڪٿي سير پيو، نيئي نروار ٿي آيس.
ڏُجهڻ اڄ ڏينهن ڏنم ڏوران، سُسي ويوساهہ تنهن سُوران،
ڇيم مارُ مٽ موں کي سوران، اهڙ لاچار ٿي آيس.
ڇيو ٿي زلف اِي ظاهر، نہ موں ۾ ويا سُجهي ماهر،
ڪلا داري هئس قاهر، نظر ۾ وار: ٿي آيس.
ڏسو قدرت سندي قادر، نہ صحبت جت ٿئي صادر،
نظر سان نازنين نادر، ٻُڌي مان ٻار ٿي آيس.
لنگهي ”احمد!“ عمر ساري، ڪندين زاري مٿي زاري،
تو بخشڻهار! وٽ باري، بندو بدڪار ٿي آيس.

غزل (٢١٦)

وروڻهن تنهنجي وري جاني! وطن پنهنجي ڪان وارايس،
محبت ملڪ اهنجي ۾، منٿا محبوب! مارايس.
دوا دل جي نہ دوريءَ ۾، سوا تو ساهہ سوريءَ ۾،
اکين تنهنجي انبوريءَ ۾، ڪٿي بازن کي ڪارايس.

نہ لحظي لاڏ تـو لهڻان، نـہ مون ۾ سور دم سـَهڻان،
سنڌ ئـــي صحبت سنڌا سنهڻان، مٿي سوري سنواراءِ س.
مٿي مـَن ٿينم مونجهاڙو، نـہ هـن چاڙهيءَ سوا چاڙو،
ڪڏهن پسبو پرين پاڙو، آڪنڊ جـــن جي آڪاراءِ س.
تـوسان ياري لڳي ياور! ڏ ُنئي داڻي تي دل ڏاور!
ذري ۾ زلـف زوراور، وجهـي ٻـيـڙيــون ٻڌاراءِ س.
ڪينم سچ سان توڪي ثاني، جٺيءَ جو مٺ نہ جو جاني!
قسم سان، منجهہ قـدرداني، انهيءَ هڪ حـرف هاراءِ س.
موهيا جيت ملڪ ماهي هڪ، چوان آءٌ چنڊ چاهي هڪ،
ڪري سچ ڪي سپاهي هڪ، سڄڻ منجهہ ساٽ ساراءِ س.
ڪُٺو منجهہ ڪربلا ڪوڏيو، نہ لونرو لوهہ لڳي لوڏيو،
ٿـي حـورن پاڻ ۾ هوڏيو، ڪفن ڳاڙهي ۾ ڳاراءِ س.
اڪيون آهـو عجب عينون، ڪٺي لشڪر ٻڌ نون لينون،
ڪڏهن پاڙي، ڪڏهن پينون، ڇمي مون چانٺ چاراءِ س.
نہ "احمد" عشق اڄ رکيو، اٿس چـَسڪو ازل چکيو،
سـُٺي پائـــي سڄڻ سـَکيـو، انـــدر پينگهي پياراءِ س.

غزل (٢١٧)

وري يـار منهنجي وسڻ جا ڪيا ويس،
وٺـو ۽ وسي پيو، وسي ديس، پرديس.
شهر، بـر، بحر، بـاغ پـريـو پري ٿو،
چنون، چيچ، اچو اچ، نہ آٿليو آچل ڏيس.
ڪيوڻ ڪيل ڪڻ تي، ٻڌي ڳاج ڳوڙين،
قطارون قطب ڏانهن، ڪارا ڪڪر ڪيس.
وسن مهر جـا مينهن، جهم جهم جهيلارا،
ويل ملڪ وارئين، وڏيون قدرتون ڪيس.
وٺــو آب، آبـاد ٿـيـا گهر ابـاڻـان،
لٿا لـــوڪ ساري مـٺـان لُوس ۽ ليس.

ٿيا ڳاهه ڳجڳاهه، ڳـولـون، ڳـــلاڙا،
ڏسيو لال ليلي، ڪيلي قـرب مان قيس.
اڪـــر وات "احمد" جـــي، الحمد لله،
ڊراڙن جون دونهيون، دکن ٽيون اندر ديس.

غزل (٢١٨)

دل پيرايو درد ڪو، جان دوست! هن در ڪان انگهيس،
آهه ڪيئين اوڇتي، اڄ ڪانُ انـــدر ڪـان لنگهيس.
مـون وينـي، مرشد مُني، محبوب واري مست چشم،
قـــرب مائـــي قلب ۾، ڪامل، قلندر ڪان لنگهيس.
دوست! ديکي منهن سندو ٿـي، دل پڌل ٿي دين سان،
دور دنيا جي ڏنڏي، ڏک، درد، دنڌر ڪان لنگهيس.
ميلڪ منهنجي مُلڪ والـي! تـو سندي محبت مدام،
سچ، سچڻ! سامـان ۾، صاحب سڪندر ڪـان لنگهيس.
عشق جـــي آڙاهه ۾، اوڙاهه آڏا، لک عـمـيـق،
بار چاڙهي ربّ تـي، پـاڙي، بحر، بندر ڪان لنگهيس.
اَڄ "احـمـد" چـئـي آئينم، ديکي اول دريـا حُسن،
پـوءِ جهلينم ساهه جانـي، جـــل جلندر ڪان لنگهيس.

———

رديف (ش)

غزل (٢١٩)

مرحبا! مختار خوش، مهندار خوش، منٺار خوش،
يار خوش، غمخوار خوش، دلٺار خوش، دلدار خوش.
خير سان، خوش خلق آيو، خلق ساريءَ ۾ خوشيون،
غار خوش، بلغار خوش، ملبار خوش، گرنار خوش.
گهر، گهٽيون ۽ ڪام، ڪس، گهميس سيئي، گهوري وڃان،
دار خوش، ديوار خوش، دربار خوش، ديدار خوش.
اڄ سلارين مُلڪ ڇانيو، مهل موچاري ٺڻي،
وار خوش، وڪار خوش، وٽڪار خوش، گلزار خوش.
واهه! واري ويس ڪيا، اڄ ڪي خوشيءَ جهڙا خليل،
هار خوش، سينگار خوش، جنسار خوش، جهلڪار خوش.
سيرڪلهن چوڙيا قرين، زلف زنجيرن مثال،
وار خوش، هيڪار خوش، رخسار خوش، چمڪار خوش.
جيئن ٻه پاٻوهي پرين، تيئن پرت وارن کي پسند،
گار خوش، گفتار خوش، اقرار خوش، انڪار خوش.
دوستن جي ديس ۾، دستور سيڪو دل ونان،
ڪار خوش، وهنوار خوش، رفتار خوش، گفتار خوش.
جيئن اڳيان ارشاد ڪن، دل شاد "احمد" ان مٺي،
خار خوش، گلزار خوش، آزار خوش، آذار خوش.

غزل (٢٢٠)

پرين منهنجو اڃي ٽو، پوش ۽ پوش،
ٻيهو سڀ جابجا، خاموش، خاموش.
ڪشادا وار ڪڪرن جيئن، قمر تان،
منوّر ماهه مُنهن، پروين بنا گوش.

تجمّل جـــي اها تعريف، تـــوصيف،
تہ حاصل حُسن سان گم حوصلا، هوش.
سچڻ آيـو تـــہ سمجهيئم صبح صادق،
وينم فانـــوس ٻارڻ ٿيي فـراموش.
چيئم صـــد مرحبا، صدقـــي سچڻ تان،
رکينم لب، لعل لب تي، دوش بردوش.
هينيون ترينم، هينيون لائينم هنيين سان،
جدائي جو ويو، جيءَ جانَ مان جوش.
سياڳـــي رات، صحبت صبـح تـائين،
دريون، در بند ۽ دلبر در آغوش.
غرض جو ڪيو، عرض "احمد" ادب سان،
نہ گوشي گهار، ٿج گفتار کي گوش.

غزل (٢٢١)

اچي، دلـدار لاٿو، درد دلـريش،
پلي ڪيا پـال، بيشڪ، بيشتر، بيش.
فتح ڏاران وريون فـوجـون فـراقـن،
ڏسي جلوا جهـڪو ٿيو، جوش، جوجيش.
وڇوڙيـل، بعد ورهن جـي وڇوڙي،
ڪيو دلـــدار جو ديـــدار درويش.
جيئن نـرم هٿ، ڦيريم هينيين تـان،
طبيبن ري، طبيعت مـــان لٿو طيش.
شڪر لب، نيشڪر، يا نوش دارون،
نگاهـون نـاز واريون نشتر و نيش.
نہ سون وٽ سون، چاندي سوڪڙيءَ لئي،
ڪريان سر پيشوا جي، پيشڪش پيش.
قديمن جـــو قـــدر، وڏيو قدم سان،
ڏيئي خدمتڪيون، خوش خادمِ خويش.

ٿئـم دل شـاد، دل آزاد، آبـاد،
وڃِـم انـــدر منجهان ارمـان، انديش.
ڏسيو صحبت سڄڻ سرهـــا ٿيـن ٿـا،
ڀريــو بدخواهه، بد انديش، بد ڪيش.
اڄـــي آبـاد ڪيائـــون آستانـــو،
ڪري اڄ چو نہ "احمد" عيد ۽ عيش.

رديف (ص)

غزل (٢٢٢)

آهي ڪو آهنجي اچڻ جو، آسرو انجام خاص،
ساهه صحبت لئي سڪي، سنهٽان! صبح ۽ شام خاص،
ڇا عرض احوال اوريان، آئون اگهيان تنهنجي عجيب،
ماريس اهنجي محبت، مَن اندر ساتام خاص،
موڪليان منهنجي سڄڻ ڏي، سِر سنيهو ۽ سلام،
عطر، عنبر، گل، گوهر، بار، شڪر، بادام خاص،
سونهن، صورت، سُڪ سدائين، پر سُڻن سنهٽان سوال،
عشق آفت آهي عالم، آشڪارا عام خاص،
تومٽان، مُنهن ڇوڙ ميهٽان، مِنهَن جيئن سون تي مدام،
سو بندي بُهتان، بديون، برهه ڪيو بدنام خاص،
تان اسر ٻاريان اگر، ۽ عُود اهنجي آسري،
ڪَن پکين ڏي پرهه ۾، پانڌيَن پُڇان پيغام خاص،
وات ويندَن کي ڪريان، وٺيو اچڻ لئي وينتون،
پڻ پڇان پانڌيَن ته ڪو آندو ادا! احڪام خاص،
هنڌ هندورن ۾ وڇايان، گل سمن سرهاڻيون،
گس نهاريان، گهو ٻهاريان، گل بنايم گام خاص،
بي سڪو تو ري بدن، بيٺس گهمي باغ و بهار،
تون اگڻ ايندين جڏهن، ايندم تڏهن آرام خاص،
اڳ سڄڻ ساڄي نه سارين، سجهه سنجهي ڪان پوهه وٺي،
ڪر اچي آڏي اسر، "احمد" مٿي انعام خاص،

غزل (٢٢٣)

ڏُرائين دوست هڪ سان، دل ٻڌم خاص،
لَڙي لَڪ تان، لِقا لالن لڌم خاص،

پرين منهنجو پري، يا حور، يا گل،
ڪِ جهڙي سج جي صورت، صبح دم خاص.
ڏٺم جڳ ۾ جنهجا جنسار جلوا،
سين ڪان ٿي سڄڻ، سهڻو سندم خاص.
ڪُنڊو نڪ، ڪانَ جي قد، ڪونج جيئن ڪنڌ،
پرين جي پاڪ پيرن ۾، پدم خاص.
نه ڇاڻان دوست، درسن لئي گهرايوم،
ڪِ ڪوٺي، قتل ڪوٺيءَ ۾، ڪندم خاص.
هلي زاريءَ بنان، ڇا زور تن سان،
پلا جن ساڻ لشڪر، لک پدم خاص.
سڄڻ سيڪندي ٿينم ڪي سال سارا،
حڪم ڏي حاضريءَ جو، هيڪدم خاص.
ڪُلي دربار جو در، يار! مون تي،
ته خدمت ۾ رهان خادم، خدم خاص.
ڪڏهن آءِ ڏينهن ايندو يا الاهي!
جڏهن چُمندس، قريبن جا قدم خاص.
نظر سامهون ويا، نِڪڙي نڪت ڪَئين،
مگر محبوب جا، نت دَور دم خاص.
ٿيو "احمد" مٿي احوال روشن،
ته آدم آهه دَم ڪو، يا عدم خاص.

—

رديف (ض)

غزل (٢٢٤)

آهي هر احوال ۾ الله اڪبر کي عرض،
پيش پرور پاڻ پڙ ۾، پو نه ڪنهن پڙ کي عرض.
قُرب مان قربان تنهن تان، جو قريبن کان قريب،
غيرحاضر هت نه ڏئي، هر جاه حاضر کي عرض.
جو ڏسڻ کان ڏور ٿيو، تنهن کان پنان ڏينهن رات ڏات،
ناهه دم، دربان يا ديوار ۽ در کي عرض.
جو ڏسڻ کان ڏور ٿيو، ڏاتار سو ٿئي ڏيهه ۾،
ناهه ڪي ڪنهن تاجور، تاجر، تونگر کي عرض.
مير مرسل مصطفيٰ، معلوم مڙئي ڪاريوم،
ناهه سوا رب سوا، سونهي ۾ ساتير کي عرض.
ڪير پيو قوت نه ڏئي، ياقوت ۽ يا قوت پڻ،
قوت، قوت جو قوي، قيوم، قادر کي عرض.
ڪالهه جن جون ڪورنون، سي اڄ پڌن ڪنهن جي نه ڪوڪ،
سؤ دفعا توڻي ڪرين، سلطان سنجر کي عرض.
بڙ وڏو ۽ بار ٻر سر، پروسو باريءَ مٿي،
راهه بر تيي روهه ۾ رحمان، رهبر کي عرض.
چئي احمد "احمد" وري، گهوڙا! گهڻن کان ڪيئن گهران،
هيڪ کي بس، هيڪ کي بس، هيڪ داور کي عرض.

—

رديف (ط)

غزل (٢٢٥)

موڪليو محبوب مون ڏي، اڄ وري خط خوش نمط،
ڏاريان سڀ ڏار ڏسا، هت هيڪڙو آئيسون فقط.
واهه! موقعو اڄ ملڻ جو، واهه! باغن پاس بوند،
واهه! ساوڻ ساوڪون، تو ڪيئن وٺي؟ ڪارو قحط.
واهه! چيلڪا چنڊ چوڏهين، واهه! صورت سچ صبوح،
پر جڏهن جانب ڏٺم، ڪُل ڪي اچي ويو، پوءِ قط.
پاڻ پنهنجو مَتَ پرين، سو ڪفر ڪوڻ بي مثال،
سچ چوان، يا گل سمن، جيڪي چوان، سو سڀ غلط.
ڪانَ ڪڙڪيو قلب ۾، ڪُنڊين اکين جي ڪُنڊ مان،
زلف زنگي جانَ ڪيئي، ساڻ زنجيرن ضبط.
وَس پريان، پورين مون، توٽي ڪتن ڪانگن ڪي ڏين،
دَم ڏيڻ در دوست جي، مون تي فرض، اِي هڪ فقط.
آستاني تي اوهان جي، اڄ اچڻ "احمد"، نه پيو،
روح جو تو ساڻ راڻا! روز اوّل کان ربط.

غزل (٢٢٦)

موڪليو محبوب مان ڏي، خير سان خط خوش نمط،
خط پڙهي خطرا لٿم، رکيم ڪٽي اکڙين تي خط.
ڏي دوا، دارون، نه ڏي، تبه درد، دانهون دوست در،
غم سڱڻ بي غير سان، آهي غلط، اندر غلط.
هيت نه ڪنهن حيلو هلي، ميڙين هُونهين پيا حڪيم،
جيءَ پوي، منهنجو جنازو، جي ملي جاني فقط.
مون، پرين گڏ پاڻ ۾ ڪيو، پيرتٺو پريات سئين،
اِي خبر سٽندي ڪنيو، ڪنهن خار، خر ڪي ۾ خبط.

نت ٺوابن تي ميران، آهيم سدا اِي سڌ مگر،
منجهه خطا هٿن، خطا جي مشڪ ڇهڙا خال خط.
ڀنڀڙيَن ٻالن ۾ ڀُوتس، جان نهاريو نازنين،
جيءَ وجهي زنجير ۾ ڪيو، زلف زوراور ضبط.
الف کي جنهن ريت "احمد" لام سان لايو ليڪن،
روح تُنهنجي سان راٿا! روح منهنجي جو ربط.

رديف (ظ)

غزل (٢٢٧)

مٿن سونجهاري ۾ پيو، محبوب! ماريس، ڪنهن لحاظ،
خاص خلوت جي خيالن ۾، خماريس، ڪنهن لحاظ.

ناهہ ساعت شهر ۾ سُک، سيج وَسايم سِر مٿي،
اڄ، بکون پاڳي پيم، بَر ۾ بيهاريس، ڪنهن لحاظ.

انتظاري ۾ اکيون آهن، اهڙ خاطر عجيب،
واهري ويرا، مٿي واٽن ويهاريس، ڪنهن لحاظ.

اڻ پنهين وارن ڪي پانيم، بي شبهي ڪريو بلا،
سپ چنين سانگا مکر، مٿي کي سُماريس، ڪنهن لحاظ.

درد دربانن رسائي، چشم در ڪان دُور گهار،
هڪ ہہ وک پاسي ويس، واري ہہ واريس، ڪهن لحاظ.

هين ميٺيءَ ۾ پٺي مٿيون، سون تان، مٿا پوء، لک مُندون،
تو ڳڌي، جانب! وري، جيءَ ۾ جياريس، ڪنهن لحاظ.

گهٽ نہ هو "احمد" عقل ۾، جو اچي وِهہ تي اَڌ اڌ،
پر پيالو اي هٿان، پيريَنُ پياريس، ڪنهن لحاظ.

غزل (٢٢٨)

اڄ ہہ چينگارون چمن ۾، چُست، چهريون لحظ لحظ،
ڪَنل ڳلن ۾، بُلبلن ۾، بيرهہ بهريون لحظ لحظ.

ياد پٺين مون، يار! تون، گهمندي گلن ۾ صبح ويل،
نار نيٽن مان، وهن ٿيون، نير نهريون لحظ لحظ.

مُند" ساوڻ، ساوڪون، ساريام، سانولڙا پرين!
ڇو، ڪڏهن ايندين اڱڻ، اکڙيون آهريون لحظ لحظ.

صبر کھڙو اي سڄڻ! سچ ڪان سوا، يا تو سوا،
ري لِقا لالن ڪٿن مون، لوڙهه، لهريون لحظ لحظ.
ڪاوڙيون ڪيسين ڪري، ڪُهنديم، ڪاتين ري ڦريب!
آهُ تہ ڪريون ڪُنڌ ۾، ڪوڏ ڏون ڪڇهريون لحظ لحظ.
مون کهيٽيون اِن گام جون، ڳوليون سڄڻ! سالون سَوِين،
پر وچن پيون اچا، اڳتي اڳهريون لحظ لحظ.
هرڻ هاراڻو وچن، اکين اڳيان، تنهنجي عجيب!
گهور ڏيندي گُرز سان، گهائين گَهريون لحظ لحظ.
دام تير داڻي مڻي، ٽيا وار تارا تووبچي،
تو نہ ڦهنديون اي پکي! اِن پار پهريون لحظ لحظ.
ويهہ، هجين جي وِهہ پياڪُو، نات وٺ ونگي جي واٽ،
آو پيا، طلبيا ملن جت، طعم طهريون لحظ لحظ.
جن جو اندر صاف "احمد!" تن اڳڻ ايندا عجيب،
هَي! نہ هونهين ٿاهہ تون، هي حال ڀهريون لحظ لحظ.

غزل (٢٢٩)

لُون بيدُون لالن لغارون، لمحي لمحي، لحظ لحظ،
سير ڳان ڪَن لُڙڪ لارون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.
دوست ڪنهن دستور سان، دل تان نہ دم مون کي لهن،
ساهہ ۾ سڄڻن سنيارون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.
هار ۾ هيرا، جواهر، تيئن هينيون پُوتو حبيب،
منجهہ پساهہ پِريَن پچارون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.
گل چمن گلزار ۾، وڻ ٽڻ وِندر وٽکار ۾،
اڄ بہ طوطن جون تنوارون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.
ڪيا آڪنڊ، آڙنگ، آگم، ابر جيئن اکڙيون وسن،
موٽ ماريئڙم مِيارون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.
مَن ميلي جيئري پريَن، ڪارڻ جنين جيئڙو جهڄي،
واهِ والي! وصل وارون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.

مَن مٺي محبوب منهنجو، موهيو ماڻا ڪري،
تَن ۾ تون تون، تَنَد" تارون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.
وِهه ويهڻ ٽڙم وَنهيان! واڻون جهليو واجهائيان،
نيت ڪريان نِڪريو نِهارون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.
آهي "احمد" عيب سارو، پر اگهامن مان نيٺ!
پاڪ پرور در پُڪارون، امحي لمحي، لحظ لحظ.

—

رديف (ع)

غزل (٢٣٠)

دل ڦرڻ ۾ دوست منهنجو، شير، شاهينؔ کان شجاع،
شڪل ۾ شاباس لهڻي، شمس کان ويتر شعاع.
حسن ۾ حورن، پرين، جوڙيا حبيبن پيش هٿ،
نرم گل کي نازڪي ۾، ناهه نازڪ سان نيزاع.
پيچرا جهليو پنهجان، پانڌيءَ پرينءَ جي پار جا،
ڪو ادا! آنؔ کي عجيبن، جي اچڻ جو اطّلاع.
جي اچن احسان سان، آسرو ٽندن جي آستان،
گل گسن تان گهوريان، سير، مال، مڏيون ۽ متاع.
لوڏ تنهنجي لڪ لهي، ۽ لاڏ لشڪر کان وڏيڪ،
ڪُنڊ اکين جي ساڻ، ڪيريا ڪوٽ، ڪُنگرا ۽ قلع.
حال منهنجي ۾ ويا، حيران ٿي حاذق حڪيم،
تو سوا هُن سُور جي، سهڻان! نہ ڪنهن ڪي سُڌ سماع.
هن حياتي هيتري ۾، ڪئي نہ هڪ پيرو حبيب!
آهي اخر وقت "احمد"، آءُ تہ ڪريون الوداع.

رديف (غ)

غزل (٢٣١)

آج بهارين ۾ بدن مون، روح خوش، روشن دماغ،
نور نيڻن ٺار آيم، گل چمن، چشم و چراغ.
ويا لهي ارمان سڀ، الله آندا ني عجيب،
ڪنين آڏايم ڪانگڙا، منجهه ذوق جنهن جي زاغ زاغ.
گل ٽيڙيا گلزار ۾، گوهر گسن تان اور گهور،
دوست درسن ڏيئي، ڌوتا منهنجي دل جا داغ داغ.
هر جڳهه لاٿون ليڳهه، پڳ پڳ، پڳهه، پٽي پٽي پٽڙ،
مند ملهاري، سيم ساري، بوء بهاري باغ باغ.
وات بلبل، قول قل قل، ساز صل صل سوز سان،
پٽ پچي ويا، رڻ رڇي ويا، واهه! ريلون، راغ داغ.
عدو ڪان کهڙو انديشو، آهه "احمد" ۾ احد،
لڙندي لڙندي ساڻ لاغر، نيٺ ليٽيا لاغ لاغ.

رديف (ف)

غزل (٢٣٢)

پـرھ جي بازار ۾، سِر جـو ھلي سودو سـَلف،
سؤ حياتيـون ھيڪڙي، تير جـــي تقاوي ۾ تلف.
ڪين سڌو سينو جھليو، ڪي ڪان ڪـُڪين ڪان پيام،
گھاءُ پريان جي گھـُور جا، مون ڪي لڳا ڪي مختلف.
عشق جـي استاد اول، ھـي پٽيي پاڙھي مون ڪـي،
لام لالـــن زلف پائنج، عـيـن اکيون، قـــد الف.
درد دُوري جا دُونھان، دل تي چڙھيا ھٿا ديو ڪان،
دوست ديکيندي لٿو، اڄ قلب منھنجي تـان ڪـَلف.
روح ويو، پر روح مان، ويئي نـہ راڻي جي رھاڻ،
ھيـن سيڙھيي اوڏھين، آڏامـــڻ لاءِ لائيي آھـہ لـَف.
چنڊ، سج ۽ سون، چانڊي، گل، گوھر، حورون، پريون،
حُسن سيني جـو ھٽي وين، حُسن تنھنجي جو حلف.
ڏي آڏي ڪي آرھـ "احمد!" جي اٿيي بوءِ عشق جـيي،
سِر ڏيـڻ، سوري چـڙھـڻ، ثابت اِھا سُنت سلف.

غزل (٢٣٣)

سڄڻ منھنجو سج، چنڊ، پـــڻ صبح صـاف،
سڄو ئيي سڄيي سـُونھن، ٻـيـو لوڪ لاف.
پـريـون خـــود ٻَريـائين، پـُڄائن پرين،
پـُڄان ڪوھ، سؤ ڪوھ تي، ڪوھ ڪاف؟
سڄي خـلـق مان، خـُلق تنھن ساڻ خـاص،
سڄيي خـَلق اِن خـُلق جـــي بـــرخـلاف.
بـــدن ديـگ ۾ دوڳـــ، دل داغ داغ،
ٻـري منجھ، نـــہ ٻاھر ڪڍي پيڙڪ ٻاف.

تون پارس پرين! جنهن جي پاسي لڳي،
شيهو سون ٿئي، صيرف کهُرجي صراف.
هنيين سان هنيون هوند لايان حبيب!
ميلي وَجهه موازي، تہ ڪج مون معاف.
وڃي قرب سان ڪهه، وڃي ڪُهہ قريب!
اوهان سان اختر! ادب آختلاف.
آوس حجر آسود پيلو پائين اڄ،
چُمينم تير، ڪندي طرف تنهن جي طواف.
عبادت بہ "احمد" جي، سونهي آتي،
جتي جسم ڪعبو، تہ ڪاڪُل غلاف.

رديف (ق)

غزل (٢٣٤)

پلين آئين! آڄارئي اڄ، اڱڻ، ايوان، لک لائق!
جيئن جاني! لڙيئن، پنڙم جسم ۽ جان، لک لائق!
هئينم آسيون اچين شل تون، رکئي رايو، رچين شل تون،
پلين آئين! بچين شل تون، بنيا بستان، لک لائق!
پلا جاني! پلين آئين! سويم صحبت صبح تائين،
صدق سهڻان! صدق سائين! صدق سلطان! لک لائق!
صدق سهڻان! صدق راڻا! پکي آيم پيهي پاڻان،
ڪرم، ڪيڏي قدر جاڻان، شرافت، شان، لک لائق!
وسائي گلبدن گادي، وڻا وڻ ٽڻ، ورندر وادي،
لڳي هر شهر ۾ شادي، شڪر، شڪران، لک لائق!
نيائي ننڊ پڻ جو نينهن، اکين عيدون ڪيون اڄ ڏينهن،
تو تان موتين وسايان مينهن، مٺيان مرجان، لک لائق!
سڄڻ منهنجو سدا سهڻو، اکين ڪيم ڪات ري ڪهڻو،
مٺو محبوب، من مهڻو، ٿينم مهمان، لک لائق!
سڄڻ آيو، ڪر آيريو سڄ، آڇل اک، يا وراڪو ورڄ،
ڪئي منهنجي قتل لئي اڄ، ڪمان ورڄ ڪان، لک لائق!
جڏهن محبوب! ڪر موڙين، قمر خود جي، ڪمر ڏوڙين،
اِنهيءَ قدمن مٿان ڪوڙين، ڪريان قربان لک لائق!
وري ورلهه شال ويرين تان، پئي ڇايا ڇپيرن تان،
ڪريان صدقو سپيرن تان، سڀئي سامان لک لائق!
قدم قيرج ڪرم جو تون، پرڻ جاين اندر جوتون،
گلاب و عطر جون اوتون، ڪيون لعبان، لک لائق!
هنيون لايم حبيبن سان، ڪچهري گل، قريبن سان،
مليو "احمد" عجيبن سان، عجب احسان، لک لائق!

غزل (٢٣٥)

افسوس! الفراق ۽ ارمان! الفراق!
توکان جدا ٿيندي، ٿو جلي جان الفراق!
ڪو مَلڪ مُلڪن ۾، نہ پيو مير! تو مثال،
ڪل خلق جو تون خان ۽ خاقان الفراق!
جلوو پسي، جمال اجا، آج نہ ويئي عجيب!
في الحال ٿيو فراق جو فرمان الفراق!
ورهن جي پُٺا ورِير! ٿيو وير ڪو وصال،
سو ٿيو بہ ٿيان هجر ۾ حيران الفراق!
دريا وريو دوست! دليلن جو دل مثان،
ڪيو جوش، جگر جان ۾ جولان الفراق!
في الحال چِنُل ڦٽ بہ، وري ورڪڻ لڳا،
تو ري ٿيان طبيب! ٿو تعبان الفراق!
گس پنڌ، گهٽيي گام، مٿان تنهنجي هر گهڙي،
هي جان ڪريان قرب سين قربان الفراق!
"احمد" ڪي عرب آهہ اچڻ جي، وري بہ آس،
الله ڪندو شال! سو احسان الفراق!

رديف (ڪ)

غزل (٢٣٦)

ڇا ڪريان سيج ۾ ٿمر، ساٿـــم جڳائـي سُور هڪ،
 ڀَلڪ ۾ ڀهتو ڪري، نيٺي ڀريـان جـــو ڀُور هڪ.
رات رڻ ۾ روشنائـي، ڀـانئي ويجهـي، ورڪ ڀـريـام،
 عـرش، ڀونئن ڪـان آڳـاهون، نظر آيم نُور هڪ.
طـــور سيـنا طـاقتون، ڇڏيـون ٿيو ڀـاڱـا ڀَڃي،
 ڪيو تجلّـي اِن طرح هو، نا تـہ توڙان طور هڪ.
خبر ڀهتيم، تـان خلق خوش ناهـہ، منجهہ اِنهيءَ خيال،
 مُلڪ ڀانئي مَر مَـنئـن، محبوب منهنجو مُور هڪ.
مُلڪ ٿيندو ميڙ، مَلڪ جي ذنـڊ" ڦوڪيا، اڳ فنا،
 جي سڄڻ سامهون اچي، گهوڙا ڙي! ڏيندو گهُور هڪ.
بي رنگي تـي، يڪ رنگيي ۽ دورنگيي آڻـــڻ دليل،
 اِي مڙوئيي دلبا، دويون، نہ دوست جو دستور هڪ.
دوست ڪين جا ديس ۾، ڪن ڪيچ ڏاري، ٿيا قريب،
 آهـہ مـــون دلگير جـو، دلبر اِنهائيي دُور هڪ.
ڳُجهہ آين، ڀُونيَن جا آڀڻ، هون "احمد" ڇئي عيان،
 ڪول جي مور نـہ، مگر محبوب جـو مذڪور هڪ.

رديف (ڪ)

غزل (٢٣٧)

جتي روح ريـڌو، آتـي روز رَڪ،
ڪڏي قلب ٻـي ڏي، قياماً نـہ ڪڪ.
سبيم ساهہ هڪ سان، سوين مَنِ سِڪن،
ڇڱا ڪير ڇـونـدو، پيائـي ڪي ٻڪ؟
سچڻ سان صـف ۾، صفا ٿـي ٻيهن،
آئهن جـا اجـايـا، وجـن ميٽ مَڪ.
ارم ۾ نـہ آرام آئن ري اهـيـم،
پـريـن پـار پهچان، ڪري پيو پڪ.
ڏيکارين، جـن ڪي ڏکـويـو هجيم؟
مِڻا! مفت مـون سان رکـن ڪار ڪڪ.
ويهڻ ورهہ ٿينم، واٽ ڪهڙي وڃان؟
نہ لانگهو، نہ ليڪو، نڪو لڙهہ، نہ لڪ.
ڪندي خـرچ، خـذمت سندن ۾ رسان،
تہ ليک دل نہ لوڙهيان، لڳن خواهہ لَڪ.
احـد سان "احمد" جـو عهدو الست،
پيو جڳ پلين جـام، مـاري نـہ جڪ.

غزل (٢٣٨)

ڪينم دلبر، بہ دلبر ڪهڙو؟ دلبر، دلبرن ۾ مُڪ،
ڪنيم گوهر، بہ گوهر ڪهڙو؟ گوهر، گوهرن ۾ مُڪ.
انڌيـري جـاهہ ۾ جانـي، وجهي جهلڪار جوهر جيئن،
وري جوهر، بہ جوهر ڪهڙو؟ جوهر، جوهرن ۾ مُڪ.
جڏهن جاني وجهي ٿـو گهُنڊ، پڻ پڻ سان پِروَن ۾،
هٽي خنجر، بـہ خنجر ڪهڙو؟ خنجر، خنجرن ۾ مُڪ.

خبر ناهــي، ڪيـاــي منهنجي خليلن، وار ڪوليا اڄ،
ڪِ خود عنبر، بہ عنبر ڪهڙو؟ عنبر، عنبرن ۾ مُشڪ.
سڄڻ منهنجو سڄو ٿئي سون، ٻر سر وار وِسيَرَ جيئن،
وري وِسير، بہ وِسير ڪهڙو؟ وِسير، وِسيرن ۾ مُشڪ.
سڄڻ منهنجي ڪي سامهون، جي ٻيهن سج، چنڊ، تارا سڀ،
ڪٿي نمبر، بـہ نمبر ڪهڙو؟ نمبر، نمبرن ۾ مُشڪ.
ڪري گل گل مٿي بلبل، سڄڻ جي سونهن جي ساراهہ،
مليس منبر، بـہ منبر ڪهڙو؟ منبر، منبرن ۾ مُشڪ.
هزارين حرف، هي هي! مينجن ڪٿئن حرف هڪ ٻن سان،
لکينم دفتر، بـہ دفتر ڪهڙو؟ دفتر، دفترن ۾ مُشڪ.
اکين جي ڪنهن اشاري ۾، مليو انجام ”احمد“ کي،
مليس رهبر، بـــہ رهبر ڪهڙو؟ رهبر، رهبرن ۾ مُشڪ.

——

رديف (ڳـا)

غزل (٢٣٩)

اصـل کـان اڙيم، تنهن سين ارواح اڳـے،
نـه ٿئي جوڙ جنهن جـيِ، جڻيءَ ساڻ جڳ.
مچو مـاٽ ۾، ڪيئن ٿـو مـاري محب،
آٿئي اِن فـريقي جـي، عـادت الڳ.
ڪٿي خـام! ڇاڪـون اڪيون پـاس آيٖ؟
بيٺو پـانءِ ڇنڊي، زلف لالـن جـي لڳ.
سٽو نَ چـشم، سردار ٿـي سِر اسان،
پلنگن تـي پاتـم، پٽيءَ تبهِ نـه پڳ.
ٻـچـي بـادشاهـي، لڳـي ڏار دوست،
سونهان در سڄڻ جـي، سڏائيندي سڳ.
ڪيس ڇـور، چشمن سندئـي ڇـاڳـلا!
سڄي ٻت سڄي ۾، رهيم ڪانـه رڳ.
ميڙئـي ساڻ محبن مـلاقـي مـدام،
وينس آئـون وڇڙي، وڇان ساري وڳ.
اڳـي راس "احـمد" سين، ناهـي عجيب،
وڇان، پيو ويچاري سين، ويري ۾ وڳ.

رديف (ڱـا)

غزل (٣٤٠)

ڪن، سَوين سهڻان صلاحون، هڪ سڄڻ! توساڻ سڱ،
بار ٻيون سڀ بارگاهون، هڪ سڄڻ! توساڻ سڱ.
تو سوا گوهر، نہ گوهر، گل نہ تو ري، گل لڳن،
بلڪ ٻانيان باغ باهون، هڪ سڄڻ! توساڻ سڱ.
ناز، نازڪ جي اکيان، گل نازبو نا زيب سڀ،
ننگ، نرگس ۾ نگاهون، هڪ سڄڻ! توساڻ سڱ.
حسن تي حيران حورون، هنجهہ جو سير هنج ۾،
خود پَريتن ڪيا، پير پاهون، هڪ سڄڻ! توساڻ سڱ.
پُو مَ پَرَ ۾، آءٌ تہ پير! پرهي وڃون، پَرسال جيئن،
پَرو هجي شل، پَر پراهون، هڪ سڄڻ! توساڻ سڱ.
عمر آيم آسري ۾، اڄ صباح ايندم عجيب،
پيو نهاريان روز راهون، هڪ سڄڻ! توساڻ سڱ.
سُنهن تنهنجي سُونهن جو، سُک ساهہ کي سهڻان! نہ آهي،
وِهہ ويهڻ وڻ راهہ واهون، هڪ سڄڻ! توساڻ سڱ.
آهہ! آهيان آهڙن ۾، آهي آن؟ ڪي اطّلاع،
آءٌ "احمد" ڇني آگاهون، هڪ سڄڻ! توساڻ سڱ.

رديف (ل)

غزل (٢٤١)

يا خدا! ڪر خير، تا دم، خواب ۾ خـر هونِ شال!
آئون ميلان محبوب ڪي، منجهه ماٺ مُنڪر هونِ شال!
جيئن پٽن بدخواهه مـون سان، پـر وڏيو پيڙا مـــدام،
تيئن سچڻ سائم سدا، پيڙا تـــه ٻـي پَرَ هونِ شال!
مُلڪ ڀانئـن ٽـا مـَـتـو، منهنجو ملڻ محبوب سان،
هين بندي تي اِن بـَديءَ جـا، بار بـر سر هونِ شال!
منهنجي مرضـــي آهـــي تـــان، ملنم محب ميرا مـَٽي،
ربّ ڪري جيئن ان ۾، راضي دوست دلبر هونِ شال!
ويا جدائـــي ڪـان جلي، جـــيءُ جيندّ ۽ جيرا، جگر،
ڏيو هلڻ جـــو وقت هاڻي، هـوت حاضـر هونِ شال!
جان ڇڏي جايون نيگيس، تـان رڻ مـِڙئي راحت لڳوم،
باغ بخشم لوڪ ڪـي، مـون بخت ۾ بـَر هونِ شال!
مڙهه مٿان پيـَرَم ميٽي، مـدفـــون ٽـٽـَس منجهه مقام،
قدم ڪوهياري لڳل، ڪنهن ڏينهن قبر سِر هونِ شال!
ساهه گهوريو، ساهه گهوريو، سر ويـو صدقـــي ٿيو،
هڏ، اچڻ سين، هوت جي، هاڙهي ۾ هيڪر هونِ شال!
ٻُوءِ بهشتي پـاڻ تـــي ڪئڙم، حياتـــي سين حرام،
درد وارن لاءِ دوزخ، دان داور هـــونِ شال!
گهوريـون گاديـون آهي، جـــن ۾ ملڻ آهـي محال،
نينهن وارا پيش نـازڪ، نيچ نـــوڪر هونِ شال!
دم اهو ئـي ڪم اچي، جــــو دوست ديکيندي ڏجي،
مـن مـرادون مــــوت ويلي، ميڙ مُيَسَّر هونِ شال!
سُور سيبائين مـون ڪـي، ڇا ڪريان سانـڍي سرير،
ڏڙ، سيسيون سي ڏار منهنجا، دوست! تو در هونِ شال!

منجهہ قيامت ڪيترا، سڏ آب ڪوثر جـــي ڪندا،
لاءِ مون لب لعل تنهنجا، حـوض ڪوثر هونِ شال!
هين حسن تنهنجي منجهان، هڪڙم ڏئي ڪا هڪ ڀڃي،
تو جيها سهڻان تـہ سائـہ، ڪـڏ سراسر هونِ شال!
عدو جي اکين ۾ آهيان، آئون ڪنڊو، تون گل گلاب،
هر گهڙي، اي گل، ڪنڊو، ڪڏ جاءِ گوهر! هونِ شال!
اڄ بہ "احمد" ڇئي ڇڳو ٿيو، جيئن اڳ آئين عجيب!
پر ميئا! سون، تنهنجا ميلا، ڏينهن محشر هونِ شال!

غزل (٢۴٢)

دم ڪو آهيون، يا نہ آهيون، خواب آهي، يا خيال،
هـي بـزرگيون، بادشاهيون، خـــواب آهي، يا خيال.
خـاڪ ٿيندا خـاڪ ۾، خاقان تـــوٽـــي، خـان سڀ،
هي خوشيون، هي خانگاهون، خـواب آهـي، يا خيال.
هيڪلو آئين هيـتـي، ويندين هـتـي پـڻ هيڪلو،
هيڪ ٻـي سان هم صـــلاحيون خواب آهي، يا خيال.
هي حڪم، هي حڪمتون، هي حـرف ٽوٽي حيرفتون،
شغل شاديـون، شوق شاهيون، خـواب آهي. يا خيال.
هـي سڳا ۽ هـي سڱر، هـي صاحبيون، هـي صحبتون،
هـي صبوحيون، هـي صراحيون، خواب آهي، يا خيال.
هـــي نشا، هـــي نـازبـو، هـــي نازڪيون ۽ ناز راز،
هي ڪجل ۽ ڪج ڪلاهيون، خـواب آهي، يا خيال.
هـــي جوانـي يار جانـي! هـــي جميعت، هـــي جمال،
هـي بـدن تـي برهہ باهيون، خـواب آهي، يا خيال.
هـــي حياتي بـي بقا، ٻـيـو هـل حشر، ساهون سڄي،
ڪنهن سبب سيني ڪي ساهيون، خواب آهي، يا خيال.
هڪ بلائون بت انـدر، ٻيو موت گهيريو مُلڪ سڀ،
قـافـلا ڪيڏانهن ڪاهيون، خـــواب آهي، يا خيال.

موت گهيريو ملڪ سارو، مرض، موڙو هر مڪان،
لڏ ليڪي ڪنهن لوءِ لاهيون، خواب آهي، يا خيال.
ڪيئن اچي پچري ۾ پوريون، اي پکيڙا پرڏيهي!
ڪر ڦيٽيون في الحال ڦاهيون، خواب آهي، يا خيال.
ڪر وڃڻ واري وطن ڏي، ڪوهه گذاريون قيد ۾؟
ڪڍ ڳچيءَ مان ڳٽ ڳراهيون، خواب آهي، يا خيال.
آهي "احمد" چئي امن جو، آسرو الله وٽ،
پيا پنارا ۽ پناهيون، خواب آهي، يا خيال.

غزل (٢٤٣)

منجهه ڪلامن تنهنجي قاتل! هڪ قتل ۽ ٻي ڪتل،
پوءِ ڪتل پنيان ڪرين تو، قرب وارن کي قتل!
خان سنهڻان! خون تنهنجا، خلق تي ناهن خفيي،
رت اسان جي سان راٽا! تو رنگي ڪيا هٿ رتل.
ورهه وارا وَرهه سارا، وس نه رسيا ڪنهن وصال،
مغز تو مغرور سين، هٺندي ٿيا هيٺن ڪٺل.
ماهه جهڙي مُنهن موهيا، سي ڳرن منجهين مدام،
محبتي مور نه مُٺاءُون، ماس وارا ۽ متل.
ڏار سير، ڏڙ ڏوڙ ۾، هڪ ڏک دونالين جو ناهي،
گهاءُ گهورن جي هٿان، تنهنجي اٿن گهائي گهتل.
علم وارا آدمي، عاقل وڏا "احمد" مثال،
تنهنجي غمزن گلبدن! ڪيترا گناهن ۾ گتل.

غزل (٢٤٤)

تنهنجي غمزن ڪيو گهڻن کي، غمگسارين سين گڏيل،
آهي نيڻن جو نظر، نيت ناز، نارين سين گڏيل.
ڪانَ پنبڻين جا پرين! اڳ، مون کي پاسن کان پيا،
تير تارن لائينم، تازا تَرارين سين گڏيل.

وار وِسٽير جيئن وڪوڙيا، جان ڦريون تن ۾ ڦٽيون،
ٻئي اکين ڪاني ڪجل، ٿيا ڪانَ ڪارين سين ڪڏيل.
جنگ جُنگن کي ڪندي، جڳ ۾ ڏسان ٿو جاڳ سان،
خون اکيون خان ڪن، خوابن، خُمارين سين ڪڏيل.
ٻول پاپيها! اسان سين، ميٺ وارا! ڪر نہ ماٺ،
ڪين گهائي تنهنجي گُل! گفتار گارين سين ڪڏيل.
محب! تو مهندان نہ ماٺيم، آبرو تہ ناهي عيب،
خوش رهان خدمت ۾ تنهنجي، خود خوارين سين ڪڏيل.
نينهن وارن جي نشاني، ناهہ ڇاڻج، ناهہ ٻي،
در نہ دلبر جو ڇڏي، دم ٿين ڏارين سين ڪڏيل.
دل ۾ ڳالهيون دوست سان ڪن، ٻهر ڳُنگا گودڙيا،
ڏڙ پريل تن ڏوڙ ۾، ۽ وار وارين سين ڪڏيل.
ڪانگ! قاصد توکي ڪريو، موڪليان محبوب پاس،
عرض راڻي کي رسائج، زود زارين سين ڪڏيل.
پير پائج کنهن ڏينهان، آسر وَندن جي آستان،
آهي ”احمد“ عمر ساري، انتظارين سين ڪڏيل.

رديف (م)

غزل (٢٤٥)

نيت ڪري ماٺا محب! مون کي اٿي ماريو مدام،
دوست! توتي درد دل جي، ڏانهن ڏيندس ڏينهن قيام.
تنهنجي دل دوري تي دائم، آئون وصل لئي وس ڪريان،
حال منهنجي تان هميشه، تو ڪيلائين خاص، عام.
انتظاري ۾ اهي، اڄ عمر آخر کي رسي،
ساهه کا ساعت اٿم، پڇندو ڪڏهن آهنجو انجام.
ڪوهه چاٺان، يار! جيئري، مون کي ملندين ڪنهن مڪان،
يا سيڪي مُنهن لئي ميٺا! مدفون ٿيندس منجهه مقام.
ڇا هلي منهنجي حجت؟ ناقص نماڻي آهيان،
عرض، آزيون، عذر آئي، در تي دانهيندس دوام.
چانٺ چشمن سان چمندس، پانڌ پائي ڳَل ڳچي،
قلب قرباني ڪندس، ڏيئي ترت تعظيمون تمام.
لڳ ميڙئي لذت ڪان منهنجا، هون محشر تائين مست،
جي سڏئي ساجن ڪڏهن، غمگين کي پنهنجو غلام.
حاج حج جي ناهي هرگز، ٿينم درسن دوست جو،
ٻن پيرن سامهون بيهي، سجدا ڏيان هر صبح، شام.
نيڻهن وارن جي، نهايت نيستي، آهي نماز،
منجهه ڪتابن قرب جي، هر جاءِ هستي ٿي حرام.
هٿ ٻڌي حاضر ٿيان، جي حڪم فرمائين حبيب!
ڪنڌ ڏيان ڪاتيءَ سان ڪوري، ڪم اچي، جي تو ڪيمام.
يڪ رنگي جو رنگ وٺي، من محو ٿيو محبوب سين،
حق هينيان پوءِ نه چاٺي، اي ته خطرو آهه خام.
حرف تان هڪڙو، نه ڪنهن ڪان، تنهن وچي تعليم ڪيو،
ٿيو پڙهڻ ڏاران پرين، منجهه عِلم وارن جي علام.

يا قمر قاصد ڪريان، يا سج سڄڻ ڏي موڪليان،
يا ڏيان تارن ڪي تحفا، مان ڀيڄي ڪو پيام.
يا ڏيان پيغام پيتڙي، يا آڏيان ڪانو ڙو،
يا سٺايان سپ صبا ڪي، ماهيت، مذڪور مام.
قاصدائي ڪار ڪان، حاصل نه ٿئي هرگز حضور،
روح روانو پاڻ ٿئي، ڏي ڪو نيئي ساجن سلام.
سينڌ گذارڻ سُور سين، "احمد" ڪي ٿئي اندر آداس،
سڌ سٽيي لهه سار، يا سردار! عالم جا امام.

غزل (٢٣٦)

هميشه گڏ حبيبن سان، هجان هر حال خدمت ۾،
سلاميي، حاضري، تعظيم، استقبال خدمت ۾.
گسن تان گل، گوهر گهوريان، ڏسان جن لئي ڏسيون ڏوريان،
ادب جا هٿ ٻڌي، اوريان، عرض، احوال خدمت ۾.
رتيي راهيون نه رت رُوندس، سدا منجهه حاضري هوندس،
هنيين تي هٿ ٻڌي چوندس، حقيقت، حال خدمت ۾.
ڇڏي دعويٰ نه مون در جي، ڪچهري ڪار ڪونڌر جي،
گواهي آهي گونڌر جي، رتو رومال خدمت ۾.
سڄڻ! ڏي ڪو سنڌو صدمن، پدم، تان گهوريان پدمن،
ڪريان قربان سِر قدمن، مٿو ۽ مال خدمت ۾.
ڪريان محبوب وٽ منزل، لهن محبوب هٿ مشڪل،
پسان محبوب جي محفل، پڙهان خط خال خدمت ۾.
اچي طالب ٿيو تائب، ٿيڻ گهرجن غصا غائب،
سٺي سنهٺو سڄڻ صاحب، خُلاصي ڳالهه خدمت ۾.
هينيون ساري حبيبن کي، ڪڏهن ميلبو قريبن کي،
عرض "احمد" عجيبن کي، ته لائن، لال خدمت ۾.

غزل (٢٤٧)

اج عجيبن جا عجب اسرار، ايندي ٿـي ڏٺـم،
جـوت جلوا جابجا، جهلڪار ڏيندي ٿـي ڏٺم.
قطب، ڪتيون، چنڊ، سج، قربان قدمن تان قريب،
ڳهور گوهر، گنج، گـل، گلزار ٿيندي ٿي ڏٺم.
منهن ڏسي محبوب جو، ٿيا محو حيرت مُلڪ سڀ،
سير نـڌر، نـاٿـو نـڌر، نيروار ٿيندي ٿي ڏٺم.
حاڪمن وسري حڪومت، هٿ ٻـڌي بيٺا هزار،
وصف ۾ وهـلـور، ويـرو تـار وينديٖ ٿي ڏٺم.
ديس جنهن ۾ دوست گهميو، آت دوا لئي دردناڪ،
پاڪ پـيـرن جي پٽـي، پـيـنـار پيئندي ٿي ڏٺم.
اج ڪرامت جا قدم، ڪُنلن ڪنڌيءَ رکيا قريب،
ڪئين جڏا جيءَ، ساڻ جلوي، يار جيئندي ٿـي ڏٺم.
علم ۽ اقبال ڪيا، انعام "احمد" ڪـسـي احـد،
خواه مخواه ڪي خام تنهن تي، خار کينندي ٿي ڏٺم.

غزل (٢٤٨)

تـو نموني، پيو نـه نازڪ، ڪنهن نوابي ۾ ڏٺم،
رنگ بُوء بلڪل نـه اهڙي، گُل گلابي ۾ ڏٺم.
سڏ ڪرايـو آهـي سنهٽي، پاس سوريءَ جي صُباح،
شوق وارن ڪـي شهادت، لئي شيتابـي ۾ ڏٺم.
قيد ڪاڪُل سان، ڪرشمي سان، ڪڇڻ سان، قوب سان،
خُوبـروء ڪـي خلق جي، خانہ خرابـي ۾ ڏٺم.
هٿ حسينن تان ڪٽان، ماڻهن جي ميهڻن ڪاڻ هوند،
پـر نـه ميهڻن جـو مزو، توبه، توابي ۾ ڏٺم.
جنگ جُنگن ڪي ڪندي، جڳ ۾ ڏسان ٿو جاڳ سان،
نازڪن جـا نيڻ ڪُهندي، نيم خـوابـي ۾ ڏٺم.

منهن ڏني محبوب جي، مَن تان نه مونجهارو لٿوم،
بلڪ واڌو بيقراري، يار يابي ۾ ڏٺم.
عيش عشرت ڪان ڪڏهن، "احمد" اچي ها ڪين تنگ،
پر نه دائم دوست، دنيا بي مُهابي ۾ ڏٺم.

غزل (٢٤٩)

صبح سان اچ، واهه، صبا ڪئي، سير سوريندي ڏٺم،
گس، گهٽيون ڇانيا گلن سان، گنج گهوريندي ڏٺم.
واهه واڌاين ڏينھن ۾، ڪم ڪيوَن جو ڪيل خاص،
ابر استقبال ۾، احوال اوريندي ڏٺم.
مرحبا ۾ ملڪ سارو، مينهن موتين عام جام،
هٿ فيداين جي فوارا، ڦُل ٻه ڦوريندي ڏٺم.
ڪٿين عجيبن وٽ عرض سان، ٿيا غريبن جا غرض،
اڪ اشاري سان عدالت، چپ نه چوريندي ڏٺم.
ماڻڪن ماسو ملي تبہ، ماس گهرجي ماڻڪين،
قلب تان ڪارين اکين کي، قُوت ڪوريندي ڏٺم.
سير سڄڻ کي سوڪڙي، پوءِ ڪڪ لهي، يا لک لهي،
تون تُراڙو ترڪ ڪر، تحفا نه توريندي ڏٺم.
شغل، شاديون شهر ۾، گهوُرون شَڪر شُڪران طور،
ڏيھ ساري جو ڏيو، ڏينهن رات ڏوريندي ڏٺم.
سور، سختيون، پيا ٻه صدما، سر مٿي ساريءَ چمار،
پر جدائي جيئن نه، جانب جان جهوريندي ڏٺم.
آه! "احمد" جي اِتي، آخر آجاريندو عجيب،
بد سلوڪن کي پتر، بي سود پوريندي ڏٺم.

غزل (٢٥٠)

سڄڻ نه سفر هليم سَنبري، وري، نه وري، خبر نه اٿم،
سواس سکهون سرير ڇڏيون، سري، نه سري، خبر نه اٿم.

ٿـو ياد پويم يار جڏهن، ٿيم، هينيون هلاڪ هڏهن،
قريب ڪرم ڪنل تي ڪڏهن، ڪري، نہ ڪري، خبر نہ اٿم.
نمائـي نجيب نيڻ ڪري، نـگاهہ ڪيائين نـاز پري،
ٻہ ڪان لڳم، ڪمان وري، پري، نہ پري، خبر نہ اٿم.
اندوهہ اٿم اپار انـدر، برهہ جـي بحر جو ناهہ بندر،
پيم، تـہ تُرهو تار انـدر، تري، نہ تري، خبر نہ اٿم.
مُدام سلام در تي ڏريان، ڪُسان نہ ڪيان، نہ ڪُوڪ ڪريان،
پـَسہ پگام، پت سين پريان، پري، نہ پري، خبر نہ اٿم.
انگهيم سؤ ورهہ، اندر وڙهہ، اڇيم اکين ۾ آب پرهہ،
لڳام بدن کي باهہ برهہ، پري، نـہ پري، خبر نہ اٿم.
ڳـڻن ۾ وـيـَم چمار ڳري، پـَرو نہ پيم، پريان ڪو وري،
تـہ آهي پرين مثال پري، پري، نـہ پري، خبر نہ اٿم.
لڳو "احمد" کي عشق اگر، جسم جليس، بہ جان، جگر،
مرڻ جي مهل آهيس مگر، مري، نـہ مري، خبر نہ اٿم.

غزل (٢٥١)

دل سـڪـي تـولاءِ دلبر! يـار، دم دم، دم بدم،
وَر، وَريـا غمگين تـي غمخوار! غم غم، غم بغم.
گل! گهـڻـي تنهنجي مٺي، پانيان تہ ڪر پنو رهان،
پـر چوڻ خر خام، ماريو خـار، رم رم، رم برم.
دُور پندان ديکيان ٿـو، دوست! در ڪولين جڏهن،
چند چوڏهين جيئن، چٽا چمڪار چم چم، چم بچم.
خر خبر ڪي خلق سان، پانيان پڄي ويو چور رات،
ديکينم سو ڪين، پر ڏمڪار ڏم ڏم، ڏم بڏم.
دل کي منهنجي دام پيو، لالـن ڪُلهن سير لاڙيا،
وار خـــوشبودار ۽ خـمـدار خـم خـم، خم بخم.
يـار مـون گهر ٻير پـاتـا، پيئي پـاڙي ۾ پچار،
آهي ڇا جـي، هـي ڇمڪ، ڇمڪار ڇم ڇم، ڇم بڇم.

آءُ تہ "احمد" چئي ڪريون، اڄ رات رلن ۾ رهاڻ،
گڏ هينئين لائي هينيون، همـوار، همدم ٿم ٻئم.

غزل (٢٥٢)

اٿم ديـدار جـي درڪار، دلبر! يار دم دم،
گلي ميل يار! ڪولي وار، خـوشبودار خم خم.
سڄڻ، يا سج سوا پهرو، قمر، يـا ڪوڪب زهرو،
ڏٺم خود چنڊ، يا چهرو، چمڪ چمڪار چم چم چم.
وڙي واسين وڄن ويرا، پرين منهنجي ڪنيا پيرا،
چلڏي چاتي مٿان پيرا، چمڪ چمڪار چم چم چم.
هلائون حُسن هوشن تـي، جلي ٿي جان جوشن تي،
ڪيو رخسار روشن تـي، عجب سينگار سم سم سم.
رمُلايـم راڄ، ان رمـزن، تهايم تن انهن طينزن،
ڪُنو غمناڪ کي غـُمزن، وڌيم غمخوار! غم غم غم.
چلا چل چار پهري ۾، سنجهي ۽ صبح سحري ۾،
قريبن جي ڪچهري ۾، اٿم ڪم ڪار ڪم ڪم ڪم.
عمر "احمد!" وريـل وريـم، شفا شفتين مـان سريم،
عقيدو دل مٿي ڌريـم، زقـن ۾ يـار زم زم زم.

غزل (٢٥٣)

صدقي سڄڻ! صدقي وڃان، صدقو مٿان تـو سير سندم،
گهوري وڃان، گهوري وڃان، آئين تون، گوهر! گهر سندم.
ماتام هو، مـون سير ميان! جانب! ڏسيو توکي جيان،
قربان قدمن تـان ٿيان، ٿارين تـو دل، دلبر! سندم.
ميهرون مٿم سؤ مرتبا، ڪنهن پـر ڪرم ظاهـر ڪبا،
اهلاً و سهلاً مـرحـبـا، آئين اڱـڻ آنور! سندم.
ڪر چاڪ چشمن تي چڙهيي، گڏ گهار، گوهر! ڪا گهڙي،
توسان اٿم جيءَ جيي جڙي، پيڙو وئيي ويهه يـّر سندم.

شاديون، شُڪر ٿيا منجھہ شهر، برسات ٿي بر ۽ بحر،
ٻولي ويھڻ جي ڇڏ ٻَھر، ڪر جاءِ جيءَ اندر سندم.
نيت چاڪ تازا ٿي چَريم، هنيڙي ۾ هي ڏاٽا هُريم،
دم دم دعائون ٿي گهريم، گڏ ٻين جي ڏهن گوهر! سندم.
تو آئي هڪ جاءِ ٿيو هِنيون، سَنڌ سَنڌ ۾ سرهايون پيون،
من جون مرادون سڀ ٿيون، مُسجبي رهيا منڪر سندم.
ڪيليو خلق ٿي، ڇيو سدا، شاهن کي گڏ ٻين ڪيئن گدا،
توکي ڪٿي آندو خدا، پردو رکيو پرور سندم.
حيران حيرت ۾ هوان، ڏينهن رات رت روبو رُوان،
پريم پيارا! تو پُوان، عادت اِها اڪثر سندم.
دائم آئي ويني ڏندو، آهي اهو "احمد" سندو،
قادر ڪرم سان شل ڪندو، توسان محب! محشر سندم.

غزل (٢٥٤)

جدا ٿي تو ڪنان جاني! جسم ۽ جان سان ڇا ڪم؟
رهاٽيون روح ۾ تنهنجون، رهيو ريحان سان ڇا ڪم؟
برهہ اڳ بار ٿي پانيم، لڳيي لنؤن، پوءِ لذت آيئم،
سڪان ڏک، درد لئي دائم، دوا درمان سان ڇا ڪم؟
نہ موتي، موتيا شربت، هٽائن غم، سندو غربت،
مَرڪ تون محب! موچارا، مون کي مرجان سان ڇا ڪم؟
ڪفر آهي زلف ڪارو، مٿان تنهن دين دل وارو،
ڪريان صدقو سچو سارو، آمن، ايمان سان ڇا ڪم؟
محب جي منهن، منجھہ مورت، وسي والشمس جي سورت،
ڏنس صاحب صفا صورت، رهيو قرآن سان ڇا ڪم؟
مٿي ڪٿين منهن ڪري، ماٺو، قمر ڪٿين سين، ڪوماٺو،
سڄڻ سچ مثل ساماٺو، مہ ڪنعان سان ڇا ڪم؟
لنگهيو راهب ڪان، گل رعنا، ڪُليي مصحف سندي معنيٰ،
رکج دل دين تي دانا! ڪُپڙ، ڪفران سان ڇا ڪم؟

مٿس ڇٽ اَنتَ مَحْبُوْبِيءِ، سِرِيس خلوت سندي ڌڻي،
نه ماڻن مَلڪ ڪَرُوبِيءِ، انس ۽ جان سان ڇا ڪم؟

ڪڍهن جيڪر اهي جاني! رکان پيرن تي پيشاني،
ڪريان ڪُل مال قرباني، سندم ساهن سان ڇا ڪم؟

وڃڻ بي ڏوهه وٽ والي، خطا کان ناهه اي خالي،
عفو عيبن پٽيان عَالي، عمل، ارڪان سان ڇا ڪم؟

مُلڪ آ بي مثل تيڙو، جتي محبوب ڪيو ميڙو،
سڄڻ ٻي ماڳ ڪنهن ويڙو، دري دربان سان ڇا ڪم؟

ثوابن جون سنڌون لاهيندم، گناهن سان غرض آهم،
ڪندو رحمت مٿم راحم، اٿم ارمان سان ڇا ڪم؟

پڄي "احمد" جيي شل آسي! رُني رت، رات جنهن راسي،
خواري تنهنجي در خاصي، شرف ۽ شان سان ڇا ڪم؟

غزل (٣٥٥)

اي مٺا محبوب! محبت، منهنجي تنهنجي پاڻ ۾،
مَر سڪي سڀ لوڪ، صحبت منهنجي تنهنجي پاڻ ۾.

اڄ چمن ۾ ڇهڇٽو، ڇوٽا چنبيلن چيلهه تي،
ٿي سونهي تيڏانهن سنبت، منهنجي تنهنجي پاڻ ۾.

واهه! ٻاتيون بلبلن جون، واهه! باغن پاس ٻوند،
واهه! ريلون، واهه! رغبت، منهنجي تنهنجي پاڻ ۾.

هيي هينيون ٻي حسن سان، هرگز نه هيرايو هيري،
آشنائي آهه البت، منهنجي تنهنجي پاڻ ۾.

هڏ، نه هڏ گڏ هوءِ، تہ منهنجي هنيين ۾ تون حبيب،
آهه قابو ڪوٺ قربت، منهنجي تنهنجي پاڻ ۾.

آڄ مهل محبوب هوندي، آب عاشق پيا گهرن،
خود شموليت آهي شربت، منهنجي تنهنجي پاڻ ۾.

پيا وساري سڀ ويهن، مون کي نه، تنهن ويچار وار،
تار گهرجي طرف تربت، منهنجي تنهنجي پاڻ ۾.
آپ زمينن مان نسه "احمد!" پيو اکين آڏو اچي،
نيت نظر نوبت بنوبت، منهنجي تنهنجي پاڻ ۾.

غزل (٢٥٦)

عرض آهي، ڪڏهن ايندين، اکيون نيت انتظاريءَ ۾،
غرض غمناڪ ٿو گهاري، غمن ۾، غمگساريءَ ۾.
سينگاري پاڻ سوپارا، سڄڻ بيشام سانبارا،
وڃو غمناڪ کي ڪنهن گهاءُ، غمزي غمگذاريءَ ۾.
ڏمر ۽ ڏوڻ تنهنجا ڪم، هلي حجت نه، سين حاڪم،
ذرو ناهي سندم زوري، رُوان ٿو زار زاريءَ ۾.
نه جُرئت ساڻ جاني تيل، مٿي مير موت، جلدي ميل،
نه مهلت، مهل اڳ، پوءِ جيي، مروّت موت ماريءَ ۾.
وَعدُ نَمُسَڪَ امر ڪاري، ويا مسڪين کي ماري،
رهائيون روح جون روڪيون، رُوان رت رات ساريءَ ۾.
لنئي لاشو ويا لاشڪ، پسه ري پٽ ۾ آهيان پڪ،
ويم ڪانڌي ڪري قابو، قبر جي ڪوپ ڪاريءَ ۾.
هئوا محلات، جي ماڙيون، لڳي تنهن تنگ ويئن تاڙيون،
وڃي ورهن کي ويئا هنڌ، وٺي ويران واريءَ ۾.
وَهن واريون وٺيو واڻون، لئنن لايون مٿم لاڻون،
ڪڏهن دانهون، ڪڏهن دونهان، دُکن دل درد واريءَ ۾.
تکو ڏينهن تاوڙيون تيڙڪا، ڪنن مان واءُ ڪري ڪڙڪا،
بننيءَ پاسي پنجن پيڙون، رهي بت بي قراريءَ ۾.
جدا ٿيو جسم، ڪان سنڌين، ڪڪوريا وڻ قبر ڪنڌين،
ڇڏيون يڪسر ڪري، ڪو يار ناهم يادگيري ۾.

ميٺيي ڪاڏو مٺو، مينڙ هڏ، ڪنڊيءَ تي گاهه آهريا ڪڏ،
وڻنا ٻوليون ٻاٻيها، ڪٿين ٻـــوليون ٻـــ ٻاريءَ ۾.
رهنيم رُخ روح تي ريلون، نه وسرن وصل جون ويلون،
مرڻ ڪان پوءِ به مُنهن آهي، انهي محفل موچاريءَ ۾.
هنجون هيڪاند لئي هاريان، سلامن کي سيڪيو ساريان،
قبر تي مانَ ڪاغذ ڪو، ڪري قسمت هماريءَ ۾.
سگهو مولي! ڪرين محشر، مُنا درسن پسن دلبر،
مُنا پوءِ آهيم "احمد" جي، پٺيي اڪ انتظاريءَ ۾.

غزل (٢٥٧)

اڄ به باغن ۾ بهاريون، واهه! قـدرت ربّ ڪريم،
اڄ به مُلڪن تي ملهاريون، واهه! قدرت ربّ ڪريم.
ڇا ڏسان وڄڙين وراڪا، ڇـا ٻُڌان گجگاهه گوڙ،
ڇا هوائون هير واريون، واهه! قدرت ربّ ڪريم.
ڪالهه ميٺيون مُلڪ تي، ميريون لڳيون ٿي مانڙيون،
اڄ سرائون صاف ساريون، واهه! قدرت ربّ ڪريم.
ڪار پنيان ڪار ڪرن، ڪيترو ڪاهون ڳٺيان،
ڪو اچن ڪونجيون قطارون، واهه! قدرت ربّ ڪريم.
جهڙ جهميو، جهوري لئي، جهانگين وسايون جهو پڙيون،
پد پروڪا، ڪير پاريون، واهه! قدرت ربّ ڪريم.
ڇا ڇـــوان چانجر چٽن ۾، ڇا ڏسان چانئون چمر،
ڇا ٻڌان ٻوليون ٻپاريون، واهه! قدرت ربّ ڪريم.
وس ٿيي واسي وريـا، واسيا ولين وڻ ڏسڻ ولهار،
ٻوهه ٻهڪن، ڏوهه ٿاريون، واهه قدرت ربّ ڪريم.
واهه! گلزاريون گلن جون، واهه! گولون، واهه! گاهه،
واهه! ساوڪ، واهه! ساريون واهه! قدرت ربّ ڪريم.

واهه! ڇينگارون ڇَڙن ڄون، منجهه ڇيلر ڇيها ڇرن،
ڪنين ڪَڪيون، ڪنڍيون ۽ ڪاريون، واهه! قدرت ربّ ڪريم.

ڦنگ ڦُونريءَ ڦوريو، ويئون ڇڙهي ڇونسي مٿي،
هو ڳهمن ٻٽ تي ٻنّاريون، واهه! قدرت ربّ ڪريم.

ڳاهه ڳوڙي ڪان لنگهي ويا، ڳيهه ڳاگهر ۽ گهڙا،
ٻرهيون ٻهگڻ، ٻنگاريون، واهه! قدرت ربّ ڪريم.

رديف (ن)

غزل (٢٥٨)

مهند محبن جي ملڻ کان، موت! مون مارين متان،
دوست ڏيکي، دم ڏيان، اڳ ڏار دم ڪارين متان.
رت ڀريل ڪپڙا قبوليم، ڪونہ گهرجي ٻيو ڪفن،
تون شهيدن شوق جي ڪي، وير! وهنجارين متان.
ڇڏ تہ ڪانڌي! ڪين ڪينٿر، در قربائي ڪُتا،
ڏوڙ داخل ڌڙ ڪري، واري وري وارين متان.
ڪنهن ڏني موني محب ڪي، نا ملڻ جي مصلحت،
ڪنهن چيس گهايل سين، گڏجي دم گهڙي گهارين متان.
ڪر سچا خاوند! ڪٿي، خانو تنهين خر جو خراب،
جنهن پريان کي چيو تہ، پرچڻ جون پريون پارين متان.
ڳالهيون وچ ۾ وڌايو، ٿئون وڇوڙو تو وجهي،
در مٿي دربان اهڙو، دلربا! ڌارين متان.
سَر سڄي خاطر سراسر، آهي ساجن سوجهرو،
شمس آڀريا پوء، شمع، ٻي ڪا وري ٻارين متان.
آهي "احمد" جو عرض اِي، اصل کان توکي عجيب!
منهن ڏيکارج موت دم، ٿاٿو اهو ٽارين متان.

غزل (٢٥٩)

در جهان هڪ دوست ڪيوسون، خلق خستي تنهن مٿان،
پيچ پينگهي ۾ پيوسون، خلق خستي تنهن مٿان.
ڏيئي ڪَرن سوڙ محب، مهندان سَٿيو ميثاق ڏينهن،
روح ريجهيي آت ويوسون، خلق خستي تنهن مٿان.
يا پسڻ ٿيندو پرينءَ جو، يا اگي پچندم پساهہ،
خوف، خطرو سر ڪنيوسون، خلق خستي تنهن مٿان.

ويو هنيين مان پيو هه ٓس، هـر جاءِ پسجي هڪ حبيب،
محب منهن سامهون ٿيوسون، خلق خستي تنهن مٿان.
دُور ٿي دنـيـا ڪنان، دلـبـر ويهاري دل انـــدر،
حق، انـا الحق، حق چيوسون، خلق خستي تنهن مٿان.
سِر ٻـ اڌ سُوري مٿي، منجهه ساهه ساجـن جي پچار،
نينهن نـيــزي سر نـيـوسون، خلق خستي تنهن مٿان.
لـک مڃي احسان "احـمـد"، جيئن مليا جيئري عجيب،
جـيءَ، پـسي جانب جيئـسون، خلق خستي تنهن مٿان.

غزل (٢٦٠)

اڄ مٿس آئـون مـٺـي، محبوب جـي ماڙي وٺان،
ٿـي ڏٺـم طـرحين تجليون، طاق جـي تاڙي وٺان.
اڄ آيـن پاسي آيي، نيرتـئـون نهاريم، مان نظر،
اوچتو چمڪار ڏئي، چـنـڊ چمڪيو چاڙهي وٺان.
تير تائـو جـن نـہ ٿئي، پيو سي هٿن واري حبيب،
تنهنجو پهريـون ڪانَ پـورو، پيئم پاساڙي وٺان.
سچ لٿيا پوءِ، سچڻ ايـنـدو، ڪر ڏيندو پـڻ انجام،
آئـون ويٺس گس وٺـي، تـان وقت پوچاڙي وٺان.
منهن ڏسن ڪانَ محب جي، مون کي مخالف ڪئي منع،
هنيم ڪنڌ پر ڪُند فهم کي، ڏيئي هٿ ڏاڙهي وٺان.
جي چون پُهتس پرين ڪان، سي سيئي ڪوڙا ڪذاب،
آهي "احمد" کي لڳيي، رُخسار رُو ڳاڙهي وٺان.

غزل (٢٦١)

تون سندم سيني ۾ هڄ، يـا تنهنجي سيني ۾ هجان،
آئـون نـہ پُسيو ذات، پـر پُسيو پسيني ۾ هجان.
لڳ نہ ڳالهين لوڪ جي تي، آئون سچڻ! ساڳيي غلام،
دست بستہ دوست! تـنـهـنـجـي تـابـعـيـنـي ۾ هجان.

ڪين سُون ۾ ڪين هجي، تان ڪار گهڙي ڪر ڪريان،
عِطر رومي ٿِي اوهان جي، آب گيني ۾ هجان.
آبرو ائي اِت نه آيس، پر اجازت ڏي عجيب!
دوست! تنهنجي در مٿي، در جي ڪميني ۾ هجان.
سُنهن ڏني محبوب مَن سُنهڻان! مهينا ٿي ويام.
مَه‌لقا! مهمان آهنجو، ڪنهن مهيني ۾ هجان.
خاص خدمت لاءِ ڇڏيم، خانداني جا خيال،
بند پوءِ، ڇو بندگي بدران، بديني ۾ هجان.
ساهه چو سانگو ڇڏي، پوءِ عشق ۾ "احمد" گهڙيو،
جي ڏُٺين تبه ڪُهه، ڪهڻ تان ڪوهه، ڪيني ۾ هجان.

غزل (٢٦٣)

ديـر ٿيئي، دوست! ڪيسين، دم دلاسي ۾ هجان،
تون ڪرين پاسا پيو، پوءِ ڪنهن جي پاسي ۾ هجان.
تير جيئن تارا اکين جا، تير لهي تيرهن ڪروڙ،
منهنجي قيمت ڪيتري، تبه ڪَن نه ڪاسي ۾ هجان.
مڻ ڪپن ٿا ماڻڪين ڪي، ماس جا، هر ماس ۾،
ماس منهنجو ويو ڳري، مس هيڪ ماسي ۾ هجان.
وات ويجهو حوض ڪوثر، ساهه سُرڪي لئي سيڪي،
قيد ڪاڪُل، قيد گهڙي بي‌قياسي ۾ هجان.
شهر ساڳِئي، پيو سجاڻان، پر سوا تو سڀ سڃا،
بَر ۾ پيڙو تون تہ پانيان، باغ خاصي ۾ هجان.
مُلڪ پنهنجي ۾ مزو ڪن، مجلسون محبوب سان،
وڏ قڙو وسندو رهي، وَنگي ولاسي ۾ هجان.
عام مجمع ۾ عرض، احوال "احمد" لاءِ عيب،
دل گهُري ٿي، دل گهُرئي سان، گهر خلاصي ۾ هجان.

غزل (٢٦٣)

سڀ ٻيا محبن مليا، منهنجي مٿي ماتم اچان،
ماهه محرم جو ڏٺو، آيو نه مٿه محرم اچان.
اڀرندي سج کي سما سير، سؤ لکين سالون لنگهيون،
آهي تو ري سير اسان، اونداهه تنهن عالم اچان.
ٿي وڌائيو زيب، زينت، چنڊ چوڏهين راتيون،
قسم قادر جو اٿم، تو کان قمر تنهن کم اچان.
مُلڪ پوهه مالڪ اپايو، مهند هئين مهندار تون،
ٿي اوهان جا پيا آها، هو اب، ڳيل آدم اچان.
هين جهانا هون ِ توٽي، حُسن ۾ حورون وڌيڪ،
تنهن لڳن تنهنجي ڪان لالن! ٿيون لڳن ليزم اچان.
منهن ڏسي محبوب! تنهنجو، مون مليو حج جو ثواب،
چو نه چان ظاهر زبانان، زنخ کي زمزم اچان.
شمع ٻاريم شب سڄي، تنهن گهر ۾ هو اونداهه هيٺ،
چنڊ، ڪتيون، تارا، قطب، ڪُل ڪين آيم ڪم اچان.
هي حقيقت حال جي، ڏي هي! سگهان ڏيئي ڇا حبيب!
ٿيو وفا تي وقت تنهن، وڏندا وڃن مون غم اچان.
مون مرڻ ويلو مٿان، تون چو نٿو مونين مٿا!
هول اِن کان آهيم حيران، دل هڻيون، هڏ ڇم اچان.
آهي نڪرڻ تي رهيو، ارواح ”احمد“ جو عجيب!
دم گهڙي ديدار لئي، دلبر! ڪٿي پيو دم اچان.

غزل (٢٦٤)

وڃر وارو ويا وڃائي، وقت آخر ٿو ڏسان،
ظالمن جو رُو زمين تي، ظلم ظاهر ٿو ڏسان.
خاندانان، خاص ٻانهان، چوڏهين سڻ ڇٽ ٿيا،
دزد دولتمند گهڻان، ڪمذات، ڪمتر ٿو ڏسان.

علمِ عربي کان وڏو، اِهو عيب آهي عام کي،
انگريزي ۽ انگن ۾، ملڪ ماهر ٿو ڏسان.
علم سان اُلفت نه ڪنهن جي، لئي هنر هيرڪيا هزار،
علم وارن جو آهي، احوال اَبتر ٿو ڏسان.
آڻ آيت تي اڪابر! مجرميها اعتبار،
معتبر ماڻهن اڳيان، احمق اڪابر ٿو ڏسان.
پئي دغابازي دنيا ۾، ڪو دعاگو آهي دوست،
هر قسم جا حرڪتي، هر جاءِ حاضر ٿو ڏسان.
ڪوڙيل ڏاڙهي سين ڪوڙين، ڪتريل پڻ ڪيترا،
مُلڪ ساري ۾ مُڇر، مردود مُنڪر ٿو ڏسان.
غير ناهي غافلن کي، گهر توڻي گهاريِن پيا،
بي ڳتا، بي غيرتا، بي دين، بدتر ٿو ڏسان.
نامحرم منهن ڏسڻ کان، مڙس ڪن محروم ڪين،
عورتن سان عام ايندا، اولياسر ٿو ڏسان.
ڪم چڱني جي، تان ڪمر، ٿا ڪُوڙ تي ڪوڙين ٻڌن،
سير وڃائي سچ پنيان، سو ڪو نه صابر ٿو ڏسان.
دين کان دائم وِڌوڙل، بي نمازي بي شمار،
ادب ڏاران آدمي، جاهل جناور ٿو ڏسان.
ڪو سبق ساڃاهه جو، سمجهي تہ لايو ساڻ دل،
پئو نہ مستي ۾ ميان! مهندان۾ محشر ٿو ڏسان.
عاجزيون "احمد" چوي، آئون ڪيئن ڪريان ٻي در ڪريم!
جنهنڪري ڪُل شيءِ مٿي، هڪ تو کي، قادر ٿو ڏسان.

غزل (٣٦٥)

دل وڃي وهلور، جنهن دم، دوست دلبر ٿو ڏسان،
ماهه جهڙو تنهن محب جو، منهن منوّر ٿو ڏسان.
پير پٽڙا نرم پٽ کان، پائي جيت منهنجو پرين،
مٽ نہ موران ماڳ تنهنجو، مشڪ، عنبر ٿو ڏسان.

لب اٿس اڻ لپ عجب، تنهن لئي مايَن لعلون لقب،
ساڳ ۾ سرڪو نہ تنهن سان، شهد، شڪر ٿو ڏسان.
هيتوا ڏينهن ساڻ حيلن، هيي هينيون آندم بچائـي،
هاڻ وڏڙس وَنگ هو، جو وار جو وَر ٿو ڏسان.
ڊيـل جيئن ڊيلون هلڻ ۾، نـازنين نـازڪ رڪيون،
قد سڌو سنهڙي سندو، سنئون وڻ صنوبـر ٿو ڏسان.
سج سڄي جڳ تي ڪري، آپري صبوح جو سوجهرو،
پـر عجيبن جو اُها، ان ڪان بـــ اڪثر ٿو ڏسان.
سج، نہ چنڊ جيي سُڌ پوي، اڳيان سڄڻ جي سوجهري،
باغ، بستان ڪونہ پانيان، گـم بحر، بـر ٿو ڏسان.
ڪم لڳن تارا قمر وٽ، چنڊ وري چٽ سج اڳيان،
ڇ سڄڻ جي سونهن اڳيان، سج ڪي نہ ساڪر ٿو ڏسان.
مهند مون مسڪين ڪي، موڪل ميلي ٿي ڪانہ مُور،
درد دل ڪي ويا وڍيندا، دوست جو در ٿو ڏسان.
ميڙ هـڏن ملنڊي حياتـي، پـوءِ حشر هلندو جهان،
مون ڪيِ ماري ويا، جيئن ڪان مهند محشر ٿو ڏسان.
ڪو سونهون مـَن شهر جو، مون سان سنگت سُرهو نپاءِ،
بـــرهم انـــدر بـر وڏي ۾، بـار برسر ڏـو ڏسان.
اڄ ڪري احسان، "احـمـد" سين ٿيا اوڏا پـريـن،
گل بهشتي بـاغ جو، بلبل ڪي منجهہ پَر ٿو ڏسان.

غزل (٢٦٦)

سڄڻ! صورت سندئـــي ثانـي، قـمـر سان،
لڳن ڪاڪُل ڪنڊون، ڪَنوري ڪمر سان.
ورن واسـيـنـگ وانـگـر وار تـنـهـنـجا،
اکيون خـونـي خماريـون ڀئي خمر سان.
سندو منهن، چـنـڊ چـوڏهين مثل چمڪار،
ڪڪر ڪاري مٿان، چـانـيـو چمر سان.

مـنـيون ماكـــي كـان تنهنجون مقالون،
سخن كـارو بـــ مسّت كارك، تمر سان.
نـظـر نازك! كري منجهه نـاز تنهنجي،
اڙيـــم ارواح، آكـــي جـــي امـــر سان.
پـري جهڙا پرين! پرچين نـــ كنهن پر،
ڏكوئـيـن ڏيـل ڏوراپـــي ڏمـــر سان.
خـبـر ناهـــي تـــ كهڙو خـوف اٿئي،
نہ سهڙن شب ڏئـيـن، سنهٽان! سمر سان.
سچڻ! تـوكـان سوا، سينگار گهوريـو،
مـتـو پريـــم ميٺـي، بُت ميل، مر سان.
غـلـط ”احمد!“ سچو ٿيو غـــزل تنهنجو،
سچڻ وڏ سچ كنان، كئي مسّت قمر سان.

غزل (٣٦٧)

سخن تنهنجو سچڻ! سركـــو شـكر سان،
شكر سركـي نہ، پر تنهنجي سـكر سان.
چڏهن لـوٽـن تـــي لاڙيـن لاڏلا! وار،
قـمـر ڍكجو رهي، كاري ككر سان.
وَهـيـان! وارن تنهنجي، سا واٽ واهـي،
كيو جيئن نـانـگ كاري بُـو بكر سان.
پيهاري، دوست، داٺـــي تيـر مـٺـي دام،
ميٺـا! ڦاسائي مون كـي، اِن مكر سان.
سچڻ سڏيـــم، شكر يـا سكر گهرجـي،
وبهي اِي ڳـالهہ ويچاريـــم فكر سان.
شكر چڏيـم، سكر گهرجـيـم سنهٽان!
شكر شيرين بـــ سريم، پوءِ سكر سان.
ڏسي محبوب! گـڏ، تـو سان مون كي،
تـتـو دشمن دورنـگـو، ڏم چكر سان.

هلي هيڪار ڏيندس، حيف ڪـــر ڪـــي،
ڪندس ٻـــي ڪانہ ٻولـــي، آن ٻڪر سان.
ڏٺــم ڏونـگـــر پـٽـيءِ، ڏک، سُور ڏاڍا،
لـڳـــم صـــورت سفر، سٽ مٽ سقر سان.
جـــدائـــي لاءِ، حـلـوي يـــار جانـــي،
نُڪر ٿيندس لڳي، نتہ ڪنهن نڪر سان.
سفر تنهنجي، سُڏارڻ جيـــي سُٽـي ڳـالهہ،
لڳس لـوٽـن آيـــو، ڍوليا! ڍڪر سان.
اٿـــم ديـــدار بـــازيءَ درد دل جـــو،
ڏسڻ صورت جـــو مٽ، شمس و قمر سان.
اسان ڪـــي عيش عشرت عيب "احـمـد"،
فـقـيـرن جـــو فخر، فـاقـــي، فـقـر سان.

غزل (٢٦٨)

جيڻ جنجال ڪيئي منهنجو جيين شل يار! هڪ ڏک سان،
مـِلو، يـا ماريو مون کي، سِڄڻ منٺار! هڪ ڏک سان.
جڏهن ڪاني ڪجل پائين، تہ ڳُوڙن ڪان ڳهڻو ڳهائين،
جڏهن لالي لڳن لائين، سيـبـي ڏڙ ڏار، هڪ ڏک سان.
تون هيرو حسن جو آهين، جڏهن سينون سمهون ساعين،
تڏهن تڪبير ٿـو واهين، قسم ڪلتار، هڪ ڏک سان.
جڏهن ڪاڪل ڪلهن لاڙين، تہ وچ ۾ چنڊ کي واڙين،
سوَن کي سُونهن ۾ ساڙين، سڄڻ سنيهار! هڪ ڏک سان.
جڏهن وَهسيي وِڪون وارين، تہ مورن مرم ۾ مارين،
هزارن جا هينيا هاريـــن، هنيين جا هار! هڪ ڏک سان.
ميٺاين مٽ، نہ مرڪڻ مٽ، جڏهن مرڪين تہ ماکيون چٽ،
نہ حلواين هلي ڪو هٽ، هٺوهٽ هار، هڪ ڏک سان.
جڏهن محبوب ڪر موڙين، تڏهن ڇاتـي مٿان ڇوڙين،
ڪيان هڪ ڪانُ، پيو ٻوڙين، بدن بيڪار، هڪ ڏک سان.

جڏهن ميڙي وڇان منٿين، تہ ستوَ ڦاسن، سوين ڦٿئين،
جَري جيئن جهار کي جهنٿين، جهنٿين جهونجهار، هڪ ڏڪ سان.
جڏهن دلبر ڏوئي ڇنڊئين، تہ ڦاهيون موت جون منڊين،
رَسي ري رهگذر رَنڊئين، وڍئين وينجهار، هڪ ڏڪ سان.
اکيون "احمد" طرف ڦيرئين، تہ ڦهري کانَ سين کيوئين،
اچان چو سينگ پيو سيرئين، وڍيئم سڌ سار، هڪ ڏڪ سان.

غزل (٢٦٩)

شوق جا شعلا لگم، منجهہ ساهہ، شهزادن ڪنان،
ٿيو فلڪ ڪارو ڦري، في الحال فريادن ڪنان.
سج ڪنان صورت سڄڻ جي، وَڏ سراپا ٿي سَڄي،
سرو سنهڙي، قد سندن جو، شان شمشادن ڪنان.
جن ڏٺا ابرو اکين سان، قصد ڪعبي تن لٿو،
حج ڇڏي حاجي لڪين، آيا وري عادن ڪنان.
منجهہ ڪنارن چنڊ قمر جي، نانگ ڪاري ڪيو نزول،
بند اندر آئي وڏا، ان ارڙ، آزادن ڪنان.
بت وڍي بو وقت ڀَروي، ڪيو ڦوڻين لئي ڪباب،
برهہ ۾ برباد ٿيندي، ويا بسم، بنيادن ڪنان.
ڇيڇڙي ۾ چال جنهن، ڇين ڇين ڪري ڪانو ڪماند،
تيئن نيگيو ناگاهہ ويا، فرياد فرهادن ڪنان.
دوستي جو دم ڏَران، دلڙي ڏَريو دلدار سان،
عشق جو اول ٿيسم، ارشاد اُستادن ڪنان.
برهہ کان بت زهر پريئم، ٿيئم ساوا اگ سچا،
عشق "احمد" نانگ آهي، پئي خبر ڪاڏن ڪنان.

غزل (٢٧٠)

ڪر ملڻ جي ڪا ميٺا محبوب! مون مسڪين سان،
گهار گڏجي گلبدن! گوشي رهي غمگين سان.

ڏي دلاسو دوست! دلبر، هيت رهڻ جو هاڻ ناهي،
جو هينيون آيو هري، هيڙي حُسن نمڪين سان.
سج سجڻ جي سونهن کي، سجدا ڪيا سجدا سلام،
ناء سير سيئي ستارا، پيش پيا پروين سان.
هڪ محب، پيو مه منوّر، بئي مقابل ٿي بيٺا،
چنڊ کان چوٽو لڳو، تجلو سندس، تخمين سان.
چنڊ چوڏهين رات جو، آيريو نه آدي تائين اڄ،
چنڊ چوڏهين بي وڃان، چمڪار لايو چين سان.
سنئين سنواري سينڌ سُنهٽل، سرڪلهن چوڙي چڏيا،
اِن ڪفر ڪاڪُل منجهان، ٿيو دل کي درس دين سان.
مُنهن مصحف محب تنهنجو، مثل بيت الله پرون،
سبق سُوري سير چڙهڻ جو، تنهن ڏنو تلقين سان.
شوق ۾ شيرين جي، فاني ٿيو، فرهاد جيئن،
اصل اهڙي طور آهي، شوق لب شيرين سان.
دل وٺي دلبر مِٺا! پوء چين ۾ "احمد" سان عجيب!
ڪوهه ڪُهي تن کي ڪندين، جن جي قرابت ڪين سان.

غزل (٢٧١)

ڏسي صورت سجڻ! تنهنجي، نميا سج، چنڊ سُجودن سان،
ڪئي تارن، ڪئين ڪُرنش، قيامن ۽ قُعودن سان.
پريون، حورون نه پيريان مَٽ، جهڪا جوهر ٿيا جهٽ پٽ،
ڏٺاسون گل گلابي گهٽ، اوهان وٽ آزمودن سان.
اکيون تو لئي آپر ترسن، برهه بوندون مٿم برسن،
سندم دل تي، تنهنجي درسن، ڏکايا داغ دودن سان.
ازيم توسين اندر ڏاڍو، قلب ۾ قرب جو ڪاڍو،
وڏي جيئن وڻ، ويهي واڍو، وڃهل ڪيو ائين وجودن سان.
مَ ڍَڪ دلدار! دروازا، هينيين ۾ مون هوس تازا،
اسر جي وقت آوازا، اٿين سَنڌ سَنڌ سُرودن سان.

برهه ٻاريا مٿم ٻارڻ، دلاسو ڏي ڏٺي ڪارڻ،
گهڙي ڪر شاهه! ڳڏ گهارڻ، گدا ٻوڙن ڳدودن سان.
لڳيي نينهن لهر طوفاني، ٽيس ٽوڙاهه ۾ فاني،
جنازو مون اچي جاني! جيارج يار! جُودن سان.
گهنگهر، گوندر وِيَم گهيري، سدا دانهون سندم ديري،
اچي ٿي هيڪ، هڪ پيري، ڏُوئي ڇڏ دل رُٻودن سان.
مٺي "احمد" جون آهون وَر، پرين! پاسي مَ ٿي ڪنهن پر،
تنهنجي ديدار لئي دلبر! دعا گهريم، دُرودن سان.

غزل (٣٧٢)

انهيءَ ڪاڪُل ڪُنڍن ٻڳلن، ڪيس قابو ڪمندڻ سان،
وڌيس في الحال ڦاهيءَ ۾، فريبي زلف ڦندن سان.
حُسن تنهنجي ڪنان هرڪو، هجي حيران حيرت ۾،
ڪرين ٿو خون خلقت ۾، خوشي، کِل، ناز، خندن سان.
ميون تو ري شهر سارو، اچي مون سُک نه ساعت ڪِٿ،
ڀٽان رت رات ڏينهن، رُوندو، رهاشت ٿيم رندن سان.
ٻلا جاني! ٻلائي ساڻ، ڪج ٻونگي سندم پيرو،
لنگهين جي سيج منجهان سنهٽان! چڙهي سُرخن سمندن سان.
هنجون هي هي! ڪريو هاريان، حياتي حيف ٿي هاڻي،
ڪندئي اي دوست! دلبر شل، ڏٺي ڳڏ دردوندن سان.
نيازن ساڻ نايان ڪنڌ، ٿيئي من نرم دل نازڪ،
ڪچڻ پيٺي نه ٻيي بلڪل، ٻزرگن سَو بلندن سان.
وڌي ويو درد دُوريءَ جو، ڏِيان دم ۾ ڪريان دانهون،
اچي ٻر وقت ٿي ٻيڙو، مٿي ٻي ترس بندن سان.
قبر منهنجي مٿي ڪانڌي! ڪيج تون نقش ڪارڻ ربّ،
ته سؤ، سين شڪر سائين جا، پڻون دم ۾ پرت سندن سان.
اجان ارواح "احمد" جو، نه جهنم ڏي، نه جنت ڏي،
ٻنين وارن جي ٻر پاسي، ٻلا تو آهي بندن سان.

غزل (٢٧٣)

پيرايو موت مون پاڻان، محبت لائي ميرن سان،
كندا حاكم حكايت كيئن، هونئين هيڻن حقيرن سان.
سپاهي سخت دل سركش، هلن چار ئي پهر چوكي،
كري سگهجي نه آت كائي، وصل وائي وزيرن سان.
نه مالا مِلهه كري پائين، كاريون مانكين، مانك،
ملن محتاج كي سي محب! كيئن كوڙن كسيرن سان.
سبب اچ وچ جو سختي سان، پُڇين تنهن جو قدر پوندئي،
ڏيندين منكر! مقابل رُوءِ، جڏهن منكر نكيرن سان.
رهن تاراج ۾ تارا، اكين كي خون جي خصلت،
كيو تُن تُن سندم تَن كي، تيئين تكرار تيرن سان.
عمر آڌو سڄڻ گهاري، نه ڏيو اوڏو تم "احمد" چا،
غني كي گڏ گذارڻ ڏيو، ڏيكت لاڳو فقيرن سان.

غزل (٢٧٤)

دوست! پانيم دل بچايان، كنهن طرح اِن تير كان،
پر ڦٽي قارون كٿي سا، تير اڳ تدبير كان.
همت هٽائي كينم هرگز، هڻ كٿي خنجر خليل!
كين موڙيندا مٿو، طالب سچا تقدير كان.
تو كي مشكل مَن ڳنڍڻ ڏيو، مون جهي مسكين سان،
مون كي مشكل دل ڇڏائڻ، زلف جي زنجير كان.
كوهه كهائڻ لاءِ كوشش، قرب وارن جي كرين؟
ري كجل كاريتَن كُنو، تن كي اڳي تكبير كان.
چيت چگو كٿي چاڳ وارا، ويڻ سان واري سندم،
شكر، اي شوخيون كندي، شيرين لڳين ٿو شير كان.
آئون پنهنجي وس نه آهيان، كر مَ قاضي! كاوڙيون،
مون كي محبت كيو مخالف، تنهنجي اِن تحرير كان.

روبرو رانجهن جون رمزون، جنهن ڏٺيون ٿي دل دوام،
في الحقيقت حال پڇجي، تنهن هنيين جو، هير کان.
آهي خالي خواب دنيا، پئي خبر ڪنهن خاص کي،
اصل ناهي عام واقف، تنهن سندي تعبير کان.
دل! مَ ٿي دلگير توکي، آهه دلداري دوام،
بادشه بغداد واري، پاڪ پارس پير کان.
ڏانهن ساٿاري صحابن، جنهن سڙيل ڪئي سرد دل،
آهي سو بي دين بڇڙو، خلق ۾ خنزير کان.
جي هتا سانجهي، سدامي مجلسي محبوب جا،
ساڻ تن سائيم لنگهائين، سون سلامت سير کان.
آهي آخر قول "احمد"، مدح بابت مصطفيٰ،
ناهي مالڪ کي منو پيو، ڪو محمدؐ مير کان.

غزل (۲۷۵)

جيءَ جهٽڻ لئي باز بحري، لڙهم لامارا ڏنان،
چشم مستن منهنجي چيت ڪئي، چاڪ چوڌارا ڏنان.
پترَ نه ڪولي ڪو پکي، ڪنهن پر سگهي پنڇين ڪنان،
سوڙهم سيچاڻي وجهي، نُنهن ساهه ۾، سارا ڏنان.
سير ڪُلهن ڪارون ڪندي، ڪاڪُل ڏنم ڪکرن مثال،
مُنهن منوّر مثل چوڏهين، چنڊ چمڪارا ڏنان.
جنهن ڪمانين مثل، قادر، دوست! بخشا نئي پرون،
تنهن تيڪا تڪرار توکي، تير جيئن تارا ڏنان.
ڪات جيئن تنهنجا ڪرشما، قلب تان ڪورين ماس،
وار ڪوڙي ڪي وڪوڙي، وَر آرڙ وارا ڏنان.
ٿا نمن محبوب! توکي، جنّ، مَلڪ، ماڻهو مدام،
گڏ سڪندر شاهه سجدا، در مٿي دارا ڏنان.
سج سجڻ ني پاڻ سان، سانجهي سڄي جڳ ۾ سُڄي،
تو ڪري ڪارا اسان کي، چنڊ، ڪتيون، تارا ڏنان.

موت تون محبوب منهنجا، مرض ماري تو اسان،
درد وندن دانهن سين، دم دوست! تو ڏارا ڏنان.
مينهن پيا ميڙاه جا، ڏينهن ڏور ٿيا ڏولاه جا،
ويو وڇان نڪري وڇوڙو، وصل اڄ وارا ڏنان.
ساهه هڪ، مون ۾ سڄڻ جو، ڏون ڏسڻ ۾ ڏيه جي،
اِن سبب سڄ ۾ رهيي، ٿيڏن ڪنان ٿارا ڏنان.
رُو مقابل ٿي محب، محفل اندر مخفي مون ڪي،
ڪي مِڻا ڪارڪ ڪنان، ڪي ڪي سخن ڪارا ڏنان.
ڪا خبر اٿئي تہ لنگهيا، ڪوهہ ڪاوڙجي قريب؟
هنڌ هيئيون هُن جو، پَهر آن ڪي، تو اوتارا ڏنان.
اگ مرڻ، تنهن لگ ملڻ، مخرج لمين ري ڪان، نہ لام،
ڪنهن مشائخ ايئن مون ڪي، مذڪور موچارا ڏنان.
سَوڙهہ ڪن شهباز جيئن، ٿا نيڻ تنهنجا نازنين!
هر ڪبوتر، ڪانگ، بلبل، ماڳ اِن، مارا ڏنان.
ڪوهہ ڪندين "احمد!" عمر ڪي، مر تہ ميلو ماٺيين،
سڏ سڄڻ مون ڪي اهي، هين حال هر پارا ڏنان.

غزل (٢٧٦)

جيئن شال جاني! ڪي مج يار! جانان،
ڪنديئن ڪيترا ڏينهن، پلا اِي بهانان.
ڏ ڪويل ڏينهاٽي، پَون گهُور پاٺين،
رُسيو روز مي ٿي، ڪرين تو روانان.
وري تان نہ ويندا، رڙهي روح ڏيندا،
اَيا در تي دانهين، پڌيو پانهون پانهان.
مَلڪ خواهہ ماٺهو، همه سان ڪئي هاٺون،
وتن دريد تنهنجي ڪان دانہ؟ ديوانان.
سمجهہ ڪي سياڻا! مَڪر محب! ماٺا،
ڪچي نا تہ ويندا، سندا خلق خانان.

سڪان عمر ساري، اچي سان آري،
ڪينم ساهه سُوڌا، خرچ سڀ خزانان.
رسم جن روئڻ جيي، لنگهيا حد هُنَ جي،
ڪندا ڪوهه تن ڪي، تيهان ٻوهه طعنان.
ميلين جان نه مون ڪي، ڇڏيان تان نه توکي،
اچي ٻيٺو "احمد"، وٽ سي آستانان.

غزل (٢٧٧)

پَسيي تنهنجو پيارا منهن، پروڙيم ڳالهه هي پاٽان،
نه ڏيندا موت مون لئي نيٺ، تنهنجا محب! هي ماٽان.
رڳيون حورون نه حجت ۾، حسن تنهنجي اڳيان هاريون،
ڏِسي صورت سندئي، سج، چنڊ، ڪتيون ۽ قطب ڪوماٽان.
ڇندن ڇوٽيان چِڪي ان ريت سان، رخسار تي راٽان!
ڪڪر ڪر ويس ڪاري ۾، وسن ريلون ڏيو راٽان!
خدا جو سُنهن، ڪڏهن تنهنجي، نه ٿئي ڪيل خون ڪان خالي،
مسافر موڪ ملڪان ملڪ، ان مرڪڻ تي ماراٽان.
سڏي هرڪو نه هيڏي آءُ، هينيون هردم هٽان آئون،
نه تون ڪن جي اڱڻ ڏيندين، قدم ڪوهيارا! ڪوهه ڇاٽان.
عرض احوال "احمد" جو، ادب سان ايترو آهي،
سڄي بت، ساهه، سَندَ سَندَ ۾، سوين لک سور ساساٽان.

غزل (٢٧٨)

دل ۾ دليل دلبر! دم دم نوان نوان،
غمزا ڪُهن غريب ڪي، غم غم نوان نوان.
تارا، تفنگ، تير، تبر تير تيرو ڪڙيون،
ڇرڙين ٿو بيگناهه تي، ٻم ٻم نوان نوان.
هُو جو حرم ۾ حوض ڏٺم، سو حبيب! هيت،
تُنهنجي ذقن جي ذوق ۾ زم زم نوان نوان.

سَنڌ سَنڌ بند، ڪنڌ ڪڍان ڪيئن ڪمند ڪان،
زنجير زور زلف جا، خم خم نوان نوان.
آواز تنهنجو آهي، اندر ۾ الست ڪان،
ڇا دل ڇڪين ڇير ۽ ڇم ڇم نوان نوان.
اَلحَمدُ لِله! "احمد" آيا اڱڻ عجيب،
مُنهنجا ڪري ڪريم ٿو، ڪم ڪم نوان نوان.

غزل (٢٧٩)

مرحبا، محبوب! منهنجا، تو مٿان سر گھوريان،
گس، گھٽيون ڇايان گلن سان، گنج، گوهر گھوريان.
مائٽن جا مينهن وسايان، تنهنجي مارڳ، ماڳ تان،
تنهنجي خدمت ۾ خزانان، خوب، خوشتر گھوريان.
هنجهه، هرڻ، حورون، پريون، هيرا حسن ۾ هيچ هيت،
تنهنجي جلوي، جوت تان، جنسار، جوهر گھوريان.
تنهنجي خط ۽ خال ڪي، مُشڪي خطا، ڪوڙڻ خطا،
عرق تنهنجي تان عجيبا، عطر، عنبر گھوريان.
ڪونجڙين ڪي ڪر نمايا، ڪنڌ اڳيان تنهنجي قريب!
تنهنجي قه قه تان ڪبڪ، قُمريون، ڪبوتر گھوريان.
نڪ نيلوفر جو نمونو، نرم اڱ، نيرمل اکيون،
تنهنجي پيرن تان پيارا! پٽ پٽيهر گھوريان.
نخل توکي سر نمايو، الف ڪي ليڪ لام ۾،
تنهنجي سنئين قد تان سڄڻ! سرؤ، صنوبر گھوريان.
چنڊ چهرو، چشم چقمق، چوسرو چونڊو چندن،
وات ڪوثر ڪان ڪثر، زم زم ذقن سير گھوريان.
آهي "احمد" ڪي اندر ۾، عمر ساري جي آداس،
اڄ ته اڄ ڪي مَن اندر جون، اوريان، گھر گھوريان.

غزل (٢٨٠)

ٻيھر، تہ تو مھندان مسران، ٻيو موڪلائي ڇا ڪريان؟
جيءُ، تــــو جاني جي جدائــــي ۾، جلائي ڇا ڪريان؟
ھو پريون، حورون ڏسين ۽ چنڊ، سج سامھون ڪرين،
تــو سوا ٻي لوڪ سان لنؤن، لعل! لائي ڇا ڪريان؟
ليڪ نہ تنھن جو، لطف ٻي ۾، لڱڪ سڀئي ليڪ ليڪ ڏٺم،
سيڪ پريم تنھن جي پـلا، پٽر تي پلائي ڇا ڪريان؟
ھي نہ ڳنڍ گھارڻ جي لائق، گھر ڏسيي گوھر ڇيو،
تــوتـــي پـــورا! پال جا، پيرا پلائــــي ڇا ڪريان؟
ھين مھل، منھن تي، نہ ميھڻ ڏار، مٽن مھڻا! ڪچين،
ٻوءِ چتونءَ جي ڇھنب ۾، ڇنيون ڇلائـــي ڇا ڪريان؟
قرب تنھنجي جـو ڪنڊو، ڪو قلب ۾ قابــو ڪتوم،
جيئن ولايـان منجھہ وڃي، ور ور ولائــــي ڇا ڪريان؟
زيردستن جـــو، زبـر سان، زور زاري ري نــہ آھيہ،
ھٿ ٻـــڌي، حاجت ڇينم حجٽت ھلائـــي ڇا ڪريان؟
مينھن ڳڙن، مينھون ميڙن، ھر ماڳ محفل ھن مھمل،
آئون تــو ري منھنجا مينا! محفل ملھائـــي ڇا ڪريان؟
جــي رھين ھيت رات رائـــا! رڻ رھائين سان رچـن،
تــو سوا جـــوڙي جشن، جنيون جھلائـــي ڇا ڪريان؟
دوست! جاسين دور تـون، تان ڏور پيڙو ڏڙ سندم،
ٻوءِ مٽي لئي ميٽ ۾، مشڪون مـلائـــي ڇا ڪريان؟
آئون ھڪ اھل غـرض مـــان، الغرض منھنجو حبيب،
الغرض ڪـــي العرض، ”احمد!“ الائـــي ڇا ڪريان؟

غزل (٢٨١)

ھيڏو ڪورڻ! تہ ويو راڻو رسي، اڄ رات، ڪيئن ڪريان؟
ڦيٽي فرحت، ڦٽي جا دل، ڦٽي پريات ڪيئن ڪريان؟

ڏسي ســـــون ساڻ پيڙي پـيـڻ، آن پيٺي پيهي ورڻو،
پنليي جو پاڳ، بگڙي بيگنه ويئي بات، ڪيئن ڪريان؟
مَنِي ڪا مينڌري مَن ۾ ڌَرِي، مون ڏانهن منهن موڙيو،
منيس! ماريس ميارن، مينهڻن، مـرجات، ڪيئن ڪريان؟
جئين! هيڏي جدائي ٿي، جڏيءَ سان ڪئي، جڏهن جيئري،
هٿين تنهن ڪان ڪيڏين هاڪو، ڪڏڪين ۾ ڪات ڪيئن ڪريان؟
سمهڻ ٿيو سُور، سُـوري، سيج، ساري ساهه سوڊل ڪي،
وڇوڙي ڪو وڏو مون ڪي وڇون جيئن وات، ڪيئن ڪريان؟
ڏسي ڪُوڪڻ، ڪلون، هن ڪاڪتان، ڪوڙين رهيا ڪيڙ ڪي،
ڪيو تو مينڌرا! مومل ڪي ماري مات، ڪيئن ڪريان؟
هندوزا، هنڌَ ڪنهن ڪي ياد، هونـدا حـال هوڙي ۾،
نـه باغـن ۾ بهاريون اڄ، پيني برسات، ڪيئن ڪريان؟
اديـونِ! ويئي آڌيـان ڪانگ، اوتـون آب اکين ۾،
ڦٽڙ ڦـوڙي وڏا، ڦوڙاءِ جي فِڪرات، ڪيئن ڪريان؟
وئيون سوريان، ونيون لڙڪن جون، وهنم، وانڙي ڏسندي،
نهوڙيا نينهن نيهي، آئون تـه نيڏڙي ڇات، ڪيئن ڪريان؟
وڃان اوڏانهن "احمد!" پاڻ، يا ان ڪان به بهتر ائين،
تـه ڪانڌي سِر ڪُلهن تان، موڪليان سوغات، ڪيئن ڪريان؟

غزل (٢٨٣)

عمر! جن سان عمر آندم، سدا سانگي، سي ٿي ماريان،
مـتني مـاڙين ڪي مارُن سان، ميلان، يا پاڻ ڪي ماريان.
ايـــرادي اوچتي آئـــي، وڏيس ڪنهن قـيـد قسمت ۾،
اکين ۾ آب آئــيـو، انـگ پئيي پــرڏيـه ۾ پاريان.
جدا جيئري ٿـيـم جهانگي، ڏسان ڏيـه ۾ نــه ڏوٽيڙا،
سيڪيو سانگين جي صحبت ڪي، گهنگهر جا ڏينهن ٿي گهاريان.
وريا واهر، نـه ويڙيچا، سـِجي سڏ ڪونـه سانيهه سئين،
نـه همراهه حال پائي ڪو، آيي دانهيان ڏسيو ڏاريان.

مخالف ملڪ هـــي مون سان، موافق هـوم. ماروئڙا،
پنوهارن جي پهر ڏاران، ويهي ڪنهن سان ورونهن واريان.
رتـــو روئـــي رتـولـن ۾، وهـايـان راتيون ويهي،
مـــٿـــي هٿڙا هٿيو هاٿـــي، ويٺي اوسر ۾ اوساريان.
هينيون هيري سين هيري ڪيئن، ٿيان منجهه ڪڙم ڪانهياري،
مٿو سمجهائي، تيـن سرتين، سوا ڪيئن سينڌ سينگاريان.
اسان ڪـــي عيب ٿيو اوڍڻ، ڌسم سان قيمتي ڪپڙا،
اباڻـــن ڪيئن اوپـالـو لائـي، پـائـي عـاج آزاريان.
ڇُٽيي سگهه، پنهنجي سان سگهنديس، نه هر گز، تو هٿان حاڪم!
مگر منجهه ميهر مالڪ جي، وڏيون آسيون ڏُران ڏاريان.
سدا ساوڻ سنگهارن ڪـي، هجي ٿـو هـر طرح حاصل،
پـَـسيو وچڙيون ولهارن جون، هنجون هوري ڪنان هاريان.
اِلاهـي! ڪو ٿئي اهـڙو، سبب مـون سانگياڻـي سان،
وڃي والـي! ولر واري، چگي پـر منجهه چيلر ڇاريان.
پيهي پاڙي پنوهارن جـي، ڪريـان جيئري زيارت شل!
ڪٺوري جن جو ڪيو، تن ڪٺيرن سان خوش گهاريان.
رهن، جي روح تي يا ربّ! انهيءَ سان ميڙ ”احمد“ ڪي،
ته ٿئي قربان قدمن تان، ڪروڙين ڪُرنشون ڪاريان.

غزل (٢٨٣)

حال مـــون هـهـڙا بنايا، دوست دلبر! تـــو اڳيان،
ڪير هي قربان ٿيو؟ رت ڪنهن جو رهبر! تو اڳيان؟
ڪنهن قبوليون ڪنڌ تي ڪاتيون؟ ڪير آيو ڪوٺ هيٺ؟
محب ڪنهن مذڪور سببان؟ مٿو مسافر تـو اڳيان.
ڪنهن سدا اڱرا آڏيءَ تي؟ ڪير اڏ، اڏ ٿيو؟ عجيب!
ڪير ڪَنڊيو؟ ڪنهن جو هڏ ڪَنڏ، گوشت گوهر تو اڳيان؟
ڪٿ ڪٺاريون قلب سامهيون، ڪٿ ڪُڪين ڪان ڪانَ پيل،
جـي پـه اڏ جيرا، پـه اڏ اڏ جـان جوهر! تـو اڳيان.

تـون، نـہ سببان سرڪشائي، ڪو چوين جاني! جواب،
آئـون تـو پانيان مٿـو ڪوئي، بيدل برابر تو اگيان.
خود انهيءَ ڪٿي اکين جي، خلق شايد خون ڪَيَئي،
ناهہ پو ڪو خـود خيالا! ڪـيل خنجر تو اگيان.
گهور جي گهمري مٿان، گـمـراهہ ٿـي پئجن گهٽان،
پَٽ ڪنان آنٽڙي ڪيرن، اڌ ٿـي ہـہ آخر تو اگيان.
اک مٿي ڪٿي محب منهنجي، ٿـا مـرن مشتاق ڪوڙ،
سؤ سجي ۽ سؤ ڪـبـي، سؤ پـوءِ، سؤ سير تو اڳيان.
جڳ مرن تـان ناهہ جوڪو، شال! جاني! تـون جيين،
چنڊ، سج، تـارا سڄڻ! صـدقـو سراسر تـو اگيان.
سک سڄڻ! ناهہ ڪٿي، هڪڙي ہـہ ساعت تـو سوا،
جي ميلان، جي ڪي مران، تہ محب! ميهتر تو اگيان.
پير پنبڻن مان ڪري، تـو ڏانهن پرين! پل پل پُران،
مـانَ مـرٽيان مهند ٿـئـي، ميلو مـنـوَّر! تو اگيان.
آهي ”احمد“ راس ڪهڙي، جـو آمـر واري عجيب،
هي هينيون، هڏ ماهہ، چم، سڀ هوت حاضر تو اگيان.

غزل (٢٨٤)

هڪ مَيي ہـي مينڌ ري جـي، مامري ماري آهيان،
ٿـا وهن ڳـوڙها ڳلن تـان، ڳالهيَن ڳاري آهيان.
ڪاڪَ ۾ پـانـيـان قيامت، ڪر ٿئي ڪرهل سوا،
ويـا آئـي آرام انـدر، عـشـق آزاري آهيان.
سج سڄڻ! آڳريو نہ ساريان، سيج جيلانهن ٿيي سُڃيي،
اڌ انـدر تـو ري ڪيئي، اڌ رات اونـڌاري آهيان.
سج سڄڻ! آڳري نہ تو ري، پڻ سُڃي مون ڪي نہ سار،
قرب ڪاتين سان ڪُهيي، ڪئين سين نڪر ڪاري آهيان.
ڪيئن رُلين راتا! نہ چاٽان، ڪيئن مَئيي ميرا مهل،
اِن فڪر ارمـان ڪـان، اڪثر عجب واري آهيان.

وٺ ڏيي ٻاريان تـــہ، ور ڏيــو باھہ منھنجي ٻت وٽي،
ٻـڌ ٻريا! ٻـڌ، سيڪ سندئـي، ٻـارڻ ڏيئي ٻاري آھيان.
تنھنجي راڻا! رُوپ ري، رلندو نہ ٻي ڪنھن ساڻ روح،
خادمياڻـي خـاص تنھنجي، خواھہ ڪتني ڪاري آھيان.
اڄ اڏايان ڪانـوَ ڙا، آيـــو اڳـــڻ گھرجين عجيب!
وَر سگھو ولـھـا! وڇـــوڙي ڪئي ويچاري آھيان.
ساھہ توکان ساهہ پـرايـو، نـــہ تـــہ ٻيا سوڍا سوين،
سُور صـــورت وڏيس، منجھہ شوق شب ساري آھيان.
اڌ ٿيس اول سـنجھي، آڌي لنگھيي "احــمــد!" مـتام،
لٿھہ سيحر جــو سار، آئـــون سُور اڄ ساري آھيان.

غزل (۲۸۵)

تنھنجي درسن واسطي، دلـبـر! ديـــوانـــو آھيان،
نـــاز نيـــڻن لاءِ نـــازڪ! نيت نيـــرانـــو آھيان.
مـَن سـَچي تنھنجي سرا ۾، هـــن سُوالي جـي صدا،
در تـــي چـــونـــدو درد وارو، داستانـــو آھيان.
مـَن ٻوي منھنجي اکين تي، ڪو قدم تنھنجو قريب!
اِن ايـــرادي ساڻ وڻـــنـــدو، آستـــانـــو آھيان.
هڪ هواسون ٻاڻ اڳ، شايد هتان ٻئي مون حبيب!
تنھنڪري تـــو وٽ ٿيـــو، تحقيق طعنو آھيان.
چشم تنھنجا ٿـا چـٽـن، دلبرا دليون داڻـــن مثال،
زلف تنھنجا ٻـائـيـنـدو، هڪ بندخـــانـــو آھيان.
مون متو رکيو تو مھندان، تنھن متاھون مانَ ڪيوم،
تنھنجي خذمت خـاڪپا ڪيو، خـانـــدانـو آھيان.
آئون خادم، بلڪ خادم، خادمن تنھنجي جو خاص،
آئـون ٻانھون، بلڪ ٻانھن جو، بـــہ ٻـانھو آھيان.
مانَ "احمد" چئي آھي، ڪنھن ڏينھن ٿيان اوڏو عجيب،
رات ڏيـنـھـن اِن راھہ تـــي، راڻا! روانـــو آھيان.

غزل (٢٨٦)

تون ڇڱو، تنھنجون ڇڱايون، ساڻ ڇڻ ٻڻ ڳائيان،
ٻيج ٻنڙي رات تنھنجا، ٻال ٻڻ ٻڻ ڳائيان.
تون سوايو، تو سوا سؤ ھٿ ٻہ، سؤ، لڱ مون نہ سٺو،
تنھنجو رڳ رڳ ۾ رڳو ني، راڳ رڻ رڻ ڳائيان.
آپ اڇو ڇانيو آہن، اڇڙاند اڇڙو اڄ لڳي،
ھيت ڪيوي ۽ ھُت ڪيوي، ڇا ڪيل ڪڻ ڪڻ ڳائيان.
ڀؤنر ”ٻون ٻون“ باغ ۾ ڪن، ٻون منجھان ٻون ڦوڙ ڪوڙ،
پٽ ڇيھو، ڊٽ پٽ ڇيھو، ڇيھن جي ڇڻ ڇڻ ڳائيان.
تنھنجي تسبيح ٽو پڙھان، سبحان تيري صاحبي،
جھنگ، جر، پٽ، جوھ جبل جھونگار جھڻ جھڻ ڳائيان.
تات طوطن جيئن تھين تون، توڙ تاڙن جيئن تنوار،
ڪونجڙين جيئن ڪرم تنھنجا، ساڻ ڪڻ ڪڻ ڳائيان.
ڪر ڪٺان ڪر، جي لھين ڪر، تنھنجي ڪرمن جي ڪري،
تنھنجون ڳالھيون ڳوٺ ڳائيان، تنھنجو ڳڻ ڳڻ ڳائيان.
آھيم ”احمد“ عھد ڪان، تو ھڪ احد جي آسري،
تون سپاجھو سڏ ونھيون، سڏ منھنجو سڻ سڻ ڳائيان.

غزل (٢٨٧)

ڪاغذ رساڻ قاصد! قربٺون وڃي قريبن،
ڏج حال جي حقيقت، ھيجاً ھلي حبيبن.
جاني! اندر جدائي، ڦٽجي مٺا فيدائي،
احوال ڏج ادا! اي، اڳيان اڳڻ عجيبن.
محتاج مرض وارا، واٽن مٺا ويچارا،
پيغام منھنجي پارا، ڏج تون ميڻن مجيبن.
مون کي مجاز ماريو، ٻارڻ پيھار ٻاريو،
قربٺون قريب ڪاريو، گھرو مٺي غريبن.

سيني کي سُور ساهيو، نيت نئُور نير واهيو،
لائـي دوا نـہ لاهيو، ڏک طبع جو طبيبن.
منجهہ روح روز شب تون، ما کيان ميٺو محب! تون،
آهين پيرين! عجب تون، نازڪ! ملين نصيبن.
”احمد“ ڪَندي ۾ ڏينهن ڪُل، بيمار ڄاڻ بلبل،
آهيس ڪلام قل قل، گـل باغ آت اچي بن.

غزل (۲۸۸)

عجيبن جـــو مليم احوال، اچ اکـيـن نئا ڏسجن،
حبيبن جـي حقيقت حـــال، اچ اکين نئا ڏسجن.
پکيڙو پـرهہ جـو پهتو، کٺي پيغام پيريـن جـا،
چيم ڪن ۾ ڪبوتر ڪالهہ، اچ اکين نئا ڏسجن.
چمن ۾ ڇهچٽو چڻ پڻ، چٽون ڪجهہ چئي رهيا آهن،
ٽينم جن لاءِ سڪندي سال، اچ اکين نئا ڏسجن.
صبح، سانجهي ستاينم، جن جي صحبت لاءِ صاحب کي،
وِڌم جـن لاءِ وِٺي فـال، اچ اکين نئا ڏسجن.
اچي ٽـي بـوءِ بهاريءَ جيي، ٻرن ٽا باغ ۾ بلبل،
ڪندا پانيان پنيءَ ۾ پـال، اچ اکين نئا ڏسجن.
هنيين سامهون اکين هيرون، ڪيوڻ ڏي ٽي ڪيليو ڪيرون،
تـہ اعليٰ تنهنجو ٽيـو اقبال، اچ اکين نئا ڏسجن.
پريون چائڻ پٽن سان پٽ، هٽن ۾ هار حورن کي،
مَلڪ گهورين موتين ٿالهہ، اچ اکين نئا ڏسجن.
مٺائيءَ کان مِٺا، ماکي، ڪِ مصري، کنڊ، ميون کان،
نڪا منجهہ ڳوٺ ڳُڙ جي ڳالهہ، اچ اکين نئا ڏسجن.
ڪُلهن تي قطب ڍوئي ڪٽ، چون پيا باغ بسم الله،
آيـــن ۾ ڳالهہ استقبال، اچ اکـيـن نئا ڏسجن.
گلن سان گس، گهٽيون ڇايان، وڇايان وار، واسيان گهر،
ٽين خدمت منجهان خوش شال، اچ اکين نئا ڏسجن.

عجيبن جي اچڻ لئي اچ، ڪرو آپ کي ڪيو "احمد"،
ڏنو ڦيرو فاڪ فـي الحال، اچ اکين تنا ڏسجن.

غزل (٢٨٩)

باغ دنيا بي بقا، ٻـر ۾ اچي، بلبل وڃن،
سيءَ، ڪِر ڪوسي لُوهه کان، ڳوماڻجي سڀ گل وڃن.
وار سنبل جيئن سندئي، مُنهڙو مبارڪ گل گلاب،
گل اچن ڳومات ۾، سير تان لهي سنبل وڃن.
هي محل، ماڙيون، منارا، موت کي مشڪل جهلين،
ڪوٽ ڇٽ، هڪ ڇوٽ سان، ڳهر، ڳهوٽ ڳنڍري ڪل وڃن.
درد پنيان درد ڪيسين، ڏُور دارون سان ٿين،
موت جي منهن ۾ اچي، ڪنهن مهل موتي، ڦُل وڃن.
بادشاهه باقي خدا هڪ، بي بقا ٻيا بادشاهه،
مورچن وارا مٽيءَ تـي، سڀ ٿلها ٿـي ٿُل وڃن.
سٽ، ستر کان پوءِ صاحب! ساهه کان ورچي پوين،
ٻائر، ٻاتي، ٻائٽيا، بيزار ٿـي بالڪل وڃن.
هـي سنيما ۾ سنها، جوڙا سجوڙا صبح، شام،
هڪ هڪل سان، هڪ ڏينهان، هڪدم ٻيهي سڀ هُل وڃن.
مٺو ويو، مو ٻيا ميانج، ڦوڪ هڪڙي سان فقط،
سڀ مٽا ميدان ڏي، پوءِ روز محشر رُل وڃن.
حمد "احمد!" ڪر احد جو، عهد جنهن سان آهه ڪان،
هي ميٺيءَ تائين ميٺئي، بازُو ٻـه ٿي ٻُل ٻُل وڃن.

غزل (٢٩٠)

ڪتڻ اک خليل سامهين، ڪيل ساڻ زرخريدن،
اچ ڪر اگڻ اسان جو، آباد ساڻ عيدن.
غمزو سجي غريبن، هٿ ڪيو هينيون حبيبن،
ڪلتار سين قريبن، ٻيڙو ڪندو بعيدن.

مشتاق مـــرض ماريـا، ڪم ڪان وِرهه وِهاريـا،
دل تـــي دونهان آئـاريا، دلـــدار ماڻ ديـــدن.
آدميون اندر آڪيرون، پيون منجهه سريـر سيرون،
ڏيئي چاڪ ڪيوم، چيرون، چيت چشم مست چيدن.
خـــوني اکيون خماريـــون، تارا تيکا تـــراريون،
مون کي، سين ميچ ڪاريون، هڪ شخص، مان شهيدن.
هـــر هنڌ عرب، هندوستان، مٿ نـــاهه محب مستان،
پـانيان نـــه بـــاغ، بستان، بـــر ساڻ بـــرگزيدن.
پل پاڻ ڪان پـــري، ٿـــي، صحبت اِتـان سري ٿي،
ماٺهن کي مٺي ڪري ٿي، پـڪ سان منجهان پليدن.
جيئرو جـــهان ٿيـنـدو، هـــرڪو حساب ڏيندو،
بـــد، نيڪ مـاڳــــ نيندو، مـــوجب عمل عقيدن.
"احمد" اول عمر جـــو، چيو لفظ لب شڪر جـــو،
آهـــي انهيء اکـــر جـــو، ميٺاج منجهه قصيدن.

غزل (٢٩١)

ميل مينا محبوب! تـــو ري، مون تـــي مچ مچ ٿا ٻرن،
سير، جسم، سينان، سنڌيون، منجهه سوز سچ سچ، ٿا ٻرن.
يـــار اکـــين لـار آهـــين، تـــون عجب آبِ حيات،
عـــاشقن وٽ اچ، عـــنـايـت ساڻ آچ آچ، ٿـا ٻرن.
آب، آسڻ عـــاشقن جـــا، آهـــي آتش آهه تيـــن،
ڳـــالهه ڳـــالهائين، جـــي، تان ڳوٺ ڳچ ڳچ، ٿا ٻرن.
زلف نوڙي ناهـي، جنهن جـــي مُنهن چڙهيي، ماٺهو بچن،
وانـڙيـا واسينگ مهندا، کـــائيي وچ وچ ٿـا ٻـــرن.
ٿيون ٿين عيدون اسان لئي، سير اڱـــڻ آئـــي عجيب،
دشمنن ٻر، هيت ديکـيـنـدي دوست، ڏچ ڏچ ٿا ٻرن.
صورتن جـــا سيڪڙو، ڪيئن سيڪ ڪـــي سارين سُور،
سي پتنگ پاٺا، جيو ٻـــي ڪـــي تـــه، پچ پچ، ٿا ٻرن.

يار سِر انجام ”احمد“ ڪي چون گهر گلبدن،
ڏِس ڪريو ڪمبخت ڪيڏو، ڪوڙ ڪچ ڪچ، ٿا ٻرن.

غزل (۲۹۲)

ڏ ُتاري دل ديوانـي ڪـي، وڏو دلـدار منجهه دامـن،
پٽيي دامن اندر دل، هٿ پينم، منجهه دوست جي دامن.
اٿس سر ڪو بدن سِر ڪن، نه سُونهن ۾ ڪو سدا جهڙس،
نـظـر نـازڪ پـريـن آينم، نسورو نـوم اندامن.
نگاهون ناز واري جـون، رڳـا نقصان ڪن نيت نيت،
حُسن تنهنجو هـٽـي هــر وقت، هينڙو ساڻ هنگامن.
اجا تـائـيـن آهه ارڏائيـــي، عجيبن ۾ عجب جهڙي،
ڪڏهن ماٺان چـڏي مسڪين سان، محبوب ملندا مَن!
نهاريان واٽـڙيـون نڪريو، نظر پئي مان! نازڪ تي،
سنجهي، آڏي، آسر ڏينهن، رات اکڙيـون ڪين آرامن.
پـرون پـالا، پــلا پـانيان، بــلاشڪ مثل بيت الله،
اگــڻ آوچــن، اچــان پــوءِ ســاڻ احــرامــن.
گڏي گوڏو پرين سان جي، گهڙي گوشي گذاريان گڏ،
نه عمدي ڪر اسان جـي ٿيئي، عبادت ساڻ احڪامن.
وڻن ڪي ذڪر ڪي زاهـد، ايرادو ڪـين، ٿيون عابد،
اسم، آئـون گهـران ليڪجيم، عـاشق منجهه عمل نامن.
ڪڏهن سـونـي محب ايندو، ملڻ ٿيندو، مرض ويندو،
مون کي ٿيا ڏينهن، مُنهن ڏٺڙي، وَساينم ميـنهن ماتامن.
پٺيون ٿيي ٻاڻ تنهنجي پيش، پـوتيون، پانـد پائيندس،
پرين ڪنهن پـر رٺـو، سو ڪين پرچـي ساڻ پيغامن.
سنجهو ڏاري سچڻ آيــو، سلامت هـنـد ساڳـوئـي،
ويـهـي واسيا آسر تـائين، عجيبن مـاڳــ انجامن.
ميلينم پيغام محڪم، وَهُوَ مَعَڪُم، آين مَا ڪُنتُم،
مون کي خلوت ڪنان ڪاريو، خيالن، خر خسن خامن.

هنيين مان گلُ ٽِڙيا، سو گل، ڪجي قربان جنهن تان ڪُل،
ڏسي اِي باغ پيو پيٽي، ٻُلايو هنس، پڌ ناسِن.
سُڃُ هي درد جُون دانهون، آئي، ويٺي عرض، آهون،
الاهي! ڪر مٿي ”احمد“، ابر جيئن اوت انعامن.

غزل (٢٩٣)

لِک لقا لئي تنهنجي لالن! لک ٻِي لُٽِڻان ٿا پون،
باغ ۾ بي شڪ ڪنڊا، پر ڦُل بِه ڦُٽڻان ٿا پون.
حُسن ڦهڙي تي تِه مُرڪنهن جو، هنيون هيرڪي نِه ڪيئن،
ڪوڙ خواهشمند، پر منجهه خرچ ڪُٽڻان ٿا پون.
حُسن تو هڪ جو هميشه، جيئن وڌين، تيئن ٿو وڌي،
گل گهڻا پيا باغ ۾، نرندي نمي نٽڻان ٿا پون.
ماهه ڪي سيبائي سنهڻا! سوُنهن تنهنجي جسي صفت،
پر صفت پئي جي پڌڻ ڪان، ڪن ٻِه پٽڻان ٿا پون.
هڪ اکيون ڪاريون ڪجل ري، پيو ڪري ڪاوڙ ڪٺي،
تير تارن مان سدا، ڇاتيءَ ۾ ڇُٽڻان ٿا پون.
هيڪلو هوئين تِه هيٺون حال، هاڻي ٿي ڪريان،
پر گوهر! گفتا گهڻا، گهٽين ۾ گهٽڻان ٿا پون.
اوچتو آيم ڦري اڄ، عذر پيا ”احمد“ ڏنان،
هن ڪچهري لاءِ کهڙا، ڪوڙ ڪٽڻان ٿا پون.

غزل (٢٩٤)

مامرو هر مهل مون کي، محب! ماري، موٽ تون،
وڃ وجهي، وڌيس وڇوڙي، واڳ واري، موٽ تون.
ڏور لاءِ، م ڏينهڙا، مون ڪي ڏکن ڏاري وڌو،
دانهن مُڻ ڪا درد جي، هن ديس ڏاري، موٽ تون.
تنهنجي صورت، سونهن ڏسي، سنهڻا! پيرايو سُور مون،
روح جو ريلو، رُنسدن تي، رت رواري، موٽ تون.

پرت تنهنجي پيچ پورو، پور پاتم منجهه پساهه،
واڳيرين تي وو! ڇڏيس، وڙهن وڙهاري، موٽ تون.
بيرهه لائي باهه ڪيو، منهنجي بدن کي بي‌قرار،
درد دوري جو دونهون، ٻر ٻر ٿو ٻاري، موٽ تون.
مَن ڪيو ڦوڙاءِ ڦارون، تن ڦٽيو تنهنجي فراق،
قرب قاصائي جو ڪم، منجهه قلب ڪاري، موٽ تون.
صبر ساعت ڪونه ساريان، سڪ پڳم، ويئي سگهه سڀ،
ساهه تو کي ٿو سدا، شب روز ساري، موٽ تون.
رڻ ٿيو مون ساڻ راڻا! رُس مَ، روساڳو لهيو،
ڍولِيا! ڍائي وري، ڍٽ پاس ڍاري، موٽ تون.
ساهه سڙينم، ساهه ڳرينم، هاڻ رڙيون ڪن هڏا،
ڳالهه اِي ساري سچي، سنهڻا! سنڀاري، موٽ تون.
هي مسافر تو مُلا، محبوب پيو ماتام ٻر،
پاڻ هٿيو پٽ مٿي، پچڙي، پچاري، موٽ تون.
ڪو پرين! پيغام منهنجو، تو پنو، پانڌي هٿان،
ڪر نه ماٺو، رهه نماڻو، نت نهاري، موٽ تون.
ٿيي حياتي حيف مون تي، هاءِ! وين هاجي هٺي،
دوست! تو ڏاران ڏنو ڏم، درد واري، موٽ تون.
تو سوا سيّد! اسان تي، سچ نه آيري ڪيو سُهاءُ،
آهه! ”احمد“ جي سٽي، عالم آجاري، موٽ تون.

غزل (٢٩٤)

هان ٻاهر هزارين، لک، هُرين هڪ منجهه هنيين ٿو تون.
نموني اِن نماڻيءَ جي، نهوڙي دل نيين ٿو تون.
سڄڻ! سج رُوپ ساماڻا، اٿئي مَٽ موت سان ماڻا،
ستايان آئون هر ساعت، سدا سرڪش ٿيين ٿو تون.
ڏسين تاريخ اوتارو، اٿن آن هيٺ اوتارو،
ڪٿي ڏينهن ڪندڙن جو ڏيه، ڪٿي جا ڏَسَ ڏيين ٿو تون.

سُونهن منهن ڇاڙڪر موتــي، موچاري آن ڇڻني موتــي،
جدا جانب ڪنان ٿــي، ڪاڻ ڪــن، جاڙون جيئن ٿو تون.
پيارن سان، پــيارن سان، ميلان يـــا رب! يـــارن سان،
پڇيم ڪنهن پل، نه جين پرينءَ، ته ڇا ڪائين، پيئن ٿو تون.
وٺيي نــروار نــرمـــل ناهُ، ڪيو ارشاد ”احمد!“ آهُ،
مٿيي جي مَهند ٿــي بوڙج، نـــه مُرڪج سير ميين ٿو تون.

غزل (٢٩٦)

حسن وارا! نـــه مون هڪ جو، رڳو هينئڙو هٽي ٿو تون،
اِها خوبي، تـــه خانان سڀ خلق جا، اجهي ڪٽين ٿو تون.
گهڻو سج! ماهه ڪي ماري، ٿـــي ڪئي تاراج هـــر تاري،
حسن ۾ ڇــو نـــه اهڙو هيت، هٿائين هڪ ڇٽي ٿو تون.
حسن وارا اڪــيــن هـــر جا، مٿي زيـــور سُونهن زر جا،
سجڻ! مون ڪي سچي جڳـــ مان، قسم واحد وٺين ٿو تون.
پـــرون پانيان تـــه بحرن ۾، ڪنديئي لهوارو لهرين ۾،
اهڙو تاريخ تاريـــن ۾، تٽي جين جـــي تٽين ٿـــو تون.
رُپـــي جـــي ڪـــاڻ ڪـــڏ ڪـــاڏي، ٿيس اوڏو پينم آڏي،
سدا، ڪنهن اڳ نه ڏنيئم سُڌ، ته ڇو ڪوهه ۾ ڇٽي ٿو تون.
قدر وارا چلي ويـــا ڪُل، نـــه ڪن مائڪ مُلڪ ۾ مُل،
پڇي ائين ڪونه اڄ ”احمد!“ ڏيڻ گوهر ڳهرين ٿو تون.

غزل (٢٩٧)

بلئو پايو پچان پانڌي، پرينءَ جـــي پار جون خبرون،
اچـــي اوٺـــي ادا! ڪي اور، اکين ٿار جون خبرون.
مٿڻ مهراڻ مـــان مشڪل، ڏُکيي درياهَ ديکي دل،
پُڇائـــج پاتٺي ڪي، سؤ پرهه، پاتار جـــون خبرون.
ڪيم وو ووه! واويلا!! ٻريـــا ٻـــر ٻـــر ٻُڌي ٻيلا،
عجيبن ڪي رسيون اوٺي! ڪي اِن آچنگار جون خبرون.

سدا سڪ مان سيڪان، ساريان، هنجون هي! هيج مان هاريان،
پــلا، پيرو ڪري لهندا، بندي بيمار جـــون خبرون.
ڪڏهن مان ڏي محب ايندو، ملڻ ٿيندو، مرض ويندو،
ڪڏهن پڇندا پــريــن پيرا پـــري، پينار جون خبرون.
سڪو وڻ هنڌ وصل وارو، ڪر سائو آهي، سو سارو،
پکيڙا! ڏي پتڪيون، آن پار جي، پڻ، ڏار جون خبرون.
ڪڪوريا هنڌ، ڪر ڪوماڻا، محب ڪيا جيت، ميليو ماڻا،
وڏيل، واڍوڙيل سان ڪر، ويهي وڻڪار جون خبرون.
مــون سين محبت ڪيا مـارا، لٽي مونيم مڻڪ سارا،
وٺي، پڻ ڏئي نڪو وو وو! ونهيل وينجهار جون خبرون.
مٺي سالون لنگهيم ساريون، ڪيون پوري، نه پوئيواريون،
مٺائي ڪونه سيج ۾ اڄ سڄڻ سنيهار جون خبرون.
ڪلر جي ڪوپ ڪاري ۾، رُوان رت رات ساري ۾،
ڪڏهن لهندا ڪنڌيءَ تي، ڏيئي قدم، هن ڪار جون خبرون.
ڪٿي دارا سندو درجـو، ڪٿي اذڪار اڪبر جـــو،
مون ڪي جاني! جيان جان ڪيي، تہ جانب يار جون خبرون.
هنيين ۾ هــول جـــو هُل هُل، برهہ بيران ڪئي بلبل،
گهڙي گهايل ڪي ڏي ڪي، گل، چمن گلزار جون خبرون.
اڱيان محبوب مـــوچاري، ڪرائين چـــو قبر واري،
اسان ڪي ڏي آئي "احمد!" انهيءَ اسرار جون خبرون.

غزل (٢٩٨)

صبح جو خط ڏنم ساٿي، صحيحون جن ۾ سنگهارن جون،
تہ مارئي! موٽ، ٿيون سير مُلڪ، مانڊائيون ملهارن جون.
پڪيون پوکون،لٿيون روڪون، وڏاميهن ملڪتي موڪون،
پـتــن پاسي پنان بــادل، وسن بونــدون بهارن جون.
ڪڪر ڪارون ڪري آيا، ڪيون ڪاهڙ مٿي ڪيوٽيون،
پلر پلٽيي پريا سپ پٽ، ٿيون پوربون پنوهارن جون.

ڏينهاڙي ڏانهن ڏوتيڙن، وري ۽ ڏني وراڪا وڄ،
سدا ساوڻ سنگهارن تي، ڪري سالون سڪارن جون.
سونهي ساٿيه سڄو، سهسين منجهس، سينگار ڪن سبزيون،
وٽن ۾ ريڙهه ڪيو وهه وهه! وٽن ولڙيون ولهارن جون.
مٿي ويا ماڳ مارُو، ميٽ، پڇر آهن پيا سير پٽ،
ويا ٻي ديس ڪاهي ڏڻ، رهيون دونهيون ڏٺارن جون.
گهڻون گهائيي گهنگهر آهيان، عمر! وڃڙي اباڻن ڪان،
ڳلن سر ڳاڙيان ڳوڙها، ڳڻيو ڳالهيون ڳنوارن جون.
هينيون آهيم حاڪم! هُت، حوالي ٻُت، حويلن هيت،
ٻهر زنجير تو جڙيا، اندر سنگهرون سنگهارن جون.
هنجون هر ويل تي هاريان، نه مَن هيري تي هيريندس،
هٽان هاوي اندر حاڪم! سندئي هسليون هزارن جون.
سڙان شب روز سورن ۾، وٽن شيرا، نه شربت مون،
ميان! آهن رهيون مون کي، مَهيون من مالدارن جون.
عمر جو ڪوٽ "احمد" ڇٽي، ڪري شل! قيد مان نڪران،
وڃي مارن ڪنان موٽي، وٺان معافي ميارن جون.

غزل (٣٩٩)

اڪين ۾ عقابيل، تارن ۾ تبرون،
هٽين حاڪمن کي پريو زور زبرون.
جنگيون ڏين جاڙا، هٽن ڏُوم ڏاڙا،
ڪريو هت ڪناري آلارين آبرون.
انهي نينهن نظاري، وڏا ويڌ واري،
سيکهو ڏيه ۾ سُڃنديون، سنديون خون خبرون.
جنين جنگ ٻاري، سٽي سر تي ساري،
تهان پوءِ تن کي، ڪنديون ڪوهه قبرون.
"احمد" اڳانڊو، رکيو قرب ڪانڊو،
لڳس تن ۾ تازا تفنگ، تير، تبرون.

غزل (۳۰۰)

قمر جي پهر وٺ قاصد! وڃي ڪج ڪُرنشون ڪارون،
خدا لڳ، وڃ ڪٿي، هيءَ جي، لکان خط ۾ خبر چارون.

هنيين تي هٿ پڌي حاضر، هتي ڪج حال هيڻن جو،
ڪيلي منهنجي خليلن کي، ڇنج خوش نام! ڪينڪارون.

مون کي پيران هن بر ۾، پـــلا ڪئين ماهه ٿيا پيٺي،
اچــن ٿيون اوچتيون آرڌا! اوهــان پٺيءَ ياد آچنگارون.

سري تو ري نه مون ساعت، سڄڻ! ويئين وجهي سالون،
نه ٿئين پيڙو، نه ڪئي پيڙو، پڇي چڏي ٺي پليڪارون.

سپاريم ساهه تـــو سنهٽا! رهيو باقي بـــدن بـــر ۾،
وري توکي نـــه وَديَن ساڻ، واجب هيتريون واريون.

هاڻ پيرن، هٿن هاجـــون، هنيين همت چـــڏي هاٿي،
سُڪـيءَ ساڻو ٿيس سـَيج ۾، چڏيون سـَنڌين سـُڌون، سارون.

لڳي جي ڏک، تـه دلبر! رت، نکري نه ڪنهن رڳ مان،
لحم ڇٽيو لڱن تان ٿي، اکين مان لڙڪ ڪن لارون.

وٺا مينهن، واهونـدا وريا، وڪوڙي ٻـَـت ويم وليون،
ڪيهون، ڪارون ڪريان آئون، ڪڪرڻ ڪن ڪيهون ڪارون.

وليون پاسن کان مون پهريون، ولين پاسي پکين ڪيءَ جاءِ،
پکي آئون ڪريان پل پل، پرين! تـو لاءِ پوڪارون.

ڪهاڙي ساڻ ڪاٺياري، ڪلهن ۾ ڪالهه ڪيا جي ويءَ،
سوا ديـــدار دلبر! تـــو سندي، ڪانهي دوا، دارون.

ٿيئي معلوم مجني کي، جڏهانڪر خــواب جي خوبــي،
انهي تـــاريخ کان تـــاريءَ ويئو، تنهنجي سندس تارون.

ڳنڍيو ارواح "احمد" ڇئي، اوهان سين قيس جو اِن پر،
سري تنهن دين، دنيا کان، سري دلبر! نه تو ڏارون.

غزل (٣٠١)

ڪٿي ماڻ جهڙي ڪانڌ ماڻ سان، محب! مارين، تبہ چگون،
حمد لِلّٰه، رت هٿن سان، هوت! هارين، تبہ چگون.
هين قتيل فرهاد ڪي هٿي، آب شيرين جي آداس،
پر هٿان پنهنجي پيارا! ورهہ پيارين، تبہ چگون.
وڏ ملڻ جي مهرباني، جي نہ ٿئي مون سان محب!
نيڻ جهڙي ڪنهن نوڪ سين، نازڪ! نهارين، تبہ چگون.
هڪ پراهون پنڌ پرين! پيا توڙ سين تاڪو تڪين،
در مٿي دربان ڏيون، دلبر! نہ ڏارين، تبہ چگون.
سڏ سڪي تي ڪيم سڪ مان، سؤ منجهان سو ٿي نہ هڪ،
هاڻ تُرهو تار سان جي ترت تارين، تبہ چگون.
سُڏ نہ آهي تن سڄڻ! سرچين نٿو ڇا جي سبب؟
اڄ ويهي احوال اِي، اڳيوءِ آچارين، تبہ چگون.
آبرو "احمد" سندو، کوريو اوهان جي در عجيب!
سگ ڪڏهن چاٽي ڪٽس، ڪوڪار ڪارين، تبہ چگون.

غزل (٣٠٢)

هنين ۾ ڪا هنجهن وانگر، لڳي هونگار هُون هُون،
نہ سيج ۾ مون، سڄي ٿي پُون، سگهو ٿي يار! تون سونهون.
پرين، حورن ۾ حيراني، پسڻ سان پاڪ پيشاني،
نہ تنهنجي سونهن سان ثاني، سڄي سنسار جون سونهون.
اڪيون ڪن، خون ٿيون خاصا، سنمر گهورن پنيان گاسا،
ڪٿي پنبڻ چڏينم پاسا، ڇڙهينم چوڏار ڪون چونهون.
ڪٿي اکيون خماريل ڪيل، ڪيلي محبوب! مون سان ميل،
دکي ٿي دوست! تو ري دل، در و ديوار سڀ دونهون.
نهاريان نور نيشاني، پرين لاهن پريشاني،
پسان شل پاڪ پيشاني، لهن لاچار جون لُوهون.

ڇتون، ڇنڊول ۽ ڇيها، اندر آڻ تڻ رکن ايها،
ٻرن ٻيلن ۾ ٻاٻيها، ڇڳي ڇينگهار ڇُون ٻُون هُون.
ڪري دل درد مان دانهون، ٻُڌن من ڪا، ٻڌم ٻانهون.
اٻو ”احمد“ ڪري آهون، اڳيان انڪار آون هُون هُون.

غزل (٣٠٣)

اک ڪيئن لڳي؟ اکين جو آرام آسامهون،
باغ و بهار ٻيڙا، بادام آسامهون.
انگل اڙي اڙي ۾، ڪاڪُل ڪڙي ڪڙي ۾،
گهائي گهڙي گهڙي ۾، گلفام آسامهون.
گل خواب سان خماريون، شب خون جي شماريون،
مسڪين مفت ماريون، ماتام آسامهون.
ٻانيان بغل ٻرين تون، تن، من وڍي ترين تون،
ڪوٺي وري ڪرين تون، قتلام آسامهون.
هڪ جنس نئين جڳن ۾، چوها چندن چڳن ۾،
ٻنڙو ٻکي ٻڳن ۾، پيغام آسامهون.
جن جا نه روح رهندا، سي سُور ڇو نه سهندا،
گهاري نه گهُور مهندا، گهر، گام آسامهون.
ساري رکيس محبت، اڳيان سوال صحبت،
اڄ ڪيو عجيب البت، انجام آسامهون.
مرڪڻ سندئي منائيي، ڪر ڪا ٻلا! ٻلائي،
”احمد“ گهُري اها ئي، انعام آسامهون.

غزل (٣٠٤)

حقيقت حال جي ٻُڌيو، هنيين تي هٽ هٺان آئون،
پڇان، ڪانمان پچارن ۾، پيارا! ٿو پوان آئون.
منت منظور ڪا منهنجي، پوي منٺار مهندا مٽن!
هلايان هوت ڏي هديا، نياپا نت نوان آئون.

ڇڙهينم ڪا ڳالهه چيت تي اڄ، ڄڏڪي پيا ڇاڪ ڇوڏاري،
ٻهن ڏڪ ڪين دلبر دوست! ڏوئيي ڇا ڏوئان آئون.

ڪتو جي ڪيچ مان ڪوئي، اڇي گهٽيون گهمي مون گهر،
پنهون جي پرٽ ڪر تنهن کي، ڪيري پيرين پوان آئون.

پينم سين، پاڻ کان ڏاڍن، پلئو پاتي نه پرچن پل،
رَندن تي روز هٽيو هٽ، رِندن تي رت رُوان آئون.

مٽي ايمان "احمد" شل! ٽٽي پوري عمر آخر،
حشر ۾ هاشمي گڏ شال! حمّلي ۾ هٿان آئون.

غزل (٣٠٥)

دنيا تي، ڏين ورين جون، دليون ڏتيون ڏتيون،
ڪن ٿا ڪيني تي ڪوڏ، ڪٽا ۽ ڪُتيون ڪتيون.

جهڙو جوان پاڻ تون، تهڙا جوان ڳول،
لائق نه تنهنجي لاءِ، لسيون لتيون لتيون.

وحدت جي جيڪو واٽ، وٺي ڪين وانجهيل،
ڪوين، ڪڙن، ڪڏن ۾، سو ڪيندو ڪتيون ڪتيون.

اَلنَّوْمُ عَلَي الْمُحِبِّ حَرَامٌ، سڄاڳ، جاڳ،
سي ڪيئن پسن پرين، جي سنجهي کان سُتيون سُتيون.

اکيون ڪتنيون عجيب، آيي آسماهون،
خنجر مثال خلق جيي، دل ۾ کُتيون کُتيون.

زنجير مثل زلف، مٽي يار، جيئن جڙيا،
تنهن طور دليون دوست سين، ڳنڍجي ڳُتيون ڳُتيون.

در دوست جو مٽي، جو ڏڪا ڪائي در پين،
هر سال، سو جهال، جهليندو جُتيون جُتيون.

"احمد" اڇي نه ننڊ، نه آرام عاشقن،
سورن جون سُرجندي ۾، مليون تين سُتيون سُتيون.

غزل (٣٠٦)

ڪشادا ٻار ڪُلهن تي ڪري، سنهڙي ڪنڌون واريون،
نڪا ڪن ڪان ڪنڌ مان، تيون ڪُهن اکيون ڪنڌيون ڪاريون.
سونهارا نيڻ، سُرميدار، سُوڙهون ڏين سيچاٽا،
لڀن تارن اندر تحقيق، طرحون توبچي واريون.
ترارو هڪ قمر ڪان، ڀو ڪمر ٻيٺا وٺي ڪاڪُل،
ڳلڙي ڏيو ڳالهه ۾ ڳُنڍ، پوهه دليون لک ڳهر سين ڳاريون.
سڄڻ هڪ ڪان سچو جڳ، چنڊ، سچ سوڌو پيرائي سونهن،
رکن تارن جو تنهن تاثير، توبون، تير، تلواريون.
نظر نازڪ ٻدن جو نيت، ھڻي نيشان ۾ نيزا،
وڪون محبوب جون مارين، سورن مثل موهاريون.
ڀرون ٻئي مثل بيت الله، ڀرن ڪر ڀونر باغن ۾،
ڪنڌو نڪ ناز واري جو، ٻه آمي جون عجب قاريون.
مبارڪ وات مکري جيئن، منوّر ڏند موچارا،
سچن موتين سنديون صاحب، سَريون منجهه وات سينگاريون.
عجائب آڱرين، پيرن رتا ڪنهن، رنگ ڳوڙهي سان،
ڪُهي عاشق هنيين جو رت، هٿن تان ڪر هڪيو هاريون.
پرين ارڏي ۾ "احمد" وچ، ڏٺم احوال اهڙو اڄ،
نيازن جا هيتان نارا، هُتان نازن سنديون ناريون.

غزل (٣٠٧)

حسن جي هيڪار تنهنجي، هر طرف هيرون وڌيون،
خون ڪارڻ جون خلق ۾، ڪيل سنڌي ڪيرون وڌيون.
منجهه اکين، اکيون اڙي، آيون الستي ڏينهن ڪان،
دل ڪي دلبر! دوست تنهنجي، زلف زنجيرون وڌيون.
هٿ جهليو هردم هٿي ٿو، ڪان ٿهري منجهه قلوب،
چشم جي چمڪار چيت ۾، چاڪ ڏيئي چيرون وڌيون.

مٽن، ٻيريان جو رُو ڀسي، پانيم تہ خاطر خوش ٿئي!
کھڻور، گھوڙا! گھائي، تان اگ، تُرت تڪبيرون وڏيون.
ڪعبة الله جي ڪناري، تو ڪري ڪافر طواف،
ان سخن ۾ سالڪن، ڪئين طرح تڪبيرون وڏيون.
ٿي پرون پانيم بحر ۾، حُسن جي، ٻيڙا ٻڌي،
موج اِن مهراڻ جي، واري مٿم ويرون وڏيون.
ڪي بندوقون ڀر وٺي، بيٺو ڀرين باروت سان،
تن سندم سَنڌ سَنڌ اندر، ڪئين سؤ سِڏيون سيرون وڏيون.
پاڻ هٿاسون پاڻ ۾، جيئن هون هڪ بت ۾ ٻہ ساهہ،
قلم قسمت جي ڪٺي، ٻي طور تقديرون وڏيون.
جي حبيبن جي هٿان ٿيان قتل، ڪونهي تنهن قصاص،
عالمن آن جون ليکي، چؤطرف تحريرون وڏيون.
حوصلو هڪ جاءِ نہ آهيم، ڪيئن سگهان هي حال ڏيئي،
محب ماڻن سان مُنجهائي، ترت تدبيرون وڏيون.
اک اشاري سان "احمد"، سير آڏي ڀھتو اچي،
تنهن ڪي طمعي لاءِ تارن، ترت تڪبيرون وڏيون.

غزل (٣٠٨)

قتل لئي ڪارين اکين اڄ ٻڌ، ڪمان وچ، ڪان ڪيون،
پاءِ گوليون، گهٽ جهلي، پوءِ گهاٽ ۾ گهمسان ڪيون.
هو قريبن سان ڪٽڪ گڏ، موت ۾ ڪاري قيام،
ڪنهن فڪر سان ڦير جو، فوجون وٺي فرمان ڪيون.
تير، تارا، توف، تفنگون، تيغ ابرو تابناڪ،
سرڪشي سان سيرجهان، سامهان جنگي سامان ڪيون.
مڪ حُسن حد ڪان لنگهيل، ٻيو هار ڏاري ٿيا حبيب،
طور اهڙي طُور سينا، تاب سان تابان ڪيون.
لاڏ ڏاڍي سان لاڙيا، زلف لوڻن تان لطيف،
نيڻ گهُوري ناز سان، ڪئين نوڪ سان نقصان ڪيون.

پيڙ انـــدر آيــا پريــن، پيڪان، پنبڻين جـــي سميت،
مٿنهن ڏيئي مژگان ڪــي، ســاري سُڄاڻ ميدان ڪيون.
ڪين هنيين پاسي هٿيون، ڪين وڍ وڌائون منجهہ وجود،
ڪن ڪُڪين، ڪن قلب تان، نازل قهر جا ڪان ڪيون.
ڪي ڦٽيا، ڪي ڦٽ مٿا، ڪي ڦٽ وڏا فــارق ڪري،
ڪن چنان جيرا، جگر، ڪن ڪي جرح منجهہ جان ڪيون.
ڪي چلڊيــون آچلي اڏي تــي، اڏ ٿين اگــرا آندام،
ڪي ڪرشمن سين ڪٺا، ڪي اڳ ڪُهي قربان ڪيون.
ڪي دفن ٿيا ڏوڙ ۾، ڪن هٿ نہ پيو ڪپڙو ڪفن،
ڪي ڪتن جو ڦُوت ٿيا، ڪن تي شروع قرآن ڪيون.
محب ڪنهن ماڳيا نہ مٽيا، ٿيو نــہ مارو جنهن مڪان،
شهر، بــازاريــون بلڪ، پــيــڙا لکين بــيــران ڪيون.
هي حڪومت حُسن جي، ناهي رڳو هيند، سنڌ، هرات،
جت ڪٿي خلقون کپائي، خون ڪئين سين، خان ڪيون.
آئون "احمد" جــي وڻين، ان جـــي اڳڻ آيا پرين،
ڪنهن ڪرشمي سان ڪُهي، ڪُل مَنۡ عَلَيۡهَا فانِ ڪيون.

غزل (٣٠٩)

تو ڏٺي، مون ڪي ٿيون، سنهڙا! سچڻ سالون گهٽيون،
وِرهہ انـــدر وَرهہ گذريا، ڏينهن ڏک جا چا ڳڻيون.
دم جــدائــي ۾ جيڻ جـــي، يار! جانـــي ناهہ جاءِ،
ٿيا پرين! توڪان پــري، مَن، تَن، بــدن پرزا پٽيون.
وڍ پٽون هردم هنيين ۾ حُب اوهان جي ڪان حبيب!
قرب جون ڪئين ڪاتڙيون، ڇاتي مٿان منهنجي ڇٽيون.
ڪُنڊ پچڻ ڪارڻ اکين جي، ڪان چڻيا قلب ۾،
پيا بنايا تـــو بنيا، ســـون ڪاڻ، ڦاهي ڏيئي ڦٽيون.
تيہ اچـــي اکين نـــہ ايـــذا، پير پائين، جـــي مٿن،
تنهنجي وک وارڻ سنديون، وهہ وهہ! مون کي وصفون وٽيون.

ٻڪ ڪنان ٻگريــون ٻغل، پاڻي نـــہ ٻيڪاري ٻنيس،
مُنهن پسڻ خاطر پنان، پـاڙي اوهان جي پنج ڪٿيون.
گشت ڪنئي گلذار جـــو، پـونــدي بهاري بوند ۾،
مينهن ڦڙا مُنهن تي سُونهَن، هرهڪ موتين جون مٿيون.
گهاءِ سين، ڪنهن گهُور جي، ڪئي اڌ هينيون "احمد" سندو،
آمساهون تـــو آڪارين، مست اکين جـــون اٿيون.

غزل (٣١٠)

ڇـئـو شڪر، الحمد لِلّٰه! اڄ اڱـــڻ آيئم پـريــن،
قلب ۾ ڪوڙي سندم تـي، ڪيو قـدم قائـم پرين.
مُنهن سندئي مصحف پـروڙي، چاهہ مـان چميئم ڪئي،
پـائـي بيت الله پـــرون، ميُر نـفـل ۾ نـايـم پرين!
پـاءِ ڀُـرهائـــو ڀُچيءَ ۾، وصـــل لئي وينت ڪيئم،
خواهہ پرچين، يـا پري ڇئين، پانـــڌ تـو پايم پرين!
پـــوءِ سخن ساريـان سندي آهيم صحبت جـــو سوال،
لاڏ وارا! لوڏ ڪنڌ، ڪيِ لفظ ڪو لايم پرين!
وار پانئي مـــون بـنـيـا، هٿڙو مٿان لايـــو حبيب!
ائين نـــہ چاتم نازنين! تـو نانگ نِپ ڪاٿم پرين!
بـيـا پـلـيـن، جـــي باد شاهہ، پانيان بيڪاري سندوءِ،
پـر اوهان جـي سڀ سگهر جـو، سگ سدا چايم پرين!
قرب جو ڪاغذ سندم، هيءِ نيئـي قاصد! ڏج قريب،
دوست! ور، ديـدار لئي، دل تـي سِـڪـي دايم پرين!
آه! "احمد"، چـئـي سٽي، آيـــم پيڻ احـوال لوڪ،
ڏيئي گهـتئي گهوڙا! لنگهيس، تان گهور سين گهايم پرين!

غزل (٣١١)

ڳـل سندئي گل گلاب عين بعين،
منهن سندئـــي مـاهتاب عين بعين.

كانُ تارا، كمان ابرو ۾،
وار سج تي سحاب عين بعين.
توسين گڏ سرؤ، گل سمن، سنبل،
انبَّ، آمان، عنّاب عين بعين.
زلف ظلمات، وات دوست سندو،
خود حياتي جو آب عين بعين.
ٿو قلابا ڪيين ڪرشمن سان،
عين تنهنجا عُقاب عين بعين.
ڳالهه تنهنجي مثال ماڪيءَ جي،
تنهنجي صحبت ثواب عين بعين.
ڏي شڪر، ني شڪر! بنان نقطن،
پوو چڙيم جواب عين بعين.
ٿو شمارين شراب جنهن کي هيت،
سو سيو سَچ، سراب عين بعين.
پائي پانڌي، پريتَنُ جو پير ڇميم،
هو وڃان خر خراب عين بعين.
هو ٿي جنت، جمال تنهنجي ري،
عاشقن تي عذاب عين بعين.
اڄ سلامت وريام سامونڊي،
الغرض هُو غراب عين بعين.
اڄ سٺايو اسان، پڙهي "احمد"،
قرب وارو ڪتاب عين بعين.

غزل (٣١٢)

دوست دلبر! تنهنجي در ڪان، دور ٿيندس ڪين ڪين،
خواهه ميڙين، خواهه مارين، منهن مٽيندس ڪين ڪين.
خواهه ميڙين، خواهه مارين، خواهه منهنڙو موڙين،
دوست! پٺي تو ساڻ دعوى، دم ڏڙيندس ڪين ڪين.

هٿ اوهان جو هٿ نه گهائي، ور هنيين تان، سو هٿيئم،
وار ڪا وائي وصل، ورڪ پئي، ويندس ڪين ڪين.
حسن تنهنجو ويو هنيون، منهنجو هٽي حڪمان حڪم،
نيت چيئم، نت روز اڳي، نينهن نام نيندس ڪين ڪين.
تو سوا ڪونهيئم سک، سچ، پيو سخن ڏي تنهن، چوانس،
وڃ نه اڳتي، اڄ ڏينهان پوءِ، اڳڻ ايندس ڪين ڪين.
دست دامن ۾ پيئم، دلبر وڌي دوري پڄاڻ،
چنبڙ نه بانهون ڇوهه مان، ڇيهه سين ڇڏيندس ڪين ڪين.
ڏينهن السٿون ڏانهن تو، ڏهه ڏهه دفعا ڏي دل ڇڪيون،
ڏک پرائيم منهن ڏسي، ڏوهه ڏيه کي ڏيندس ڪين ڪين.
منهن پسائڻ جيي محب کي، چيئم سون تسي مهر ڪر،
ڪر پڇي چئين اي ڪرم، ڪنهن تي ڪريندس ڪين ڪين.
تنهنجي سنگت مان سڄڻ، سيکت رسيئم، سا نسي گهٽي،
جتنب ٻي ڪنهن ساڻ جانب! جيءُ جڙيندس ڪين ڪين.
قلب کي قاصد ڪندس، يا ساهه هٿ، ڏيندس سلام،
پيو محب جي ملڪ، ساٿهو موڪليندس ڪين ڪين.
سار تان سالن پئي وا، سنهڻا! لڏيئي مس سار اڄ،
رات هڪڙي رهه، جهو جانب! جهليندس ڪين ڪين.
لڙڪ ليک، لک لک وهن، ليکيان ليکي، پنهنجي ڪنان،
ڪير ڪٿهندو، قيد قسمت جا، ڪٽيندس ڪين ڪين.
رات پيئي، راحت ويئي، ٽيئي نه راڻل سان رهاڻ،
خواب هائي خوب ناهم، ڪيئن ڪيندس ڪين ڪين.
ڇيو پرين ارڏي ته "احمد"، جي اڳڻ مرندو امان،
پيو لٽون لاشڪ جهلي، لاشو لٽيندس ڪين ڪين.

غزل (٣١٣)

صبر هڪ ساعت، سوا تو، ساهه سهندو ڪين ڪين،
لوڇ، لوڙائو هنيين تان، لال! لهندو ڪين ڪين.

دوست! ڏاڍا! ڏيئي دلاسا، ڏيس ڏارئيـن ٿـو وڃي،
ري رهاڻين تنهنجي راڻا! روح رهندو ڪين ڪين.
محب ڇـيـو ميرا مڱڻي، ميعاد ميڙي جـو اٿـم،
ڏينهن ڏاڍو ٿـيـو وڏو، شايـد اُلهندو ڪين ڪين.
سڌ سڄڻ جي ساڻ ٻوڙي، ٿيو هڏن حاصل پساهہ،
سَر ڏسي، جو سرد ڇٽي، مڙهہ مڱي ٿهندو ڪين ڪين.
آئون عاشق ڇٽو نہ آهيان، ڪوڙ ڪو ڪونهيس ڪيو،
آهہ قادر ري ڪنل، ڪا شيءِ ڪَهندو ڪين ڪين.
رت وهيو ريلا ڪري، جنهن جـو، ڇيو حاذق حڪيم،
هين پٽيءَ ڪان پوءِ وري، وَڍ ويڌ وهندو ڪين ڪين.
وار ڇـوڙي ورلهہ انـدر، ويٺو قطب پاسي قريب،
ڪَڻ اتـر واري وٺي، اڄ واءُ وهندو ڪين ڇين.
تون ڏٺي سامهون دڙين، ٿيو سگ سڳورو تو ڪنان،
جو سدا سائين سمهون، پئي بحث بَهندو ڪين ڪين.
ناهي قيصر قصر ۾، ڪوئيون سندس ڪاڏيـون ڪلر،
قلب ۾ پائين، ڪڏهن هي ڪوٽ ڍهندو ڪين ڪين.
عـيـب "احـمـد" ۾ گهڻان، آهيس احـد ۾ آسرو،
پاند پرور هيڪ ڪي، بـي پيش پهندو ڪين ڪين.

غزل (٣١٤)

مـرحبا! محبوب! منهنجا، مـرحبا، آئيـن ڀلين!
منهنجي پنبڻين سِر پـيـارا! پير تـون پائين ڀلين.
حسن تنهنجو حـد لنگهيو، ان ڳالهہ ۾ انڪار ناهہ،
سچ سڏائين تہ سڄڻ! سچ، چنڊ" پـڻ چائين ڀلين.
دم سندم دلبر وڃي، تنهنجو نہ ڪر دل ۾ دليل،
آئون گهوڙا! گهوريس، تون گهور سين گهائين ڀلين.
ٻي دفعي دلدار! ڏ ڪ، ڪنهن ڪي نہ ٿئي موران معاف،
اِي ليکو ٻي لوڪ ساں، تون لک دفعا لائين ڀلين.

دوست جي ديکي، پيرون ڏانهن، ڪالهه ڏينهن قاضي چيوم،
إن طــرف نيٽـي نـمـازون، نيت مٿو نائين پلين.
عمر ساريءَ ۾ اچان، سير ۾ اوهان جي در عجيب!
چيو نه اڳيان، تو ڪڏهن، ”احمد!“ اڳڻ آئين پلين.

غزل (٣١٥)

هڪ، جدا جاني! مَ ٿي، پيو ظلم جوڙين، تون پلين،
ناز سين، يا نار سين، نت نت نهوڙيــن، تـــون پلين.
آو اسان جو بت نـــه بلڪل، جنهن اچي ايذا تو هٽ،
خوب خوش آهيان، منجهس خنجر به ڪوڙين، تون پلين.
دوست! دامن مان اوهان جي، دست ڪيئن دس ڪين دم،
خواهه ميڙين، خواهه مارين، مٽ به موڙين، تون پلين.
ڪهاءَ گهٽو، ٿورو مڙني، هيت، هٿ محب! اٿئي معاف،
ڪانه جهل تو، ڪان جي، چيرا به چوڙين، تون پلين.
وير! ڪنهن ويرم ڏيان، پي ڪي چنڻ، وس ۾ نه وار،
پــر إها پترُ عام سين، اڳ اڳ اڪوڙين، تون پلين.
ڏڙ سندم در ڏانهن تنهنجي، ڪر پين دستا نـــه دور،
آج اک جـــي سين ڪري، اڌ اڌ آٽوڙين، تون پلين.
ڪالهه دلبر دل نيئي، اج ديـــن ڏاري ٽينم دوست،
ساهه سنڌين مـــان اهي، نـــي وقت نوڙين تون پلين.
قلب ٽيو منهنجي نه ڪم جو، آئون ڪـڪ آهيان ڪنانس،
تنهن وجهي ور، ونگ وارن سين، وڪوڙين تون پلين.
هوت هٽ ايندين نـي هيتان، هاڙي هلڻ تنهنجو هوئين،
منجهه وندر، ڪانهي ونـدر، وٽڪار ووڙين تون پلين.
عشق ۾ ”احمد!“ تو جيئن، آچليا آمل ماٹڪ نه ڪنهن،
بحر ۾ بيشڪ، ٽٻي ڏيئي، ٻانهن ٻوڙين تـــون پلين.

غزل (٣١٦)

دوست جـو ديـدار ٿيو اڄ، ڏار دم ڪ'رين پلين،
موت مـوڪل آهينئي، مـاري! اڃي مارين پلين.
مهند توکان، محب ماريس تنهنکري پڻ مُلڪ موت!
پس، پسه جـي هون تان، پارس! امـر پارين پلين.
ڏک ڏنا پـوء، ڏک کنان ٿا، هڏ رڙن، ناهي حيات،
وير! وو وو! ڪَن نه ڪر، واري مٿان وارين پلين.
وچ سمونڊن جي سفينون، پـي نـه حيلي سين هلن،
تڪ وٺـي تارن جي تين، تارن منجهان، تارين پلين.
جي ڪٺن خنجر هٿن ۾، خـون ڇـڪيا تن کي خاص،
تون دو ناليون ديـد جـون، ڏاري اکين ڏارين پلين.
مون نه ليکو توسين لالن! لـک ليکان پيو ڪور لينگ،
تـون سندئـي ٿورا، سنگت ساري وٽان، سارين پلين.
جـي اسان جـي پار الله، تا هميشه گـڏ حبيب،
ڪر! ڪنهن ڪيئني وڃـان، ڪاري بني، ڪارين پلين.
ڪين "احمد"، ڇٿي اسان، لهندو آونـدارو ري عجيب،
خواهه پانهان! پـي پـران، پارهن ڏيـا پارين پلين.

غزل (٣١٧)

مُلڪ سارو مُت نه تنهنجو، ڏين مُنهن کي مـک پلين،
مؤ مـلڪ، حـورون هـزارين، هون لعلون لـک پلين.
تنهنجي خدمت ۾ کڙا وڻ، گـل کنيو هٿ ۾ گلاس،
واهُ ڪرڻ لئي ونجٽي چونس، پـريءَ جـو پک پلين.
ڇا ميٺي ٿيندي، ٻه ماکي؟ تنهنجي مُرڪڻ کان ملوڪ،
چٽو، چڪاسڻ لئي چپن جي، چاشنيءَ مان چک پلين.
تنهنجي وارن مُلڪ واميا، بـر، بحر، بـوء بهار،
ڏيـه ساري ۾ ڏيکاري، ڪو مچر، يـا مک پلين.

تون نہ سھڻو سون سان، پر سون توسان ٿو سُھي،
جوت جوھر جي بہ توسان، منجھہ بلورن ٻَڪ ٻلين.
چنڊ پھرين رات جي ڪي، ھن ڀرون چڙھيو ٻيجي،
چنڊ چوڏھين رات جي ساڻ، شرط راٽا! رڪ ٻلين.
پيا ھزارين حسن وارا، ھٿ ڏيو ھليو وڃان،
تون ٻغل ۾، ٻئو تہ پانيان، پيو ھجي پل ھڪ ٻلين.
ھي نمائش، ھي نمونا، ھي نظارا منجھہ نظر،
دل عجيبن ساڻ "احمد"، آھي ھٿي ڏي اڪ ٻلين.

غزل (٣١٨)

جيئن ڪٽين خوني اکيون، خنجر ھٽين، تيئن ٿو وٽين،
جيئن ھٽين تيئن ٿو وٽين، تيئن ٿو وٽين، تيئن ٿو وٽين.
ھڪ، حسن اڳئي گھڻون، جنھن جو نہ ڪُل جڳ ۾ جواب،
پيو سنواري سينڌ سنھٽان! جيئن ٻٽين، تيئن ٿو وٽين.
دوست دامن مان نہ ڪڍندس، دست ڪنھن دستور سان،
ھيءَ حياتي ھٿ ھنيين تان، جيئن ھٽين، تيئن ٿو وٽين.
سر گھرين، سو ڪنھن نہ گھرجي، پر مِٺا! تون سون ڪنان،
جيئن پچين سنھٽا! تہ ڏيندين سر گھڻين، تيئن ٿو وٽين.
تو پدم پھرين چيو، پوءِ سُلڪ ملھہ، پوءِ ٻئي جھان،
جيئن وڌائين دوست! قيمت، تيرڪٽي، تيئن ٿو وٽين.
موج ابرو ماريس، دريا حُسن جي ۾ حبيب!
جي، لُڙھي ان تار ۾، جيئن ٿو ٽٽين، تيئن ٿو وٽين.
سون منت ڪان ماڻ ڪئي، ورچن متان منھنجا پرين،
پاڻ چئين پَٽ تي پلين، جيئن ٿو پٽين، تيئن ٿو وٽين.
چيو عجيبن عشق واري آھہ، سيباڻي اسان،
درد پِريا! در تي دانھي، جيئن چٽي، تيئن ٿو وٽين.
آو نہ "احمد" آھہ، جنھن ڪاوڙ ڪڙي تنھنجي لڳي،
جيئن ڪُنيل! ڪاريون اکيون، ڪاريون ڪٽين، تيئن ٿو وٽين.

غزل (٣١٩)

محب! مطلب ٽين مڙئي، منهن ڏيکارين جيڪڏهن،
غم لهن غمناڪ جا، ڪڏهن گذارين جيڪڏهن.

دور پسنديدان ڏار ڏڙ ڪان، سو ڏڙاڏڙ در مٿي،
نيڻ نائي ناز مان نازڪ! نهارين جيڪڏهن.

صبح ٿيو، سمجهن سڀئي، جاڳي پوي جمله جهان،
منهن مٿان ڪنهن وار، واري وار وارين جيڪڏهن.

لب اٿم، لب ساڻ مطلب، ڪر نه ڌار و ڌار لب،
هي جڏو منهنجو جسم، جاني! جيارين جيڪڏهن.

هڪ، سجهي سالم سٽڙ، پيا پاهتر اونهان عميق،
تار هي مون ڪان نه ترجي، تون نه تارين جيڪڏهن.

سو سڏائن سيڪڙو، سيني سندي پٽي سٽ، سماع،
هٿ ڪري ڪاتي ڪهڻ لئي، ڪوٺ ڪارين جيڪڏهن.

آهي "احمد" آن منجهان، جي آڌ اڌي پاسي ٿين،
ڏس سڏي سوري تي، سهڻا! سچ نه سارين جيڪڏهن.

غزل (٣٢٠)

سج! منهنجو سڄڻ سون سچو، سيڪ نه سيڪائين،
جي لال! لڳن ڪان ٿو لڇين، ليڪ نه ليڪائين.

مهمان ٿيو مهر سان، هن مهل مٺهائين،
دلبر ڪي ڇوي دل، نه ٻه نڪ، نيڪ نه نيڪائين.

چوني چنگن ۾ ته هيي، چون چون نه چوان ٻيي،
داڻي تي پيين دام ۾، دل! چيڪ نه چڪائين.

هر ٻار متا هٿل، قرنفل ۾ ڪڙهن گل،
پٽيي ڇڙ، نه ڇرڻ جاء ڇوڻ، چيڪ نه چڪائين.

جي وِهه نه پيئين، ويهه ۾ ونهيان! واٽ وهين وٽ،
تنهن مان ڪو تُسو ترت، تُسي تِڪ تہ تڪائين.
انسانيت انسان تي، احسان عجب آهي،
جو ڍور بني ڍولِ مان، ڇُو ڍِڪ تہ ڍِڪائين.
اڄ رات ٿُني ”احمد“، الهام الاهي ؛
دريا ۾ ڏُنگي ڏُور، ڏِڪو ڏڪ تہ ڏڪائين.

—

رديف (ڻ)

غزل (٣٢١)

رت روان ڏينهن رات راڻا! روح ۾ تنهنجي رهاڻ،
مون نه وسرن مور ماڻا، روح ۾ تنهنجي رهاڻ.
عرش گهميس، فرش گهميس، خاڪ تان افلاڪ پاڪ،
بحر، بر، تر ٿاڪ ٿاڻا، روح ۾ تنهنجي رهاڻ.
منجهه پرستان جي پرين، يا حور، غلمان ۾ هجان،
جت به سهڙان اي سياڻا! روح ۾ تنهنجي رهاڻ.
ڪونجڙيون، ڦمريون، ڪبوتر، ڪيترا ڪنڪاڻ ڪن،
تنهنجو سڏ سڀ ۾ سڄاڻا، روح ۾ تنهنجي رهاڻ.
سچ سچڻ! تو ري نه ڏسجي، سيج سوري تو سوا،
تان وهائي وڃهه وهاڻا، روح ۾ تنهنجي رهاڻ.
چانڊ چمندي جا لڳي، ڇهري مستي ڇيڻي مٽي،
مُلڪ تنهن جو مُلهه نه ڄاڻان، روح ۾ تنهنجي رهاڻ.
ڪئين بهادر بادشاهه، ۽ بي بها دُر بيشمار،
دوست تو در سڀ وڪاڻا، روح ۾ تنهنجي رهاڻ.
ساهه مون ۾ سؤ هجن، تبه تو سوا بي ساهه بت،
نيڻ تو ري نت نماڻا، روح ۾ تنهنجي رهاڻ.
مُشڪ، مُشڪي زلف وارا! حل مڙئي مشڪل ٿين،
ڏين ساوا سَنڌ ساڻا، روح ۾ تنهنجي رهاڻ.
دوست! منهنجي دل ڦرڻ لئي، ديس ۾ ڪن ويس ڪئين،
هت هلن ان جا نه هاڻا، روح ۾ تنهنجي رهاڻ.
عشق "احمد" جو احد سان، ڳوڙهه مڪين ڳڙ مٽي،
ڪوڙ سان ڪن قرب ڪاڻا، روح ۾ تنهنجي رهاڻ.

غزل (٣٢٢)

نہ سھڻي سچُ، ساھہ سيرين ٻڻ،
نہ ڪُھڻي، ڪشي ڪان ڪيرين ٻڻ.

مثل تير تارا، تہ ابرو ڪمان،
بلا جيئن بنيا وار، پيرين ٻڻ.

سمهان جي تہ، سنگھرن ۾ سوگھو سرير،
گھمان جي تہ، گھوررون ٽيون گھيرين ٻڻ.

هنجهن لئي هنجهون هيج جو هنج ۾،
هنيون هُوءِ هيرن سين هيرين ٻڻ.

نبيريان، نہ نبري، نبيرڻ، نہ ٿيڪ،
ڪٿي نينهن، هو جي نبيرين ٻڻ.

گھريم شهد، شيرين لب مان لغار،
تہ شيرين ٻجا، پنجہ شيرين ٻڻ.

ڪيريس درد دوري ڪنان در متي،
ڪڍهن دوست من دست ڦيرين ٻڻ.

نہ "احمد" کي آرام ان ڪان الڳ،
نہ در تي سهي دوست ديرين ٻڻ.

رديف (و)

غزل (۳۲۳)

خــوف پيو سڀ خلق ۾، خوني خماريا نيڻ تو،
محبتي مــيدان ۾، محبوب! مـــاريـــا نيڻ تو.
ڪي لڳن ڇاتي ۾ ڇيرا، ڇرڪ ڪيندي پيا ڇٽي،
منجهہ انبوريــن جـــي اٽين، عاشق آڀاريا نيڻ تو.
مــاريـا منصور جـهـڙا، مـــرد تنهنجي مامـــري،
سِڌ ڪري سوري مٿي، سهسين سنواريـا نيڻ تو.
وار ڦاهي دل ڦــرڻ لئي، تــر مٿس طلسم تمام،
دام ۾ دائـــو رکـــي، دانـا ڏتـاريـا نيڻ تو.
گهنڊ هنيل گهرا گـــلابـــي، مست متوالا مدام،
منجهہ انـــدر آهـــو وٺي، ڇوسول چاريا نيڻ تو.
منجهہ جگر جاڳائيا، جادو اکين جـي جوش جل،
ڪيترا ڪامـڻ ڪري، سين ڳهر ڳاريا نيڻ تو.
ڪالهہ ڪيئي ٿي قول، منهنجي قتل ڪارڻ ڪارٽي،
اڄ پيارا! پس تـــہ مي، سڀ پڙ ۾ پاريا نيڻ تو.
ماڻڪيون محبوب منهن ۾، جي رهن ڪاريون قريب!
او دوناليــن لاءِ دارو، دوست! ڏاريـــا نيڻ تو.
مون تہ مارينديـن مُنڪ، توکي ڏنو توڙان تمام،
جڳ ڇوي ٿـــو ڪئين جدا، جانب جيارا نيڻ تو.
ڪاهي آيو ڪو ڪٽڪ، يا باز ويٺو منجهہ بدن،
سينگ سامهين ڪا چُٽي، يـا ساهہ ساريا نيڻ تو.
توبچي تحقيق آٿـــي، منهنجي مارڻ لئي مَلوڪ!
ڏيئي بندوقون بـــاغ ۾، ڦـيـري بهاريا نيڻ تو.
ويو لهي ان ڏينهون ڪان، "احمد" عمر جو آسرو،
سچ، جڏهن سرمون وجهي، سنهڻا! سينگاريا نيڻ تو.

غزل (٣٢٤)

ڏکي دل درد کان دلبر! دوا، دارون نه ڏارا تو،
پڇين پيا، پر پرين پارا، نه پاراپو، نه پاراتو.
اکين سان آزمايم اڄ، ته تو سامهون سڄڻ! کم سڄ،
نه ڇاڻا ڏٺـي وراڪا وڄ، ڪر ان پاسي پسارا تو.
نه تو وٽ حال منجهه حلوي، ٻيهي سامهون ته ٻو ٻلوي،
جهڪا جوهر ڪيا جلوي، چمڪايا چنڊ، تارا تو.
ٿاهو حورن، پرين جو هُل، لڳن توسان نه لعلون ڪُل،
تون گوهر گنج مان، تون گل، سيجهايا مُلڪ سارا تو.
چوين راڻا! رتيو آهيان، انهن ماڻن متو آهيان،
اکين ڪارين ڪٺو آهيان، بنايا تير تارا تو.
وڃي ويٺي سينڌ سٿين سهڻا! موهين منهن ساڻ من مهڻا!
چنڊو آئين ٿو هٽ چو هٽا، ڪنان مون، ڪيا ڪنارا تو.
ڪجل پائي تو ڪر موڙيا، ته بيٺل بيٺ کان ٿوڙيا،
چمڻ چا جو، جڏهن ڇوڙيا، ڪلهن سر وار ڪارا تو.
نندي هوندي لڳا نينهڙا، اکين سان بي مهل مينهڙا،
گذاريا پاڻ گڏ ڏينهڙا، آهي ڪي ياد يارا! تو.
ڦُري مون کان فهم، فرحت، صبر، ساڃاهه، سُک، صحت،
ڏنا هي هي! هٺا ڪر هيت، آهي سڀ هٽ آڌارا تو.
سڄڻ! شاهد سڄو ٿي چڳ، ته ”احمد“ اڳ نه پريو پڳ،
ڪٺس تو ڪالهه اڄ ٻڻ اڳ، اکين سان ڪيا اشارا تو.

غزل (٣٢٥)

مسوٽ تون محبوب! منهنجا، ماسرو ماريم ٿو،
سور آڏميو، اڏ ڪريو، اڏ رات آٿاريم ٿو.
منهن، مهانڊن محب تنهنجي، ملڪ ۾ ڪو ناهه مٽُور،
هڪ سڱونهپ، سهڃاڻ سڃ، ڪنهن ڏينهن ڏيکاريم ٿو.

دوست! توکان دور ٿيا پوءِ، درد ڀلڻيا دل منهنجي،
ڏور مَ لاهه ڏينهڙا، ڏک ڏيل کي ڏاريم ٿو.
دوست! دنيا ٻچي تو، ڏور درٻاريون ڪيون،
آهه خلوت خوب ٿي، پر خر وڃان ڪاريم ٿو.
ساهه ڪيئن صاحب وساري، جي سڄڻ وڏ سچ ڪنان،
سخت ڳالهائن سخن، تبہ ٿپ هنيين ٽاريم ٿو.
توسين گل! ڏينهن گڏ گذاريم، خواهه ڪنڊو ڇاڻين قريب!
ڳل ڏيو ڳوڙها وهن، ڳوڙهو سنگت ڳاريم ٿو.
مهند، موڪل مون گدا کي، ٿي نہ ميرن وٽ ملي،
وڪ وجهان پنٿي تہ، ونيو واڳ نينهن واريم ٿو.
هر پکي، پانڌي ڪنان، پر ۾ پڇائون ٿو ڪريان،
ڪر خبر، ويئم وساري، يا سڄڻ ساريم ٿو.
آهي هي "احمد" اصل کان، دوست! تنهنجي در غلام،
ياد ڪج، ڪهڙ هيڪ گولو، ڏينهن ڪهنگهر گهاريم ٿو.

غزل (۲۳٦)

جڏهن ڪاڪُل ڪري ڪُنڍڙا، سڄڻ! لوڻن تان لاڙين ٿو،
متهر در ديڻن جا دلبر! تڏهن ڏيو طاق تاڙين ٿو.
جيارڻ جي سندم جيڪر، اٿئي مرضي منا! جاني،
تہ پوءِ ڇا کان سدا سنهڻا! سڪايو ساهه ساڙين ٿو.
سڄڻ! آئي سبب تنهنجي، صفا سچ صاف ٿيو آڻيري،
مگر متڻيو ميڻن تان وار، واريو تنهن کي واڙين ٿو.
سٽي سرتاج سنهڻن جو، هلي انصاف لئي آيس،
نہ ڇاتم چام! تان ڪو تون، رڳو ناحق تي ناڙين ٿو.
سٽائين ٿو سڄڻ! سوري جسو، سڏ ٿيندم صبحا سير تي،
اکين ڦيرڻ ۾ ڪر فرصت، ڦٽيو اک نا تہ ڦاڙين ٿو.
نهارڻ سان تنهنجي نازڪا! پس ناگاهه نيزن وچ،
ڪُهڻ لئي ڪات پيا ڪهڙا، اڃا آرڏا! اکهاڙين ٿو.

نکو اڳ پير "احمد" سان، نکي ڄاڻي سنديون ڄايون،
اِئيو ڇاڪاڻ آڏيءَ کر! اڄايا پٽ آهاڙين ٿو.

غزل (٣٢٧)

سڄڻ! سنهٿا سدا، سرڪش ٿئين ٿو،
نهوڙيو ناز سين، نازڪ! نيين ٿو.
نزاڪت، نازڪي سڀان نيڙيءَ سان،
بکي پاڻي، ٻرين! جنهن پل پيين ٿو.
اٿئي منجهه مغز مغروري سدامي،
دلاسو ڪين دلبر! دم ڏيين ٿو.
سدا ساريان، نه ڪنهن ويلي وساريان،
هُرين هروقت، هردم منجهه هيين ٿو.
وڃي ڏاڙو هنيو دلدار! هربار،
نيين دم روح، دم راحت نيين ٿو.
نشي ڪٿين نيڪ ڳڏيا، تنهنجي نيڻن،
ڏسان مستان مُنتي ۽ ميين ٿو.
ڪڏهن احوال "احمد" کان نه پڇيان،
نه مٿين، يا ميان! جاڙون جيين ٿو.

غزل (٣٢٨)

مٿا ڄاڳائي سج آيري، مٿا جاني! جياريين ٿو،
جڏهن محبوب! موچارا، مٿنو"ر منهن ڏيکارين ٿو.
هُدو آهي تو هٿ سنهٿا! مثل دائود جي دائم،
دليون دلدار! لوهه جهڙيون، مٿايو ميڻ ڪارين ٿو.
هزارين ڪان هينڙي ۾، ڪپيو رهنمر ڪنين سوڏا،
جڏهن ڏيو ناز نيڻن کي، سمهون نازڪ! نهارين ٿو.
مِٺا محبوب! منهن ڪوليو، مٿين هرمهل مون مهندان،
ڪري گهنڊ، گهوُرسان گهايل، گهڙي ٻوهه ڳڏ نه گهارين ٿو.

ڪڙائي ڪانه پهچي ڪا، ڪڏهن تنهنجي ڪلامن مان،
مٺو چئين تبه مٺو پانيان، مٺائــــي مان مارين ٿو.
ملڪ آهنجي ۾ ماٺيتا!، مسافــر ڪٿين مندون آنــديون،
ڪڏهن گفتو نه ڪئي گوهر! تهِ گولا! ڪيئن گذارين ٿو.

غزل (٣٢٩)

ڪڏهن ڪڏ ڪانڌن! ٿيندين، ڪنگهر ۾ ڏينهن گذاريان ٿو،
سڄون سير تي سهيو سنهٺا!، صبر ۾ ڏينهن گذاريان ٿو.
ڪٿان ٿيو چام! منهنجو چم، قضا ڪيڏانهن اڙايم ڪم،
ملڪ منهنجو مٺڪو، تو لئي مصر ۾ ڏينهن گذاريان ٿو.
مون ڪي ٻر ۾ ٻيهارين وين، سفر ساجن! سيڏاري وين،
وڇوڙي ڪان ڪريو وو وو! ورهر ۾ ڏينهن گذاريان ٿو.
هنيون پنون سان هنئي پيري، سڄڻ نيئي ساه ڪي سيري،
بـــدن باقــي ويٺو بيرانَ بـــر ۾، ڏينهن گذاريان ٿو.
وٺيو وانون ڪريان وو وو! هنيين هٿ هٿان هٿي هئو!
هنجون هوري ڪنان هاريان، حشر ۾ ڏينهن گذاريان ٿو.
سڄون سالون سـڪان، ساريان، ڪيڏان ٻاڦون ته وڻ ٻاريان،
مگر آئون، مُحب! منهنجا، مگر ۾ ڏينهن گذاريان ٿو.
ورڻ واري ڪڄان تڪڙا، ولين مون ڪي وڏا وَڪڙا،
پڪين ڇاڙو ٻـــڏو، ان پٽ پهر ۾ ڏينهن گذاريان ٿو.
هلڻو هفتي اڳهيــن ۾ ويـو، حقيقي ساه هيٺي جـــو،
پرين! تنهنجي پسه سان، هن پهر ۾ ڏينهن گذاريان ٿو.
لڳن شل واء نـه ڪنهن ويرا، مٿان پيريَن ڦيٽن پيرا،
ويو جنهن وات، وٺيو سا، ورندر ۾ ڏينهن گذازيان ٿو.
قمر قاضي، قمر سان ڪڏ، ڪريان منجهه رات ڪاري سڏ،
عنمر ارمـــان، اولاڪي، اپـــر ۾ ڏينهن گذاريان ٿو.
امـــر مٺوتڙو سٺي "احمد"، عمر جـــو آسرو لاٿم،
ويا ڪانڌي ڪري ڦابو، قبر ۾ ڏينهن گذاريان ٿو.

غزل (٣٣٠)

نيڻ ڏاڍي ناز مان، پاڇهون سچڻ! ٻوڙين ٻيٺو،
منهنجي مارڻ لئي مٺا! محبوب! ڪر موڙين بيٺو.
يار! ڪهايس ڪهور تنهنجي، غم ٻريو غمزن ڪنان،
جيءَ، جسي، جند جان ۾، خوني خنجر کوڙين بيٺو.
سونهن ته توسپ ڪاسري، پوءِ ڇا سبب سرمون وجهين،
جان منهنجي لئي جڪس جانب! جنجل جوڙين بيٺو.
لئون لڳيا پوءِ، لعل! تنهنجي، بُت بچائي ڪيئن سگهان،
پاڙ کان پرهيز ڪي ڏس، ڏهڪ ڏيو ڏوڙين بيٺو،
منجهه اڪين ”احمد“ چوي، ڪي جي دو ناليون ڏاريين،
مي سڏيون سيني اندر، ڇيرا وجهو ڇوڙين بيٺو.

غزل (٣٣١)

گل گهٽان گلزار ۾، ٻر اڄ گلڊير گل واه جو!
سرو قد، سيئون سمن، سر وار سنبل واه جو!
منهن مٺي محبوب جو، ڪر مشعلو محلات ۾،
تين تجلين تن تپايم، هي تجمل واه جو!
سج سدا سنهڻو گهڻو، منهنجو سڄڻ سج کان ٻه صاف،
ڇا تجلّيي، ڇا تجمل، ڇا تجمل واه جو!
خاڪ کان افلاڪ تائين، فرش کان تا عرش پاڪ،
ڏو هلي هن حسن تي، هرهنڌ هُل هُل واه جو.
ڇو سرو ڇوڏو ڇندن جو، چشم ڇنبن جيئن ڇُين،
باز بحري ڪي ڏلم، پر ۾ بيهي ٻُل واه جو!
گهُور گهرجي گلبدن، گهوڙا! مٿيس تان گهوريس،
موت ڪنهن موتي هٿان، خود موتيو ڦل واه جو!
ڪاٽ ڪهڙا؟ ڪاٽ ڪهڙا؟ جي ڪرين ڪاوڙ قريب!
قتل لئي ڪاريون اکيون بس، قيد ڪاڪُل واه جو!

جي ڪَنهن تان ڪندّ ڪاٿي، هيٺ قدمن ڪر قريب،
تان ڪَتل جو ڪري، ڪيون، ڪيڏو قدر ڪٿل واه جو.
آس ”احمد“ کي احد ۾، سو ڪندم اوڏا عجيب،
تار تيک طوفان ۾، تـرهو توڪّل واه جو.

غزل (٣٢٢)

ناهي ثاني ڪو سدا، سنهڙي سڄڻ، سَنيهار جو،
ملڪ سارو مٽ نه ڀانيان، هڪ محب مهندار جو.
سِڪ ڀڳا سڀ سُک سندم، ساريان سڄڻ ساري ڄمار،
درد دل ۾ ٿيو زياده، دلربا، دلدار جو.
ڦٽ پينم ڦٽڙن مٿان، ڪنهن فڪر ۾ ڳاريس فراق،
ڪيئن ٿئي مسڪين سان، ميلو ميٺي مٺار جو.
ڪُرنشون قاصد وڃي ڪج، کي اڳيان ڪامل قريب،
مـن دلاسو ڪو ملي، دابر وٽان ديـدار جو.
ٻانـدّ ٻاني ٻوٽيون، پيرين ڪنان ٻانڌي ٻيچ،
ٿيي بلو سکهندو پـلا، ڪو هـن بندي بيمار جو.
طرف ساجن جي سدا، سِڪنهن هندان ڇايان سلام،
مـانِ! ڀـر ٻوني ڪڏهن، پيغام ڪو پينار جو.
مون ڪيون منتون ملڻ لئي، مُنهن مٿي مُرڪيا محب،
آهيہ ان انڪار ۾ مـون، آمرو اقرار جو.
مُنهن ڏسڻ محبوب جي ڪان، بند ا کيون بلڪل نه ٿين،
تير توڙـي ڪو اچـي، تارن سمهون تاتار جو.
موت مون منظور ڪيو، محبوب جي مژگان ڪاڻ،
آهي سڪندين لئي سدا، سوري سبب سينگار جو.
لقب ڪوٺايـو ڪنداني، آهيہ ”احمد“ ان سبب،
ڪنهن ڪهڙي ڳڏجيم تان، مـن گل چمن گلزار جو.

غزل (٣٢٣)

يا ڏيو، يا ڏينهن ٿيو؛ يا گل ٽڙيو گلزار جو؛
يا قمر، يا شمس هي، يا سنهن محب مهندار جو،
يا چمن چمڪار ڪيو، يا چنڊ چوڏهين رات جو،
يا پري يا حور، يا درسن ڏنم دلدار جو.
باغ ۾ يا زاغ، يا ڪعبي اندر ڪافر ڏٺم،
يا تماشا تير ڪري، جو راهڪو رخسار جو.
شام، يا هي دام، يا ڪو نيش هڻندڙ نانگ آهه؛
زهر، يا زنجير هي، يا زلف زينت دار جو.
تير، يا هي توبچي، يا آهه خنجر خوفناڪ،
يا ڪمان وچ ڪان آهي، چشم جي چمڪار جو.
يا وني جو واهه وريو، يا تار ۾ تَرهو تريو،
موج، يا محراب، يا ابرو اکين جي ٺار جو.
جهلڪندڙ ياقوت هي، يا ڦٽوت آهي قلب جو؛
يا ته آهي لعل لب، غنچا ڪري غمخوار جو.
يا آمل ماڻڪ آهيا، يا دوست جا ڏندان هي،
يا سندو دلبر دهن، يا درج دُر شهوار جو؛
طوف، يا طوفان، يا لشڪر لڙائي تي چڙهيو،
يا عجيبن منجهه اکين سرمون وڌو سينگار جو.
يا بلو بيت‌المقدس، آهه يا ڪعبو ڪريم،
عرش، يا آپ آهه يا در دوست جي دربار جو.
بلبلي بيمار، يا طوطي شڪر گفتار آهه،
اثر "احمد" کي رسيو، يا عشق جي آزار جو.

غزل (٣٢٤)

منا دلدار! وين دل تي، ڏکائي داغ ڏوري جو.
ملان ڇا ڳالهه سورن جي، سيما توکي سموري جو؛

ڪيجان، ڪامان ڏسيو خالي، اڱڻ، ايوان، اوطاقون،
سدا سنهڙا! سفر تنهنجو، سبب ٿيو ناصبوري جو.
سوالي ٿي سوين سالون، مٿي در دوست تو دانهيم،
نه ڪنهن دارون، دوا دلبر! ذروهن غم ضروري جو.
سڄي ناهر سڄڻ! ڪا سڌ، ڏسين جي هوند ڇيري ڇم،
ته ڪَرهو ٿئي پرين! پاڻهين، پتوهن ڳالهه پوري جو.
پلائي ساڻ ڪر پيرو، انهيءَ پيٽي تي، ڪنهن پيري،
رهيو جنهن راهه تي رائو، سندم چت چاڪ چوري جو.
ڇٽي ڪوڪان ڇشمن سان، وڏي، ڇچري ڪنهي ڇيرون،
اکين تنهنجن جو آهي اي، اشارو مست انبوري جو.
ڇڏي اثبات کي اوري، انا الحق جسي طرف آيس،
سڄڻ! صحبت سنده لائق، ڪيس سنگسار سوري جو.
محب! ماڻهون مٿاڻي جا، رهن منجهه مسلڪ ماڻن جي،
خدا ڄاڻي تـه خود ڄاڻي! اٿئي ڪيڏو ڪٿوري جو.
پڙهيو پختو پرين تو ڪان، اکر ڪو عشق جو "احمد"،
سنت وسريس سبق سارو، ڪنز، ڪافيا، قدوري جو.

غزل (٢٣٥)

ڪڏهن لالن! لڙي ليڪ سين، نه پڇيان لِڪ لڙهن پيا ڇو؟
چڙهيو ڇپيو، وڃين ڏو، پر نه ڇورين ڇپ، ڇڙن پيا ڇو؟
پلا! پڇجي نه ڪيو ڪو تو، ڪڏهن بيمار تان پيرو،
نه پڇيان وات ويندي، واهه وَنين مان، وڙهن پيا ڇو؟
ڪري در پور ويٺين دوست!، در تي درد جون دانهون،
نه گهوڙا! گوڙ هيڏي ۾، ڪڇو ٿا گهڻد ڪڙن پيا ڇو؟
ڏيئي جانڙ جيئن جاني! نـه جانڙ پوءِ مٽڻ هيي جاهه،
ميلن مُنهن تي مون کي ميهڻا، ته مَن مُهڻا مڙن پيا ڇو؟
پڙن بلبل، قلاريا قل، ڪ منهنجي گُل مٿي هي هَل؟
شمع ڪا، يا شعاع تنهنجو، پتنگ پڙ ۾ پڙن پيا ڇو؟

ڇيو محبوب هي منڊل، ڪر منهنجي مرحبا ۾ سڀ؟
تڏهن منهنجا جُڙيا جاني! جشن جلسا جُڙن پيا ڇو؟
اڪين جي هڪ اشاري سان، آڏيءَ تي آهي پيو "احمد"،
ٿيو ٻيڙا ٻنهي ٻيڙا، اڃا جهيڙا مُڙن پيا ڇو؟

غزل (٣٣٦)

جڏهن ديدار دلبر، دلربا، دلدار جو ٿيندو،
وري مسڪين سان ميلو، مٺي منٺار جو ٿيندو.
ٻرين ٻرڏيه ويا پيهي، ڏٺي ڏاڍا ٿيم ڏينهڙا،
هيڻيان ٻره، حال ڇا هي هي! مون حيرتدار جو ٿيندو.
مرون مر ماه ڪيئم تي، هلي هڏ هوت سان ڪڏبا،
اهي ڇا عشق ڪي آڏو، عذر آزار جو ٿيندو؟
ڄبل اِن هوش ڪان يڪدم، ٿيندو سارو ڪڙهي ڪارو،
سڪهو اظهار عالم ۾، اثر آچنگار جو ٿيندو.
صحت منهنجي نيئي سڄڻ، ڏڪيم حيلا حياتي جا،
نه ڇاٽا، ڪيڻ گذارڻ، منجهه غمن غمخوار جو ٿيندو.
جدايون يار جانيڙا، ڪندين جي هيڏيون هاڻي،
ته حُبَ وارن سين هَبَ ڏاري، حشر هُن پار جو ٿيندو.
آڙي ارواح عالم جا، نه ٿيندا ڇا سڀ سوگها،
جڏهن زنجير ظاهر زلف، زينت دار جو ٿيندو.
اڪين جون عادتون آهن، وجهڻ مشتاق مشڪل ۾،
منجهان تارن جي تاثير و تکي تلوار جو ٿيندو.
نه ساريان ساهه ڪنهن سنڌ ۾، ويئي دل دوست جي ديري،
پلا، ڪنهن جي بلي باقي، بدن بيمار جو ٿيندو.
سڄي نالو نه سچ، چنڊ جو، نه تارن ڪي رهي طاقت،
جتي جنسار جلويدار، جانب يار جو ٿيندو.
پٽيي جا پاڪ پيرن جي، وڃهان نيڻن ۾ نائي نيت،
اهو سرمون سڪايل لئي، سبب سينگار جو ٿيندو.

ڏريبن ساڻ ڪج ڪانگل! وڃي احوال "احمد" جو،
تہ دلبر! ڪو دلاسو دل ڪي، دم ديدار جو ڏيندو.

غزل (٣٣٧)

دل ۾ دليل دم دم، اڄ ڏسو اهيم، ايندو،
جيڏري جتيم جانـي! پانيان پڇيم، ايندو.
سون وٽ ڏٺين منزل، حل ٿين هوند مشڪل،
دلبر ڏسي ڏسري دل، محفل مچيم، ايندو.
حاذق جي هٿ حوالي، سنڌ سنڌ پلين سنڀالي،
نازڪ بدن جي نالي، ناڙڪ نچيم، ايندو.
چا جيي حبيب! هئون هئون، تن جو طبيب تون تون،
منجهہ روح راڳ رُون رُون، رڳ رڳ رچيم، ايندو.
باغ و بهار پل پل! هيت هت لڳي بہ هل چل،
جنهن جي پچار پلپل، پئي دل پچيم، ايندو.
آهيم اميد البت، سنڌ و سوال صحبت،
هر مهل سچ محبت، من تي مچيم، ايندو.
مليتم مٺڙين جي مٽ تي، جنهن ڪان پريون بہ پٽ تي،
اوتي ڏنم ڪو آٽ تي، "احمد" بہ چيم، ايندو.

غزل (٣٣٨)

م ڏيي دلگير اي دل، دلربا، دلدار، ڏي ويندو،
لهن غم، جنهن جي غمزي سان، سو غمخوار، ڏي ويندو.
اجا وسندي ۾ ويراني، هيتي هٽ هول حيراني،
جڏهن ايندم جتڙيل جاني، جشن جنسار، ڏي ويندو.
اڪيون آهن اجا آج ۾، ملي جاني تہ جيي جيئَ ۾،
سڄڻ سامهان اچن سچ ۾، تہ بر بازار، ڏي ويندو.
لڳو حاضر بندي جو هل، سلامي ۾ سپاهي ڪل،
گهمائي پير گهر ۾ گل، تہ گهر گلزار، ڏي ويندو.

ڪڍهن ڪڍيوم، سو ڪوهر، نه جنهن جهڙو جيهو جوهر،
اکيون اوڏهين، تہ اوڏيهر، اکين جو ٺار، ٿي ويندو.
سگهو خيمان ڪيلي ڪوڙي، ڪريان قابو بہ منجهہ ڪوڙي،
ڇتيون ڇوڙي، آڱن موڙي، آڱڻ تان يار، ٿي ويندو.
اُٺو اڄ شام اوهيرو، سُونهي سنئين سينڌ، سوهيرو،
وري سو حسن جو هيرو، هنئين جو هار، ٿي ويندو.

غزل (٣٣٩)

سدا جاني! جئين تون شال! منهنجي موهہ ڇا ٿيندو،
ٻڇن پروان پاٺهين، ناهہ پروا پوهہ ڇا ٿيندو.
گنه کهڙو گلن جو، بلبل بر سر ڪنڊا باسيا،
پتنگ پاٺهين پچن اڙ پر، شمع رت روهہ ڇا ٿيندو.
ڀرون محراب، منهن مصحف، ذقن زم زم، زيارت دم،
هوهہ تان حج، نہ هوهہ جي، تہ هي هي! هوهہ ڇا ٿيندو.
قياماً ڪنڌ منهنجو آهي، قدمن سير قريبن جي،
ترينم تہ بہ تڏي تي، توڙ تائين توهہ ڇا ٿيندو.
ڇيو حاذق ڏسي هٿ، آهيہ هن کي حسن مان حرڪت،
نہ حاجت ٻي هتي، پر هيت نہ صحبت هوهہ ڇا ٿيندو.
ڪٺوري، خون لڪندا ڪين، خبرون خير جون اُگهتي،
پلين دامن تان رت جا داغ، ڌوبو ڌوهہ ڇا ٿيندو.
لٿس ماڙي مٿان، ماٺهو ٻچن محبوب کان ميڙيو،
ڇئين معلوم ناهي، موهہ جيي کڏ کوهہ ڇا ٿيندو.
اکيان ڇاٺن نہ "احمد" کي ڇوي انجام آهي آڄ،
ڦري در بند کي دم دم، پيو در دوهہ ڇا ٿيندو.

غزل (٣٤٠)

سڄڻ وڇڙي سڄوني سال ٿيندو،
هنجون هاريان، تہ هي! ڇا حال ٿيندو.

مهني هين مليو، جي مون نہ محبوب،
تہ بت پرزا، پٺيون، پيمال ٿيندو.
آچو جهليان مهل ڪنهن مُنهن مهندا،
تہ ريڻو ساڻ رت رومال ٿيندو.
محب مالڪ سندم من، مال جو آهي،
مٺو تنهن ڪان نہ مڏيون، مال ٿيندو،
عبادت ڪان، رهڻ اوڏو پرين سان،
اسان جو اي پلو اعمال ٿيندو.
ادا اوٺي! چئج احوال آن ڪي،
ڪڏهن پيڙي ٿيڻ جو پال ٿيندو.
سنجهي سورن ڪنيس، آڏي ٿيس اڌ،
اسر جي وقت پيو احوال ٿيندو.
سدا آهي سندو سون، ساهہ سَهڻو،
جدا تنهن ڪان، جيڻ جنجال ٿيندو.
اچن سيني سمهان، سئو سور چڙهندا،
هنيو ڦٽجي فنا في الحال ٿيندو.
رَندن تي رت ڦڙا، روپو پساهہ راهہ،
لڪين لڙڪن ڪنان لَڪ لال ٿيندو.
لڌم سوٽو تہ سامهون ٿيم سنهٽو،
فقيراڻو نہ ڪوڙو فال ٿيندو.
اٿي، ويٺي عرض اي آهہ ”احمد“،
ميلڻ منهنجو محب سان شال ٿيندو.

غزل (٣٤١)

لنگهيو مهندام منهن ويڙهي، محب، مهندار هو ڪهڙو،
سڌي قد، سنئين ڳچي سُنهڻو، سڄڻ سينهار هو ڪهڙو!
مٿي ڪنئين مُنهن، ڪر موڙي، چتيون سيرتي چڏئين چوڙي،
ڪلڻ بيٺو اکيون ڪوڙي، دونا ليدار هو ڪهڙو!

اکيون قاتل، ڪنديون ڪاريون، ڄڻ ڇريون هڻيين واريون،
ستنڊيون سينگن جهليم، ماريون، سپه سالار هو ڪهڙو!
خبر خوني جسي آهي اڳ، ڏٺم پاٽا ڪنل پڪ پڪ،
ڪينياتا! ڇٿو خدا جي لڳ، خفي خونخوار هو ڪهڙو!
نه ساهو چنڊ، مٿارن، سيج، نه وڙڪي ڪنهن ولهارن وچ،
آها عالم ۾ پيا ٿسي اچ، اهو اوپار هو ڪهڙو!
ڪٿو ڪنهن خاص جون خيمون، رتيون تنهن سيم تن سيعون،
نه معلومي رهي ئي مون، منجهس مٺيهار هو ڪهڙو!
نه مخفي محب جي مورت، سڃاڻا سٿو منجهان صورت،
پچان ۾ ڪاڻ ڪنهن پورت، حسن هڪار هو ڪهڙو!
ڏٺم درمان بيهي دلبر، مٿان پيو اوچتو منڪر،
ڏڪي دشمن ڇڏيس ڪان در، مٿندو سنهن ڪار هو ڪهڙو!
ڳنڍڻ دم، بند دم دريون، وجهن جيئن پرتوا پريون،
ڏسي "احمد" اکيون ٽريون، اهو اسرار هو ڪهڙو!

غزل (٣٤٣)

حسن وارا ڪئين هزارين، منجهه هنيين تون هيڪڙو،
جام بجاءِ ڪڏ جان ۾، جاني! جيئن تون هيڪڙو.
ڪوهه جاٽا، آهه ڪهڙو، سون ڪميني جو قصور،
اڳ هنيو لائين هنيين، اڄ هٿ ڏيين تون هيڪڙو.
خلق خوشبوءِ لئي شهر ۾، مڻ ڪٿوريءَ جا ڪپائي،
وار ڇوڙي وله مٿي، واسي ويئين تون هيڪڙو.
سير ۾ سوڪلو بيهڻ، سهڻا! سياري رات ناهه،
سپ سهنج، جي ساهه سامهون، منجهه سيين تون هيڪڙو.
هٿ هزارن جي حياتي، حيف هي هي! تو سوا،
ڏي کهي تنهن ڪان ڪنين، ڪانگين، ڪيين تون هيڪڙو.
وهه وني ۾، ڇون وهسي، آهه هسي آب حيات،
پرڪ پاٺين پڙ پيالو، جي پيين تون هيڪڙو.

خلق منهنجي خون پٺيان، خان! خطرو جان ناهي،
راڄ ساري کي رسان، جي رس ڏيين تون هيڪڙو.
گل، گوهر، سج، چنڊ تارا، هنجهه، هرڻ، حورون، پريون،
سي مڙئي مقصد پين، مقصد مين تون هيڪڙو.
ڪٿين اکيون اوري ڪٿن، "احمد" نه اک آن ڏي ڪٿي،
پر نهارڻ سان نيهوڙيو، دل نيين تون هيڪڙو.

غزل (٣٤٣)

دوست منهنجي دوستي ڪان ديس بدلائي ڇڏيو،
ديس بدلڻ سان دلبر، ويس بدلائي ڇڏيو.
ديس بدلڻ سان نه بدلي، دوست جي دل دوست ڪان،
دوست ڪي ڇنو، دل تو ڪان بدليس، بدلائي ڇڏيو.
وار ڪارا سر ڪلهن، يا ڪار جي وچ ۾ قمر،
ڪار ويئي ڪاڏي، ڪڪرخود ڪيس بدلائي ڇڏيو.
هي پرون پالا ڪر، سج ڪي، آسمانهين انڊلٺ،
منهنجو منهن محراب ڪان، اِن ميس بدلائي ڇڏيو.
منجهه قيامت ڪنڊ" ۾، پٺو ٿئي، قتل منهنجي جو ڪيس،
پر ڪنديڻ ڪارين اکين ڪل ڪيس بدلائي ڇڏيو.
سر سيارو سير ۾، سي سخت، سرديون سرجهلين،
پر لڳي ڪا لهس لئون، جنهن ليس بدلائي ڇڏيو.
خوش هئا خلوت ڏينڻ ۾، پر خبر ناهي ته پوءِ،
ڪن خيالن اِن خيالان ڪيس بدلائي ڇڏيو.
آئون نمائن جيئن نهاريان، هو نه مائن ڪان مڙي،
اِي خودي بهر خدا، ڇجينس بدلائي ڇڏيو.
اصل "احمد" جيئن آڪابر، هئو عقل ۽ علم ۾،
ڪنهن مجازي موج، مجنون، قيس بدلائي ڇڏيو.

غزل (٣٩٤)

ادا اوٺي! اباڻن کي، اوسيڙو مون، نه هو، يا هو،
سچو سينيهو سنگهارن جو، مٺاڻ کو نه سويان، سو.
جسم منهنجي تي جهَل جلڙو، پٽن پر، ٻات ٻل ٻلڙو،
وَلهارن پاس وَل ولڙو، پنڌم آلاپ او يان، او.
اباڻن گڏ آڏيا آٺي، لڳي هونگار هُت هاٺي،
ڪٺي تنهن ڪان، خدا ڄاڻي، نه بلبل بانگ گويان، گو.
ڇنين پيرن سندا پيوند، ڪُنبيون ڪاراڻ يا خاوند!
نه ٿيا منهنجي پيڃڻ جا بند، جبر ڪم جنگ جويان، جو.
ڌارن ساڻ دل ريهي، مٿو ڌوندس ڏسي ڏيهي،
مٽي تڙ، ميٽ پوڻ ويهي، لوئي ۾ لال لويان، لو.
عمر! مارئن نه مرهيندس، ڪي ڳالهيون ڳوٺ ڳرهيندس،
وڃي پانورَ ۾ پرهيندس، پشم پوشاڪ پويان، پو.
ڪهڙون اڄ ڳاهه ڪهٽين ۾، سنگهاريون سيڱ پٽين ۾،
پيو مون ڳاٽ ڳٽين ۾، ويڳاڻي وات وو يان، وو.
عمر! تو ساڻ ضد ذاتي، نه ٿيندو غير کهر پاتي،
ڪهڻلئي ڪڍيلين ڪاتي، نه تنهن ڪان ڪنڌ ڪويان، ڪو.
پسان مجلس محمد جي، سچي سردار سيّد جي،
احد ۾ آس ”احمد“ جي، ڏٺم سو در، نه دويان، دو.

غزل (٣٩٥)

تنهنجي ديدن دل ۾ لائي، دوست! ڏُو ڏُو، ڏُوبڏو،
ڪَن پيا سيني سمهان، سٿو ڪان سُوسُو، سُوبِسُو.
ناهه جيَڙو جاءِ منهنجو، يار! وَر ڏيو ياد ڏين،
ڪالهوانڪر ڦُمرين جا، قول ڪُوڪُو، ڪُو ٻه ڪُو.
سير سنواري صاحبن، ڪيو گل تي سُنبل سائبان،
ٿيا بهشتي هير سان، ٻر، باغ ٻُوٻُو، ٻُو ٻه ٻُو.

سوجهرو سج جو هنيو، سنهڙي سٽر پــردن وهان،
رد فڪر هي هو تہ، هوندو حــور هُو هُو، هُو بهُو.
دل منجهان تنهن دوست، مـــون سان اوچتو آلاپ ڪيو،
جا بجا ڏوريـم جنهين، جـر، جهنگ، جُوجُو، جُو بہ جُو.
مدعي ميهڻان ڏنان، مون ڪـي مٺي محبوب جـا،
ٿي ويٺي ٿوري مٿي، ٿر بر ۾ ٿُو ٿُو، ٿُو بہ ٿُو.
هي سنديون، پرپٺ پوڪارون، ڪم نہ "احمد!" اينديام،
جي رُئل راتي ڪي، ريجهائين تہ رُو رُو، رُو برُو.

غزل (٣٤٦)

اسان اڄ عيش جـــو ارشاد هـــو ڪــو،
هنيون دلدارسين دم شــاد هــو ڪو.
هوس بُلبُل، ڳڏينم گل، ٿيس بُلبُل،
پــلا ان بــاغ ۾ بغداد هـــو ڪو.
سڄڻ جهڙي نہ ڪئي صورت ڪڏهن سڄ،
نہ شامل قد سندس شمشاد هـو ڪو.
بـــدن منهنجو ورڌائين بندخـالـــي،
ڪيئين بيدري، ونس بيداد هــو ڪو.
هنجون هاري، ڪينم هي هي! هزارين،
نہ هُت منجهہ فيصلي فرياد هـو ڪو.
پڇيو، پڇيرو پڇان، ڪريان پچارون،
محب جـو هن مهل ميعاد هــو ڪو.
رتي ڪا رحم جيي راڻل نہ سيکيو مر،
نــہ او انسان جـــو اولاد هــو ڪو.
سڄون ڏسيو سڄڻ ري شهر ســارو،
اهــي ويسه نــہ هــي آباد هـو ڪو.
نہ آهيم ڏيل ۾ ڏک ڏينهن اچوڪي،
نـــہ ان آزار ڪــان آزاد هـو ڪو.

خبر ڏي خير جي خاطي ! خدا لڳ،
تـــہ هي پينار پريَن ياد هـو ڪو.
پيل ان ڇــاڳـلـي جي ڇائنت مهندا،
سندمِ بي روح بُت برباد هـو ڪو.
مرڻ جـي، تان ميان! ميڙانو مالين،
اهـــو استاد ڪان امداد هـــو ڪو.
ڍهي ڪيريو ڪار ۾ ڪوٽ ڪيسرا،
پلين تينهنجو پڪو بنياد هـــو ڪو.
ارم جـي باغ جـــو نالو، نہ نيشان،
نہ سُڌ پيئي، شامتي شداد هـو ڪو.
مري ٿيا مَڄ، منجهہ سَڄ، رُڄ ۽ اَڄ،
سمر جن سان، نہ ثمر و زاد هو ڪو.
نظر نازڪ جو، جنهن ڪـي ناز آيو،
پڳيس سُک، خواهہ صاحبزاد هو ڪو.
اسان ڪان پوء بہ، چوندا اهل انصاف،
تہ "احمد" شعر جو استاد هـو ڪو.

غزل (٢٤٧)

دوست جي ديدار جو، اڄ ڏرس تہ ٻئل کهڙو نہ هو!
شهر ۾ شمعون ٻريون، شاهي شغل کهڙو نـہ هـو!
ڪٿي لياقت پـــاڻ لالـن، هٿ اڱڻ لائـــي ڏنـم،
نـــاز پريو نازڪي ۾، نـــرم گـل کهڙو نـہ هـــو!
هـڪ پڇيو، مون کي، سڄڻ تنهنجوڪ سُنهڻو سج مثال؟
سج لکين ليزم لڱن هيت، هيي تہ لُلهہ کهڙو نہ هو!
اڄ پٽري بـــازار ۾، منهن تـان ڪنيو نـرمـل نـقاب،
حُسن جو هوڪو لڳو، هر پار هُل کهڙو نہ هو!
بُت ميٺي ڦُل، ڪٽ ڪَوول جـي، ڪار قد ڪانو ڪماند،
هَو بهَو تـرڪي بہ تـرڪي، تـُل بہ تـل کهڙو نہ هو!

بس ايسان محبوب وٽ، پُهتس پڇاڙي رات ۾،
تُرت ٿيئي خبر ڪـي ڏيهه، چاري چُغل کهڙو نه هو!
شور ڪيو شيطان جهڙي، ۾ ويو قل سان ڪُسي،
فائدي وارو، فـراقـي ڪاڻ، قُل کهڙو نه هـو!
اڄ ته "احمد" جو اسان کي، نظر هڪ آيو نظر،
شعر سو شهد و شڪر، شيرين ڪُل کهڙو نه هو!

غزل (٣٤٨)

محب منهنجي، منٺار تـــان، سِر ويـو، صدقي ٿيو،
وڏ ڪريان هڪ وار تـــان، هي سِر ويو صدقي ٿيو.
جي اچي، محبوب مون وٽ، مَن ڳُنهريو مهمان ٿي،
ڪنهن به سنديس ڪار تان، هي سِر ويو صدقي ٿيو.
هاءِ! هيڻي حال جي، جي سَڏ لهي سُنهڻو ڪيٽي،
اُن سنديس آڌار تان، هي سِر ويـــو صـدقـي ٿيو.
اڄ اکين جـــا پيچ پائي، وات تـان ويندي ڏنـم،
اُن اکين جي آڌار تان، هي سِر ويـو صدقي ٿيو.
آهي الله جي عشق ۾، اميد "احمد" کـي ڪهڻي،
تنهن ۾، بخشڻهار تان، هي سِر ويـو صـدقـي ٿيو.

غزل (٣٤٩)

وري ديدار، درسن جو، دلاسو دوست ڏُهرايو،
پساهه منهنجي، انهيءَ پاسي، پسڻ لئي پاڻ پهرايـو.
چڙهيس چاڙهي مٿي چوري، ڇتي چارئي پهر چاري،
ڏجي تنهنجي ڏيهه ڪان، مون ڏکيءَ ۾ پير ڏهرايو.
اڙي تارا! تڪبُّر ڇڏ، نه تنهنجي جاءِ تجلّي ۾،
قمر خود قيد ڪا ڪُل ۾، ڪري ڪيڏانهن به کهرايو.
سجڻ جا وار، سِر رُخسار، سونهن گل مٿان سُنبل،
چڙهيو ڪٿس چنڊ تي چنجي، ڪر دلبر دام ٺهرايو.

چڙهي ڪس چنڊ چوڏهينءَ تي، تہ اونڌاهو ٿئي الهت،
چڏ پائون ميلهہ تسي چونا، تہ ڇهوي پاڻ ڇهرايو.
سڄڻ سامهون جڏهن آيو، تہ جهڙو صبح ۽ سبزي،
پيرين اچ پاڻ ڪي ڳل جو، پڇهي پهران ڀهرايو.
سڄڻ سينون جڏهن ساهي، بيهي سامهون تہ جهڙو سج،
پيرون پانيان تہ، دريا حُسن جي ۾ لَهر لهرايو.
آيو "احمد" ادب سان روز، ليلائي، لهو مون وٽ،
لهڻ ڪان، پر وڃي، لحظي ۾ احظي لال لهرايو.

غزل (٣٥٠)

سگهو ناهيان، سگهو ورتون، سدا سنهڻا! سفر گهوريو،
لٽو چنڊ، ڪار ٿي قائم، تون ڪم ۾ آهُ، قمر گهوريو.
پري ڪان پنڌ ڪري آيس، پرين پاڙي اوهان جي ۾،
ڏکوئل ڪسي لِقا ڏيکار، ڏورايو، ڏمر گهوريو.
سَنيهڙو موڪلئي، سڄڻا! تہ وبندس سفر صبحائي،
جتي تون، مون بہ منزل آت، مَڪو، تولي مِصر گهوريو.
منع ڪريو محب! وارين، وري وچ مصر ڏي مجنان!
گهٽي، ڪس، پنڌ تنهنجي تي، ڪندس گذران، گهر گهوريو.
حضوران جت حڪم آيو، بيٺس هٿڙا ٻڌي، تنهن هنڌ،
سڄڻ! آهيم قبوليي سَنج، سوا تو سائو سر گهوريو.
جسم هو پنهنجو مڪ جاني! ہ ڏڪرا ڪيو وڌي ويرين،
قضا ٿيندي قيامت ۾، اهو قاضي قمر گهوريو.
ملي جي وڻ هٿان تو مون، مينو ماڪي ڪنان جاٽان،
ڪماندن ڪي، ڪريان چا، شهد شيرين ۽ شڪر گهوريو.
مبارڪ پير موچارا مُحب جنهن ماڳ تي پائي،
اچي تنهن خاڪ مان خوشبوءِ، پيو عنبر، عطر گهوريو.
نمازون ۽ نفل جيڪو، ڪريان تہ ان نفع نيت،
تہ اوڏو ٿو ٿيان آخر، پيو اڳتي اجر گهوريو.

هيئين تو ساڻ حُب پاتي، حياتي تان ڪنهائين هٿ،
پيارا ! تو پچائان سون، جيئڻ پل ۾ پهر گهوريو.
لڳي تُنهنجي قدم کي ڪک، ته نڪري قلب مان مون ڪيه،
پيائي ڪانم، پنجهه پاجهاڻ، اندر وه تون پهر گهوريو.
آئيو عالم ته سج آيريو، نظر اوڏانهن، نه ڪيو "احمد"،
اکيون توسين اڙيون، نازڪ بدن! پڻي ڏانهن نظر گهوريو.

غزل (٣٥١)

ٿيان قربان قدمن تان، قريبن قُرب فرمايو.
گوهر گهوريان، بہ گل گهوريان، فدا سر، ساهہ سر مايو.
عجب ڪهڙو آجهامي آڳ، جي آئي عجيبن جي،
انهن شعلن، شعاعن کان ته، بي شڪ شرم شرمايو.
ستائي مون کي ڪيو سُنهڻن، صدين کان سرد سنگت کان،
وري گهوڙن هنيس! آن گهور، گرما گرم گرمايو.
تر، تير جيئن تارا، تکا ڦيرين ته تَن تُن تُن،
نهوڙيس! نيهن نهارڻ ساڻ، نيرمل نرم فرمايو.
اکين تنهنجي اشارن سان، هرڻ سان حاج ڪئي اهڙي،
ته ٻَر ڏيئي پڳو، پيهي نه برما ۾، نه برمايو.
هزارين حسن، تنهنجي حسن ۾، هڪ هنڌ هيڪاندا،
محبت جو مڙوئي مُلڪ، منهنجي مَن اندر مايو.
اکين مان آب "احمد" کي، پيهي ڪنهن آسري آخر،
ڏسيون ڏوري ڏسڻ آيو، ته ڏسندي ڏُور ڏرمايو.

غزل (٣٥٢)

مون، پرين اڄ پاڻ ۾، پرچي ته، پاڙو آهہ ڪيو،
لعل لب وارن لطيفن، لُطف لاڙو آهہ ڪيو.
گل ڦُٽو غنچہ منهنجان، يا ڪيو صبح جي سج سُهاءُ،
يا عجائب، مُنهن عجيبن، اڄ اڳهاڙو آهہ ڪيو.

دشمنيءَ سان، دشمنن جو هُو آهه ڏاڙو ڪم دوام،
هي عجب! جيئن منهنجي دل سان، دوست ڏاڙو آهه ڪيو.
مُنهن مٿي، محبوب جي، موهيس ڏسي، مُشڪين ٻولتَد،
چنڊ چوڏهين جي ڪيِ، چوٽي واه! واڙو آهه ڪيو.
دل ڦٽيل مُنهنجي مٿي، مُرڪي چنڊيو ميٺو ميٺل،
اِن سبب سمجهاٽو، سَنڌين سوز، ساڙو آهه ڪيو.
عام ليکي آهه "احمد"، عاملن ليکي احد،
ڪم ميڙوني ڪارگر جو، ڪَل ڪُچاڙو آهه ڪيو.

غزل (٣٥٣)

اڄ به راڻي رنگ لايا، وَڏ رهي ڪان رُوپ ڪيو،
پاڪ قدمن تي، ڪيرڻ لئي، قلب منهنجي ڪُوپ ڪيو.
عُود عيدن ۾ ڪيوائن، پر عجب عادت عجيب،
دوست منهنجي دل دُکائي، منجهه دري، هو ڏُوپ ڪيو.
ڪُنبَ ڇاڙهي ڪوه تي، ڏوهي ڌوئن ڪپڙا، گنديون،
دوست دل منهنجي ڏري اڄ، ڏاڍي تي ڏُوپ ڪيو.
ڪان، ڪاتين، ۽ ڪُهاڙين جا، ڪپيل ڪو ٻَل جيئن،
مُحب موتيي ميچ هڪ سان، موت منهنجو ٽُوپ ڪيو.
قُرب جي ڪاڍي اڳيان، ڪَل قيد، ڪوٺيون، ڪيي به ڪين،
دوست ساريندي سندِ م دل، لوه پَجيي سپ لُوپ ڪيو.
عرق جين جو عيطر رُومي، ڪَل، گهٽيون جن جا گلاب،
ڇا ڪُڇي "احمد" انهن سان، ڇو پڇو تا ڇُوپ ڪيو.

غزل (٣٥٤)

ساه سَنڌين سان سيحر ۾، سوز جو سون ساز ڪيو،
سِر نماٽو ٽِسي نماينم، يار نازڪ ناز ڪيو.
دل نه لوڏي دوست جيي، جنهن دانهن سين، ڏ ونگر ڏرن،
عاشقن جي آه ڪان، آهس نه ڪج انداز ڪيو.

ڪنهن نموني ساڻ، لاءِ ليڻ، نازڪ ڪيي نهار،
سڻُوڙهه ساهوڻ ڏيئي ڇنبي ۾، ساهه ڪي شهباز ڪيو.

نيڻ ڪٽيو راهه نهاريان، من ڪٿان نڪري نجيب،
رات رت روئيي مون، ساڻ رازق راز ڪيو.

هُت، پنيان پچري ميڻل، سوراخ ٿيي، سيج ۾ رهنيم،
پرپکيڙن جيئن پسه، پاڙي پرين پرواز ڪيو.

رُوح ۾ رايو پيئم، رڳهون ڪندس هي ريت ساڻ،
هين نه دانهن دم گهڙي، دلبر مون سان دم ساز ڪيو.

آهي سارُوڻيي سڄڻ جيي، عشق "احمد" کي ڏني،
تيو اندر الله الله، اي رڳن آواز ڪيو.

غزل (٣٥٥)

جسم منهنجو يار جاني! تنهنجي جلوَن جوڙ ڪيو،
سُنهن سندئيي سيلو پسيي، مون ساهه خوش منجهه سوڙ ڪيو.

شاهزادا! شهر ۾ تو آئيي، شاديون شُڪر ٿيا،
سيج تون ساجن! چڙهين، سينگار سُنهن تي موڙ ڪيو.

نيڻ ڪارا، نڪ ڪُنديو، منهن نور، نازڪ اڱ، نرم،
حُسن ڏسندي مون هينيون، گمراه منجهه ان گوڙ ڪيو.

وار ڇوڙڻ ويس، اهڙا ٿا لڳن قد تي قريب!
سٿين ڪجيي، سُنهٽيي مٿي، حبشي هلن، ڪر ڊوڙ ڪيو.

گهنُور گهمري ۾ ڪٽي، گهوڙا! پيچيس گهائي اندر،
خوب صورت! ڪيل سندئيي، ڪانئي اندر مون ڪوڙ ڪيو.

سورسانگيڙا ڪري، سوگهيون وڌيون، سنگهرين سنڌيون،
قلب کي ڪاڪل ڪشادي، تنگ، تائين توڙ ڪيو.

آنچ عشوي کان اکين جي، ناهيه "احمد" کي آمن،
ناز نيڻين جسي نهوڙي، نيت نماڻو نوڙ ڪيو.

غزل (٣٥٦)

سرسي ڪٽي سڻونهن ۾، تہ ساڄن سڄيي ويو،
حورن جو حُسن، پيش حبيبن ڏڄي ويو.
پَريون نہ مٽ پيريان هو، نہ گوهر، نہ گل گلاب،
ڏسندي سڄڻ ڪي، سڄ بہ سڄوڻي لڄي ويو.
ڪوليي قلب نازڪ، ڪيو ناز سان نظر،
حيرت لڳي هرڻ ڪي، پيٽيَن ۾ پڄي ويو.
قدمن جي، خاڪ پاڪ جيي، پئي سدَ جڏهن پڻ،
سڀ خلق مان خيال، ڪٿوري ڪڄي ويو.
اهڙي حسن اڳيان، نہ هليو زور مون ذرو،
ڪاٺي جو ڪوٽ هو، سو ڪيڏانهن ڪر پڄي ويو.
الحمدُ لِلّٰه ”احمد“! آيا اڱڻ عجيب،
سَنڌ سَنڌ ۾ سُرود، خوشيءَ جو وڄي ويو.

رديف (ھ)

غزل (۳۵۷)

جيءَ، جاءِ، وريو ڀاڳ، تنهنجو ماڳ مولي ڀار آهي،
ڇڏ خاڪ، چڙهه آفلاڪ تي، براق برقي تار آهي.
هن وار جو، سڏ ڀار جي سرڪار جو، ڏاتار جو،
اڄ يار جو، دلدار جو، دادار جو ديدار آهي.
تنهنجي طلب ڪئي پاڪ رب، ٿيڙو سبب، هل هيڪ شب،
ڪر سير آپ، رک تون ادب، اڳتي عجب دربار آهي.
گل ڦل ڪسن، لالون لسن، واديون وسن، عرش رسن،
درسن پسن، جِدُّ الحَسن! تو لئي جشن تيار آهي.
آرام سين، اڪرام سين، هڪ وام سين، لک شام سين،
ڌُرِ ڌام سين، ڪُڏ چام سين، جو نام سين نروار آهي.
حورون پريون، حيرت پريون، درسن دريون، ڪليون ڪريون،
اڪڙيون لريون، بجليون ڀريون، جلوه ڪريون، جنسار آهي.
پُهتا پلڪ، طوبيٰ تلڪ، گهمّيا فلڪ، مُلڪ و مَلڪ،
بر بحر لک، جلوا، جهلڪ، چوڏس بلڪ، چمڪار آهي.
نُورالهدىٰ، مَثل مُقتدىٰ، مليو خدا، ٿئي مَن مدعا،
"احمد" گدا، تن تان فدا، صدقو سدا صدبار آهي.

غزل (۳۵۸)

صدق سنهڻا! صدق، صدقي، وڃان صدبار بسم الله،
چوان صد مرحبا، منهنجا سڏا منٺار! بسم الله.

سڪايل سيّر نت سوري، الله آڻي توکي اوري،
ڪسن تنهنجي مٺان کهوري، گوهر گلزار بسم الله.

ليکي لايون، توسان لائون، ڪريان هيڪر هٿين ڇائون،
پريم! تو لئي پٽ آئون، وڇايان وار بسم الله.

محب ماٺا ڪريو ماري، ٿيو دلدار دل ڏاري،
سنواري وار، ڪيا واري، سڄڻ سينگار بسم الله.

ڪُنڌين ڀائي ڪجل ڪاني، پساڻي پاڪ پيشاني،
اڻهن ڀلون جيئين جاني! جيارس يار! بسم الله.

خلق سڀ ۾ خوشيون، ڪيرون، مليون دلدار جون ڏيرون،
اچن هيڪار ۽ هيرون، حسن هر ڀار بسم الله.

وسائي گل بدن گادي، ٿيو حق ڏي حُسن هادي،
ڀريون شمعون، لئي شادي، ٿوي بازار بسم الله.

سريم صحبت ثوابن جي، لئي حاجت حجابن جي،
گُلن جي ۽ گلابن جي، ڇڻين ڇڻڪار بسم الله.

ڀيا جلوا جهانن ۾، وَڌي زينت زمانن ۾،
اڱڻ ۾، آستانن ۾، عطر هُٻڪار بسم الله.

شعاعن شمس شرمايو، فدا سر ماه، سرمايو،
قربن ڪرم فرمايو، ڇوون ڇوڌار بسم الله.

لڳيون لبيڪ جون لوليون، ٺلن ٺاري اکيان ڏوليون،
ڀهون ڪن ڀاڀهل ٻوليون، ڇتون ڇينگار بسم الله.

نڙي گلزار ٿيا گل گل، تواري باغ ۾ بلبل،
ڪبڪ، قمريون ڪنهن قُل قُل، ڪوئل ڪُوڪار بسم الله

هنيين ۾ هند حبيبن جو، ڪرم ڪيڏو قربن جو،
آهو، اولو عجيبن جو، اتم آڌار بسم الله.

جياءِ جيءَ جسم جو تون، عطا "احمد" مٿي اوتون،
ڏلم جهلڪار ۽ جوتون، جشن جنسار بسم الله.

غزل (۳۵۹)

آتر اوت لائي، ڇوهو، ڇيرڪ، ڇڙهه،
اندر سيئر آئون، هيڏي سيءَ ۾ سڙهه.
ٽيو غرق غم ۾، غريبو غراب،
ترن پيا مٿي، موج مهراڻ مڙهه.
سڄڻ! ساٿ ۾ تون، ته سولو سفر،
نه جر، پٽ، جبل، ڪونه جهنگل، نه جڙهه.
دلاسن تي، ديدار لئي، دوست در،
لٽائي ڇڏينم لڪ، نڪا ليڪ، نه پڙهه.
اٿئي حال معلوم، مُنهنجا پرين!
سڄڻ! سير وڃي ورن، ڪري ڏار ڏڙهه.
اکين ۾ آهيرا، اندر ۾ آسات،
ڇڪيا ڇاڪ، ڇُنڪن، ڇُنڪم ڇاڳ، ڇڙهه.
پريم! ڏي پيالو، ته پيئي دل ڀري،
اندر ۾ آڻاريا اٿم، عشق اڙهه.
اڇي اوڏيهر، ڪا ٻنٽي ٻاڻ ڪج،
وهن ور ڪريو ٿا، ڳجها ڳانيج، ڳڙهه.
ڏِڪارئو دران، دور ٽيندس، نه دوست!
ٻلين ٻيو هٽين، ٻن هٽن ساڻ ٻڙهه.
ادب ساڻ ”احمد“ ايو اٿين ڇوي،
ته لالن! لڙي آءُ، نڪس تنهنجي لڙهه.

رديف (ء)

غزل (٣٦٠)

موت، مون تي محب آيو، موڪلائين، جي تہ آءُ،
دم ڏيان ٿو دلربا! درشن ڏيکارين، جي تہ آءُ.
ٿا ٿين ٻُورن ۾ ڀورا، اڄ ڀرين! منهنجا پساهہ،
ڦير ڦيرون آهہ، پيشاني پسائين، جي تہ آءُ.
ٻوءِ مٿان محبوب! منهنجون، بند وايون ٿيون وڃن،
ڳالهہ، ڪا ڳُوڙها ڳرين! هن دم ھلائين، جي تہ آءُ.
محب! تنهنجي منهن ڏسڻ سان، موت مون سَهڪو لڳي،
رُو پسائي روح کي، راحت رسائين، جي تہ آءُ.
ساهہ هيٺي جو هينئڙ، پهتو هيڪي ڏاري حبيب!
غُرغُرو غمناڪ جو، ڪن لعل! لائين، جي تہ آءُ.
مُنج هلي تن ساڻ کهڙي، جن جو حج لاڳو حضور،
ڪُوڪرو ڪوڪرم سان، ڪامل ڪَنيائين، جي تہ آءُ.
هين اوڏائي هينئن نہ، دلبر! دوست دل تان لاهجي،
ڪو پڇاڙي جو پُڇا لئي، ڀر پائين، جي تہ آءُ.
ڇا ڪندين مون مٿي اچي، مِٺڙا! ميٽيءَ جي ڍير تي،
يار! جهٽ جيئري زيارت، ڪا ڪرائين، جي تہ آءُ.
ڪر، م َ چنين ڪُڙم پنهنجيئان، وڃ ڪٽن، ڪانگن پياس،
لوڙهہ منهنجو لاڏلا! لِلّه لٽائين، جي تہ آءُ.
ڪين ڪي جي ٿي ڪهرجي، بدن منهنجي کي بند،
وار جو واري ڪفن کي، وَر ورائين، جي تہ آءُ.

پانڌ مون پينار جي ۾، پاڻي! پائي نه آهه،
مفت ڪنهن مسڪين کي، لٿهريون لنگهائين، جي تہ آهُ.
آهي عيبن ۾ ڇهليو، "احمد" اوهان جو آمتي،
تنهن کي شافع شاهه، شفقت سين ڇڏائين، جي تہ آءُ.

غزل (٣٦١)

روح ۾ تنهنجون رهائيون، رُوح ريحان جي بجاءِ،
ڪس ڪهٽيون، ڪهر ڪام تنهنجو، گل؛ گلستان جي بجاءِ.
تنهنجي رُوءِ سان رات روشن، تنهنجي موءِ سان ماڪ مشڪ،
تنهنجي بوءِ سان بر وڻن ٿا، باغ، بستان جي بجاءِ.
مفت مون تي مچ ٻرن، تنهن ڪان محب! محلات ۾،
ساڙ ساري رات مون، شمع شبستان جي بجاءِ.
جي ڪنڌين کي قوت ڪهرجي، ڪر ڪنهي مون کي ڪباب،
رک ڪٽي مژگان مهندان، مرغ بريان جي بجاءِ.
ڪوهه وڃهائين قيد مون، جي اٿي ڪاوڙ قريب!
ڪول زلفن کي ذرا، زنجير، زندان جي بجاءِ.
تنهنجي صحبت لاءِ سنهڻا! ٿيا سفر ۾ سال مون،
سوز، ساڙو، سور سامهان، ساز، سامان جي بجاءِ.
قلب منهنجي کي قريبن، يوسف مصري مثال،
غرق ڪيو چاهِ زنخ ۾، چاهه ڪنعان جي بجاءِ.
لعل ڇهڙا لب لطيفن، لک لين لالون ٻہ آت،
دل لڙي لب لعل ڏي، لعل بدخشان جي بجاءِ،
عين اکيون، الف قد، ياسين خود، ياسين ڏند،
مثل بسم الله ڀرون، رُخ پاڪ قرآن جي بجاءِ.
گلبدن جي گهور جا، گهوڙا! ڪسايان گهاءُ ڪيئن،
موت مشڪل پير ڪوڙي، ميچ مُژگان جي بجاءِ.
ملڪ ساري سان مقابل، ٻيو نہ ٿئي مطلق مگر،
هڪ پرين منهنجو، پري ۽ حور، غلمان جي بجاءِ.

حُسن وارا ڪئين هزارين، پر هنيين ۾ هيڪڙو،
ياد ناهيم يار ڪوئي، ياد يزدان جي بجاءِ.
آهيم ”احمد“ جي عبادت، عمر ساري ان طرح،
دست زلفِ يار ۾، تسبيح مرجان جي بجاءِ.

غزل (٣٦٢)

اڄ قبوليا قوم کهڙا ڪم، ڪنهين ڪم جي بجاءِ،
ملڪ ۾ لامذهبي، مذهب مسلم جي بجاءِ.
قوم ڪرسي چاڙهيا سي ڪُرسليون آيا ڪيي،
غم غريبن تان وري ويا، خوش غني غم جي بجاءِ.
مغربي تعليم ۾، هر ماڳ مذهب تان مذاق،
مست مسٽي ۾ ماستر، مسلم معلم جي بجاءِ.
سال ۾ مسجدو نہ منبرن، منجهہ سنيما صبح، شام،
سڀ سبق بي سود پيا، تصوير طلسم جي بجاءِ.
علم ابتر جهل ڪان اڄ، جهل جا ڏنڏائي ڏار،
منهن رکن ملتان ڏي، مڪي مڪرّم جي بجاءِ.
آئينہ ري ٿو ڏسان، اسلام جو آئين اڄ،
مست ميخانہ ۾ مسلم، غير مسلم جي بجاءِ.
هي حيا، يا بي حيائي، حاڪمائيون بي حجاب،
نا محرم حال محرم، خود محرم جي بجاءِ.
مال ويو، مالڪ ڦٽيو، پر جي چڙهي پنيان پوليس،
چور نہ چاڪي سهي، مجروح مجرم جي بجاءِ.
هن زمانـي ۾ هونهين، حقدار هيٺو پيو هلي،
ڦاسندو فرياد ۾، مسڪين ملزم جي بجاءِ.
ڪو امن ايمان جو، ايندو زمانو اوڏڙو؟
چيا چوي ”احمد“ اڪر والله اعلم جي بجاءِ.

غزل (٣٦٣)

هنئين جو حال، حاڪم، حُسن وارا! آءٌ تہ ڏيکاريانءِ،
۽ اڄ دل آ درد ۾ دلبر! تو ڌاران، آءٌ تہ ڏيکاريانءِ.
اٿي ويٺي اٿم آهون، نهاريان رت روئي راهون،
بدن تي برهہ جون باهون، پيارا! آءٌ تہ ڏيکاريانءِ.
سکهاڻي ويٺي هلي ساري، ڦڪيائين، چاڪ چوڌاري،
محبت جا مٿم محبوب! مارا، آءٌ تہ ڏيکاريانءِ.
هنئون حيرت وڌم هوري، جدائي جو جنجل جهوري،
سنڌين ۾ سور جا سوراخ سارا، آءٌ تہ ڏيکاريانءِ.
پساهن کي وٺيو پورن، مٿيس محبت جي مذڪورن،
سڄيئي ڳالهيون سنديون سورن، سونهارا! آءٌ تہ ڏيکاريانءِ
لڳن اونهيون اکيون آهون، نہ هڪ مون سين ڪيئون هاڃون،
مٿا ميدان ۾ ڪئين مل، متارا، آءٌ تہ ڏيکاريانءِ.
نظر تنهنجي سندا نيزا، ڪيون رائا! بدن ريزا،
پيئم پيڪان پاهن ڪان، پيارا! آءٌ تہ ڏيکاريانءِ
هٿن، پيرن حينائي نشهن، منور ماه جهڙو منهن،
ڪکر وانگر وليس ڪاڪل، ڪنارا! آءٌ تہ ڏيکاريانءِ.
پريا سين لاڏ جو لشڪر، ڪٽيو اکيون هٿن خنجر،
لڳا تنهنجا تراريون، تير، تارا، آءٌ تہ ڏيکاريانءِ.
جڳت سارو نہ جاني مٽ، وٺس هرڪو حُسن ۾ گهٽ،
سڄايا تنهن سڄڻ سج، چنڊ، ستارا، آءٌ تہ ڏيکاريانءِ.
گهڻو گهايس ڪنگهر، ڪوندر، ڇڏيا دلبر! پيا سون در،
جرح منهنجي جگر ۾، جيءُ جيارا! آءٌ تہ ڏيکاريانءِ،
ڏيو "احمد" کي آڏي سڏ، تہ سڪ وار پڇي سنڌ ڇڏ،
منجهان محبت مديني جا، منارا، آءٌ تہ ڏيکاريانءِ.

ردیف (ي)

غزل (٣٦٤)

وليءَ دوست دل، جا ڏهي، سا ڦهي،
گھڻو ڀورڙيس، ڀر ڏهي، سا ڦهي.
شفا لاءِ شفتين عالي علاج،
نہ دلبر دوا جي ڏهي، سا ڦهي.
هجي دام دائي تي، تير وار تيئن،
اڙي ڀول! تو جا ڀڃي، سا ڦهي.
پيني رات پاليم، ڦريبن ڪتو،
ڪٿي ڪاهہ ڪٿندو، ڏهي سا ڦهي.
اوهان ڏانهن ڪري، اک ڏهي اڄ ڏٺم،
ڪمر ۾ آها اک ڏهي سا ڦهي.
ڀري رات پهريسن، بيهاري ڇڏيون م،
هتان ڪنهن بہ همدرد، ٻيهي سا ڦهي.
اکين ڪيي تہ آڪين، ”احمد“! اکر،
ڏران دوست هي ڏُرُ ڏهي سا ڦهي.

غزل (٣٦٥)

محبوب مٺا موٽ! خدمن تي،
سٺڙم تو سوا، ڪي سٺو صدماڻ صدمن تي.
ديدار مٺان دل نہ ڪڇي، دوست ڪنهن دم،
هر مهل مٺا! موٽ ڪي، ملڻ جي سڏ، سڏن تي.
تون سروِ سيڏاني ۾، سدا سونهن ۾ سرور،
چٽ آهي ٻڌو، الف، مثل، ان قد، سڏن تي.
تون نور انور، پري، حور نہ مٽ مٺور،
دل دور، ٻون ٻور، ٻسڻ جيا ٻڌن تي.

هر پاس، اوهي واس، ڪُلي خاص ڪٿوري،
هي پار پريم! تنهنجو، پروڙيم پد من تـي.
آئون سلڪ مٿي، ماڳ رسان، محب! متئين تون،
ايڏو نـه پـڏو زور، انڌيرن، آڏ من تي.
ڪنهن وار، اڱڻ آءُ "احمد" ٺار اکين جا!
قربان ڪريان جان، ڪيري، ڪر قد من تي.

غزل (٣٦٦)

ڪيـائنل! ڪر خبر اڄ، ڪو پرين هن پار آيو ٿي،
سنيهو سنيهار ڪو توکي، سڄاڻاوا! سڄاڻيو ڏسي.
ادا اولي! عرض منهنجو، رسائيني ريت ڪهڙي سان،
پڇئون سُرڪي تو ڪان مهندان، ڪ محبن منهن مٺاڻيو ٿي.
ڪُسڻ منهنجي جو ڇٺو قاصد! قصد آهي قريبن کي،
سٺيو مذڪور سو مون کـي، اندر آرام آيـو ٿي.
اسان جـا عـذر ۾ آزيون، مٺي محبوب جا ماڻان،
گهٽان ڏينهن ٻاڻ ۾ گڏ، اي اسان ڪم آزمايو ٿي.
اَلَستُ بِرَبِّڪُم، قالوا بلىٰ، فرمائيو فـائـق،
تيهان اڳ دل ۾ دلبر، دلربا درسن ڏيکاريو ٿـي.
آونڌائيي رات، آڏيءَ جو، حُسن چمڪيي چٽاني ڪئي،
پرين پردن ۾ جيتوڻي، لِقا لالـن لِڪايو ٿـي.
سڄڻ جيي سونهن ڏسيي، سجدي ۾ پيا سج، چنڊ، ڪتيون، تارا،
سپاهي ٿيا سندس، جنن، خـود سپهسالار چايو ٿـي.
نه هرگز هڪ وصف ۾ ڪو، سکهيو ٿيي جوڙ جانب سان،
پريان پسندي پيرين هر ڪنهن، قدم سير ڪندا نايو ٿي.
سدا سباراه صورت جيي، نه ڪنهن کان تـام ٿئي توڙا،
انهي تعريف ۾ توٽي، هنر هـر ڪنهن هلايو ٿـي.
وصل ۾ آهي وس وارو، نـه هلندو زور حاڪم سان،
مگر ان جـي اڳيان "احمد" پلئو پـل وار پايو ٿي.

غزل (٣٦٧)

مٺا محبوب! مون وٽ، ڪنهن مهل مهمان، ٿي وڃ ٿي،
ڪپي هي ڪنڌ قدمن تان، ڪندس قربان، ٿي وڃ ٿي.
ٻــدن ڦوڙاءِ ۽ ڦانگا، اَڌر ڪاغذ ڪــٺـــي ڪانگا!
ٻُڌائج ٻانگ ۽ ٻانـگا! ڇتون ڇنجان، ٿـــي وڃ ٿي.
ٻـــريـــم! لاهـــج پريشاني، پسائج پـــاڪ پيشاني،
ڇڏايون ڇـڏ جيئڻ جاني! جسم ۽ جان، ٿـــي وڃ ٿي.
تـــون گـل گلزار گلڻ جو، اهي تعويذ ٿي تَن جـو،
مٺي مو موڙ ۽ من جو، مٺيون مرهان، ٿـــي وڃ ٿي.
مزو تـــو در مزوري جـو، هزاري ڪم هزاري جـــو،
وڏي ويو درد ڏُوري جـو، دوا، درمان، ٿـي وڃن ٿي.
نہ نو جهڙو، جـهو جاني! خـــدا تو کي ڏنـــي خاني،
اکين ۾ اي ڪجل ڪاني، ڪـُکين ۾ ڪان، ٿي وڃ ٿـي.
سڄڻ! ڪيو سينڌ سينگاري، ڇتون جيئڻ ڇنج ڇينگهاري،
گهڙي غمگين سان گهاري، تـہ غم غلطان، ٿي وڃ ٿي.
هٿي ڪيل، هٿ م، هٿ واري، تنهنجو هٿ ٿو هنيون ڦاري،
مٺا محبوب! تـو ماري، مران تہ مان، ٿـي وڃ ٿـي.
ميڻيءَ کي وار موٺي تان، شمع ڇـڏ يار! ٻوٺي تـان،
ڇيون حب هوٺي تـان، ۽ ڇـي پروان، ٿـي وڃ ٿـي.
گهلي لائين تہ گهرهيان گهجهہ، ڇنين اي ٻاجهہ ٻٺي وٽ ٻجهہ،
هتان حاصل نہ ٿيندئي ڪجهہ، هٺين حيران، ٿي وڃ ٿي.
ڇيو "احمد" ڪڏهين ايندين، ڇنين جنهن ڏينهن دم ڏيندين،
ٻلا جـي بي صبر ٿيندين، تڏهن تعبان، ٿـي وڃ ٿي.

غزل (٣٦٨)

سٺين سنوارڻي سينڌ سنهٺي، وار اچ واري مـٺـي،
قلب منهنجو ٻيو ڪري، ڪاڪل انهيءَ ڪاري مٺي.

هي سڄڻ جون سينڌ ڀڃيون، جي تہ، سو ڳهو آهي ساهہ،
وار ڌسيو ڌو وڏي، ورڇ چار ويچاري مٿي.
ڪن اکيون سنهڙي سڄڻ جون، مُورڙهہ سيچاڻي مثال،
لک دليون ليک ليک ڪٽن ڏيون، اُوهہ، لاماري مٿي.
هيڪ تاري جي تجلي، تار سان تاري ڪئيوم،
تن ڏينم تَن تَن، لڳو سو تير، يا تاري مٿي.
چَٽ وچن ڏيو، چنڊ، تارا، شمس جو ڳهڻجي شُعاع،
ڏسا ڀون اِن ڀر آها، اڌ رات او تاري مٿي.
ياهہ ياڻي ورک ڀري سون، طرف ون ترسيي تمام،
اک وجهي منهنجي ڀشيب ، محبوب وهاري مٿي.
جن اندر الله اڪبر، تن کي ڀڪسان آڪ، ڪماند،
ڪين محبت جو مزو، مٽجي ميٺي، ڪاري مٿي.
اوڇتو اندر لڳو عاشق ڪي، آڌي رات ڪانَ،
ٿيي سُٽن ڪي سار، تنهنجي، سَرد شُوڪاري مٿي.
عمر ”احمد“ ڪي نہ ڳهرجي، ڳل ڳلاڻي! تو ٻنان،
تون اڃي ڪا ڪهل ڪر ڪامل ڪنهي واري مٿي.

غزل (٣٦٩)

منهنجي دل ۾ دوست ديرا ڪيا، ڏُراني اڄ ڪٿي؟
اک اشاري ساڻ آخر، دل آوراني اڄ ڪٿي؟
موڪليان محبوب ڏي، ڀڪر، ڀيجي ڪو ملينم
ملڪ ۾ ڳهرا ڳهٽان، ڀر ڳنهڻ ڳهراڻي اڄ ڪٿي؟
وڃ ويچاري چيو هين ڪي، دوا دل جي ڪي،
سا تہ ڳهوڙا! ڳنهور ڏيئي، ڳوهر ڳهراڻي اڄ ڪٿي؟
اڄ اسر جي وقت ڪان، ڪن تسي ڀينم ڦوُ ڦوُ تنوار،
ياڀهل ڀولي ميٺي، ڀيلي! ڀُراني اڄ ڪٿي؟

واهه جو هو وجهه ملڻ جو، ڪنر وهان ڪاڙي ڏنو،
اي سرو بنياد ڪان، اڻ جي سرائي اڄ ڪٿي؟
هت ڇنڊي هليو ويو، ڇڏيون پڇي منهنجو حبيب،
نيت نوان اي ناز نخرا، نابرائي اڄ ڪٿي؟
ڪنهن طرح "احمد" اهن سان، ملڪ ۾ ماڻهو گهڻن،
مون ته در، ديوار ڏسندي، دل ڦٽرائي اڄ ڪٿي؟

غزل (٣٧٠)

ساري سلام ڇنيج تون سنيهڙا ڀڃي،
پانڌي! پيغام ڏيج، تون پاڻهڙا ڀڃي.
ناڻو وڏيڪ آهي، ته داڻو ٻه دوست! ڏس،
هڪ تر مٽي، هزار ڏناسين هڙان ڀڃي.
اکيون عقاب جيئن، ته ڪلڻ ٻه بوند خون،
شب روز ڪن شڪار، هي شينهڙا ڀڃي.
هت ڪن سلام غلام گهڻا، ڪاڪ ڏانهن ڪير؟
سوڊا، ڪي سوسرا، ڪي سمان سنيهڙا ڀڃي.
وري هزا هنا ٻه ڪشن، مت هيئان، هٿان،
مون ڪان نپايا، نه نين نينهڙا ڀڃي.
بيمار بستري تي، بچڻ جو نه ڀروسو،
آه تون اڳڻ عجيب! ڪي ڏينهڙا ڀڃي.
"احمد" ڪي آبرو، ته آئي مينهن تا اچون،
محبوب! موٽ موٽ، ولنا مينهڙا ڀڃي.

غزل (٣٧١)

هت گهٽيو گوندر نه گهوڙا! هٿ نه گلڇن جي گهٽي،
دل فڪر، ڦوڙائي ۾ گدري جي، ڦارڻ جيئن ڦٽي.

حال هي منهنجو هلي ڏئي، ڪو حبيبائي حضور،
اي مٺا محبوب! مون سان، ڇو اٿئي محبت سڃي؟
باغ جهڙو بت ڏسي، لڳڙم بره بلبل مثال،
حسن جهڙي تان هنيون، ڪو آئون ڪٿان هاٿي هڻي.
ڏئي مزو محبوب مون ڪي، ڪين تارون ۽ طعام،
خواهه ڪار ڪ، خواهه ڪنڌ، توري لڳي ڪاري ڪڻي.
توهٿان محبوب! مون ڪي، زهر ٿيو ماڪي مثال،
جي نه وسهين تان وري، ڪا ڏي پري ورهه جي وڻي.
روز ريشن مان اندر جي، رت ڪيو ريلا وهي،
پاڻ حسن پينار جي ڪج، ڪا پيارل! تون پڻي.
عشق جي اوڙاهه تي آيس، نه آڏو ڦير اديب!
مون سڃڻ موتين جي سانگي، دل سمونڊن ۾ سڻي.
آهي "احمد" عاشقن لئي، عشق وِل مثال،
وڻ، نه وانهونڊن تي موري، ول اِها جنهن تي وڻي.

غزل (٣٧٣)

ڪوٽ، ڪنهن قسمت ڏيکاريم، ڪوٽين آهيان ڪڻي،
هٿ وسن مارئن تي مينهنڙا، آئون ماڙين هت سڻي.
لوچ لوڙائو لڳم ڪو، ٿين لارون لڙڪ لال،
لوڪ ڏيه جو ڏوهه نه ليکيان، انگ لکي آهيان لڻي.
موڪليو، مارو ڪو ماڻهون، موٽ مارئي! مينهن وٺا،
هيڪ سائيه پوند سنهڙي، پيو ڦڻي ساوڪ سڻي.
خوب کاهڙ کي پريو، هوءِ جاکيوي هٿن ڪڻ مٿي،
وڃ اِها ڏيئي آها، اڄ پڻ اسان جي ڏيه آئي.

پٽ اسان جي، پٽ سڄي ۾، ڪٽ ھڻي پرھين ڪين،
آن رسم، آن راڄ جي، ھڪ آئون تہ ريشم ڪان رُلي.

آئون مارئين، ڏور مارُو، ماريس ان ماري،
ماھ ڪٿيو آھ! ڪريان، مرد پلپل تنھن پُني.

قفل، ڪنجون، ڪوٽ پيچ، ڪڍ قيد مان قادر ڪريم!
ميڙ جهانگين مان جيئري، يا پنن پٽ، ڪر ڪُني.

موڪلي مون ڏانهن مارئن، اڄ بہ ”احمد“! سو ڪڙي،
لڄ پري لوئي، پيل جنھن ۾، پهر لا پي پُني.

غزل (٣٧٣)

مٺا محبوب! محبت ڪي، نہ محبن مان مٽي وڃجي،
جشن جوڙي ڪجي جاني! نہ جھٽ پٽ جٽي جھٽي وڃجي.

ڪُنڍا ڪاڪل ڪلھن تي، ڪر پٽون ڪارا ڪنڍي وارا،
ڦري دل، پوءِ ڪجي ڦيرو، نہ ڦوڙائي ڦٽي وڃجي.

اسان جي قلب مان ڪن ڪار، جيئن ڪارا ڪلا داري،
توٽي وڍين وٽان وارڻ ڪي، وانگوڙا وٽي وڃجي.

سڄڻ! سرجي، ڏھي سائم، وھان سالون م َ وڃھ ساريون،
ڏسر ڏاڍو ھجي تيہ، ڏور ڏيھڙي ڏينھن پٽي وڃجي.

ھتيون منھنجو ھٽي هائي، حسن، حيرت ڪنڊيو، ڪنڊيو،
سڄڻ! سارون لھڻ گھرجن، نہ سٿورن ۾ سٽي وڃجي.

سچو، سو ڳوٺ ڳڻ ڳالهائي، ڳوڙهو يار منهنجو ڄٽ،
ٻري جهڙن جـــي ٻـاڙي ۾، ٻـڪا پنهنجا پـٽـي وڄجي.

مثان ڪامل! قبر منهنجي منجهان، نيڪري ڪنائي ڪـا،
ڇـيون ڇـــوڙي مٺ ڪجهه، عطر ڇـڪاري ڇني وڄجي.

نه جيئري دوست! ڪر دوري، ڏيان دم آئون، پوءِ دلبر!
لطف سان لوڙهـه "احمد" جـو، لتون ڏيئي لـڪـي وڄجي.

غزل (٣٧٧)

سدا سـُونهن سلامن هار، سير سيد محمد جي،
سدا صلوا علي سينگار، سر سيد محمد جـي.

مبارڪ، مرحبا، گهوري، صدق آيم، سچ اوري،
ڪريان گهورون گوهر، گلزار، سر سيد محمد جي.

ملاريون معرفت لايـون، بهاريون بخشش آيون،
ڪئي رب رحمتن وسڪار، سر سيد محمد جـــي.

ڦيٽي هر جا بتن بازي، طلب توحيد ٿـي تازي،
لـڳا ڪلمون پڙهن ڪفار، سر سيد محمد جـــي.

ڏٺي آئون هيڪڙو آهيان، ڏيان انعام، ڏک لاهيان،
مـڪـو پيغام پالڻهار، سر سيد محمد جـــي.

حجازي هوت جون حـَجرن، ڏنيون ٿي شاهديون شجرن،
بـُتن ايمان آنـدو يـــار، سر سيد محمد جـــي.

يتيمن سان ٿـــي ياري، غريبن سان غمخواري،
پيا ڪي بيوهن جا بـار، سر سيد محمد جـــي.

شفاعت سان، مهندا، نـــه اڙيــا اُمتي رهندا،
جنهين ايمان آنـدو يـــار! سر سيد محمد جـــي.

ڇگز چارئي ڏسيون واسيون، ٻــيي "احمد" پنيون آيـون،
صـدق، صدقي، صـــدق، صدبار، سر سيد محمد جي.

غزل (٣٧٥)

ڇا ڪمال سان مطلب، مالڪ مُدام گهرجي،
ساراهہ رب سچي جي، هر صبح شام گهرجي.
صاحب کي صفت، ساراهہ، سر دار تي صلواتون،
ان کان عجيب، عمدو، ڪهڙو ڪلام گهرجي.
ناهي مدح محمد ؐ جي جو، مٿو مُدامي،
تعريف روز تنهنجي، تازي تمام گهرجي.
حضرت حبيب بنيو، هر دو جهان جو حاڪم،
اڪبر، وزير اڳيان، عربي امام گهرجي.
پيرا رهيا ٿي آن پل، باطل ۽ بات حق جي،
في الحال تنهن فرق لئي، فاروق ڄام گهرجي.
جنهن وقت، ڏانهن جنت، جاني جناب هلندو،
آن سان رفيق عثمان، عارف علام گهرجي.
ڪافر ڪريو ڪٽڪ، اچ ڪاهين پيا قلعي تي،
هُشيار سوڏو هڪدم، حيدر هُمام گهرجي.
جيڪي سڀئي سونهارا، سردار جا صحابي،
آنهن ساڻ يا الاهي! انعام عام گهرجي.
اُمراء پيا اڳين مون، ڇا عيب، جي نہ نيندا،
شاهہ شفيع هڪ جيي، صحبت سلام گهرجي.
ٻي ملڪ ۾ نہ منهنجو، مدفون مڙهہ ڪرائج،
مولا! شهر مديني، مون کي مُقام گهرجي.
آگا! ملڪ عرب کان، "احمد" کي ڇڏ نہ اوري،
گوهر جي، نت گهٽين ۾، گولو، غلام گهرجي.

غزل (٣٧٦)

ڪري ترهو توڪل تار، تر، جيئن ڪيئن ترڻ گهرجي،
پريان سان پت لنگهي پاتار، پر جيئن ڪيئن اُرڻ گهرجي.

انڌاري رات، اونهان ڪڪر، پيا وڪ وڪ مٿي واڪو،
سونهون ٿي سير ۾ وڪ يار! پر جيئن ڪيئن پرڻ گهرجي.
هميشه ڪين هوندا هي، وسون ۽ وڄ ولهارن ۾،
متيا! موڙي ڳلن جا ڏارا، چر جيئن ڪيئن چرڻ گهرجي.
قفل پيچ، ڪوٽ پيچ، پيچ قيد، ڪنوڙا قاصداڻا پيا،
وري مارئي! ويڙهيچن پار، ور جيئن ڪيئن ورڻ گهرجي.
ڪتل ڪولاڻين ٿو پوءِ، هٿين پيو ڪنڌ ڪچاڙي ڪان.
نه مورهين اي مرڻ جا پار، مر جيئن ڪيئن مرڻ گهرجي.
قريبن ڪوئلا گهرجن، ڏکين تون دوک ڏُو ڏيَ ۾،
اٿي اخگر ٿيڻ ۾ وار، ٻر جيئن ڪيئن ٻرڻ گهرجي.
ٿليون پيٽون، نه پيٽا وقت، ٻيهنديون بي حضورن جون،
متو منجهه دوست جي دربار، ڌر جيئن ڪيئن ڌرڻ گهرجي.
ٻلر هين پٽ ۾ آهي ايترو، ٻي سڀ اڳيان سُنڄ رُڃ.
دِلا، سٽ تنهن منجهان دلدار! پر جيئن ڪئن پرڻ گهرجي.
سڄڻ کي سڄ سڏين يا چنڊ، اي سڀ آڻ ڏئي جا ڪم،
متي دلدار جو ديدار ڪر جئن ڪئن ڪرڻ گهرجي.
ٿلپي آستغفرُالله ۾، عفو جي آس چئا "احمد"!
ڏِسي ڏوهن کي پر ڏاتار، ڏر جيئن ڪيئن ڏرڻ گهرجي.

غزل (٣٧٧)

خوف آهيم خون جو، ڪٺنڊين خُماريل نيڻ جي،
خلقيا شاهد خدا هئي، خاص خاطر ڪيڻ جي.
ڪان ڪهري ڪو لڳو، جنهن قلب سان ڪيئي قيام
ڏيل ڏر جي ويو ڏکن ۾، من مثيل ٿيو ميڻ جي.
شڪر ڏين ٿو شوق دل کي، شوق ٿيندي شهسوار،
وهيه وِهانيل وهسندا ڪيئي، سان وائي ويڻ جي.
آوه ڀُونگا، آوه پيٽيون، آوه مارڳ، آوه ماڳ،
ويا سفر ڪنهن سانگ آڪري، ڪيا سڪي مون سيڻ جي.

ديک درسن دوست جو، نثي ڪينم دنيا ڏانهن دل،
حڪم وارا اسڪ هٿي، ماريا ڏريا تنهن ڏيڻ جي.
جن هٿن سان هير يوئي، سک! مرَ تين سان وَڳ وري،
حيف چوڻي، تبه، هٿي وچ، لڄ لحاظي ليڻ جي.
هي خودي آڌي خدا کان، جنهن کي "احمد" ڏينهن ازل
سو نہ لهرين مان لنگهي، ڇيه تائين، وانگر ڇيڻ جي.

غزل (۳۷۸)

فرشتو فرش تي آيو، ڪ خود فردوس پيو ڏسجي.
قمر، يا اوج سوڌو يار، يا فانوس پيو ڏسجي.
ڪبوتر ڪنگرن تي ڪو، ڪر آهي ڇين جو آهُو،
مثل موتي، ڪر ڪو طوطي، ڪر خود طاؤ پيو ڏسجي.
رَتي مڙندي ئي راسيو چند، يا بي مٺند نيڙي مکڙي،
پري جهڙو پرين آيو، پري ناچوس پيو ڏسجي.
سڄڻ ڏاران سچيون سالون، سڄڻ ۾ سچ نثي آيو،
سڄڻ آئي نہ هڪ سچ، ٻاڪ سؤ جو سوس پيو ڏسجي.
بهاري باغ ۾ آئي، ڪر وريو وڏ ڦوڙ وريءَ تي،
اکيون ٺريون، اندر ۾ اڄ، آهاڻل اوس پيو ڏسجي.
ٻنڇايان چو پرستان کي، پرين لئي بت پرستن جيئن،
پري، يا حور کي پرين جو، خود پابوس پيو ڏسجي.
ڇڻ ۾ چاشني، جنهن سان، مٺا آئين اکي محشر،
اکين مان ڪن، بہ ڪڙڪو ڪان ڪن جو ڪوس پيو ڏسجي.
ڏسي ٻالا پرون ٻليس، تہ ڦورو ڦري آينم،
ڪسي دولت ٻُو ڏاڙيل، هي دل ڪوس پيو ڏسجي.
اکي عيدون ڪئين آيون، ويون، ارمان ۾ "احمد"
گهمي اڄ يار گهر آيو، تہ ڪم افسوس پيو ڏسجي.

غزل (۳۷۹)

جيئن جاني! جلد و آهيان، جيان پيو آسري اهنجي.
ٻُڌن نسخن ڪنان نفرت، نيان پيو آسري اهنجي.

مزو آهــي ميٺائي ۾، مگر ماٺون هٿان تنهنجي
وڻيون وڃن جون وڻي، وڌيڪ پيان پيو آسري اهنجي.
ڏسي محبوب! منهن تنهنجو، مڙي محراب کان ويو منهن،
خطا ڪاڻم، خطا ڪيندس، ڪيان پيو آسري اهنجي.
سدا سهڻا! ڏساڻ جي سٺو ڪوهن تي، سوجهرو سامهون،
تہ هڪ ساهي هاي حاضر، ٿيان پيو آسري اهنجي.
سوين جانز هجن تہ، ڪنهن ڪي جرئت جاء تنهنجي تي؟
اچان اڄ رات ڪريو، ڏهہ هنيان پيو آسري اهنجي.
بنايان هار هيرن جــا، وڇايان هنڌ هند ورن ۾،
مچايان هر مهل محفل، ميان! پيو آسري اهنجي.
اچي اڄ رات عزرائيل، ڏئـي آواز "احمد" کي،
تہ سهڻا! سٺو نندن مان، سڏ ڏيان پيو آسري اهنجي.

غزل (٣٨٠)

گل هجن گلزار ۾ گـڏ، پاڻ هٿ هٿ ۾ هجي،
باغ ۾ بوندون وسن، تو سان هٿ ۾ هٿ هجي،
هڪ وڇين، ٻي وسن، نيون ڪئين واس، چوڌون واسرو،
سهر هڪ، پيو سهر تي، مانداڻ هٿ هٿ ۾ هجي.
صبح کان سبزين جي وچ، تنهن کي سڄڻ! ويو سج لهي،
ڪر نہ هيٺي سان، هاڻو هاڻ، هٿ هٿ ۾ هجي.
تنهنجي سرڪن جو مزو، مون مَت مٺاين جا نہ ڏين،
مت نہ ماٺن سان، موتين سان، هٿ هٿ ۾ هجي.
مينهن منڊيو، منهن لڪائي، هن مهل ۾ تون مَ هل،
چوڙ چتڙا، چڏ ڪٺي چڪتاڻ، هٿ هٿ ۾ هجي.
اڀرندي سج آئيندا، اپ ۾ آيـون ۽ اندلت،
سر سچا ساوا، سنهي ساندڻ، هٿ هٿ ۾ هجي.
هٿ ۾ موتيءَ موتيو گل، موت پوءِ ڪل سڪ لئي،
مر نہ ٿئي رستن مٿي، رت ڇاڻ هٿ هٿ ۾ هجي.

وار ڇوڙي تون ويهين ورلهه تي، ورهان آئون واهه هيٺ،
پيون ولّان ساهون سڳند، سرهاڻ، هٽ هٽ ۾ هجي.
سج نهاري جيئن نيلوفر، چنڊ ڏوجي جيئن چڪور،
رو برو ويٺو ڪريان واڪاڻ، هٽ هٽ ۾ هجي.
اوچتو اندر گهيڙي آيس، آسر جي آسري،
ٿي ڪرايون ڪنڌ ۾، ڪنهن ڪاڻ، هٽ هٽ ۾ هجي.

غزل (٣٨١)

تو سوا محبوب! منهنجو سن مونجهاڙي ۾ هجي،
ڏينهن گذرن ڏڪندي، راتيون رنجاڙي ۾ هجي.
تو سوا صاحب صباحت! صبر ڪونهي صبح، شام،
سنهن تنهنجي هونهن جو، نت ساه ساڙي ۾ هجي.
تو ڪنان تنها رهن، تن جو ته تن، تن تن سڄو،
ياد تون طوطن کي، تون تون تار تاڙي ۾ هجي.
چپ چڻن تي ويا لڳي، پر ڇپ ڪين ڪان ڇپ ڇڳي،
فائدو ڪهڙو ڦڏي مان، ڦاٽ ڦاڙي ۾ هجي.
پنڌ ڪهڙو ڪوهه ڪٽين، پر ڪوهه ڳوليان ڪوه ڪاف،
اي پيارا! خود پرستان، تنهنجي پاڙي ۾ هجي
مينهن ڦڙا ڪر منهن تي موتي، وار ڪارا سر ڪاهن،
انين ڪٽي ڇنجي ته، چوڏهين چنڊ واڙي ۾ هجي.
چنڊ چوڏهين جو چڱو، پر جيلهه، چوٽي، نڪ، نه چپ،
پوه قمر، نازڪ ڪمر، ڪهڙو ڪنجاڙي ۾ هجي.
دوست تي دعوا ڪينم، تفصيل تنهنجو هن طرح،
صبر، صحت، دين، دنيا، دل به ڏاڙي ۾ هجي.
جنهن مهل مرڪي ڪٿن، ”احمد“ اکيون منهنجا عجيب،
تنهن مهل ماٺهو مَ شل، مهندا مهاڙي ۾ هجي.

غزل (٣٨٢)

بار سوني رنگ سنهڙو، صاف سيني، جـو هجي،
ڪنڌ، قد ڪاڪي ۾ قطرو، ڪين ڪيني جو هجي.
عمر چوڏهن سال، چهرو چنڊ چوڏهين چلڪڻو،
سـرو بالا، بت بلوري، آب گيني جـو هجي.
هرڻ اکين هنجهه ڳچي، حورن، پرين کان حسن زور،
گل ڳلن، گلشن حسن، گوهر گنجيني جو هجي.
وار ورسير، مکري، ڏنـد موتي، ميچ سـوت،
ڪيل سندس هڪ خرچ، خاقاني خزيني جو هجي.
ماه، هڏ، چم مان هلائي، گرز، گوليون گهور سان،
خواه پاهڻ جيئن پتريان ڪو، پور پيني جو هجي.
ڇيلهه نچ چاندي جو چابڪ، ٻر چوي، جو ائين چيڻو،
سو جهلي لڪڙيون ٻه لائق ان قريني جو هجي.
سج سندس صورت جو پرتو، ٻٽ نقل پيرن پريان،
عـطـر پيداوار، پريان جـي پسيني جـو هجي.
خواه هين جڳ، خواه هُن جڳ ۾، نه جهڙس منجهه جمال،
تخت تـوتـي تـاج، تينهنجي تابعيني جـو هجي.
دل سکهي درسن ڪري، پيا ڌوڙ پائن ڏڙ ٻهار،
درخل تنهن در، دم نه ڪم دينار، ديني جو هجي.

غزل (٣٨٣)

منجهان مارين ۾ مـارن پاس، اڄ ڪا مُند ملهاري جي،
پيئن پاسي پينا بادل، اچي نـسي ٻوه ٻهاري جي.
وٺا مينهن، مُلڪ پيا موري، نه اڄ ٿڌ ڪار ٿر ٿوري،
وري جاڳينم جڄهي جهوري، بدن ۾ بي قراري جـي.
منڌل مينهن جا ملارن ۾، وسن جهيم جهيم جهيلارن ۾،
ولين وڏڙها ولهارن ۾، سباڪن سيم سـاري جـي.

ڪنّيا ڪڙين، ڪلُورين ڪم، گولاڙا، ڳاه ڳا ڳيون، ڳم،
اوهيرا، آچ، آيون، آڳم، هرن تي هٗونگ هاري مي.
پڪا ڏونرا، ڏهوٽا ڏُڏ، جهليا اچ يور ٻيرين ٻنڌ،
نه توکي سوسرا! ڪا سڌ، اسان جي انتظاري جي.
نه ڳرهيان ڳوٺ ڏاران ڳجهه، ٻترم پاروڙين ۽ ٻجهه،
نماڻي کي نه آهي ڪجهه، ضرورت زر نگاري جي.
ٻيٽن پاسي ٻيني ٻڻ ٻڻ، وري ساريم سگر سڻ سڻ،
عمر! آهيم اندر اڻ تڻ، انهيءَ تاري، تياري جي.
سيگر، سانئي اٿم ساري، مَندر ۽ سور موچاري،
طلب تيلي سنڌري، تاري ٻکي، ڀُوري ڀٽاري جي.
سيڻاڻي سيج سُوري ڪان، انيون اهڪيرن انبوري ڪان،
ڪشيري لئي ڪتوريءَ ڪان، ٻلي ٻوه ڀُون ڀلاري جي.
ڇڏينم ميوات جا مُوڙا، ڪنگڻ، ڪنمال ڪم ڪوڙا،
نه چانديءَ جا ڪپن چوڙا، نه حاجت هس هزاري جي.
نه ڏي دهشت رکي دڙڪا، اجهوٽا ڪوٽ ڪن ڪڙڪا
ڪندي هي باه ڪٽ ڀڙڪا، اندر جي آه، زاري جي.
ڏٺيم! ڪر دور ڏارين کي، پسان پاڙي ٻنوهارن کي،
سري صورت سنگهارن کي، صفائي سج اوياري جي.
اٿئي "احمد" هٿي آوسر، آئي ساٿيه سامهون سر،
نه هئي ساوڻ سدا تو سير، نهاري، بخش باري جي.

غزل (٣٨٤)

دوست! دلڙي وڙين قري، ڏاڙيل وانگي در پيچي،
صبر، مشڪ، ساچاه سپ، لالن لئي لشڪر پيچي.
گـل سمن، سنبل، ستارا، چنبو، سج مُنهڻا سدا،
اِن سين جا اچ چـڏ يـا، او يار تنهنجي آر پيچي.
ڪونجيون ڪوجهون ڪيون تو، ڪرشي واري قريب!
پڻ رکئي ٻولي ميٺيءَ سين، بابهن جا ٻر پيچي.

اڪــــ اشــارا آڪرا آينم، انـــدر وارا عجيب!
خوب ڪوڙي، نئي نهوڙي، نوڪ نيڻن ٻـَر ٻچي.
ٻـاه ٽيو ٻـُت ٻـــره ۾، ٻچيو، ٻچاريان ٻيره ۾،
وَره گذريا وره ۾، ويئين وچي تـون وَر ٻچي.
چڙ، ته اِت ويهي مران، وو وو! وڃان ڪاڏي وري،
پرڏيهي، ٻاڙي پريم! ڪريو پڪين جيئن ٻَر ٻچي.
ٻيره جـــو پيغام پُهتم، لطف ســـان لا تقنطوا،
اِن دلاسي دل مٺان، چـاڙـا، چڙ پائين چـَر ٻچي.
مانَ ڪي ٽورا مرن ڪي، لام ماني لک هزار،
ديک آهي هـَن دڙي تي، چئو ته، رکندا چـَر ٻچي.
آهي آوت لام اوهان جــي، عمر ”احمد“ انتظار،
مـُنهن ڪميني ڏي ڪڏهن، ڪريو ڪرم سان ڪـَر ٻچي.

غزل (٣٨٥)

در مٿي محبوب جي، ماٿيا مُهابا، ســون اهي،
تنهنجي صحبت مان سريو، سيڪي ٽوابا مون اهي.
ڪالهه پون تي ڪرم سان، پنهنجا قدم رکيا قريب،
يـــاد پيو يا ليتني، ڪُنتُ تُرابا، مون اچـــي.
گل مثل جان گس جهلينم، پانيان گهٽين ڪي ڪين گهٽ،
قسم قادر جو، ڏٺا ڪر، پاڻ ڪعبا، مون اچي.
سير ڏيان تان سير وچي ٿو، سير ڏريان تان سر سچين
ڪان سُٺي هن شهر ۾، شاباس شابا، مون اچي.

غزل (٣٨٦)

سچڻ! صحبت سوا تنهنجي، نه ساعت مون سري، وسري،
ڪندين ديدار ۾ ديرون، ته زخميل منجهه دري، گذري.
بـدن بيمار، سنڌ سنڌ سور، پلپل منهن پسڻ جا پور،
وڃين ٿو ڏينهن جيئن جيئن ڏور، تيئن تيئن ڏک ڀَري ڏ پري.

۽ اکيون ميرگهه متوالا، ٻـــلا جيئن وارا، ٻت ٻـــالا،
پرون پرپور کر پـالا، هنيا پر مـــان پري، سـپري.
پريشان حـــال مسڪينم، ۽ مشڪين خـــال تسڪينم،
نـہ نسخن ســان نفعا ٿينم، پلين ڏينم ڏري، ڦـڏري.
نهوڙي نيهن نــت نيندو، خبر ڪو خير جـــي ڏيندو،
قبوليت ۽ ڪڏهن ايندو، عرض آسيـٽن ڀـــري، آپري.
لڳـي حـــورن ۾ حـيراني، پـريـن ۾ پئي پريشاني،
ڇڏهن منهنجو ڇـُـوٽل جاني، ڪجل ڪاني ڪري، نيڪري
پسڻ ري پـاڪ پـيـشـانـي، وڌي پلپل پـريـشـانـي،
جهـڄي جيئڙو جئين جاني! نہ ڪا ماني مـري، نيـري.
پـريـن لاينم پريشاني، آئـــڻ "احمد" نـہ آسـانـي،
اچـــي جـــانــي، هنمئيـن تـــي هت ڌري، سـُـڌري
ســال سيرندي ٿينم، مـَـرندي ناهـہ، سرڪش يـار ڌار،
شـــال آخـر او ڪـنـدو، آجـو عـَذابا، سـون اچـــي.
موڪليو احـوال "احمد"، عطر جـــي کهـُرجي عطا،
بخش ٻـو ٻـو، فاطمه، بي بيءَ جـــا بابا! مون اچـــي.

غزل (٣٨٧)

مس دوائڻ سان وجـــي، دل ٿاپري، تان ٿاپري،
ساپرو جهوڙن ڪي، سامهين سا پري، ڪم سا پري.
دل ٻہ هئي، دولت ٻہ هئي، پڻ دين، دانائي، دماغ،
وريا سيئي اسباب آئـــي، واپـَـريءَ جـــي واپري.
واس وارن يـــار جي جـــو، چئن پاسن، چين ۾،
دل سندم، دريا سنڌ و برما، تري، ڀـــوه ماتري.
ڪنهن قسم ڏيئي پڇيم، ڪاريون اکيون ڪهڙو قسم،
باز بحري، ســي نـہ بحري، نابري ڪن، نابري.
هر گهڙي هين گهيڙ تي، ترڪن گهٽان گهوري سوار،
ترڪندي مون ڪي ڏني، تو جا تري، ہر جا تري.

عشق ڪولن جو بہ ڪولو، حسن حاڪم حاڪمن،
ڪنڌ تي ڪاتي، قرب لئي، ڪر، ڪاڻ ڪري ٿي، ڪاتري.
ڪٿين دلا دلدار! نايان، تيہ آهيامي ڪسين آگ
بره آهي باه دل جيي، ساڙيو ڪي، ساڙي.
لڙڪ اکڙ لالن! ڏسيي، اوڏو نہ ”احمد“ کي اچين،
ويهہ اکين ۾، آب پوندو آلري، تون آءٌ تري.

غزل (٣٨٨)

جڳ سچو تنهنجو سچڻ! ساره، ثنائون ٿو ڪري،
سچ، تہ لالن! لاڏ تنهنجو، لوڪ لائون ٿو ڪري.
سچ سچڻ! توسان نہ سرڪو، جو سڏي نيئي گل سمن،
آو غبي پنهنجيو غلط، گل جيئن، گلائون ٿو ڪري.
گز، ڪمانيون گلبدن!، آهين تنهنجي ڪنهور ڪلڳ،
حسن تنهنجو سير هنيين، هردم هلائون ٿو ڪري.
ويس ڪاري، واس ڏيہ ڪي، وار تنهنجا ويسر! ڏين؛
مٽن پليو تن ڪي بلا!، باري بلائون ٿو ڪري.
دوست! توکان دور رهجو، درد رارا ڏک رُوئن،
دل ڦٽيائون، جيءُ جهٽيائون، جند جلائون ٿو ڪري
ڪالهہ سيرانديان سخن، ڏيئي، ترت آٿياريم طبيب،
هي ۽ ديوانون ڦٽيل دل، جون دوائون ٿو ڪري.

غزل (٣٨٩)

مٺو محبوب منهنجو ڪنهن، ماڪي، ڳرڻ، مکڻ مصري،
ڪيلڻ مصري، ميلڻ مصري، نہ مصري، ساڻ مٺ مصري
پريندي پور، ڳهايس گهور، ماريس مور، ڪنهن مغرور،
ملي منظور، نيڻن نور، پسانيان ڏور بسي بصري
بدن گل باغ، بادامي اکيون، اسرار آسامي

نه ڀهڙس شڪل ۾ شامي، نه ٻسطامي، نه ڪيي بصري،
سندم ڪٿهر هن گهوڙي ايندا، قدم ڏيندا، ڪرم ٿيندا،
ڪيلن ڪنر، سي ڪلا ڪيئندا، لفيي ويندا، لنفيي خسري.
نه ورن ناز نخرا نٽ، اهي ڪٿهورون اهو گهوڪهٽ،
ڏسي تنهنجي قدم جي ڪٽ، پراڻا ڦسٽ، پيا پسري.
اڪيون هردم هنجون هارين، سڙن ڪامن، سڄڻ سارين،
وٽي ميڙين، يا مارين، ڪسر سارين ڪي ڪسري.
ڪهين مون ڪي ته کهڙا ڪيس، ٻنالڪ لڪ مرن منجهه ليس،
پريم! تولئي پڇان پرديس، وو وو! ويس ويا ورسري
سڄڻ! توڪي ٿو ساري ساهه، تون منهنجو چند چوڏهين ماهه،
محبت ۾ گهري ويو ماهه، اڃا تان آهه بي اثري.
خودي کي ڇڏ، خدا لڳ ڪيل، اڳن موڙي، اڳڻ تي نيل،
ڏنو دلبر دلاسو، دل ڪريل ڪاڏي ٻيئسي ڪسري.
بدن سرو سوڌي، ڪند پرون نڪ تي نشاني مند،
صفا سي ڏند سوني شد لڪ احمد پڙس آحري
ڪين هونين، ڪين ٿيندين، ڪين ٿي، ڪينو وڃاهه،
ناهي عاقل، جو اشارو، آئون آئون ٿو ڪري
جي اگهيان اولي! ٻڇن احوال ”احمد“ جو، ته چنج،
توکي دلبر، دلربا!، دمدم دعائون ٿو ڪري.

غزل (٣٩٠)

ٿيا مرون مارڳ جا مون تي، محب! مارا، آهه وري،
کهل ڪانهياري تي ڪر ڪا کهل وارا!، آهه وري.
واٽ واڻينڪن وڏا، ويڙهي وڇون، وانر ويام،
نيش مارڻ لاءِ نڪتا، نانگ ڪارا، آهه وري.
ڪانگ ڪانگورا ڪري، وريا سنم وريام، وير!،
رڇ، ٻلائن، ٻولڙن، ٻيڙيس ٻلارا!، آهه وري.
مون ڏنيون ڏيه ۾ ٻه چيزون، هوت، پوري هوت، موت،
ماه سنڌين مان چڏي، ٿيا مال مارا، آهه وري.

باغ ۽ بستان، ٻٽ، بيابان هاڻي ٿيو ٻهور،
ڪنهن آندي، ارمان ۾، آهن اوتارا، آه وري.
ڪالهه ڪاغذ ۾ لکيم، توري ٿيٺي ڪامل! قيام،
اي پڙهي پرزو سندم، پنهل! پيارا، آه وري.
تان نه آرام اڪيون، جان جان نه ايندين تون عجيب!
نيڻ نرمل! نيام توري، نت نهارا، آه وري.
هڪ ڪري ساڻم حشر، هاڙهي، هليو وين هوت! تون،
بره ٻارڻ ٻيا، ٻٽم، ٻاريا ٻهارا، آه وري.
هر طرح جا حسن وارا، ٿا ڏين هنڌ هنڌ هزار،
دل ڏيري ڪنهن سان نه دم، دلبر! تو ڏارا، آه وري.
پيا سيڪن سڳڻ جي لئي، تو لئي ته سڳنهنا خود سيڪن،
ٿا ڪن سون جيئن سدا سج چنڊ تارا آذوري.
آهي "احمد" ڪي اصل، عربي! اوهان جو آسرو،
ڏند سوالي جا سڻي، سيد سونهارا! آه وري،

غزل (٣٩١)

مون مسافر ساڻ چڙ، محبوب! ماڻا، آه وري،
نيڻ ٿيمندي ويا ٿري، وصل ڏاڻا، آه وري.
حسُن ڪيس حيران هٿي، ڳالهه ڳوندر جي کٿي،
ٿيو بدن ٻرزا پٺي، تو ٻيڄاڻا، آه وري.
جسم ڀيو جهوري جهڄڻ، ساه ويجهو ٿيو ڇڄڻ،
تو ڪي سج ڪان وڌ سڄڻ!، سچ، سڃاڻا، آه وري.
اي قضا آڻي ڪيهي، ڏينهن وڃهي ويڻا ڏيهي،
شبَ وڇايان سَٽپ وَڏهي، وڏهه وڇاڻا، آه وري.
ڏور تو ڪي ڏينهن ٿيا، مون تي، ماتم، مينهن پيا،
نيڻ منهنجا نيهن ڪيا، نت نماڻا، آه وري.

دل سيڪي ٿي دمبدم، ٻوڙ ٻڏونم لڳڻ ٻدم،
ساھ، سَتڙيون ڪيا سندم، سوز ساڻا، آھ وري.
عمر وئي آھون ڪندي، ڪرڪو ٻيرو سيربندي،
يار پيئو تو سندي، پساڪ! ساٿا آھ وري.
ياڻ ٻانڻ جا ٻڪا، ويس وسريم ۽ وڳا،
درد جا دلِ ۾ لڳا، ٿاڪ ٿاٽا، آھ وري.
مون محب! ماري مرض، ڪر ڪر غريباڻو غرض
عبد "احمد" جو عرض، سڻ سياڻا!، آھ وري.

غزل (٣٩٢)

وڄهي سرمون سمهون آيم، صفون سُنهڻن، صنم ڇيري،
چڙهيم ڇڪار چشمن جا، هنيون، هلي، ماه، چم ڇيري.
قمر ڪڪرن منجهان نيڪتو، ڪِ راسيو راتڙي مان سج؛
ڪِ سينگاري ڪئي سَٽين سيندَ؛ سنهڻي زلف خم ڇيري.
خطا جي مشڪ خط ڏسندي؛ خطا ٿيو خط لکڻ ۾ هٿ؛
ڏسي قلمي ڪُنيدا ڇيريل؛ وِڌم ڪاغذ؛ قلم ڇيري.
رهيم صورت منجهه ڇنجي؛ سَنڌين؛ بت؛ ساه؛ سيني ۾؛
سچي ان شاهدي لئي؛ سر، ڏسن؟ شاهد شڪم ڇيري.
ٿيجايس پل نه پيريَن؛ قرب جن، ڳاري ڪيس ڪاغذ؛
ڦيٽو ڦاڙي ڪيائون ڪر؛ ڪو ڪاغذ جو ڦيسم ڇيري.
انديشو آهيم سنهڻن ڏي؛ وڃڻ ۾ سر وڃائڻ جو،
ڪڄاڙو ٿيو، ڪندي ٻند جي؛ وڌم ڦاڦن قدم ڇيري.
ٻرين مون کي ٻڄائن ڪين؛ پر ٻاڙي سندن ٻچڙي؛
ڪتن ڪانگن کي ڏيندس؛ جي ۽ جگر؛ جيرا؛ جسم ڇيري.
چوان مذڪور منهنجي تنهنجي؛ محبوبي ۽ محبت جو،
هنيون ناظر چو؛ نت تنهنجو نظر؛ منهنجو نظم ڇيري.
سنايوم؛ جيڪڏهن محبوب وَرِ منهنجي سٽيءَ تان ڪر؛
آئيان جيڪر قبر مان ڏڪ، ڪفن ڪلمي ڦسم؛ ڇيري.

شڪر، الحمدلله! آهريو، آڌي اڳڻ ”احمد“،
مڇڻ آيو، ڪِ سج اڀريو، سياهي صبح دم ڇڙي.

غزل (٣٩٣)

مون مسافر جي سِينا! دل، اوچتي توسان اڙي،
سُوَر، صدمان سنو سنهن، صورت ويم ساري سڙي
تنهنجي در ديرا هنيا مون، دوست! وسريم ديس ويس،
يار جانب! جيءَ جيارا، جيءَ جي توسان جڙي.
مُلڪ وسريم، ميلڪ وسريم، مال وسريم، ماڳ، ٻاڳ،
يار ڳاڙهي رنگ ڳوڙها! کهار ڪلهي ڪا کهڙي.
صبر ساعت ڪونه ساريان، تو سوا سُنهڻا پرين!
لِڪ وهايم لُڙڪ ٽولاءِ، آهُ لِڪ تائين لڙي.
صبح ۽ سانجهي سدا، تنهنجون سنڀارون منجهه سرير،
ڳڻ سنڀاريو ڳالهڙيون، ڳوڙها پون ڳل تان ڳڙي.
ڳَڻهور سان غرقور نيو، ڳوندرن، غم ۽ غريب،
ناز ڪان نازڪ مٺم ڪئي، نيهن جي نوبت ڪڙي.
منهنجي ظاهر ڪان مخالف، آهي معنيٰ سن مراد،
خواه ڪنگڻ، ڪنمال ڳايان، خواه ڳايان ڪپ ڪڙي.
اسم تنهنجي سان ”احمد“ شعر شايد ڪيو شروع،
ڳالهه ڳُت تنهن ڪر سنديس، ڳُڙ آهي، يا مصري ڳڙي.

غزل (٣٩٤)

ڇيءَ، ڀلين آئين ڀلا! اڄ، ڀل ڀليري راتڙي،
ڏينهن ڪئي منهن سان، مٺا محبوب! ميري راتڙي.
تنهنجي ڇهري سان چمڪي، چندَ چوڏهين رات ۾،
تون نه، جي آهين تـه، ساڳي آو انڌيري راتڙي.
روز راڻا! تون چوين، پنهنجون رهائيون رات ۾،
تنهنجو منهن ڏسندي مگر، تيري، نه ميري راتڙي

شغل شاديون سنبران سڀ، شب قدر، يا شب برات،
خير، هيڪڙي خير ڪو هئي، ڪا ٻه خيري راتڙي.
آيرندي سج، تون نه آيين هيڪ، ٻه اوير آپ، زمين،
سج سڄڻ ڪان سير لڪائي، سير سويري راتڙي!
ڏينهن آهي شينهن، پر تنهنجا مزا تومان لڳن،
دوست آيو در منجهان، ڪج ديرِ ديري راتڙي!
عين اونهاري اندر، آئي اسر ڇو هير ڪيئن؟
منهنجي لڙڪن سان لاٽن! ٿئي ٿڌيري راتڙي.
وار ڪارا سر ڪلهن، يا چنڊ تي ڪارا ڪڪر،
گل مٿان سنبل، ڪر سج سير ساڻ، سيري راتڙي.
نار نيڻن جا وهن ٿا، ڏار نيڻن! تو سوا،
مون نه ڪٽ ٿي، پرنڪٽ ڏسندي، نيري راتڙي.
عشق "احمد" جو احد سان، عشق توٽي، حسن ٿا،
چار ڏن ڪي چانڊني هي ڦير انڌيري راتڙي.

غزل (٢٩٥)

ڪلهن سير قربن، چڏيا وار ڇوڙي،
ڪئي دل ديواني، وڄهي وَر وڪوڙي.
اکيون ٻاز بحري، ڪٽڪ ڪان ڦهري،
ڪلي سي ڪنيائون، منجهان ٻاجهه ٻوڙي.
تفنگ تير، تيرون، هٿن زور زورون،
چڏيا دل ٻه دلبر، ڪٽا ڪان ڪوڙي.
مڙي لڪ لهارن، هنيا ڏڪ هزارن،
لٿا تان نه لوري، رڳون روح ٽوڙي.
ٻه سج، چنڊ، ستارا، همه گل هزارا،
نظر ناز نقطي، نٽيا سڀ نهوڙي.
سڄڻ ساه ساڳي، بدن آئون بيراڳي،
هجان ڪيئن حياتي، وڃن جي وڇوڙي.

وڃھي ڪجل ڪانـــي ڀسائين پيشاني،
آيو لاءِ "احـمـد" جنجل يـــار جـــوڙي

غزل (٣٩٦)

هيڪ ڀرين هر ڪنھن هنڌان، ڀيٺم هينين ساھون هڻسي،
ون، ڀهڻ، وڻڪار، واديـون، ســاڻ وحدت ڀيا وسي.
دوست جي ديدار هيڪ، ڪيو ڀــي قــدر بــاغ بهشت،
ڪهڙ ٿيون حورون، هٺا، جين، هـار، هيرا، دُر هسي.
مشعلا محلات ۽ ڀـانيـم، مـگـر هـو مُنهن محب،
دَر منجهان درسن ڀسائـــي، دل، ميٺي دلـبر ڪسي.
سر ڏيڻ سوري چڙهڻ، سڀ لاءِ سڪ وارن سُڪو،
قرُب جي ڪشتي جنين سان، سي ڪُسڻ پائن ڪَسي.
ننڊ مان جاڳيس تہ ناڪـہ، وڃـا نهوڙي مـــون نيـَر،
رات رائـــي زلـــف ڇـوڙيا، روح ڪـي ڀـڻم رُسي.
جام جانب جـــابجاءِ آئـــون جـــدائـــي ۾ جـــلان،
آرسائي ڪان مٿم شايد، اڳـــڻ ٿيو، ڪـــوه آســـي.
گل بدن، مُنهنجي ٻتدي، ڪڍيو ٻغل، پانڪر ڪنان،
چاڳ واري چاڪ چوريا، ڪانہ ڏٺي چيڙ ڪان چَسي
جنهن جـدائـــي ۾ جيايو، منجهہ سندس، ميڙا ۽ مـوت،
شال! ڀـرچي ســـو ڀريـــن، مُنهنجيي پشيماني ڀَسي.
طرف ڪوهياري قريشي، ڪانوَ قاصد ٿـــو ڪريان،
وڃ وٺيو واڻون عرب جون، ڪج نہ وڃ مان واپسي.
امتي "احمد" جو، آهي هوت!، هرٺـــي ميثل حـــال،
چاڙهہ رستي، ڪڍ رَسيءَ مان، يا رسول اللـــہ! رسي.

غزل (٣٩٧)

تنهنجي جلون يار جاقي!، جوت جوهر ڪي جهڪي،
مٺ ڀرين! توسان نہ ڀريون، ڳالهہ اي ڀُختي ڀَڪي.

گل برابر تنهنجي ٻت سان، منجهه بهشتي باغ ڪولَه،
حُسن تنهنجي کان حيا ۾، حُور ٿي هرهڪ هَڪي.
ڪَنڌ اتر تي ٽيڙي ڪيوڻ اڄ اک ڪٽي ڪيليل خليل،
سج سچڻ جي زلف ڇانيو، سڱج سڄي سبزي ڍَڪي.
سج سوين آيرن سَمهان تي، تبه سمهان مون، تو سُهاءَ،
يار! توسان آهه يڪسر، منهنجي يـارانـي يـَڪي.
دوست! پٽيـم درد جـي ڪا، دانهن دل ۾ اوچتي،
ڏيل منهنجو ٽيو ڏِڪيو ته ڏونگر ٻه ويا ساٿس ڏَڪي
. ساڻ ٻرايم سونهن سان، جيئن دانهن نڪري دونهن سان،
ڪر دوا، دارون، تو ڏاران درد ڪيندي دل ڌَڪي.
آئون ساريان، سارلهه تون، سُور ساڙي ٿو سـريـر،
ڦٽ هينيون ڦوڙاءِ ڪيو، ڏي ڪا فضل جي تون ڦَڪي.
عيب "احمد" ۾ گهڻان، پر آک، داخل آن مَ چاڻ،
مهند شافع، جنهن جو محشر، مير موچارو مَڪي.

غزل (٣٩٨)

مون سڄي جڳ مان سڄڻ، ڪيو هيڪ، سڄ جهڙو سيڪي
حسن وڏ حورڻ، پرين ڪان، هيي وصف سنديس هيڪي.
وار چوڙي وِلهه اندر، واسيا سوريـن وڻ ٽڻ ويهي،
دل ڏنـي دلدار ڏانـهن، ديـدار ديکيندي ڇـڪـي.
سينڌ، سرمي سان سَنهٽي، سَٽي سَنيٽيي سينگار ڪيو،
زلف لوٽن تي لڙيا، ليج ڪـان لڳه پيو، چنڊ لڪي.
ميٺ واري مرڪ سنديس، مرڪ مـصريءَ جا پڳا،
چاڳ مان چڻ ٻڻ ڪيائين، چاڪ چت ۾ پيا چڪي.
گهاءُ، اشاري سان آچليا، ٻن اکـيـن تنهنجي عجيب!
هڪ، هينين ڪان ڪان لنگهيم، ٿيي، جهلي هڪدم هڪي.
ڏڙ وِ ڏم، درپيش ڪانگن، سرمَڪم ٿي سَنهسلام،
وصل ٿيندو يا نه مون اِن وقت لئي سپ وٽ وڪي.

جيت آڙيو ارواح "احمد" سان سوغاتي صفات،
دوست سو، اي ديس ويو، دل پڻ نہ دلبر ري ڏيکي.

غزل (٣٩٩)

دل سيکي دلدار کي، ديدار کي، دربار کي،
يار گل رخسار کي، گلزار کي گل ناز کي.
تاهي راحت کا رتي جيي، رات ساري رت رنوم،
ياد آئي يار کي، جنسار کي، جٺونجهار کي.
واه! صورت جي صفائي، واه! سيرت جي صفت،
آهي اکين ٺار کي، ابرار کي، آڌار کي.
پير پايان، جت پسان کوبہ شمع شعلو، يا شعاع،
من ميلان منٺار کي، مختار کي، مهندار کي.
دوست جو ديدار کندي، در منجهان دشمڻ ڏٺوم،
ويٺي مٺيان سردار کي، مکار کي، مٺهن کار کي،
مشکلن ۾، منزلن ۾، محفلن ۾، هر مهل،
کوٺيان کلتار کي، قهار کي، کوهيار کي.

غزل (٤٠٠)

بنايو هن حسن حاکم، هزارن تي، حبيبن کي،
ڏنم محبوب جي مٺهن لئي، منارن تي، منجيبن کي.
چٺين ٺا تير جيئن تارا، سندن گهٽ، گهور کيا گهارا،
خطا کن، زلف خم وارا، خمارن تي، خطيبن کي
ڳچڙا ڳاڙيان ڳٺن ڳئيو، هٺن کوري اندر کٺيو،
روان هر حال هٺ هٺيو، نيراڙن تي، نصيبن کي.
سپاهي آئون سندن ساڳيو، وران کيئن؟ مٺن وجن واڳيو،
توجٺهم تير نہ کو جاڳيو، تنوارن تي، طبيبن کي.
مري ويٺي وفاداري، بدن ۾ بره بيماري.
نہ دلداري، نہ غم خواري، غبارن تي، غريبن کي.

تڏ آيس تڙيئين تڏهن، نه هيڏي هوڏ حق هڏمن،
قلم ڦيرڻ ڪهي ڪڏهن، ميارن تــي، مجيبن ڪي.
وڏا وعدا ڏنئون ويندي، الله شل! آو ڏسان ايندي،
ڪڏهن ڏسندس قدم ڏيندي، قرارن ٽي، قريبن ڪي.
نهوڙيس نيهن، ناهم ٽڪ، پسان شل! مٺنهن، نه مُهلت وٽ،
ڏنو احوال "احمد" آٽ، اشارن تــي، عجيبن ڪي

غزل (٤٠١)

پريم! اهنجي پسڻ جا پُور، پيامن تي، پيامن تي،
وري سڪ جا ٽيا ساوا، سلامن تي، سلامن تي.
ڏڪايو مون ڏکيءَ جو ڏيل، ڏُورا پنڌ، ڏوراهن،
ڪيا غفلت سبب غم، غُل غلامن تي، غلامن تي.
نماڻن ڏي، نه ماڻن ڪان، نهارين پر نهوڙين تو،
خودي کي ڇڏ، رکي خوف خدا من تي، خدا من تي.
گهرن ڪي مال، ڪي موتي، ڪي موتيا گل مڪرمون کي
مٺي محبوب جو ميلو، مدعا مــن تي، مدامن تي.
قــريبن ســاڻ گهرجي قرب، ڪر سِر مال قرباني،
نه سرچن سي نُلهن سجدن، قيامن تــي، قيامن تي
ادا اُوٺي! عجيبن ساڻ، ڪج احـــوال اِي اولٰ،
نه تو ڏاران نه ٻيا دارون دوا من تي، دوا من تي.
مٺي ٻولي سندن، ڪر ٿــا ٻُرن، ٻيلي ۾ ٻاٻيها،
ڪبوتر ڪجهه وڏي تنهنجي ڪلامن تي، ڪلامن تي.
اگڻ "احمد"! اٽا اڄ مينهن، نه پا نيوتن، نيايا نيهن،
وري ان ياد اگهيان ڏينهن، آيا من تي، ايامن تي.

غزل (٤٠٢)

اڄ به دل کي دردناڪي، دوست دلبر ڪان لڳي،
مست اکين جــي اٿن رحي، آگ انـدر ۾ لـڳي.

هيڪ، سيلو، ٻيو صفا ڏيون تير، ترو ڪڙيون مٿس،
اِن ملوڪت سان محبت، مُنهن منور ڪان لڳي.
اِي هوس مون ناهه تان، هرهنڌ هيرايان هيون،
ڪا دونالي دل اندر، دنيا ۾ هڪ در ڪان لڳي.
قلب ڦاٿو قيد ۾، ڪنهن جو، ڪريان ٿو ڏوهه ڪين
وِڪ وڌائي پاڻ لنگهيس، وار جي وڙ ڪان لڳي.
ميٺ ڳالهين مُحب جي جو، مون نه ماڻيو ڪنهن مڪان،
ڪالهه اڻ ڪم لئي وريس، خود حوض ڪوثر ڪان لڳي.
قرب وارن ڪان تنهنجي ڏيهه نه ٿورا ڏورايا،
سونيا مشتاق تنهنجا محب محشر ڪان لڳي.
دوست ڏاڍي دير لائي، ويو ٽري ناتو وصال،
خوف آهه، خونروءَ ڪي، ڪنهن خصم، خر ڪان لڳي.
نيڻ جون نوڪون نمن، سير، ساهه "احمد" جي عجيب!،
سينگ سوڌي ائين نه ڪا، سهراب، سنجر ڪان لڳي.

غزل (۴۰۳)

تار، تند تن، من ۾ تون‌تون، تون ته، تون‌تون، تون لڳي،
لال لهسڻ منهنجي اون لون، ته لون لون، لون لڳي.
دم، دريچه مان ٻهي ديدار، دلبر جو ڪيم،
تان هڪل هر پار هون هون، ته هون هون، هون لڳي.
مون چيس چُمني ڪپي، اي نور نيڻن! نون ري!،
تان اڳيان انڪار اون اون، اون ته، اون اون، اون لڳي.
مون ڪي جيريون، جاڳنديون، جلنديون جبل پاسي ڏٺيون،
منجهه چپر چو نچاٽ چون‌چون، چون ته چون‌چون، چون لڳي.
دوست! تنهنجا ديد دلڙي، ٿا جُري وانگر جهٽين،
چوٽ سان چودار چون چون، چون ته چون چون، چون لڳي.
روح منهنجو روز راڻا!، راج تنهنجي ۾ رهي،
ٻونر ڄيڻن منجهه باغ ٻون ٻون، ٻون ته ٻون ٻون، ٻون لڳي.

قلب "احمد" ڪيترو ٿيو، قرب انهنجي ۾ قريب!،
روز رڻ رڻ، راڳ رون رون، رون ته، رون رون، رون لڳي.

غزل (٤٠٤)

مون مٺي محبوب سان، محبت سنري واري لڳي،
غرض ناهم غير سان، هڪ يار سان ياري لڳي.
جن پٽن تي پير ڏيئي، پر پيارل ٿي لنگهيو،
مشڪ کان مون کي مٺي، تنهن ماڳ موچاري لڳي.
قلب قابو قيد ۾ پيو، جان ڏٺم ڪا ڪل قريب،
طرف تارن جان ڏٺم، تان تير تاتاري لڳي.
ڇاڳ وارا چشم سان، ڇيري ڪئي بت چاڪ چاڪ،
ڪان ٿهري ڪان قراري، اڪ ڪنڍي، ڪاري لڳي.
هر محل، هر ماڳ تي، محبوب سان گهرجي مقال،
ڪيل خوشي ٻي خلق سان آهيم ڪٿي، ڪاري لڳي.
ويئي رڳو خوشبوءِ ٿي خلقت، زلف ڪوليا جان خليل،
بوءِ بهشتي باغ جي، بي قدر، بي ڪاري لڳي.
محب جي محلات مهندا، اڄ نه بيٺل پانئجيم،
اِن اڱڻ تي آهه "احمد" ڪي، عمر ساري لڳي.

غزل (٤٠٥)

ميڙ مون محتاج ڪي، جي مهرباني ٿي سگهي،
ٻي ذرو جرئت نه توسان، يار جاني! ٿي سگهي.
ڪوهه گهڙائين گز، ڪمانيون، ڪوهه گهڙائين گرز ٻيا،
ڪنڌ ڪنڍين اکين جي ٻيچ، تان ڪانَ، ڪانی ٿي سگهي.
ڪول منهن محبوب! مرڪي، اهڙ مَلهي ميدان ۾،
تان پڌر پنبڻن جي پڙ ۾، پهلواني ٿي سگهي.
سر صبر دل، ساهه جو، چائيم چوڪيدار ٿي،
پر پسڻ تنهنجي پَوان، ڪيئن پاسباني ٿي سگهي.

جيتري پٽ ۾ پيون ٿا، پرتوا تنهنجا پرين!
تن هنڌن هرگز نه پئي، ڪا حڪمراني ٿي سگهي.
ڇڏ ٻهر ٻولي وڇڻ جيي، وڇه هنيين ۾ هنڌ وٺي،
جاه تو جهڙي جي ڪا، پيءِ ڏار جاني! ٿي سگهي.
آئون هليو ويندس هتان، تنهنجي حڪم موجب حبيب!
دُور پن تنهنجي دران، ڪيئن دل ديواني ٿي سگهي.
ڪفر جيئن ڪاڪل اٿيا، ڪارون ڪري ڪعبه ڪنان.
هاڻي ڪيئن محڪوم مون ڪان، مسلماني ٿي سگهي.
ڪيئن قهري ڪٿهه مون ڪي، تاڪوهه ڪُهي ڪئي دل ڪباب؟
ترجهي ماٺهوءَ جي اي ڪان، محب! ماني ٿي سگهي؟
ٿو ڳهان تنهنجي ڪسن تي، هر گهڙي مُنهن ڪل بدن!
مانَ نڪ تي نيٺ ڪا، نيهن جي نشاني ٿي سگهي.
ٿو ولين "احمد" ڪان آت، پر لڪئي پاٺان ڏمر،
جي دلي مقصد ذرو، ظاهر زباني ٿي سگهي.

غزل (۴۰٦)

مڃ منت محبوب! منهنجي، منهن منوّر ڪڻ کلي،
ڪر ڪرم پنهنجي ڪمّل تي، ڪونج جيئن، ڪرّ ڪڻ کلي.
شام، شب ٿي شائقن تي، شاه! ري تنهنجي شعاع،
پاڪ منهن تان پوش پردو، پاڻ ڪنهن پر ڪڻ کلي.
محب! موتيءَ جا ڪٽان، تولئي ڪيم منظور موت،
خون جي خواهش اٿئي، تان خان! خنجر ڪڻ کلي.
ماه، هڏيون، پير مون، حيوان ڪائيي ويا حبيب!
هاڻ سرڪش! پنهنجي سگ لئي، هيي سندم سير ڪڻ کلي.
رُس نه راٺا! سر سندم تان، راس ڪهڙي آهيه روح،
ٻُت وڏي وجهه پيال سان، پالو برابر ڪڻ کلي.
جي ملين مون کي نه مُرڪي، تان به مارڻ لاءِ مون،
دوست! دلبر ڪا دونالي، دست اندر ڪڻ کلي.

منهن مٽيندس ڪيترو، محبوب! ماڻن سان موهي،
آهه عاشق جي سيني، اک يار! آخر ڪڻ ڪلي.
ڏڄ سڀيون پيڙا نه ڏيکيم، دوست جي دربار ۾،
آسرو ارواح جو، ”احمد“! آنهيءَ در ڪڻ ڪلي.

غزل (٤٠٧)

الف ٿيءِ، ڇين الف مان، رک الف سان، الفت ڏلي،
تان رمٽي محبوب مهندا، مرتبو ماڻين ڀلي.
ڄان شڪاري ٿو سڏائين، شير سٽ ڪو، منجهه شڪار،
هي ڪٿا تان ڪيترا، ٻيلي! سگهي ماريو ڀلي.
ڏيهن نوڙي نااهه، جنهن، ڇنندي نصيحت ناصحن،
قلب منهنجي کي لڳي، قابو قريبن سين ڪلي.
هڪ، ڪيون ساوڻ سڏائون، ٻيو، سڏونهن ساوا سوڻ،
آهه تہ راڻا! رس، رهائيون، ريسل ۾ ڪريون رلي.
تنهن جي صحبت لاهه سنهڙا! ٿو سڪان ساري چمار،
خسته خاطر ڏي خدا لڳ، ڪڻ اکيون کوڙني ڪلي.
اي قريبن جا ڪبوتر! قلب ٿو ڏي ٿو ڪڍي،
آهه اڳڻ ”احمد“ آذاري، ويهه مٿي ڏاري ڏيلي.

غزل (٤٠٨)

توجهو، جهڙو نه جاني! جنس جملي ۾ ملي،
ڀڻ نه موصل، مصر ۾، يا روم، رملي ۾ ملي.
ڏيهه ڏوريم ڏور ڏوريم، ڏينهن ڏوريندي لڳم،
هي صفا صورت، نه سورت شهر، شملي ۾ ملي.
اک، اشاري ساڻ آندي، چنڊ چوڏهين ڄاڻ تي،
ڀي حڪومت حاڪمن کي، هيئن نه حملي ۾ ملي
ڀن محل کي مينهن، ملاريون مٿاڪ ساروڻي ملير،
ڇا لهي، جي يار، ڇم ڇم ساڻ ڇملي ۾ ملي.

ڪُهور تنهنجي ڪرم ڪهڙي؟ آهي ڪرميءَ ۾ گلاب،
غم گهڻا ۾ تنهنجي عُمزي سان، غم هيءَ ۾ ملي.
دوست! تنهنجو دست، هر دستور سان دُستار ۾،
سِر ڏيڻ سان سوپ سپ، ڇا شان شملي ۾ ملي.
دل ڪُهريَن جي، گهر هلي وڃ، يا گهراءِ گهر اندر،
هي آ ملهه ماڻڪ، نه ”احمد“! عام عملي ۾ ملي.

غزل (٤٠٩)

جلد ميل جاني! ميٺا، لئه جگر ويندم جلي،
ٿيا هزارين هول، مون، حال پائي! آهُ هلي.
قلب سين ٿي ڪربلا، بت بلا تو منجهه بلا،
پير پريتَن جيت پلا، پون بلاشڪ سا پلي.
ٿيو هنيون هاجي هجي، خواب، ڪاڏو ويا ڪجي،
سڏ نه آهم ڪا سچي، دل نه داغن ڪان ٿلي.
سِڪ وڏم سڪرات ۾، مَن ڦٽيو فِڪرات ۾،
هن طرف هڪ رات ۾، تون ڇند جهڙا آهُ جلي.
عرض، آزيون سڻ آهها، ڪِيِ مون ڪي مشڪل منجها،
تو ڏٺي ٿيا ڏينهن ججها، جانَ جهوريءَ ۾ جهلي.
بت بره ۾، ٿو پچان، آسرو آهم اچان،
ان ولايت شل وڃان، جيت ولايت جا ولي.
آهه ”احمد“ جي اندر، سِڪ سندي سيد سڏر،
بُوبڪر اڪبر، عمر، يار عثمان، شه علي.

غزل (٤١٠)

ڇدا ٿي مَ جيري، هٿُڙيا يار جاني!،
ڪندي دوست! تو ڏار، ڪيئن دل ديواني.
سدا ساڻ سورن، پچان پيئي پورن،
ڪٿي گهاتَ ڪُهورن، پري ڪجل ڪاني!
جبل واڻ جلڻ جي، ڇڏيم هٿ هلڻ جي،
مون تي ڪر ملڻ جي، محب! مهرباني.

ٻرين ٻير ٻانو، لڳو نينھن نـــاتو،
سڄڻ جن سڃاتو، نہ ڪج سج ڪي ثاني.
"احمد" جي آزي، سڀ ٿيج راضـــي،
ٻساھن ۾ ٻازي، ٻسائـــج ٻشاني

غزل (٤١١)

ڪيو ھنيون حيران منھنجو، ھي! حسن تنھنجي ھٽي،
دوست ڪنھن دستور سين، دستن منجھان ون دل ڪٽي.
سج ڪڏھن آھري، نہ صورت، ڪي، سڄڻ سھٽي مثال،
واہ! صورت، واہ! سيرت، وہ! سنديس سونھن مون وٽي.
جيئن ڪھن ڪاريون اکيون، سو ڪم نہ ڪاتين ڪان ٻڇي،
گز بہ گھاني، تا چون، ٻر ڳالھہ گھورن جيي گھٽي.
ناھي بت منھنجو پلا!، مارينس تبہ تنھنجي سيلڪ،
ساہ تنھنجو، ماہ تنھنجو، تون سڄڻ! دل جو ڏٽي.
شاہ آھين شھر ڪنھن ۾؟ جي ٻري مون سڏ، سماع،
تان انھيءَ ٻاڙي ۾ پيئون، ٿي پنان ڪر پنج ڪٽي.
وار ۽ واسينگ آھن، ٻن صفاتن ٻئي شريڪ،
ھيڪ، ڪاري رنگ ڪل، ٻيو ھن سين ڦڻ، ھين سين ڦٽي.
ھونئن تہ "احمد" چئي اصل، اوڏو نٿو چڙين عجيب!،
ھاڻ پيرن ھيٺ ٻوندس، ٻاڻ ٿيي ٻرزا، ٻٽي.

غزل (٤١٢)

يا ٻتاہ مون طوي، يا طور، جيئن توڪي وٽي
نار ٿي ڏيکار، يا خود نور، جيئن توڪي وٽي.
ڏور در ڪان ڪر نہ مون کي دوست! باقي در مٿي،
رک مزن ۾، خواہ رک، مزدور، جيئن توڪي وٽي.
ھُور، سوري تـو ھٿان، سينگار ۽ صحت مثال،
رنج لاھين، خواہ رک رنجور، جيئن توڪي وٽي.

درد تنهنجو دوست! دارون، دوستي جي ڏين ۾،
شاه خوبان! ڏي شفا، يا سور، جيئن تو کي وڻي.
آئون ٻريم! تولئي پٽ، ويهه تان وڇايان وار سينڌ،
يا اکين ۾ ويهه اکين جا نور! جيئن تو کي وڻي.
آئون سچي جڳ سان سڄڻ! تو کي سڃاڻان ٿو صحيح،
ڪول منهن، يا ٿيي مُتحب! مستور، جيئن تو کي وڻي.
زلف جي ظلمات ۾، مون لوڪ کان، لالن! لڪاءِ،
خواه غبغب ۾ ڪرين غرقور، جيئن تو کي وڻي.
ڪم اسان عاشق کهڻ ٿيو، آهي "احمد"! اڄ تو وار،
مون جيو، مون کي سڌا! منظور، جيئن تو کي وڻي.

غزل (۴۱۳)

تنهنجي ملون کان جسم ۾، جهور جهوران ٿي ٻوي،
قلب ۾ ڪُندڙين اکين جي ڪور ڪوران ني ٻري.
سيو تي سينگارجي چڙهيو، سڄڻ سج جي مثال،
گنج، گوهر جي گسن تي، کهور کهوران ٿي ٻوي.
ٻُت ٻچايان ڪيئن ٻلا، وارن ٻنين ڪئي بند دل،
پيو، ٿيا تارا تراريون، تور توران ٿي ٻوي.
ڪتن گهڻا ڪاڏام قاضين، پر قبوليان ڪيئن ڪري،
حسن وارن جي هينين ۾، هور هوران ٿي ٻوي.
شهر تنهنجي جو ٿيان ڪيئن، تو سوا سنهڻا! سونهو،
درد ڏوريءَ کان مٿي ۾، ڏور ڏوران ٿي ٻوي.
آئون آئي آڏيءَ عجيبن سان، اندر جون اوريان،
ٻدسلوڪن ۾ پٽر جي، پور پوران ٿي ٻوي.
هوڪ حاصل مانَ ٿئي، جنهن لاءِ هاڙو، حب هٿان،
ڏيه، ڏونگر ۾ ڏيهاڻي، ڏور ڏوران ٿي پوي.
مون ته مرضي سان مٿو، ساري اگهيان سنڌيو مگر،
زلف جي زنجير ۾، دل زور زوران ٿي ٻوي.

اج جو اڄ، ”احمد“! گمراهه، ٽڙي ترياق عراق،
نانگ جي ڦڻ کي ڦيٽي سان، ڇور ويران ٿي ٻوي.

غزل (٤١٤)

ڪيئن رلين راڻا! نه ڄاڻان، ماريس مشڪل اٿي،
سڪ ڦٽم سوڊل سياڻا! ماريس مشڪل اٿي.

ڏينهن ساريندي سڄوئي، سج لٿو، سانجهي ٿيام،
رات ڀيڙم تو ڀڄاڻا، ماريس مشڪل اٿي.

روح کي راحت ملي، جنهن وقت راڻي کي رهاڻ،
اڄ ٿري ورتم سي ڏاڻا، ماريس مشڪل اٿي.

روپ، رنگ چنڊ يا رتولن، ڪاڪ ڪوماڻي قريب!
ٿيا پلنگ پنجي پراڻا، ماريس مشڪل اٿي.

سر نه رکنديس سيج تي، سڀ رات سوڍل! تو سوا،
ڇا ڪندم وڇڙي وڃاڻا، ماريس مشڪل اٿي.

ڪيه ڪٽولن کي لڳي، خالي اڱڻ توري خليل!
وين پيچي مومل جا ماڻا، ماريس مشڪل اٿي.

ڪاڙي! ڪارون ڪندي، ڪامل! ڪٿيون آيم ڪپار،
ويهه وهاڻي سين وهاڻا، ماريس مشڪل اٿي.

قلب ڪاٽين ۾ ڪُسي، تن پڻ ڇڏي طاقت تمام،
ڪنم سڀ اڳ سُور ساڻا، ماريس مشڪل اٿي.

آءُ کي آڏي، آسر تون، آئسون آهيان انتظار،
ڪر نه هيڏا هاڻ ماڻا، ماريس مشڪل اٿي.

مهرباني ساڻ منهنجون، سيٽ مٽنديون مينڌرا!
رهه اوسي ڪا رات راڻا! ماريس مشڪل اٿي.

ڇا ڪندو اظهار ”احمد“، تو اڳيان احوال عرض،
تو پنجهين بريم! تو پاڻا، ماريس مشڪل اٿي.

غزل (٤١٥)

دل ڏئي ويٺي، دلبر ڏي ويو آئون، ڪيئن سهان اي سُور ٿئي،
خواه ميڙين، خواه مارين، مون کيون منظور ٿئي.
خاص خدمت ۾ رهيو تنهنجي، ڇنڊ ڇوڙهين، ماه، سج،
در تي دربانيون ڏٺم، ٻلبل ٻري ۽ حور ٿئي
اڄ سڄڻ سرمون وجهي، سهسين ڪيا سينگار هار،
ڳرن ڳن، ڳهائن ڳلين، ڳهوڙا! نه مٽ هيڪ ڳهور ٿئي.
ڀيچ ڀانئي منجهه پسڻ، ڦاهيو وڌم ڪاڪل ڦريب،
من مڙهيم محبوب سان، جيئن مينهن ڪُنڌيءَ جا ڍور ٿئي.
پهلوانن جهڙون پٽيون، لاهيو لڙائي ۾ وڃهن،
جٽنگ ۾ ڄاڙا ڀيرون، ڀالا هڻن ڀرپور ٿئي.
پنبٽيون ڪنهن ڀر نه پوريون، ڳالهه هڪ هرگز هلن،
دم ڇڪينم، دل تڪينم، دم ڌڪينم دُور ٿئي.
جانان جليم جسوش ۾، جلوو ڏسي جانب جمال،
جوت جاڳي آت، جتي ڳڏجن تجلّيءِ طُور ٿئي.
عشق "احمد" عمر ساري، نت رواڙيم رت ڦڙا،
منّحب ۽ محبت ڳڏيم، ميثاق ڪان مغرور ٿئي.

غزل (٤١٦)

يار! تو تان ڳُل، ڪي ڳوهر ڳنج، ڳهوريان؟ ڳهور ٿئي،
ڇن م جيٺري، تنهنجو جسم، يا جان جهوريان؟ جهور ٿئي.
حسن ۾ حورن، پرين جهڙا، هزارين هٿ ٻڌن،
مج سڄڻ سان سونهن ۾، يا چنڊ توريان؟ تور ٿئي.
تون املهه يا گل گلابي، هڪ بحر، ٿيو باغ ۾،
ڪيئن ڀلا ملنديِن، بحر يا باغ ڏوريان؟ ڏور ٿئي.
هڪ! ته اولهه ڏي اوهيرا، ٿيو ته اوڀر ڏي آها،
ڪنهن طرف منهنجا سڄڻ! ڇو سيرَ سوريان؟ سور ٿئي.

هڪ ٻڙ مين ٻير هيٺان، ٻو ٻڙ من ٻير هيٺ،
هڪ، اکين لئي آن منجهان پاڻيان ته ٻوريان؟ ٻور ٻئي.
هي اکيون ڪاريون گهرن، قيمت ٻنان، قيمون، ڪباب،
مين ڪلهي، يا مٿن ڪلهي تان، ماس ڪوريان؟ ڪور ٻئي.
مٿ وچڻ ويڙي نه ڏينم، هيٺ ورڻ واڙي نه ڪا،
مٿ ڪٿان هيڏي، ڪِ هوڏي، ٻير ڇوريان؟ ڇور ٻئي.
هي ٻه "احمد" جا عرض آهن، ته اچ، يا آئون اچان،
آن منجهان ڪهڙو عجيبن، سـان اوريـان؟ اور ٻئي.

غزل (۴۱۷)

مچڻ! زلف زنجير جهڙو اٿئي، نظر تـوب ۽ تير جهڙو اٿئي.
نه پيي، ڪَرائم، ڪيرآهين؟ قريب، مهانڊو ته ڪنهن مير جهڙو اٿئي.
ڪڙو ساڻ ڪاوڙ، ڪرين جي ڪلام، سخن سو، شڪر شير جهڙو اٿئي.
حُسن ۾ نه توسان، حورن جي حاج، لڳن ۾ لڏو لير جهڙو اٿئي.
ڪندين قوت مون کي، ڪِ ٽيندم قنوت، نمونو ته نخچير جهڙو اٿئي.
مچڻ! تنهنجي صحبت، ڪيس مون صف، اثر يار! اڪسير جهڙو اٿئي.
نمازي نه نِيِٿي جڏهن يار پار، تڏهن نفل تعزير جهڙو اٿئي.
اميرن سين "احمد"! ڪرين عشق راند، نه اي طَور تدبير جهڙو اٿئي.

غزل (۴۱۸)

آه، ڇنان ڇايون، وَسايون، ڇو ڇپر ڇوليو اٿئي؟
درد ساڙيم دل، اچان دلبر! نـه در کوليو اٿئي؟
محنتون محبوب! منهنجون، ٽيون، ميٺيءَ مهند وٺيون،
تون گذارين گهر اندر، مون ڳوٺ ۾ ڳوليو اٿئي.
گرز جهڙي گهور سان، گهوڙا! ڏِٺئي گهر وهه ڪري،
رمز غمزي ساڻ زاٺا!، منجهه زِٽـن روليـو اٿئي.
مَهند مون سان هيتري مُدّت، هوئين مـڪڙي مثال،
ٻاجهه سين، ٻـازمين مهيني، ٻاٻها! ٻـوليو اٿئي.

ڪِٿ اکيون کولي، نہ تون،نہ تہ کون ڏيندا، ڪِيل مَ پانہ،
ان اکين جي آنچ سان، عالم اگــــي اوليو ائٿي.
دانهن ڪٿي ديدار لئي مون، دوست دهشت سان چيوم،
پاڻ کي ماڻهين وٽي، ٽَڪرن سٿي نـــوليو ائٿي.
ويو آئي "احمد" وِڃان، ان جـــام آيـــو پيو امير،
راه سو، راٺـــو سياٺو، ڍِٽ ڏٺـــي، ڍوليـــو ائٿي.

غزل (٣١٩)

آڻ، مَ ويهه، محبوب جي محلات، مهنديري ائٿي،
چور هڪ، پـو چانڊوڪي، چونڪي بہ چوڦيري ائٿي.
خوبروئي جو خزانون، خاص تـــون آهيـــن خليل!،
زلف زنگي فوج، چونڪي چـــوطرف ڦيـــري ائٿي.
چشم، هين در دل وِچايم، ڪيو جڏهن سهٽي سوال،
روز هيت چو هلڪڙا! ڦيري پٺيان، ڦـــيري ائٿي.
مون تہ مينڍن جي مڪي ۾، دل لڪائي، دوست چيوم،
هاڻ ليکي ساڻ لهندين، هٿو پـــريان پيري ائٿي.
ڪيٺن وڃن توسان گدا، گوڏو گڏي گادي ڏٺي!
حسن وارن سان هوئين، حـــيـــران دل هيري ائٿي.
ماڻڪيون پٿي مورچا، ڦهري اکيون، ڪلتار توب،
جان منهنجي يار جاني! ڪَٿـور سان گهيري ائٿي.
آهي "احمد" اچ مٿرڻ ۾، آءٌ، تہ آخر منهن ڏساڻ،
دوست چيو، دم ترس، ڪجهہ ديدار ۾ ديري ائٿي.

غزل (٤٢٠)

شڪل سينگاري سڄڻ! سڄ ساڻ ثاني تو ڪئي،
دل سندم ديدار سين، دلبر! ديواني تو ڪئي.
سروَ سير نايو سڄڻ! تنهنجي سيڌائي پيش پئي،
ٽيو جهڪو جوهر، نگه جنهن وقت، جاني! تو ڪئي.
ويو قمر ڪُومائجي، تارن، ڪئين سوڌو قريب!
جان ڪُنڌين ڪارين اکين ۾، ڪجل ڪاني تو ڪئي.
خاص خذمت ۾ بيهاريون، ناز ۾، تنهنجي پريون،
حسن سڀبان، حور پانهن جوڙ، پانهي تو ڪئي.
خلق خالي هئي ڪهڙا ڏينهن، خونريزي ڪان خليل!
نوڪ ڦيرڻ ۾ قتي، في الحال فاني تو ڪئي.
ڪير آئون، ڪير تون، پر قلب ڦاٿوسين قضا،
مٿ مينٽي جي تي، ماڻ جي مهرباني تو ڪئي.
لار "احمد" جي اندر تي، پيو صحيفن مان صحي،
خط لکي، ڪيئي جو، مٿس نازڪ! نشاني تو ڪئي.

غزل (٤٢١)

درد تنهنجي دوست! دل ۾ دست اندازي ڪئي،
دم اٿم، ڪو دم اڃان، تو دم، نہ دمسازي ڪئي.
قُرب تنهنجي، ساڻ ڪاتين، قرب وارن ڪي ڪٺو،
شائقن مان شوق تنهنجي، شا! هم شهبازي ڪئي.
جيئن پسن تو کي پيارا! تيئن آداسيل آج مرن،
ڪنهن نہ درسن تنهنجي ڪاڻ، دلدار! دل تازي ڪئي.
دل ڌنارڻ لاءِ تير، داڻو ٿي بيٺو دام ۾،
پوءِ پکي وانگر پسه، اُن پار پروازي ڪئي.
مون مٿي مصحف جي پانيو، آهہ پاڪيزو ڪو پوش،
پر اما مينديڻ تو، مُنهن جي پٽر جهلي، بازي ڪئي.

کنڌر ڪيو تنهنجي قدم تي، مون ڪڏي ڪاڪُل مثال،
ڀر ۾ ڀازيب جيئن ڀاتل ڀمه ڀازي ڪئي.
زور زوراور! نہ توسان، سوٽ زارين تي ضرور،
اج اسر ويلي آئسي "احمد" اهـا آزي ڪئي.

غزل (٤٢٢)

درد تنهنجي دوست! دل ۾، دست اندازي ڪئي،
مون سين نازڪا! تنهنجي نازن، نيٺ ناسازي ڪئي.
اڻ هيندو لاڀون هلائون، جيئن هلان هيند تي هلي،
محمدي محمود سلطان، غـزنوي غـازي ڪئي.
مون رکي محبت ڳجهي، توهن خفي ٿيي، خون ڪيا،
توتي غمزن، مون تي غم، ٻوه غرض غمازي ڪئي.
جيءَ ۾ جوڙيم جاه جالب! قلب ڪرسيءَ، تو قريب!
رسر مڻڪا، صدقي نيت، تو لئي ٻرين! ٻازي ڪئي.
مون منجهان، محبوب ويهي، آناالحق چيو آشڪار،
ٻوه قضا قضيي ڪرڻ جيي، ڪنهن طرف قاضي ڪئي.
مٺور مولجهارو نہ مٽن تان، لوڪ ڏسندي جين لٿو،
دل رلجاڙيل تنهنجي راجهن! رمز سان، راضي ڪئي.
هت هلي هرگز نہ ڪنهن جو، زور زاري ري ڏرو،
آو اگهيا آگي جي در، جن عجز سان آزي ڪئي.
احد جي امداد سان، "احمد" ڪٿهيو ڪو، جو ڪلام،
شعر ڏسندي شرط سو، شاباس شيرازي ڪئي.

غزل (٤٢٣)

سامري سارئن جـي ماري، ســاڙين ۾ سارُئي،
رنگ رتولن ڪي ڏٺين، رت سان، راتو ڏينهن رُئي.
لعل لوئي ڪين لاهيان، ٻٽ نـہ ٻرهيندس ٻئي،
سومرا! سيجن جي سهندڙ، ڪاله سانگهالي سٿيي.

مون ڏٺا، ني مينهن وٺا، جنهن ملڪ ۾ مارو مٺا،
ڀر وٺا ۽ ٿر وٺا، ٻانورَ وٺا مينهن، وس هٺئي.
مُرٽ، مانڊائيون، سنڌيئڙا، موڪ موريا منجهه ملير،
لوڪ ڪانهي روڪ، لاشڪ ڀوڪ لويارن لٺئي.
سانگ سانگيڙا سيڌاريا، ساوڪون سائيه ٿيون،
سورتين سوراخ ڪيو تَن، جيئن سيبي تُن ڪي سٺئي.
سيڪ سنگهارن جي سيڪان، سنگهار کهڙي سانگ ويا،
مون مٺو ويڙهيو؟ نه ويڙهيان، ڏار ڏارين ۾ ڏُونئي.
ڪنڌ جهتڪا ٿيا جهانگين جا، ڪوٽ آئي مون عمر!
مير! ماڙين ۾ اچڻ ڪان، ڪوه نه آڏون سَهند مٺئي؟
عرض ”احمد“ چئي، عمر! سڻ، ڪر نه آرڏايون امير!
مير! ڪلهه ماڙين منجهان، مارُئي مڙوي مَر مارئي.

خَتم شد

ڀُل نامون

صحيح	غلط	سٽ	صفحو
چغل چل تي	چغل تي	١٠	٧
رسيا	رستيا	١٩	٩
ڪروڙا	ڪڙوڙا	١٥	٢٠
ٻڇيون	ٻڇيون	٢٠	٢٤
چانٺ	چانٺ	١٨	٣٢
سينڌ	سيند	٤	٣٦
ڳهورڙيا	ڳهورڙا	١٥	٣٨
ڪيو	ڪير	١	٤٠
پنهنجي	منهنجي	١٩	٤٩
سونهن	سوهن	٢٢	٥٠
سنيهڙا	سنهڙا	٢٢	٥٤
هرڻ	پرئين	١٢	٦٢
پاند	پانڌ	٢٥	٦٢
پيا	پشا	٨	٦٨
ڳيت	ڳيت	٦	٦٩
پاڙيا	پاڙيا	٢٠	٨٢
ڳوڙ	ڳوڙ	١٠	٨٥
ڪنڌين	ڪنڍين	١٦	٨٨
ڳهور سان ڳهائي	ڳهور ڳهائي	٢٠	٩٠
اوجر	اوجهر	١٢	٩٣

صفحو	نمبر	غلط	صحيح
١٠٠	٢٠	قيس	ڪيس
١٠١	٢	مڪري	منڪڙي
١٠٢	١١	دعا ڳوه	دعا ڳو
١٢٧	٢	وڙ	وڍ
١٤٥	٨	نڪٽ	نڪٿ
١٤٧	١٦	تنهن	منهن
١٥١	٧	ڳوڙ	گوڙ
١٥١	٢٤	پنيٺن	پنبٺين
١٦٦	٤	پالڏ	پاند
١٧٣	١٢	راغ داغ	داغ داغ
١٨٧	٨	ٿر	اٿر
١٩١	٢٠	پندان	پنڌان
١٩٣	٢٧	ڪهڊ	ڪهڊ
١٩٥	٨	-ينگري	سينگاري
١٩٥	٢٥	ياد گيري	ياد گاريءَ
١٩٦	١٧	ڪو	ڪر
١٩٧	١	چلرِ	چلڙ
١٩٩	١	هه س	هنبس
٢٠٤	١	ڪ ان	ڪنان
٢١٢	٢٤	ڇرڙن	ڇوڙين
٢١٦	١٦	سان	سان
٢١٧	٤	ڪيل	ڪنيل
٢٢٤	١١	نرندي	ڙڙندي
٢٢٤	١٣	ٽٽاڻ	ٽٽاڻ
٢٢٥	٦	قاصائي	ڪاسائي
٢٢٧	١٣	ڪوپ	ڪوپ

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٢٢٨	١٦	موتي	موٽي
٢٢٩	١١	واريون	وارون
٢٣٤	٤	تڪبيرون	تعبيرون
٢٣٨	٥	سڱن ڏي	سڱڻ ڪوڏي
٢٣٨	٥	چوانس	ڇانس
٢٤٩	٣	دنيا ٻجي	دنيا ڪان ٻجي
٢٥٦	٤	ڇيرا ڇڙون	ڇيرا ڇڙون
٢٥٧	٢٠	سان	ساڻ
٢٥٨	١٥	ترينم	تڙينم
٢٥٩	٢٥	مينهار	سنيهار
٢٦٠	٧	سيعون	سيمون
٢٦٩	٤	رات رت	رات ساري رت
٢٧٨	١٨	خدمن تي	خدا لڳ خدمن تي
٢٨٠	١٠	هزاري	حضوري
٢٨٠	١١	وڄن	وچ
٢٨١	١٠	ب، محبو	محبوب

مولانا احمد ملاح جا ڇپايل ڪتاب

١- گلزار احمد	2-00
٢- گلشن احمد	1-50
٣- هيڪڙائي حق	1-25
٤- بياض احمد	1-50
٥- فتح مصنوعي حج لواري	2-00
٦- غزليات احمد	5-00
٧- نورالقرآن منظوم سنڌي ترجمو هديو	20-00

ملڻ جو هنڌ:

احمد ملاح پبليڪيشن

بدين سنڌ.



صاحب خان "سورهه" ميراڻي



Cell : 0344 3919786

Soorih Sindhi Adab



جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوڀار

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر (Whatsapp)